

6 مارچ 2004 تي شاديءَ جا 50 سال پورا
ٿيندا، ان موقعي کي خيال ۾ رکي،
هيءَ سوکڙي موڪلجي ٿي ، قبول ڪندا
پارو ۽ ٺاڪر چاولا



٣٦٥ ڏينھن

(درويشن ۽ فقيرن جون رھاڻيون)

پارو - چاولا

مهاڳ

زندگي گذارڻ هڪ ڳالهه آهي پر ان کي کهڙي پاسي موڙ ڏيڻ ٻي ڳالهه آهي، جڏهن چؤاڻي تي اچي بيهي ٿو رهجي، ان ويل پنهنجي من کي جهنجهولڻ سان ئي ڪا وات وني تي سگهجي ۽ وري اها کهڙي راه آهي، اهو پنهنجي مليل سنسڪارن تي ٿو آڌار رکي.

پاروءَ کي ٻه ائين ئي ٻه رستا مليا هئا پر هن گهمڻ ڦرڻ ۽ عيش ڪرڻ بدران پنهنجي جيون کي سنڌي لوڪ سنگيت ۽ سنڌي ساهت پاسي موڙ ڏنو.

دادا رام پنجواڻي جي صوفياڻي چونڪي جو سنگ مليس ۽ هن سان هر چونڪي ۾ گڏ هئڻ ڪري، سنڌي سنتن، فقيرن، درويشن سان ٻه سنگت ٿيس، ان ڪري سنڌي لوڪ سنگيت ڏانهن لاڙو وڌي ويس ۽ گهر جي ماحول، هنجي ٻوجهه سنڌي ساهت پاسي آندي. ۽ پنهنجي سياءُ موجب هن پنهنجي ليکي ئي سنڌي ساهتيڪ ڪتابن کي پڙهي پڙهي گهربل سوجهه ٻوجهه وڌائي آهي ۽ هن جا هن مهل تائين نکتل ڪتاب وڪامجن ٿا.

هن جا لکيل ۽ ترتيب ٿيل پنج ڪتاب ۱- **ساهڙ لهج سنيار** ۲- **جيئري لاءِ زنجير** ۳- **پوءِ پروڙيم پند** ۴- **رکم جهولڻ تي** ۵- **چونڊ سنڌي ڪلام ۽ ڏوهيڙا** ۽ ٦- **اصلوکو شعرن جو ڪتاب "آنءُ اڪيلي"** نه صرف خوب پسند پيا پر سڀ جا سڀ وڪامجي ويا آهن.

"**درشٽانت- درشٽانت**"، ڪتاب، جنهن ۾ انهن درشٽانتن کي قلمند ڪيو آهي، جيڪي هن درويشن، سنتن ۽ فقيرن کان ٻڌا آهن. هن کي عادت آهي قلم ۽ نندي ڊائري پاڻ سان پرس ۾ گڏ کڻي گهمندي آهي، جنهن جو ٻه ڪجهه هن کي وڻيو ته اهي ئي- چار لفظ هوءَ ڊائري تي لکي ڇڏيندي آهي ۽ پوءِ رات جو ۱۲ کان ۲ بجه تائين هر روز انهن لفظن کي پنهنجي مرضي سان وڌائي آڪار ڏيندي آهي، جنهن مان اهو ڪتاب اٽڪل ۳۰۰

TE SAV PANJHATH DIHAN
(365 DAYS)

COPIES: 1000 YEAR 2001

Price: Rs 125/- With Deluxe binding Rs 150/-

Written by: PARU - CHAWLA

Phone: 4458588
Fax: 4462658

Published by: Amrita Anand Publication
14-B/7 Jethi Bahen, Society
Mori Road, Mahim
Mumbai: 400016

Printed at: Art & Image
212, Allied Industrial Estate
Mahim, Mumbai- 400016
Phone: 4465972

(Partly asistance received from Indus ind Foundation)

فهرست

صفحن جو ڇپجي ويو ۽ ڪنهن سڄڻ يعني شري چندر منگهناڻي هڪ سؤ ڪتاب، پنهنجي ليکي ۽ ڪجھ صفحا پڙهي... خريد ڪيا ۽ اڄ بہ اهو ڪتاب ڪيترن ئي سڄڻن، پنهنجي وهاڻي جي پاسي ڪان رکي ڇڏيو آهي ۽ جڏهن بہ سندن من منجهي ٿو، هو ڪتاب کولي پڙهي، شانتي پائين ٿا.

ان بعد "**ستر مٽڪا**" شاهہ، سچل ۽ سامي جي لکيل ڏوهيڙن، بيتن ۽ سلوڪن مان ستر ستر چونڊي، انهن جي معنيٰ بہ لکي ڇپايو ۽ اهو ڪتاب بہ ايتري قدر قبول پيو، جو ڪيترن خريد ڪري پنهنجي دوستن کي سوکڙي طور ڏنو.

هن ڪتاب ٣٦٥ ڏينهن ۾ نہ صرف من کي سکون ڏيندڙ ٣٦٥ خيال لکيل آهن پر هرهڪ ڏينهن پڙهڻ لاءِ ٣٦٥ نوان نُڪتا لکيل آهن، جيڪي انسان جي منجهيل من کي سلجهائڻ ۾ مدد ڪندا. هن ڪتاب لکڻ جي بہ هڪ ڪهاڻي آهي. ٽن سالن جي محنت ۽ اوجاڳن جو قدر ڪري، ڪتاب ڇپائڻ لاءِ، پنهنجي ليکي ئي. دبئيءَ ۾ رهندڙ دوست شري رام بخشاڻي هڪ چيڪ موڪلي ڏنو ۽ هن وري ٻئي دوست شري نازي ساولاڻي سان ان ڪتاب بابت ڳالهہ ڪئي، هن ادي بہ هڪ چيڪ موڪلي همٿايو (باقي خرچ پاڻ پربو) ۽ هيڏو وڏو ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪرڻ ممڪن ٿيو.

مون کي تہ پڪ آهي پاروءَ جي هيءَ محنت بہ برثواب ٿيندي.

- ناڪر چاولا

٣٦٥ ویچار

جنوري

(۱) جي انترمکي ٿيڻ چاهين ته هي ٽي ڳالهيون ياد رکه
۱. نماڻو تيءَ- سچي ساڌڪ جي پهرين نشاني آهي نئڙت.
۲. مڃتا- گروءَ جي آگيا ۾ هل. آگياڪاري- سڪاڪاري آگيا ۾ هلبو تڏهن گروءَ جي سنگت مان ڪجه پرائبو.
۳. اُڪير- پياس- لگن: جنهنجي اندر ۾ اُڪير نه آهي سو روحاني راه ۾ اڳتي وڌي نه سگهندو.

○ ○ ○

(۲) ويچارڌارا چرندڙ پرندڙ ۽ طاقت واري شڪتي آهي. خيال زبردست شڪتي آهي.
ڪئين قسمن جا خيال ٿين ٿا:
۱. سپاويڪ ذاتي خيال، ۲. درشٽي سنبنڌي خيال، ۳. بدڙ جا خيال، ۴. نشانيءَ مثل خيال، ۵. عادتي خيال، ٦. چرندڙ پرندڙ خيال، ۷. جذبيدار خيال.

○ ○ ○

(۳) چت جي شڪتي عجيب آهي. جيڪي تون زندگيءَ ۾ ڪندو ٿو رهين اُهي سڀ انيڀؤ ۽ يادگيريون تنهنجي چت ۾ گڏ ٿينديون ٿا وڃن ۽ جڏهن چاهين چت جي شڪتيءَ سان اُنهن کي ياد ڪري سگهين ٿو.

○ ○ ○

(۴) لهل مهل جي ڪجي. ويل ويئي نه ريل ويئي. جي ڪنهنجي شيوا ڪرڻ چاهين ته وقت تي اُن کي ڪم اچجي. تن، من، ڌن ۽ وچن سان شيوا ڪري سگهجي ٿي ٻيو ڪجه نه ڪري سگهين ته مٺا وچن ٻول، زبان آهي ماس جو لڪرو پر اهائي ڪٽ تي وهاري اِهائي پٽ تي ويهاري مٺو وچن- انمول رتن.

○ ○ ○

(٨) دوستي، منترنا ۽ رشتني ناتي جو بنياد آهي وشواس، پروسو هڪ ٻئي ۾ ايمان تڏهن ئي دوستيءَ جي عمارت بيهي سگهندي. جي وشواس ناهي ته دوستي ڪهڙي؟ رشتو ناتو ڇاجو؟

صرف ديکا ديکي!

ڇپن تي مُرڪَ- اَندر ۾ ڪاتي اِها به ڪا دوستي آهي؟ وشواس هرڪا غلطفهمي ۽ پيدياوَ متائي ڇڏيتو.

○ ○ ○

(٩) دان ڪرڻ سنو آهي.

دان رڳو ڌن جو ڪونهي

من، وچن، تن ۽ ڌن جو دان ٿيندو آهي.

دان- نراڇا تي ڪجي.

ڌن جو دان- وقت سر ڪنهنجو ڪم ڪجي.

وچن جو دان- منا ۽ همدرديءَ جا وچن ٻولجن. دکئي جي دل وٺجي. منجهيل کي سمجهاڻي ڏيئي ڇڏجي.

تن جو دان ڪهڙو آهي؟

تن کي تڪليف ڏيئي به ڪنهنجو ڪم ڪجي. من ۾ ايمان نه ڪجي.

○ ○ ○

(١٠) ڏنو ويو آهي ته ورجاءُ

سرجاءُ سان ڳاله وڌيو وڃي. بحث مان جهڳڙو پيدا ٿي ويندو آهي. هرڪو پاڻکي ڇڱو ۽ سچو ثابت ڪرڻ جو يتن ڪندو آهي.

هڪڙو چوي ٻيو چپ ڪري تڏهن ڪنهن سان به نباهي سگهجي ٿو.

○ ○ ○

(٥) دکہ اچي نہ ڌيرج کان کم وٺ ۽ سکہ اَچي نہ ڦونڊ ۾ نہ پيرجي وڃ. ڇو جو ٻئي رهڻا ڪونهن. دکہ جو وقت وڏي پوندو آهي ۽ سکہ جا پل ڀڄندا ويندا آهن. گذري سڀ ويندو آهي.

’آهي گذر جو مڪان

غافل بندا ڇو تو گذارين؟‘

○ ○ ○

(٦) ’رام نام ڪي ڀڄن بِنِ من ڪي جلن نہ جاءِ،

ڪيتي جڳہ ۾ ڀيچ مُئي ڪر، ڪر بهت اُپاءِ.‘

سمرن ڇاکي ٿو چئجي؟

سمرن معنيٰ يادگيري. ور ور سائينءَ جي يادگيري رکجي. اُن کي ئي سمرن چئجي ٿو. وري وري من ڀڄي ويندو آهي پدارٿن ڏانهن، ڪتنب ڏانهن، اِڇائن ترشنائن ڏانهن، ڊوڙي وڃي ٿو پڪڙي لڳائيس سمرن ۾. ائين هير پئجي ويندس، سمرن جي هير سکہ جو گهر آهي.

○ ○ ○

(٧) اڪثر سڀ چوندا آهن ڀڳوان ڪٿي آهي؟ ڀڳوان جو آستان تہ تنهنجي هردي اندر آهي. شڌ هردو رکہ تہ ڀڳوان جو درشن ٿئيئي.

درشن ڪيئن ملي؟

درشن سمر درشتيءَ سان مليتو،

جيڪو تو ۾ سو سڀ ۾،

جيڪو سڀ ۾، سو تو ۾،

سوئي اندر، سوئي ٻاهر.‘

○ ○ ○

(١٧) ويسُ ڪونہ بدلڻو آهي من بدلائڻو آهي. من جو لاڙو شبﭪ گڻن ڏانهن رکڻ سان شانتي ملي ٿي. جيئن جيئن من شبﭪ گڻن ۾ پرورت ٿيندو تيئن پنهنجو پاڻ مان آنند پيو ايندو.

○ ○ ○

(١٨) جڳت ۾ جيڪي ڪجھ ڏسجي ٿو، منش جاتيءَ ۾ جيڪا هلچل ڏسجي ٿي سا سڀ من جي راند آهي ۽ ماڻهوءَ جي اڇا شڪتيءَ جو ٻاهريون روپ آهن. سائنس جي جيتري ايجاد آهي سي سڀ ماڻهوءَ جي اڇا شڪتيءَ جا ٻاهريان روپ آهن. اڇا شڪتي جڙي ٿي سنسڪارن مان ۽ سنسڪار ٺهن ٿا ڪرم مان.

○ ○ ○

(١٩) اسانکي جيڪڏهن ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي چريتر جي جاچ ڪرڻي آهي تہ هن جي وڏن ڪمن ڏي نہ نهارجي هن جي ننڍن ننڍن ڪمن ڏي نظر ڊوڙائجي. هنجي هر چرپر تي ڌيان ڏجي ۽ جنهنجو چريتر هر ويل هر هنڌ اوچو هجي اُهوئي مهاپرش ٿو ليکجي.

○ ○ ○

(٢٠) يوگہ ڇا آهي؟ يوگہ معنيٰ ميلاپ. يوگہ رستي آتما جو پرماتما سان ميلاپ ٿئي ٿو. يوگہ سان ڪنهن بہ قسم جو دکہ ڪشٽ ناس ٿئي ٿو.

○ ○ ○

(٢١) من جو مول تت چت آهي. من ۾ جيڪي بہ ٿئي ٿو چت اُنهي پٽاندڙ ڪي ئي ورتيون ڌاري ٿو. ان ڪري چت ۾ ورتيون پيدا ٿين ٿيون.

○ ○ ○

(۱۱) گيڙورنا ڪپڙا پائڻ، گيچيءَ ۾ مالها پائڻ ۽ جهنگل وسائڻ کي سنياس نٿو چئجي.
سنياس آهي من جو ماڻ ڇڏڻ ۽ وڪارن کان هٽڻ. هي من! اهڙو سنياس ڌارڻ ڪر جو جتي وينو آهين اُهو توکي بن پاسي ۽ جيڪي ڪرين سو سهج سڀاءَ سان ڪرين.

○ ○ ○

(۱۲) ناهي سک ڪٽنب قبيلي ۾، ناهي سک ڌن دولت ۾، ناهي سک پدارٿن ۾، ناهي سک سنسار ۾، سک آهي رام ڀڄن ۾! رام جو ڀڄن ڪر سک پاءِ. سک جو مدار ٻاهرين سکن ۽ ڳالهين تي ڪونهي.

○ ○ ○

(۱۳) موت جو ڊپ ڇو؟ اچڻو آهي ضرور! موت کي ياد ڪر- ور ور ياد ڪر ته ڪوبه برو ڪم ڪونه ڪندين.

○ ○ ○

(۱۴) برو ڪم ڪهڙو آهي؟ جنهن جي ڪرڻ سان من پڇتائي. من ۾ چڀي.

○ ○ ○

(۱۵) پنهنجو ڏوهه مڃڻ ۾، جهڙي سورهيائي آهي. اُها ڏوهه لڪائڻ ۾ ڪونهي! ڏوهه ڪئي ته ٻاسجي باسڻ سان سزا به گهٽبي آهي اندر کي به آرام ملندو آهي.

○ ○ ○

(۱٦) ٻئي کي ڏسي ائين نه چئجي ته مان به هن جي جڳهه تي هجان ها ته سکي رهان ها. جتي آهين اُنهن سان نباهي هلڻ جو يتن ڪرڻ ئي سک جو سار آهي. حالتون ڪونه بدلبيون توکي بدلجڻو آهي.

○ ○ ○

(٢٧) گيانيءَ کي نہ ادمبر گهربو آهي ۽ نہ ڪا مشهوري نہ کيس شش ڪرڻ جي لوڙ تيندي آهي نہ ڪو دنيوي پدارٿ گڏ ڪرڻ جي اڇا. هن جي مار سدائين من تي هوندي آهي چوندا آهن من ڪريو قابو. اهو من ئي تو توهانجي آڏو اچي باقي ڪو ڪنهنجو دشمن ڪونهي.

○ ○ ○

(٢٨) اندر کوج. باهر ڪجهہ ڪونهي، باهر آهي ليلا ڌر جي ليلا. اندر آهي اُها جاڻ، اُها شڪتي ۽ اُهو گيان جنهن سان باهرين دنيا جو انيڀُ تو ٿئي.
’منجهئي تيرٿ تکيا، منجهئي گروءَ جو گهر.‘

○ ○ ○

(٢٩) سرير ناسونت آهي. آتما اَمر آهي.
’نا جمي نا مري، اٿيئي آتما امر،
ٻيهر ٿئي کين ڪي، هيءَ سبق سياڻا پڙهہ،
توڙي ماڻهو ٿئي مڙهہ، آتما ڪسجي ڪنجي کين ڪي.‘

○ ○ ○

(٣٠) ’ماڻهو مڙيئي نہ سهڻا، پکي مڙيئي نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي،
مهاتما گانڌيءَ مان اهڙي سڳنڌ آئي ئي. اڄ سندس نرواڻ ڏينهن آهي.

○ ○ ○

(٣١) اسين سمجهندا آهيون تہ سادگي رڳو سادن ڪپڙن پائڻ ۾ آهي. اُها بہ سادگي آهي گهٽي فئشن جي چنتا ڪونہ رهي پر سادگي ڏارجي تہ پهرڻ ڪائڻ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ ۾ سادو رهجي.
’ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهہ،
جي رهڻي نہ رهين.‘

○ ○ ○

(٢٢) چت جي ورتيون من ۾ بي آرامي ۽ اشانتي پيدا ٿيون ڪن. جڏهن چت ۾ ڪا ورتي ڏهي ٿي ته پنهنجو نشان چت تي ڇڏي وڃي ٿي جنهن کي سنسڪار ٿو چئجي ۽ اهي سنسڪار گڏجي سنچت ڪرم ٿا ٿين.

○ ○ ○

(٢٣) يوگ جو سهارو ان لاءِ ئي ورتبو آهي ته جيئن من ايڪاگر ٿئي ۽ گڏ ٿيل اشڀ سنسڪار ختم ٿي وڃن ۽ يوگ جي سهاري نوان شڀ سنسڪار پيدا ٿين ۽ انهن شڀ سنسڪارن سان من کي شانت ۽ ايڪاگر ڪري سگهجي ۽ شانت ۽ ايڪاگر من سان آتما جو چنتن ڪجي.

○ ○ ○

(٢٤) اُدم ايياس يا پرشارٿ سان چا نٿو ڪري سگهجي! ايياس رستي من جي ڏک ڏوڙ کي بند ڪري سگهجي ٿو. لڳاتار ايياس ڪري يوگ رستي پڪتي ڪري اُن آتم چنتن ڏانهن هلڻو آهي جو ئي انسان جو پهريون ۽ آخرين مقصد آهي.

○ ○ ○

(٢٥) گروءَ ۾ درد وشواس هئڻ گهرجي. سڀني کان مٿي درجو گروءَ جو آهي. سدائين گروءَ جي آگيا ۾ رهجي. گرو اسانجي ڀلي ۾ آهن. جنهن کي اهڙو نشچو آهي تنهن کي ڪهڙو ڏپ؟

’گرو ڪو سِرَ پر راکيئي، چليئي آگيا مانھ،
ڪهي ڪبير تان داس ڪو، تين لوڪ ڏر ناھ.‘

○ ○ ○

(٢٦) سچ ني هلڻ ڪٺن ٿيسيا آهي. سچ جي ساکي اسانجي هر قدم مان ملڻ گهرجي. ڳالهاءِ سچ. هل سچو ٿي، سوچ سچ، پاڻ سان سچو ٿيو ته ٻئي سان سچو ٿيو.

’سانچ برابر تپ نهين. جوٺ برابر پاپ،
جانڪي هردي سانچ هئہ، تاکي هردي آپ.‘

○ ○ ○

(٦) جيئن ڪجهه پوکڻ لاءِ اُپجائو زمين، سٺو ٻج ۽ گهٽي پاڻيءَ جي ضرورت ٿئي ٿي تيئن انسان کي گيان جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لاءِ
پوتر من، پوتر اِڇا ۽ ستسنگ جي ضرورت آهي تڏهن ئي انسان ڪجهه پرائي سگهندو.

○ ○ ○

(٧) انسان کي ٽي روڳ لڳل آهن:
من جي مئل
من جي چنچلتا
۽ من جي اگيان اڄائن جو پردو.
من جي مئل ڌوپي ٿي نشڪام ڪرم سان من جي چنچلتا منجي ٿي ايشور ۾ ڌيان لڳائڻ سان ۽ پردو پاسيرو ٿو ٿئي ست گيان سان تہ مان آهيان آتما!

○ ○ ○

(٨) تن مان تيل نڪرندو آهي پيڙڻ سان.
ڏڌ مان مکڻ نڪرندو آهي ولوڙڻ سان.
من مان مئل نڪرندي نشڪام ڪرم ڪرڻ سان. ڪامنائن وارا ڪرم جيو جي ٻنڌن جو ڪارڻ آهن. هڪڙي ڪامنا پوري ٿيندس وري ٻي ڪندو. ۽ ائين اِهو سلسلو هلندو رهندو ۽ ويندو پاڻ کي ٻڌندو.

○ ○ ○

(٩) جيئن پاڻيءَ ۾ ڦٽڪي وجهبي آهي تہ پاڻي اندرجي صاف ٿي پوندو آهي مٽي وڃي ترو ولندي آهي ۽ اُن صاف پاڻيءَ ۾ سج جو عکس بہ صاف نظر ايندو آهي تيئن من روپي مَئِل کي متائڻ لاءِ ستسنگ روپي ڦٽڪي کپي اُن سان من نرمل ۽ پوتر ٿيندو جنهن ۾ صاف محسوس ڪري سگهبو تہ آتما آهي منهنجي اندر!

○ ○ ○

فيبروري

(۱) پر اُپڪار ڪرين نہ وڻ وانگر ڪر، وڻ ڪيئن ڦل ڏين ٿا پر پاڻ نٿا کائين.

'وڻ ٿا ڦل ڏين، پاڻ نہ کائين پانهنجو'

ڏِئي وانگر ڪر، ٻين جي راهہ روشن ڪري ۽ سندس وَٽ انڌيرو.

○ ○ ○

(۲) نيم جي وڏي اهميت آهي. نيم مان پريم ٿئي ٿو. نيم ننڍپڻ کان ٿا رکجن تڏهن وڏي هوندي ڦل ٿا ڏين. اُن مان چت جي وِرتي ٿي ايڪاگر ٿئي.

○ ○ ○

(۳) اسين سوچيندا آهيون آفيس مان رٽائر ڪريون گهر مان واندا ٿيون پوءِ ايشور جي پاسي هلنداسين. عمر وڃائي باقي پڇاڙيءَ جو هلڻ جي ڪنداسين نہ هن سرير کان ڇا پڄندو؟

○ ○ ○

(۴) 'پوءِ پوءِ ڪري عمر گنوايئہ،

ست سروپ جو مرم نہ جاتئہ،

پاڻ پنهنجو ڪين سڃاتئہِ.'

○ ○ ○

(۵) اڄ جو ڪم پوءِ تي نہ وجهجي. جتي هججي اُتان ئي شروع ڪجي. سيان سيان ڪندي ويندي جيوت وَهي پوءِ هٿ هٿنداسين. 'ڪل ڪرين سو آج ڪر، آج ڪرين سو اَب.'

○ ○ ○

(۱۳) نہ ٿي جب اپني حال کي خبر،
ديکتي رهي اؤرؤن کي عيب هنر،
پڙي جب اپني برائيون پي نظر،
تو نگاھ ۾ کوئي برا نہ رھا.

○ ○ ○

(۱۴) چت اِنسان جو آگياڪاري شيوڪ آهي. جيڪو ڪم ڪرڻ چاهين تہ چت کي انهي پاسي لڳائي ڇڏ پاڻيهي توکي يادگيري ڏياريندو. سمجھ توکي صبح جو سويل اُٿڻو آهي چت کي حڪم ڏيئي ڇڏ تہ اُهو پوري وقت تي توکي جاڳائيندو. صرف اينترو سڪڻ ضروري آهي تہ چت کان ڪم ڪيئن وٺجي؟

○ ○ ○

(۱۵) گهڻو ڪري سيڪو ويسر جي شڪايت ڪندو آهي تہ مونکي ڏاڍي ويسر آهي ڪجھ ياد ئي نٿو پوي. جي چاهين تہ تنهنجي ياد ڪرڻ جي شڪتي وڌي تہ چت جي ڪم ڪرڻ جي ڄاڻ رکہ. چت رات ڏينهن سجاڳ رهندو آهي ۽ ڳالھ جي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهندو آهي.

○ ○ ○

(۱٦) ڪهڙي بہ ڪلا ساڌنا گهرندي آهي. ڪلا جي لاءِ ساڌنا نڪي ڪجي تہ اُها مريو ٿي وڃي. ڏات هجي پر جي محنت ناهي تہ اُها ڏات سمهيو پوي اُن جو وڪاس نٿو ٿئي. محنت ڪرڻ لاءِ نہ صرف وقت گهرجي نہ پورو ڏيان هئڻ تمام ضروري آهي.

○ ○ ○

(۱۷) آتم گيان جي ڪلا لاءِ بہ من کي ساڌڻ جي سخت ضرورت آهي. من نہ ساڌيو مکہ سان رام جپبو نہ من کي شانت نہ ايندي.

○ ○ ○

(١٠) پرارٿنا ڇا کي ٿو چئجي؟
اسين منجهي پوندا آهيون تہ ڪهڙي پرارٿنا ڪريون؟ وڏي ڪريون ننڍي ڪريون؟
پرارٿنا آهي سائين سان حال اورڻ، روز روز اُن جي ويجهو وڃڻ ۽ پنهنجي دل جو سمورو حال اُن اڳيان رکڻ.
ڪڏهن چئن اکرن ۾ ئي سڀ چئي وڃبو آهي ڪڏهن چار سٽون تہ ڪڏهن چاليهہ سٽون اها نہ آهي من جي اوستا.

○ ○ ○

(١١) انسان هروقت ڪنهن نہ ڪنهن گڻ جي وس آهي، ڪڏهن تمي گڻ جي، ڪڏهن رجي گڻ جي تہ ڪڏهن ستي گڻ ۾. اُهي تہ گياني آهن جي ٽن گڻن کان نيارا آهن.
’تين گڻون ۾ سڀ جڳہ باندا،
چوٿان گانؤ همارا‘

○ ○ ○

(١٢) تمو گڻ انسان کي آلسي، ڪروڌي ٿو بڻائي ڇڏي. پنهنجي پرائي جي بوجهہ نٿي رهي ڇڱي لڳي جي بہ سمجهہ هليو وڃي.
رجو گڻ اِڇائن ڪامنائن ۾ ڦيرائي ٿو. ماڻيان ۽ پيو ماڻيان. ڀوڳہ بہ وري پيو ڀوڳيان.
ستو گڻي اِنسان ديالو، سيني جو همدرد سنتوشي ۽ نمرتا وارو ٺئي ٿو.
جنهن وقت جيڪو گڻ زور وٺي ٿو انسان اُها ئي هلت هلي ٿو.

○ ○ ○

(٢٣) صبر ۽ اورچائي سکٽي هجيئي تہ ماکيءَ جي مکہ ڏانهن ڏس. ڪيئن نہ صبر ۽ اورچائيءَ سان ماکيءَ جو ڦڙو ڦڙو پنهنجي ماناري ۾ ڪٺو ٿي ڪري!

هيءَ ننڍي ماکوڙي ڏس اُن کان سبق سکہ. ڪيئن نہ مٿي چڙهي ٿي وري وري ڪري ٿي همٿ نٿي هاري، سستي نٿي ڪري. وري وري چڙهندي ٿي رهي.

○○○

(٢٤) اسين روزاني ڪم ۾ بہ پٽ پٽ ڪندا آهيون. ڌيرج کوهي وهندا آهيون ۽ پنهنجو ڪم وڏائي چڏيندا آهيون.

○○○

(٢٥) ورچڻ، ذري ذري خفي ٿيڻ بہ خراب عادت آهي. خفي ٿيڻ ظاهر ڪندو آهي تہ جيڪو ڪم اسين ڪري رهيا آهيون اُن ۾ اسانجي دلچسپي گهٽ آهي يا آهي ئي ڪونہ.

○○○

(٢٦) ڪم ڪٽي کهڙو بہ خصيص هجي پر جي نو ۾ چاهہ ۽ اُنساهہ آهي تہ اُهو رواجي ڪم بہ ڪارائتو ٿيو پوي. ڪم کي بندگي سمجهڻ گهرجي. بندگيءَ ۾ ٿڪ ۽ خفو ڇا جو؟ بندگي تہ پاڻ هڪ پوتر ڪرم آهي.

○○○

(٢٧) 'نيت صاف، مراد حاصل'

نيت بد، رولي آڌ.'

اِهي اکين اسانجي وڏن جا پهاڪا آهن پر ڪيترو نہ پنهنجي ڪليل انيو جو پرماڻ ٿا ڏين جو اڄ بہ اسانجي هرهڪ مراد جي ساکي ٿا ڏين.

○○○

(١٨) ٺاڪر جو جنم ڏينهن.
شانتي ڪوئي پدارٿ نہ ڪونهي جو ناڻي سان خريدي سگهجي يا ڪنهن کان وٺي سگهجي. اُها تہ اندر جي لوچ آهي جا روئاري تي لوچ لاهہ تہ من شانت!

○ ○ ○

(١٩) عيش ماڻهوءَ کي ڪمزور بڻائي ٿو ڇڏي. اُهو ماڻهو هروقت پنهنجي عيش جي ماڳ جو غلام ٿو رهي. جيترو اڄائن جو غلام ٿيو اوترو دکي ٿيو. جيترو ماڳبو اوترو پوڳبو ۽ اندرين آتمڪ شڪتيءَ کان پري ٿيندو وڃبو!

○ ○ ○

(٢٠) پاڻ تي پاڙڻ هڪ عجيب ڳڻ آهي. اُها اسان کي جاڻ ڏئي ٿي تہ اسانجي اندر ڪيڏي نہ اٿاهہ شڪتي آهي ۽ اسانجي آتما ۾ ڪيترو نہ ٻل آهي!
آتم شڪتيءَ کان بي خبر رهي من رڳو ٻاهر پيو ڊوڙي ۽ ٻاهرين پدارٿن مان سچو سک ملڻو ئي ڪونهي.

○ ○ ○

(٢١) تون پنهنجو بچاءُ پاڻ ئي ڪري سگهين ٿو. تون پاڻ ئي پنهنجي لاءِ ٻنڌن ناهين ٿو ۽ پاڻ ئي پنهنجي لاءِ مڪتيءَ جو دوار کولي سگهين ٿو. پاڻ تي پنهنجي آتم شڪتيءَ تي ڀروسو رکي پاڻ کي من جي ڇڙڪن کان من جي ويڳن کان مٿي چاڙهہ!

○ ○ ○

(٢٢) 'صبر جن جو سير تير نہ ڳسي تن جو' صبر ۽ ڌيرج وارو ماڻهو هميشه سياءُ جو ٿڌو، سيتل ۽ ڪلمڪہ رهي ٿو. مهاتما گانڌي جو سڄي ديس کي موهي سگهيو اُن جو سبب هو سندس ڌيرج! ناڪاميابين ۽ مشڪلاتن کان ڪڏهن نہ ٻجهندو هو!

○ ○ ○

مارچ

(١) جيڪو منش اهو انڀو ڪري سگهي ٿو ته جيڪو مون ۾ سو سڀ ۾. اُهو پنهنجي آتما جو ديدار پاڻ ۾ ئي پائي ٿو. هو هر حال ۾ خوش رهي ٿو. اُن کي ڪنهن لاءِ دل ۾ برو خيال نٿو اچي. نه دشمني ٿو ڪري ڪنهن سان.

O O O

(٢) جنهن آتمڪ آنند جو چشڪو ورتو آهي. تنهن منش کي دنيوي رس بي رس ٿا لڳن. هو هروقت آتمڪ آنند رس ڏانهن وڌي ٿو.

O O O

(٣) اٺ ئي پهر ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾ ڀنو رهه، من ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو. پر وري وري اُن کي ڀڳتي ۾ لڳاءِ.

O O O

(٤) من تمام چنچل آهي. هار ڪان به چنچل- تون اُن پنيان ڊوڙي من جو نه ٿي پئه پر من کي پڪڙي ڪنهن نه ڪنهن نموني پرڀوءَ جي نام ۾ لڳاءِ.

O O O

(۵) 'بڪري پتي کاتِ، هئه، اُسڪي کاڍي کالِ،
جو نرَ بڪري کاتِ، هئه، اُسڪا ڪوُن حوال.'
بڪريءَ پنيون کاڌيون ته اُنکي کالي اسان کاڌو ۽ اسين جو ٻڪريون ٻڪرا ٿا کائون خيال ڪيو اسانجو ڪهڙو حال ٿيندو؟

O O O

(٢٨) جيڪر هيءُ منتر سڀ ياد ڪيو
گايتري منتر
اوم ڀوُر ڀوَهه سُوَهه
تَت سَوِتُر وَريڻيم،
ڀرگو ديوسيہ، ڌِي مهي ڌِي يويو نہ پرَچو ديات.
او پرڀو! تون ئي جيون داتا آهين دک ۽ ڪشٽ متائڻ
وارو سک ۽ خوشيءَ جو ساگر سڀني سرشٽيءَ جو رچيندڙ
تون مونکي جيون ۾ هلڻ لاءِ سُبُدي ڏي.
O O O

(۱۱) دنيا سکيا جو گهر آهي. آنمک آڪاڙو آهي. دنيا جا بہ پاسا آهن. سڪڻ چاهين تہ سڪي متي چڙهي سگهين ٿو. مايا پنيان - اچائن پنيان ڊوڙي پاڻ کي ڪيرائي بہ ٿو سگهين.

O O O

(۱۲) شراب جي عادت ايترا ماڻهو ٻوڙيا آهن جيترا سمنڊ بہ نہ ٻوڙيا آهن. ’جهڙو اَن تهڙو من!
جهڙو پاڻي تهڙي ٻاڻي!
شراب پي چڱيءَ ٻاڻيءَ جي اُميد رکي نٿي سگهجي.

O O O

(۱۳) اڪثر اسين جيڪي ويجهو هوندا آهن اُنهن سان سٺو ورتاءُ نہ ڪندا آهيون.
ٻاهرين تي پنهنجو سٺو اثر وجهڻ لاءِ ڏاڍو فضيلت سان ڳالهائيندا اسين.
سچو منش اهو آهي جيڪو گهر توڙي ٻاهر هڪجهڙو رهي.
ٻاهرين ديکاديکي ڇڏي سچو انسان ٿي رهي.

O O O

(۱۴) دکہ ۽ سکہ!
ٻئي پنهنجي ڇاپ من تي ڇڏي ويندا آهن.
دکہ اچي تہ گهبراءِ نہ! مڙس ٿي منهن ڏي!
سکہ اچي تہ ڦونڊجي نہ وڃ.
اهنڪار نہ ڪر!
رهڻ وارا نہ ٻئي ڪونهن.

O O O

(۱۵) جيڪو ماڻهو همٿ نہ هاريندو سو ناڪاميابيءَ جو منهن ڪڏهن نہ ڏسندو.
’همٿي مردان مددي خدا‘

O O O

(٦) پارٽ کان ٻاهر جا ماڻهو ويشنو ٿيندا پيا وڃن. ۽
پارٽي جيڪي اصل کان پاڃين ۽ ڪندمول تي گذران
ڪندا هئاسين سي وڃون ٿا ماس آهار تي هرندا. ان
کي ترقي چونداسين؟

O O O

(٧) اوم- جو پوتر شبد هرهميشه زبان تي چڙهيل هجي..
دکہ ۾ 'الا'- 'اما' پيا ڪندا آهيون- پر جي اوم جو
اڀياس هوندو تہ اُهو چونداسين. ڇئي تہ ڏسو ڪيڏو ٿو
مٺو لڳي!

O O O

(٨) آخر هيءَ جيون ڇا آهي؟
ڇا اها صرف پراڻن جو پوتلو آهي ڇا؟ جڏهن پراڻ
پورا ٿيا تہ 'چل ميري پائي'
'نہ سڄڻ نہ! اها پراڻن روپي ڳنڙي اسانکي ملي آهي
تہ هڪ هڪ پراڻ جو پورو ملھ پڇاڻون -هڪ هڪ پراڻ
هڪ هڪ دم سڄڻ جي ياد ۾ سڄايو ڪريون.

O O O

(٩) 'ٻول پڪي پرديسڙا تِون ڪهڙي ديسئون آندوئن'
ٻول من جا پڪي؟ تون ڪهڙي ديس مان آيو آهين؟
تون سچ مان آيو آهين. سچ ۾ ئي رهين ٿو ۽ توکي
ملڻو بہ سچ سان آهي.
'سچل ذات صفات دي اندر سهڄئون آءِ سمانديدائين
ذات صفات سچي ذات مان آيو آهين. اُن ۾ ئي تنهنجو
لڪاڻو آهي.

O O O

(١٠) جيئن جيئن وقت گذري ٿو. ڪلاڪ - ڀہ- ڏينهن
- هفتو - مهنا - تنهنجي عمر پيئي گهٽجي. تنهنجو
اوڏانهن ڌيان ئي ڪونهي.

O O O

(٢٣) پنهنجي ويچارن کي چڱي طرح جاچ اُهي اکر جيڪي تنهنجي مکہ مان نڪرندا ۽ اُنهن مان ئي تنهنجا ڪرم جڙندا. اُهي ڪرم ئي عادتون ٿا بڻجن ۽ اُنهن عادتن مان تنهنجو سڀاءُ ٿو ٺهي. تنهنجو سڀاءُ - تنهنجو چريتر ئي تنهنجي قسمت آهي.

○ ○ ○

(٢٤) تو وٽ ڌن آهي تہ تون سٺي ڊاڪٽر وٽ وڃي سگهين ٿو. دوائون وٺي سگهين ٿو پر تندرستي نٿو خريد ڪري سگهين. اُن لاءِ توکي ڪِري ڪرڻي پوندي.

○ ○ ○

(٢٥) توکي ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم ڪونهي اهو آرام ڪونهي اهو آلس آهي. اها سُستي آهي.

○ ○ ○

(٢٦) ڪنهن کي مصيبت يا تڪليف ۾ ڏسين تہ اُن کان پڇڻ ۽ بڌائڻ کانسواءِ جيڪي واجب سمجهين ڪري ڇڏ. اهائي سچي سهايتا آهي.

○ ○ ○

(٢٧) جنهن کي پاڻ ۾ پورو وشواس آهي. اهو ئي ٻين سان وفادار ٿي سگهندو.

○ ○ ○

(٢٨) اکيون ڏسن سڀ پر ويچاريون ڪنهن سان ڪجهہ ڪون-پر زبان ڏسي ڪجهہ ڪون- پر بڙ بڙ ڪندي رهي. زبان کي روڪ ۾ سکہ پاءِ.

○ ○ ○

(٢٩) ماءُ ۽ پيءُ وٽان مليل سٺا سنسڪار ۽ صحيح تعليم اسانجي زندگيءَ جي هر راهہ کي روشن ڪري ٿي. بنسبت اُنجي تہ اسان جا مائٽ ورثي ۾ اسان لاءِ سمپتي ۽ محل ماڙيون ڇڏي وڃن.

○ ○ ○

(١٦) ڪنهن کي سڃاڻڻ چاهين ته سندس دوستن کي ڏس پاڙي ۾ رهندڙن کان پڇ.
دادا پنجواڻي چوندا هئا ته جي پاڙي وارا توکي چڱو سمجهن ته تون سچ پچ چڱو آهين.

O O O

(١٧) ماڻهو مهان يا ننڍو ٿئي ٿو پنهنجن ئي چڱن ڪرمن سان يا ڪڌن ڪرمن سان.

O O O

(١٨) عزت گهرڻ سان ڪونه ملندي آهي. اُها پيار ۽ شيوا ذريعي حاصل ڪري وٺبي آهي.

O O O

(١٩) جي تو ۾ شڪتي ڪونهي ته حاصل ڪر. ۽ جي پريوءَ جي ڪرپا سان اٿيئي ته اُنهن کي اجا وڌاءِ. وڌاءِ وڌاءِ. شڪتي ئي اسانجو سچو ڌن آهن.

O O O

(٢٠) اهو پڇڻ توکان ته تو ڇا ڪيو؟
اهو ضروري ڪونهي. تو ڪهڙي ڀاونا سان ڪيو اُهو ڄاڻڻ ضروري آهي.
پنهنجي ڀاونا ئي ڀاڙو ڏيندي آهي. شڀ ڀاونا. مراد حاصل

O O O

(٢١) جيئن جيئن اسانجو انيو ۽ گيان وڌي ٿو تيئن تيئن اسانجا قدم مهانتا طرف وڌن ٿا. اخلاقي جيون آتمڪ اُنتي لاءِ وڏو سهارو آهي.

O O O

(٢٢) وقت دلين جو مرهم آهي. ڪهڙا به گهرا زخم ۽ ڪرڙا دک وقت پئي جهڪا ٿيو وڃن.

O O O

اپريل

(١) بي همت ماڻهو ڪي ئي ڀيرا مرڻ کان اڳ مري ٿو پر همت وارو - همت سان جيون جا ڏينهن پورا ڪري هڪ ڀيرو ئي مري ٿو.

○ ○ ○

(٢) هيءَ جيون آهي ياترا اسٿيه کان سٿيه جي ياترا - اونده مان روشني ۽ اچڻ جي ياترا- مرتيو کان امر ٿيڻ جي ياترا- اهو ساڳاهي- پنهنجي جيون جو رخ بدلائي ڏس نه سگه پائين.

○ ○ ○

(٣) ڳالهاءِ گهٽ- ٻڌُ وڌيڪ آهستي ڳالهاءِ- ڪوڙ کان پاسو ڪر- مِٺي مِٺي وچن سي، ڪرتي هئين سڀ پيار-

گرڌر مِٺي وچن سي بگڙي ليت سوار.

منو وچن سونو ڳهڻو. ڪوڙو وچن آهي زهر.

○ ○ ○

(٤) جهڙو تون ڪرم ڪندين تهڙي تنهنجي عادت ٿيندي ۽ جهڙي تنهنجي عادت تهڙو تنهنجو چريتر ۽ جهڙو تنهنجو چريتر تهڙي تنهنجي تقدير.

○ ○ ○

(٥) پنهنجو سياڻ اهڙو پوتر ۽ سيتل ڪرڻ گهرجي جو سڀ سان نهڪي هلي سگهجي.

پاڻ نهڪائي هلڻ جو ڏانو هرهڪ لاءِ لاڀدائڪ آهي.

نه ته گهڻن سان پيو ڦٽائيندو؟

○ ○ ○

(٣٠) واسنا جو نشو شراب، آفيم گانجي ۽ ڊرگس جي نشي کان بہ طاقتور آهي. ٻيا نشا تہ ڪجھ وقت کانپوءِ لهي ويندا آهن پر واسنا جو نشو اهڙو آهي جو هڪ جنم کان ٻئي جنم تائين، ٻئين کان ٽيئن - اهو سلسلو ناهي ڇڏيندو آهي. پاڻ سڃاڻڻ ئي اُنجو علاج آهي.

O O O

(٣١) تنهنجي همت کي داد ڏيڻ ذهن ڏيئي سگهجي ٿو جي تون پنهنجي هار بہ خوشيءَ سان، ڪشادي دل سان مڃين.

O O O

(١٢) جيڪي گذري ويو- تنهن کي ياد نہ ڪر ۽ جيڪي ٿيڻو آهي اُن جي چنتا نہ ڪر تہ هميشه خوش رهندين.

○ ○ ○

(١٣) سرڳ يا نرڳ اسانجي هردي ۾ آهي- ٻاهران ڪجي ڪونہ ايندو آهي.
شڀ خيال هردي ۾ آهن تہ سرڳ آهي-
جي اشڀ خيالن جو واسو آهي هردي ۾، وير ورود، حسد ٻيائي آهي تہ اُهو هردو نرڳ آهي.

○ ○ ○

(١٤) ٻين کي صلاح ڏيڻ سولي ۾ سولو ڪم آهي
اُن جي مدد ڪرڻ ڏکي آهي.

○ ○ ○

(١٥) ٻہ ڳالهيون ياد ڪري ڇڏ. تون ڪنهن سان چڱو هلين تہ وساري ڇڏ. پر جي ٻيو توسان چڱائي ڪري تہ ڪڏهن نہ وسار.

○ ○ ○

(١٦) هرڪو پنهنجي آزمودي مان سکي ٿو. ٻين جي آزمودن مان ڪو مشڪل ماڻهو سکي سگهندو آهي.

○ ○ ○

(١٧) سرلتا ۽ وشواس اسانجي ڪاميابيءَ جا ٿنڀا آهن.
جيئن اسين آهيون تيئن ٻين جي اڳيان پيش اچون. اها سرلتا آهي.
پاڻ ۾ وشواس. پرڀوءَ جي هستيءَ ۾ اٽوٽ وشواس.

○ ○ ○

(١٨) قسمت جو چڪر بہ عجيب آهي. ڪڏهن رنڪ کي راجا بڻائي تہ ڪڏهن وري راجا کي رنڪ ڪري ٿو ڇڏي. ان اڳيان جهڪڻو ئي آهي.

○ ○ ○

(٦) پرمارٿ جي راھ تي ھلڻ لاءِ پنڌ پاڻ ڪرڻو آھي. تون پاڻ ئي پنھنجو متر ۽ شترو آھين. جي چاھين تہ مان پريوءَ جي راھ جو پانديئڙو ٿيان تہ پاڻ کي ٺاھڻ لاءِ اُدم ڪر. اھا آھي مترتا. پر جي من جي وس ٿي غافل ٿي گذارين. اھا آھي شترتا.

ooo

(٧) لالچ جي اگني انسان کي اندران ئي اندران کوکلو ڪري ٿي ڇڏي ۽ پاپ ڏانھن ٿي ڌڪي

ooo

(٨) 'صبر جنين جو سير، تير نہ کسي تن جو.'

صبر جو سواد وٺي ڏسون.

ooo

(٩) سکہ ۽ آنند نہ ھرڪو ٿو چاھي. پر ڳولي ٿو دنيوي پدارٿن ۾ - ڌن مال ۾- موٽر بنگلي ۾- ڪٽنب پروار ۾- اُھي اسانکي- سکہ ڏيئي نٿا سگھن- سکہ آھي سمرن ۾. آنند آھي ايشور جو انيڀو ڪرڻ-

ooo

(١٠) سائينءَ کي ھر وقت ھر حال ۾ پنھنجو ساٿي سمجھہ نہ دکہ ۽ اڪيلائي تنھنجي ويجھو ڪونہ ايندا.

ooo

(١١) ٻڌل آھي- رِڻو لھي وڃي پر وِڻو نہ لھي.

رڻو-ڌڪ لڳي رڻ ٿي پوي- ڦٽ ٿي پوي اُھو وقت پئي دوا درمل ڪندي لھي وڃي ٿو پر

وِڻو= ويڻ- ڪنھنجو چبل ڦاٽل ۽ زھريلو اکر ڪڏھن نٿو وسري.

ooo

(٢٦) اهو ياد رکڻ گهرجي تہ بحث مباحثي يا جهڳڙي سان ڪوبہ مسئلو نہ سلجهندو هيڪاري وڌيڪ اُلجهي ويندو.

O O O

(٢٧) جيڪو تنهنجي سامهون تنهنجي ساراهہ ڪري اهو سچو متر نہ آهي.
'گلا هماري جو ڪري، متر همارا سو.'

O O O

(٢٨) جاڳہ، سجاڳہ ٿي ۽ هلندو هل جيسين پنهنجو مقصد حاصل ڪرين.

O O O

(٢٩) خوشامدي مترن کان اهي سچ چوندڙ متر بهتر آهن جي تنهنجي صحيح معنيٰ ۾ رهبري ڪن ٿا.

O O O

(٣٠) جيون آخر آهي ڇا؟
پد ياترا- جمڻ کان مرڻ تائين-
پريوءَ جي آسري اها پد ياترا ڪندين تہ ڪڏهن نہ ٿڪبين.

O O O

(۱۹) ڪمزور وٽ هڪڙو ئي هٿيار آهي. جيڪي سندس ڪان هوشيار آهن تن جي لاءِ برو ڳالهائڻ.
پنهنجي ڪمزوري لڪائڻ جو اهوئي نمونو آهي.

OOO

(۲۰) ٻين جو ڪيل برايون معاف ڪري ڇڏ. پر پاڻ ڪي اصل نہ ڏيلو ڇڏ. معاف نہ ڪر. پاڻ ڪي سڌار. برايُن ڪان بچاءِ.

OOO

(۲۱) وشواسيءَ لاءِ ڪنهن بہ سمجھاڻيءَ جي ضرورت ڪونهي. اوشواسي منش ڪي سمجھائڻ مان بہ ڪو ڪڙنيل ڪونہ نڪرندو.

OOO

(۲۲) جيسين من وس ڪونهي تيستين ٻڌيءَ ۾ پرڪاش نٿو ٿئي.

OOO

(۲۳) ايشور جو دروازو سڀني لاءِ کليل آهي پر اُني پهچندو ۽ اندر ويندو اُهو جنهنجو من روپي مندر اهنڪار ڪان خالي هوندو. من ۾ نٿڙت ڌاري ايندو سو درشن پائيندو.

OOO

(۲۴) سورج جو پرڪاش هر ڪنهن لاءِ سمان آهي پر در دريون بند رکنداسين تہ اُن ۾ سورج جو ڪهڙو ڏوهہ؟

OOO

(۲۵) بيمار ڪي صلاحون نہ ڏيون تہ هوميوپٿي دوا ڪر يا گهر جا ڏس ڪر.
بيمار ڪي ڊاڪٽر جي دوا ڪان وڌيڪ پيار ۽ سڪ جي ضرورت آهي.

OOO

(٦) اُهي ڪَنَ سَرلا آهن جي پنهنجا اوگڻ ٻڌڻ ۾ صبر ڏيکارين.

○ ○ ○

(٧) جڏهن تنهنجو من منجهيل آهي ۽ توکي ڪو فيصلو ڪرڻو ٿو پوي ته مهرباني ڪري نه ڪر ڇو جو منجهيل من شيطان جو گهر آهي.

○ ○ ○

(٨) جيڪو ٻين مان ڪجھ به ملڻ جي اُميد نٿو رکي سو سدائين سکي آهي.

○ ○ ○

(٩) سياڻو ۽ ڪامياب تڏهن ٿي سگهبو جڏهن ٻين جي راين جو قدر ڪبو، خيال ڪبو ته متان هو صحيح هجن.

○ ○ ○

(١٠) ’سائين اينترو ڏي مان به ڪان ۽ ڪٽنب به ڪائي مان به بکيو نه رهان، ڪو ساڌ ۽ مهمان به ڀوڄن ڪائي. اها پراٿنا روز ضرور ڪريون. اينترو ملي اُهو بس آهي.

○ ○ ○

(١١) جڏهن ڪير به توکي ڏڪاري يا گهٽ وڌ ڳالهائي. سهي وڃ. سهڻ ڏکيو آهي پر چنتا ڪرڻ مان به ڇا ٿيندو؟ ان ڪري ڌيرج ڌارڻ ئي بهتر آهي.

○ ○ ○

(١٢) جيڪو گذري ويو سو وسار آئينده جو اونو نه ڪر حال ۾ هر وقت خوش گذار.

○ ○ ○

(١٣) جيڪو پنهنجو وقت بچائي ٿو وٽ اچي. اُن جو آدار ڪر.

○ ○ ○

ميءِ

(۱) ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار کي ڪير ٿو سنڀالي؟
خود ماءُ کي به خبر نه آهي ته ٻار جا هٿ پير ۽ ٻيا عضوا اندر پيٽ ۾ ڪيئن ٺا ٺهن. هنکي کاڌو ڪيئن ٿو پهچي. ويچار ڪري ڏس ته آهي نه قادر جي قدرت!

O O O

(۲) جپ تپ ساڌنائون ڪري ٿو سڌي حاصل ڪئي ۽ هوا ۾ اُڏامي سگهين ته ٿيئن مَڪِهِ. جي پاڻيءَ تي هلي وڃين نه ٿئين ڪکه برابر جي پاڻ کي سچاڻين ونين نه ٿيئن لڳه پر سڀ ۾ اُها پرميشور جي جوت پسين نه ٿيئن الکه.

O O O

(۳) گيڙو ڪپڙا پائڻ ڪا فقيري ڪونهي. فقيري نه آهي من جي ورتيءَ ۾ جا گڻ ڪمائي ۽ اُها سمر درشٽي واري نظر ڏاري اُها آهي فقيري. 'دل سان ٿيءُ درويش چو ٿو ويس متائين.'

O O O

(4) Faith is God. God is faith.

ڀڳوان نه جپ ۾ نه تپ ۾،
نه ساڌنا ۾، نه سمرڻ ۾،
نه ڪرم ۾، نه ڌرم ۾،
نه گيان ۾، نه ويراڳه ۾،
هو نه آهي وشواس ۾.

O O O

(۵) ٻين سان گڏ کلڻ سٺو آهي پر ٻين تي کلڻ مذاق اڙائڻ خراب آهي.

O O O

(۱۹) آزمودو انسان جو اُهو گرو آهي جيڪو پهرين امتحان وٺندو آهي- پوءِ سبق سيکاريندو آهي.

O O O

(۲۰) جيون گهڙيون چار- ڪي گذريون- ڪي گذري وينديون- ڪي نہ ڪي آزمودا ڇڏي وينديون.

O O O

(۲۱) جيون جي اُداس گهڙين ۾ گهبرائجي پنهنجي هٿ نہ وڃ- جتي جيون آهي اُتي اُداسائي ۽ مصيبتون آهن. همت ذاري، سائينءَ ۾ وشواس رکي اسين اُنهن جو مقابلو ڪري ٿا سگهون.

O O O

(۲۲) ٻاڻ ڪان ٻچندي آهيان. هرڪو ڪرمن انوسار پيو پائي. ڪو غريب، ڪو شاهوڪار. سڀ شڪتيون تہ قدرت جي اشاري سان ملن ٿيون. پوءِ تدبير ڪي ڪهڙو مهتو؟

O O O

(۲۳) من جي شانتي گيڙو ڪپڙا پائڻ ۾ ڪونهي.
'دل سان ٿي درويش ڇو ٿو ويس مٽائين'
مٽائڻو اٿيئي تہ من جو ويس مٽاءِ. من جي خيالن کي ختم ڪري. نمرتا ۽ پريم جو رستو وٺ.
پريم ئي پرماتما آهي.

O O O

(۲۴) ڪنهن کي جي صحيح صلاح ڏيئي. اُن کي راهہ نہ ڏيکاري سگهون تہ ٺٺولي بہ نہ ڪريون.
'ڏيون نہ تہ ڏکويون بہ نہ'
ٿي سگهي تہ ڏيڻ سکون. ڪنهن ٻلبل کي راهہ ڏيکاريون دکيءَ سان همدردي ڪريون منجهيل کي آٿت ڏيون. سچا انسان ٿي رهون.

O O O

(۱۴) گلاب جو گل ڪنڊن ۾ رهي سدا مشڪل جو سنديش ٿو ڏئي ۽ انسان تي ٺٺولي ٿو ڪري ته تون هيترو شڪتيءَ وارو بڌيءَ وارو- هر ڳالهه کي مشڪندي ڇو نه منهن ڏين؟

○ ○ ○

(۱۵) خيالن ۾ هڪ جهڙائي هجي هڪ ٻئي سان نهڪي هلجي اها صرف چوڻ جي ڳالهه ڪونهي. عمل ڪرڻو آهي. عمل ڪرڻ وقت ڪيڏو ڪٺن ٿو لڳي اِهو پوءِ ٿو محسوس ڪجي. جتي پنهنجي ڳالهه مٿي ڪرڻ جو خيال آهي اُتي ته بلڪل ناممڪن آهي.

○ ○ ○

(۱۶) زندگيءَ کي جي تمام گهرائيءَ سان ويهي ڏسجي ته حقيقت ته ڪجهه ڪونهي. صرف آشا ۽ نراشا جو وجود آهي.

جي آشاوادي آهيون ته دنيا موهيندڙ پيئي لڳي ۽ جي نراشا ۾ ٻڏل آهيون ته ساري سرشٽي نراس پيئي لڳي. آشاوادي درشٽي رکجي.

○ ○ ○

(۱۷) جيون جي هن اٽانگي راهه تي ڪيئن ٿو وڌي سگهجي؟ جوت نه گهرجي، ڪو پرڪاش نه کپي. رهبر نه کپي جو راهه ڏيکاري. همٿ به گهرجي. جو اڳيان وڌڻ ۾ انسان کي مدد ڪري.

○ ○ ○

(۱۸) آشا ۽ نراشا جي چڪر ۾ اچي انسان جي حالت به پياسي هرڻ جهڙي ٿي ٿئي. آشا جي سهاري رڃ کي پاڻي سمجهي وجي ڊوڙندو. پاڻي هجي نه کيس ملي سورج جا ڪرڻا ۽ واريءَ جا ڪڻا ملي اهو طلسم پيدا ڪندا آهن جو پاڻي نه هوندي به پاڻي ٿي ڀاسندو آهي.

○ ○ ○

(۳۰) اسين اڪثر ٻاهرين سونهن تي ڌيان ڏيندا آهيون ۽ ٻين کي ٻہ ٻاهرين سونهن سان سڃاڻندا آهيون. غلط آهي. سچي سونهن تہ اندر جي سچائيءَ جي ٿيندي آهي جا اسانجي وهنوار ۽ هلت چلت مان صاف ٻکندي آهي.

ooo

(۳۱) سنڌي آهين، سنڌي ڳالهاءِ پنهنجي امڙ سان، ڪين ڦٽاءِ.

ٻيون ٻوليون تہ ماسيون چاچيون آهن. سنڌي ٻولي تہ اسانجي ماءُ آهي.

چاچيون، ماسيون ڪم نہ اينديءَ، ڏکہ ۾ ڪهڙو حال ونديندءِ، ماءُ کي ئي پوندو ڪهڪاءُ.

ooo

(٢٥) سمنڊ کان پڇيم وڏو ڪير؟ چيائين مان نہ وڏو ناهيان منهنجو دائرو محدود آهي.
سج کان پڇيم - وڏو ڪير؟
سج چيو منهنجو پرڪاش بہ ڏينهن تائين محدود آهي.
هوا بہ اهڙوئي جواب ڏنو مونکي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي.
سامهون اُٺ بيٺواتيئي. پڪ اُهو وڏو هوندو. اُٺ چيو نہ مان ڪيئن وڏو ٿيندس. جنهن مونکي خلقيو آهي اُهوئي وڏو آهي. اهنڪاري انسان کي اُٺ جهڙي پراڻي گيان ڏيئي ڇڏيو.

O O O

(٢٦) مورکہ جي اڳيان چپ ڪرڻ بهتر آهي. ڳالهائڻ ۽ سمجهائڻ کان ماٺ رهڻ سٺو آهي.

O O O

(٢٧) سڪئي کي دوست سڃاڻن ٿا ۽ دکي انسان پاڻ مترن کي ڄاڻي ٿو.
سڪئي کي دوست چوڌاري گهيري ٿا وهن ۽ دکي غريب کان پنهنجا بہ ساٿ ڇڏيو وڃن.

O O O

(٢٨) انسان اڪثر پاڻ تي پاڙيندو آهي. ان ڪري دوکو کائيندو آهي. سائين ۽ تي پاڙڻ سان نہ ٿيڻ جهڙا ڪم بہ ٿيو پون. هو دينن جو ديال آهي. ننگي ننگپال آهي.

O O O

(٢٩) اهائي زبان ڪٽ تي وهاري اهائي-زبان پٽ تي ٿي وهاري.
زبان سان مٺو ٻولڻ ڪٽ تي وهڻ آهي ۽ زبان سان ڪڙو ٻولي ٻئي کي رنجائڻ پٽ تي وهڻ آهي.

O O O

(٧) گوتم ٻڌ وٽ دنيوي سکن جي کمي ڪونه هئي. راجا هو سڀ سک ماڻي ٿي سگهيو پر من اشانت هوس دنيا جا دک ڏسي شانتيءَ جي منزل پائڻ لاءِ اڌرات جو ٽيهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي سندر استري يشوڌرا ۽ ننڍڙي ٻچي راهول کي ڇڏي اُن پرم پد جي تلاش ۾ نڪري پيو. اُها شانتي پائڻ لاءِ جهنگل ۾ ٽڪيو.

ↄ ↄ ↄ

(٨) شانتي آتما جو کاڌو آهي. اگر سرير کي کاڌو نٿو ملي ته هلڻ کان لاچار ٿيو پوي ۽ جيڪڏهن آتما کي شانتيءَ روپي کاڄ نه ملندو ته ضرور شانتيءَ لاءِ ڦٿڪندي. اهو ئي آهي مانش جنم جو مقصد. پاڻ مان شانتي پائي اُن آتما ۾ لين ٿيڻ.

ↄ ↄ ↄ

(٩) اها ناداني آهي جو ٻين کي هميشه غلط سمجهجي ۽ پاڻ کي صحيح.

ↄ ↄ ↄ

(١٠) جيئڻ سڦلو آهي اُن جو جو جيئي ٻين لاءِ- پنهنجي لاءِ جيئاسين ته خاڪ جياسين.

ↄ ↄ ↄ

(١١) جني وشواس آهي. اُني ڀڳوان آهي نالو ڀلي ڪهڙو به ڏيون. ڪي مهاديو چون ڪي وشنو ڪوٺين، ڪي ڪرشن ڪي رام، پر شڪتي اُهائي آهي. اُن شڪتيءَ جي آڌار تي هي؟ سرشٽيءَ جو پسارو آهي.

ↄ ↄ ↄ

(١٢) ڪم ۾ ايندڙ مشڪلات يا تڪليف جو تصور ڪري اسين گهٻرائي ويندا آهيون.
اُها گهٻراهٽ اسانجي ڪم ڪرڻ جي چستيءَ کي گهٽائي ڇڏيندي آهي. پر جي ٿورو پاڻ کي سنڀالي همٿ ڪندا آهيون ته ڪم سولائيءَ سان پورو ٿي ويندو آهي.

ↄ ↄ ↄ

جون

(۱) نوريءَ کنيو نياز سان. هٿ ڇڏي ڪيائين حليمائي. ناز ڇڏي رکيائين نياز سان نينهن. تڏهن ته عشق جي بازي جيتيائين ۽ ٻڌجي پيئي راڻين جي راڻي. پٽ راڻي ڄام تماچيءَ جي.

O O O

(۲) حق ڇڪڻ سولو آهي. پر پنهنجو فرض پوريءَ طرح پالي حق حاصل ڪرڻ سورهيائي آهي.

O O O

(۳) ٻري کي ٻرو ڪوٺڻ سندس جيون سان کيلڻو آهي. انڌي کي انڌو چوڻ سندس احساس کي جهنجهلائڻ آهي.

O O O

(۴) سک ۾ وهندءِ چوگرد گهيري ۽ ڏک ۾ پڇي ڪندءِ پاسو. هتي سڀ ناتا سوارٿ جا آهن.

سچو ناتو ڳنڍ پريوءَ سان جو هر حال ۾ توسان ساڻ آهي.

O O O

(۵) تنهنجي ڪرپا جي گهرجي ڪٽي،
مهر ڪر مون تي منهنجا ڏٽي.

O O O

(٦) تاجمحل جي ساراهه ڪندي سيني ممتاز جي محبت کي داد ڏنو. شاهجهان جي دليريءَ کي ساراهيو پر مونکي لڳندو آهي سچي محبت ته اُنهن ناهينداڙن جي هٿي اُن ڪلا سان. جن پنهنجا هٿ ڪپائي ڪلا به قربان ڪري ڇڏي.

O O O

(۱۹) ’هم نهين چنگي، ٻرا نهين ڪوءِ،
پرٽوت نانڪ، تاري سوءِ.‘ (گرباڻي)
گرونانڪ صاحب اسانکي ٻن ڳالهين جي هدايت ڪئي آهي پاڻ کي چڱو نه سمجهو ٻئي کي ٻرو نه چئو. نه پوءِ توهانجو بيڙو پار آهي.

○ ○ ○

(۲۰) ڪروڌ کي ته منهين باهه ڪوٺيو ويو آهي. جيڪو ڪري سو به جلي. جيڪو ٻڌي اُهو به جلي ۽ جيڪي آس پاس هجن اُنهن جو به من خراب ٿئي.

○ ○ ○

(۲۱) ڪڏهن اسان سوچيو آهي ته ڪروڌ اچي ڇو ٿو؟ جڏهن ڪا ڳالهه اسانجي مرضيءَ مطابق نه ٿيندي آهي تڏهن ئي ڪروڌ جي وڪڙ ۾ اچي ويندا آهيون.

○ ○ ○

(۲۲) چوندا آهن ’پاڻ ابو امڙ ٿيندو آهي.‘
پريم ۽ سنيهه سان رهبو آهي ته برابر آهي ابي امڙ کان وڌيڪ آهي.
باقي جي هڪ ٻئي جا عيب ورجائبا ته ڪل ڪل ۽ جهيڙو ڪري وجهبو.

○ ○ ○

(۲۳) انساني جيون به عجيب آهي ٻئي مان هر چيز لاءِ پيو اُميد رکندو ۽ جڏهن ڏيڻ جو وقت ايندو ته منهن موڙي ويندو. تون نه ائين ڪجانءِ.

○ ○ ○

(۲۴) سور اچن نه اسانجي سنوار ٿئي. اُهي اسانجي دل مان ٻيائي ڪڍن ٿا. سون ٿا بڻائين. سور اسانجا سونهان آهن. مارگ دُرشڪ آهن.

○ ○ ○

(۱۳) اي انسان! پنهنجي لکل عيبن کي سمجهي اُنهنکي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهه تہ پوءِ هڪ ڏينهن تون ضرور گڻوان بڻجي پوندين.

ㅇ ㅇ ㅇ

(۱۴) هر انسان جي جيون سندس خيالن مطابق آهي جي اسين پنهنجي خيالن تي پهرو ڏيندا رهنداسين تہ ايندڙ مشڪلاتون ۽ طوفان ٽري سگهن ٿا.

ㅇ ㅇ ㅇ

(۱۵) هر ننڍي ڪم کي پوري چاهہ ۽ محنت سان ڪنداسين تہ پوءِ وڏا ڪم بہ سولائيءَ سان ڪري سگهنداسين.

باقي بنا اتساهہ ۽ لگن جي ڪو ڪم نہ ڪري سگهبو. پوءِ ڪاميابيءَ جي ڪهڙي اُميد رکبي؟

ㅇ ㅇ ㅇ

(۱٦) مڇيءَ کي پاڻيءَ مان ڪڍي اُن جي جيئڻ جي آس ڪيئن تي رکي سگهجي. پاڻي ئي سندس جيون آهي.

ㅇ ㅇ ㅇ

(۱۷) اُلجهن جو حل آهي اُنجو سلجهڻ. اُن لاءِ ڪنهنجي رهبري کپي. ايشور جي آسيس کپي تڏهن اُلجهن ئي نہ رهندي.

ㅇ ㅇ ㅇ

(۱۸) سياڻو ماڻهو پنهنجي جيون جو پل پل سجايو ڪندو آهي. سيني کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ائين ڪرڻ هو پنهنجو فرض سمجهندو آهي.

ㅇ ㅇ ㅇ

(٢٩) نرشنا جو پيٽ ڏاڍو وڏو آهي. اهو ڪيترين ٻه نرشنا پوريون ٿيڻديون ڪڏهن نه ڀربو. اُهو پرجندو سنتوش سان. جيسين سنتوش روپي ڌن نه آيو آهي تيسين اسين نرشنائن پنيان پٽڪندا رهنداسين.

○ ○ ○

(٣٠) جاڳ ۾ ڙي جاڳ-جاڳ نه ڪليئي ڀاڳ جو جاڳيو تنهن امرت پاتو. جو نه جاڳيو تنهن سڀ ڪجھ کوهيو.

○ ○ ○

(٢٥) ’ڪر دنيا ۾ دل وڏيري، تون ٻه رهه مان ٻه رهان.‘
اها ٻيوس جي واٽي اسان لاءِ وردان آهي. وڏي دل وارو ماڻهو هر ڪنهن ننڍي وڏي، چڱي بري کي پاڻ ۾ سمائي سگهندو آهي.

○ ○ ○

(٢٦) ڪنهن ڪان پڇيم- سنڌي آهين؟
’ها‘ -سنڌي ڇو نه ٿو ڳالهائين؟ ’مونکي وڻي ڪونه‘
دل کي ڌڌڪو آيو، سوچيم -ٻولي آهي ماءُ. پنهنجي ماءُ ٻه ڪنهنکي نهوڻندي آهي؟
شرمايومانس!
چيائين -’مونکي سيکاريو مان سکندس.‘

○ ○ ○

(٢٧) جيون هڪ ناٽڪ آهي. اسين پنهنجو پارٽ ڪرڻ لاءِ آيا آهيون. پارٽ ته هرڪنهن کي ڪرڻو ئي آهي. خاص مهتوَ ان کي آهي. ڪيئن ٿو ڪري؟

○ ○ ○

(٢٨) ’نانڪ ڌنڌا نت نوان، ڪٽي نه دن اور رات،
ڪوڙا حرص مٽيا نهين، نا ڪڇه هات نه سات!‘
گرو صاحب يادگيري ٿا ڏيارين ته اجا ڪيترو وقت دنيا جي پرپنچ ۾ رهندين اهو نه نه ڪٽڻ جو آهي ۽ نه شانتي ڏيڻ وارو آهي.
ڪوڙا حرص ڇڏين نٿو. اهي نه توسان گڏ هلڻ وارا ناهن.

○ ○ ○

(٧) خيال کي ٿاھ- سوچڻ کي ٿاھ تہ جيون پاڻيھي ٿهي پوندو.

○ ○ ○

(٨) اسانجي من ۾ ويڪ جو آواز اوٿايو تہ ڪڏھن بہ غلط پاسي نہ ويندو.

○ ○ ○

(٩) سنتن جو سنگہ پارس آھي. اسين لوھ آھيون.
ڦلت پارس ڪيا ڪري جو لوھا ڪوٿا ھوءِ.
سنتن جو سنگہ آھي سنان. جيئن سنان ڪرڻ سان سرير جي صفائي ٿيندي آھي تيئن سنتن جو سنگہ ڪرڻ سان من صاف ٿيندو آھي.

○ ○ ○

(١٠) ڪرمن جو حساب تہ ھر حال ۾ جيوَ کي ڏيڻو آھي. پرماتما اسانکي سواسن روپي پندار ڏنو آھي. اسين روز ٢٤ ڪلاڪن ۾ ٢١٦٠٠ سواس ڪڍون ٿا. حساب اُنھن سواسن جو ٿيندو جيکي اسان نام جپڻ بلي لڳايا.

○ ○ ○

(١١) جيئن گراھي چباڙي کائجي ٿي جي پوري نہ چباڙيندا آھيون تہ بدھاضمو ڪندي آھي. تيئن ڳالھائڻو بہ سوچي سمجھي آھي. بنا ويچار ڳالھائبو تہ اسانجو اندر بہ دکندو تہ ٻڌندڙ جو بہ من دکي ٿيندو.

○ ○ ○

(١٢) آما جن سمجھائيندا ھئا تہ پنھنجي ٻڌي سريشٽ رکجي جي ٻڌي من کي ھٽندي بجو تہ من لهي پوندو. جي ڪا شيءِ ٿوکي وٽي ۾ ڪٽڻ چاھين تہ ٻڌي خبردار ڪندي تہ ٻئي جي شيءِ ۾ تنھنجو ڇا؟

○ ○ ○

جولاءِ

(۱) وقت کي ڪوبہ نٿو لڳي سگهي. وقت پنهنجا نشان اسانجي زندگيءَ تي ڇڏيندو ٿو وڃي.

○ ○ ○

(۲) تنهنجي اڇا انوسار ڪي ڪين ملندءِ. توکي ملندو اُهو جيڪي ڪرمن سارو رٿيل هوندو.

○ ○ ○

(۳) ٻئي جو ڪو ورتاءُ توکي نٿو وڻي پوءِ ڪيئن ٿو سمجهين تہ تنهنجو اهڙو ساڳيو ورتاءُ ٻئي کي وڻندو؟

○ ○ ○

(۴) اِنسان جو ٻاهريون روپ ڏسي اُن جي سڀاءَ جو صحيح اندازو لڳائڻ مشڪل آهي.
’پڌري ٿيندي ذات، رهڻي رخ رواج مان.‘

○ ○ ○

(۵) گرو گرنٿ صاحب ۾ ڪي ئي پيرا اها سٽ ايندي آهي تہ ’آٺ پهرگن گاوَءُ.‘
مون پنهنجي ستگرو ماتا کان پڇيو ’باقي ڪم ڪڏهن ڪيون؟‘
چيائون ’گهيلي آهين. ڪرڻو سڀ آهي پر خيال ۽ وِرتي نام ۾ رکڻي آهي.‘

○ ○ ○

(٦) موت ڪنهن سان پاسخاطري نہ ڪندو آهي. نہ رعايت ڪندو آهي. جڏهن وقت پورو ٿيو تہ ’چل ميري پائي‘ پوءِ هن کڻ پنگر جيون تي ايڏو بانور!

○ ○ ○

(۱۹) ايشور مهر ڪري مانش جنم ڏنو آهي. ماءُ ۽ پيءُ جا
به احسان ڀلائي نٿا سگهجن، جن نه صرف اسان کي پاليو آهي
پر سٺا سنسڪار به ڏنا آهن جي اسان سان هروقت مددگار آهن.

○ ○ ○

(۲۰) پريوءَ جي نام جهڙو ڪو طاقتور هٿيار ڪونهي. جنتي
سوين هٿيار بچائي نه سگهندا آهن اُتي ڀڳتن کي سائينءَ
جي ڀڳتي بچائي وٺندي آهي.

○ ○ ○

(۲۱) ڪوٺ پاڻ ۾ هوندي آهي، اُن کي لڪائڻ لاءِ ڏوهه ٻئي
مان ڪڍندا آهيون. اهڙو سوارٿي سڀاءُ آهي انسان جو.

○ ○ ○

(۲۲) ٻين کان ته اسين پاڻ کي لڪائيندا وتندا آهيون. پر
گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي اڳيان ته پاڻ کي پڌرو ڪريون.

○ ○ ○

(۲۳) مهان انسان اُهو آهي جو هر حالت ۾ پاڻ کي سنتوش
۾ رکي.
’اُسي رنگه ۾ رهنا،
جس رنگه ۾ پرميشور راکي
وو چاهي تو بيکه منگالي
وو چاهي تو تخت بنادي، مکه سي ڪڇه نا ڪهنا.‘

○ ○ ○

(۲۴) جيڪو من توڙي ٻاهر صاف آهي اُهو پرماتما جي ويجهو
آهي.
صفائي ۽ پوترتا پرماتما کي ڏاڍي وڻندي آهي.

○ ○ ○

(۲۵) دل جي سچائيءَ لاءِ پرماتما سان ملڻ جي پڪ ڪر ته
هو تو وٽ پاڻ اچي پهچندو يا توکي آناري پاڻ وٽ آڻيندو.
’آندو آناري سنگر پنهنجي گهر ۾‘

○ ○ ○

(۱۳) هنسا ڇا کي ٿو چئجي؟

رڳو جانورن، پکين کي مارڻ هنسا نہ آهي. ڪنهنجي دل دکائڻ بہ هنسا آهي. دکي دل جي آھ ڦھرخدائي.

○ ○ ○

(۱۴) جنهن کي پنهنجو موت هميشه ياد آهي. سوسدائين ٻين جو ڀلو ئي سوچيندو.

○ ○ ○

(۱۵) پرارٿنا ڪرڻ ضروري آهي. سچي من سان ڪر، سائين اکر ڪونہ ٿو ٻڌي پر اسانجي ڀاونا ٿو ڏسي.

○ ○ ○

(۱۶) هي ڳهيلي جڏهن پاڻ کي دکي سمجهين تہ هيٺ نهار توکان بہ وڌيڪ ڪئين دکي آهن. پوءِ تنهنجي من کي ڌيرج اچي ويندو.

'دکہ جي ويلي اي مترا ڪر نہ اجايو فکر،
ڏسي پاڻ کان وڌ دکي، ايشور جو ڪر شکر.'

○ ○ ○

(۱۷) توسان منهنجي سهڻا سائين

رهجي اچي شل

طرف نہ ٻئي ڪنهن خيال رنيايان

تن ۾ تنهنجڙي تار.

ٻانهن سچل جي سهڻل سائين

پرتي اٿو سردار.

○ ○ ○

(۱۸) ڪوبہ ڪم ڪجي ٿو ۽ اُن جو ڦل يڪدم نہ ڪونہ ملندو. وڻ پوکبو آهي. ڌيرج سان پاڻي ڏيئي سنڀال ڪبي آهي. وقت اچڻ تي ڦل حاصل ٿيندو آهي. ڪم يا ڪرم بہ ائين آهي. ڌيرج ۽ سنتوش سان ڪندو اچبو تہ ضرور ڦل ڏيندو.

○ ○ ○

آگسٽ

(١) سنتوش بنا من جي شانتي ملڻي ڪونهي. سڀ دنيوي پدارٿ، آل اولاد هوندي به جي سنتوش ناهي ته ٻوڙون پيون پائيبيون.
اڄا هي ڪپي. هو ڪپي.
من ۾ تن ٻئي پيا پٽڪندا.

○ ○ ○

(٢) من جي ڪمزوري اهڙو مرض آهي جو جسم کي به گهيري وڃي ۾ دماغ ۾ وهنڊڙ ويچار ڏارا جو به رستو روڪي ڇڏي سو اهڙي مرض کان پاسو ڪرڻ ئي عقلمندي آهي.

اڄ دادا جشن جو جنم دن آهي.

○ ○ ○

(٣) سنڌيت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو نالو نشان متائڻ واريون اسانجو سوار تي ياونائون آهن. اسانجي پنهنجي جاتيءَ ۾ ٻوليءَ لاءِ به ڪا ذميداري آهي، فرض آهي. اهو وساري اسين زماني جي وهڪري ۾ وهندا تا وڃون.

○ ○ ○

(٤) رشتا ناتا پيار بنا سڀ اجايا آهن. پيار آهي ته رشتو جڙي پوندو.

○ ○ ○

(٥) اون ايندڙ جي، وئي جا پور، گهٽنيون حال جون،
زندگيءَ ۾ چئن جي ڪا ڪن ملي ممڪن نه آ.
يا ڪلي ڪوئي چريو، يا جنهنکي ڏين توفيق تون، جيئري
جندڙيءَ جي سور جون سؤ صورتون (نارايڻ شيام)

○ ○ ○

(٢٦) ڪسنگہ چت جي ورتي بگاڙي ٿو ڇڏي. اُنجو سنگہ ٽوڙي ڇڏجي.
ڀل ڪبڏو بہ وڏو ماڻهو هجي. اڪيلو رهجي پر بري سنگت کان پاسو ڪجي.

○ ○ ○

(٢٧) سيني دانن ۾ اُتم دان وديا جو آهي. ڇو تہ ٻيو دان ٿوري وقت لاءِ سکہ ۽ آرام ڏئي ٿو پر وديا دان جيون سڌاري ٿو.

○ ○ ○

(٢٨) ڀڳتي ماءُ آهي. گيان ۽ ويراڳہ اُنجا پٽ آهن.
ڀڳتي هوندي تہ اُهي پاڻيهي ايندا.

○ ○ ○

(٢٩) جنهن تي رام جي ڪرپا ٿيندي اُن تي ڪوبہ وگهن اثر نہ ڪندو هو سؤ ڪم ڇڏي بہ سنتن جي سنگہ ۾ ويندو.
’بنِ ستسنگہ وويڪ نہ هوئي، بن ڪرپا ستسنگہ نہ هوئي.‘

○ ○ ○

(٣٠) ديويءَ جا ٽي روپ آهن.
درگا :- شڪتي روپ.
لڪشمي :- ڌن جو روپ.
شاردا :- ٻڌي بخشي ٿي.

○ ○ ○

(٣١) دنيوي پدارٿ سچو سکہ ڪڏهن نہ ڏيئي سگهندا. اُهي اڄ وڻندا وري سڀاڻي اُهي ڇڏي ٻيا طلبينداسين. ائين وينداسين ڄار ۾ ڦاسندا. گهرجون گهٽايون تہ سکي رهون.

○ ○ ○

(۱۲) ٻاهرين زنجيرن کان آزاد ٿيڻ سولو آهي. ڪٿي
ڦٿي ڪبيون پر من جي زنجيرن کي موهه جي ڄار کي
ٽوڙڻ لاءِ پرشارٿ ڪرڻو آهي.

○ ○ ○

(۱۳) آسيس جي تاثير کي مون اصل کان مهتو ڏنو آهي.
سائينءَ جي ۽ وڏن جي آسيس هٿ ڪري سگهجي پوءِ
ڇا جي گهٽتي ڇا جو فڪر؟؟

○ ○ ○

(۱۴) اهڙي اڇا به نه رکجي ته مونسان بي انصافي ڪئي
اٿس ته پل لوڙي. جيڪي توسان چڱو نٿا هلي سگهن
اُنهن لاءِ دعا گهر ته سندس واٽ سنئين ۽ سنهنجي ٿئي.

○ ○ ○

(۱۵) 'هي منهنجو وطن، هي منهنجو وطن
ماکيءَ کان منيرو مصريءَ کان منيرو
منڙي وطن کان آنءُ رکي ڪي به نه واريان،
جيڪي هجيم ڏيئي وري ڪين پچاريان،
دل ۾ هميشه شال رهي ديس جي لگن..

(دڪايل)

○ ○ ○

(۱٦) پريم اهو جو اسانجي درشٽيءَ کي وشال ڪري.
جيون جي جوت بخشي -هر هنڌ اُن مالڪ جو عڪس
سڻ ۾ اچي. ڪمل گل ۾ اُن سائينءَ جو مکڙو نظر
اچي. جي شمع ڏانهن نهارجي پريتم جو پرڪاش پاسي.

○ ○ ○

(٦) مونکي پڪ آهي تہ منهنجي جيون نئيا وچ سبر
۾ غوطا پيئي ڪائي تنهن کي مانجهي ضرور لهرن لوڏن
کان بچائي پار وٺي هلندو. طوفان ايندا. هليا ويندا
۽ مان مالڪ مددگار جي سهاري اُڪري پار ٿيينديس.

○ ○ ○

(٧) پاٺ پڙهي پرجهڻ جو، سبق سکڄي صبر جو، نام
جپڄي نماڻائي ۽ نهنائيءَ جو، سکيا ڌارڻ ڪڄي شيِ
گڻن جي تڏهن منش جنم سڦلو آهي.

○ ○ ○

(٨) ڪٿين سج اُڀرن، ڪٿين آسمان ۾ تارا ٽمڪن، ڪٿين
چنڊن جي چانڊاڻ ڇو نہ هجي پر سائين تو بن سڀ
اونداهي پانبان، روشني تون آهين. اُجالو تون آهين.
پرڪاش تون آهين.

○ ○ ○

(٩) هن ڏينهن تي ٩ آگسٽ ١٩٤٢ ياد اچي ويندو آهي.
هن ڏينهن تي مهاتما گانڌيءَ ستياگرهہ ڪيو هو ۽ اسان
کان اسڪول بہ وسري ويو هو. سڄو ڏينهن چرخا ڪلاس
۾ چرخو ڪتيندي گذريندا هئاسين ۽ پاڻ کي باپوءَ جي
نزديڪ سمجهندا هئاسين.

○ ○ ○

(١٠) بي بقا جيون جي بي بقا انسان تي ڪهڙو پروسو
آهي؟ هيئنر پئي ڪليائون ڳالهايائون اُني جو اُني ڍيري
ٿيو پون بي جان ٿيو پون. اها آهي اسانجي زندگي.
’سامان سؤ برس ڪا پل ڪي خبرنهين.‘

○ ○ ○

(١١) هر وقت پنهنجي اهنڪار ۾ پاڻ کي صحيح پيو
سمجهيو تہ ڪنهن بہ مٺلي جو حل ڪين نڪرندو.

○ ○ ○

(٢٢) او ڪن پل جا مهمان!
هلندو هل پنهنجي سفر تي اڪيلو. پنبيان ڇوتو نهارين؟
هت ڪير به تنهنجو ڪونهي. ڪرمن جي ڪري اچي گڏيا آهيون. ڪڏهن به وڇڙي ويندا سين.

○ ○ ○

(٢٣) سيني دکن جي دوا پرماتما جو متو نام
’سرب روگه ڪا اوکڌ نام‘
انساني روح کي صاف ڪرڻ لاءِ اهائي دوا آهي.

○ ○ ○

(٢٤) جنهن جي خيالات ۾ ميلاپ آهي تنهنجي چهري تي اُهو نمايان ٿئي ٿو.
ڪيترا ڳائيندڙ سريلي گلي هوندي به راڳ جو ميل پورو نه رکي سگهندا آهن. راڳ ۾ ميلاپ آڻڻ واري شيءِ آهي پريم!

○ ○ ○

(٢٥) سچائي ۽ صبر جو رستو ڏسڻ ۾ ڏکيو ايندو آهي، پر سچ پچ آهي ويجهي کان ويجهو.

○ ○ ○

(٢٦) جيڪا ڳالهه چوڻي هجي. اُن کي چٽو ڪري لکجي يا چئجي جيئن اهو خيال اثرائتو لڳي.

○ ○ ○

(٢٧) گهرو زندگيءَ جو اسان جي من تي تمام گهرو اثر پوي ٿو. گهر جي آسودگيءَ ۽ شانتيءَ جو مدار ننڍين ننڍين ڳالهين تي هوندو آهي.

○ ○ ○

(١٧) اسانجو پنهنجو من ئي چنتا جو گهر آهي. چنتا
اچي ته اُهو ماحول ئي مٽي ڇڏجي. من کي ڪنهن شيوا
جي ڪم ۾ يا ادبي مشغوليءَ ۾ لڳائجي ته پوءِ چنتائن
کان ڇٽل سولو ٿي پوندو.

○ ○ ○

(١٨) جاڳڻ ۾ جس اٿيئي ماٺ ۾ مزو اٿيئي سائينءَ
جي سمرن ۾ سڪ باقي سڀ اجايو.

○ ○ ○

(١٩) ڪنهن کي شڀ ڀاونا موڪلڻي اٿيئي ڪٿان به
موڪل! ضروري ناهي اُنجي ويجهو هجين.

○ ○ ○

(٢٠) انسان جي منورتي عجيب آهي نه ڪنهنجي سکه
۾ سکي ٿي سگهي ۽ نه ڪنهنجي دکه ۾ دکي.
ڪنهنکي سکي ڏسي حسد ٿيندس دکي ڏسي سوارٿ جي
ڀاونا اُتپن ٿيندس.
هي ڪهڙا ڪرتوت آهن؟
حيوانن کان به ٻرا.

○ ○ ○

(٢١) خيال کي هڪ عجيب ڪشش آهي. خيال نه فقط
موجود شين کي پاڻ وٽ رکي ٿو پر پنهنجي گهرج انوسار
شيون پيدا ڪري سگهي ٿو. زهر مان امرت ۽ امرت
مان زهر بڻائي سگهي ٿو.
جهڙا ويچار رکبا. اهڙائي نتيجا نڪرندا.

○ ○ ○

سيپٽمبر

(١) من کي رڌل رکجي. من آهي خيال-خيال کي ڏيرو چڏبو تہ ڪٿي وڃي پھچندو.
’ڇيو وڃي نہ من ڳاڙهو ڪارو ڪمرو.
’ڪن ۾ ڪري خيال سان ٿيئي لوڪ گمن.‘

○ ○ ○

(٢) سکہ چاهي ڏکہ اسانجي من جي اوستا آهي. سکہ بہ من ۾ آهي تہ ڏکہ بہ من ۾ آهي.
’ڏوکہ سوکہ سڀ من ڪي برتا.‘

○ ○ ○

(٣) جيون جا ڪم ڪاريون پيا ٿين ۽ ٿيندا پيا. اُنھن جي انتظاري نہ رکڻ گھرجي ۽ نہ اُنھن کان منھن موڙجي.
پنھنجا فرض بي فڪر ٿي پورا ڪجن.

○ ○ ○

(٤) اسانجي ڪرم جو نتيجو ياونا سان ڳنڍيل رهي ٿو. جنھن ياونا سان ڪرم ڪيو وڃي ٿو. اهڙو ئي ڦل ملي ٿو. ياونا پرڌان آهي.
ياونا کانسواءِ سڀ بي ڪار آهي.

○ ○ ○

(٥) ’اڪران دي وچ جو ڪوئي اڙيا عشق جي چاڙهي مول نہ چڙهيا.‘
جُبکر اکرن ۾ الڪن ٿا سي عشق جي راھ تي هلي نٿا سگھن.
پوري طرح پاڻ ارپڻ ڪرڻو آهي پوءِ ان چاڙهيءَ تي چڙهڻو آهي.

○ ○ ○

(۲۸) ڪابہ آدرشي زندگي قناعت (ڪفايت) کانسواءِ قائم رهي نہ سگهندي.
ڪفايت رڳو پئسن جي نہ ٿيندي آهي. ڳالهائڻ ۾ ڪفايت. رلڻ پنڻ ۾ ڪفايت. هر ڳالهہ ۾ ڪفايت جي ضرورت آهي.

○ ○ ○

(۲۹) ٿوري تڪليف ڏسي تڪڙ ۾ پنهنجي اصولن کي ڇڏي ڏيڻ سان انسان ڪڏهن بہ ڪاميابي حاصل ڪري نہ سگهندو. ڀلي تہ لوڪ نندا ڪن. اسانکي ڇريو سمجهن تہ بہ اسانجي چونڊيل اصول تي اثر پوڻ نہ کپي.

○ ○ ○

(۳۰) سڀ ڀيڄ وڏي ادمبر وارن ڪمن ۾ انسان جو من اهنڪار ۾ پرجي ٿو وڃي. ننڍڙي نماڻي جيون ۾ خوش رهڻ سان پرڀوءَ جو پريم ملي ٿو.

○ ○ ○

(۳۱) ڪنهن تي ديا ڪرين تہ ڏيکاءُ نہ ڪر. سچي پريم سان ڪنهنجي لاءِ ڪجھ ڪري سگهين تہ ڪر نہ تہ ڏيکاءُ ڪرڻ کان تہ نہ ڪرڻ جي بهتر آهي.

○ ○ ○

(۱۲) پنهنجي گهرجن کي گهٽائجي.
ٻئي کي ڏسي ريس نہ ڪجي تہ هن وٽ بنگلو آهي.
وڏي ڪار آهي. مونکي بہ هجي. هو تہ پنهنجو نصيب
ٿو کائي 'ماڻهو چٽيندي پنڙا پاڳہ نہ ڏيندي وراهي.'

○ ○ ○

(۱۳) اسين اجاين سجاين ڪمن ۾، ٻين کان پرايل
عادتن جي پنيان لڳي. ڪوڙن سکن جي ماڳن ۾ پنهنجي
شڪتي کوهي ٿا وهون ۽ پوءِ پنهنجي ئي عادتن ۽
گهرجن جا غلام ٿيو پئون.

○ ○ ○

(۱۴) ننڍي ۾ ننڍو ڪم ڪو عام انسان پاڻ تي کڻي
ايمانداريءَ سان ڪري تہ اُنجو فائدو سندس روح کي
رسندو.
فيض رسي ٿو ايمانداريءَ مان نہ ڪم جي وڏ ننڍائيءَ
مان.

○ ○ ○

(۱۵) من کي پنهنجو نوڪر بڻاءِ.
من جو نوڪر نہ ٿيءُ.
من جو نوڪر ٿيندين دکہ پائيندين. جي من کي
پنهنجي وس ڪري نوڪر بڻائيندي تہ سکي رهندين.

○ ○ ○

(۱۶) شل غم کائون. ٻڌڻ تہ سنسار ۾ آهي ئي. اَڻ
وڻندڙ اکر ٻڌي شل مات ۾ رهون. انيئي تہ اسانجو
امتحان آهي. شل پاس ٿيون.

○ ○ ○

(٦) ڪٿي ڪوڙيون ڪتابن جو پڙهڻ آئي هِنَ ۾ وڏا فرق.'
گيان لاءِ اصل راهه آهي صحبت جي-سنگ جي- جيڪو سنگ مان حاصل ٿو ٿئي سو ڪتابن مان نه ٿو حاصل ٿي سگهي.

○ ○ ○

(٧) گهڻو ڪري برائي لِڪَ ۾ زور وٺي ٿي. خراب سنگ جو نتيجو خراب آهي. پر خراب ماڻهوءَ ۾ ڪا چڱائي نه هوندي اهو سوچڻ غلط آهي. انسان ۾ خرابيون ۽ چڱايون ٻئي آهي. صرف انداز جو فرق ٿي سگهي ٿو.

○ ○ ○

(٨) محنت انسان جو وڏي ۾ وڏو خزانو آهي تنهن سان جي پريم ڪي به جوڙيون نه ڪابه منزل پائڻ ڏکي ڳالهه ڪونهي.

○ ○ ○

(٩) پريم سان ڏنل پائي به وڏي سوغات آهي جو نه ان سان شامل آهي.
دل جي پوتر پاونا.

○ ○ ○

(١٠) ايماندار ٿي رهڻ، مالڪ جو سچو نوڪر ٿي رهڻ ۽ جيڪو به ڪم هن اسانتي رکيو آهي ان کي سچائيءَ سان پورو ڪرڻ -اهو ئي موکش جو مارگ آهي.

○ ○ ○

(١١) فقير ۽ سنت درياهه مثل آهن. جيئن درياهه ۾ گند پوڻ سان درياهه جو پاڻي گندو نٿو ٿئي، تيئن فقيرن جا روح نيڪي بديءَ کان آجا رهن ٿا.

○ ○ ○

(٢١) ليلان چوي تي سياڻي نہ گھٽي هئس پر سياڻپ ئي مونسان وئل وهايو. جو هاڻي نہ چنبسر وڃائي منهن مٿي ڪٽڻ جهڙي بہ ڪونہ آهيان. مون ڪيو ڇا؟
مٽئي ني موهجي هوت هٿان وڃايم. مٽيا نہ گھٽيئي هئم پوءِ لالچ ڇو ڪيم؟
'مٽئي مٿي جي هئا، نن چِٽن ڦبريم چِتُ.'

○ ○ ○

(٢٢) بدن جا وار ڳڻي وڃجن. واريءَ جا ڪڻا ڳڻي وڃجن تارا ڳڻي وڃجن پر سائينءَ جا احسان ڳڻي نہ سگھبا. اُهي اٿاه آهن. اهي منهنجي گرو ماتا جا وچن آهن.

○ ○ ○

(٢٣) سنو ڪم ڪندا آهيون نہ اخبار ۾ وجهائيندا سين. ڇٽن ڇٽن کي ٻڌائيندا آهيون پر جي برو ڪم ڪري وجهندا سين. پيا لڪائيندا سين. پر منهنجو سائين نہ سڀ ڪُو ڄاڻي.

○ ○ ○

(٢٤) نوري! تنهنجو نياز ڪٿي ويو. ٻيون سمبون ناز مان هار سينگار ڪري آيون. ڄام تماچيءَ کي تنهنجي نينهن ۽ تنهنجي نهٽائيءَ ڄام کي موهي وڌو ۽ توکي ڪيائين راڻين جي راڻي. تنهنجي نہ اهائي التجا هئي:-
'ماڻهون گھرن مال، آن ۽ سپ ڏينهن گھران سپرين.'

○ ○ ○

(٢٥) وڏا وڏا پستڪ پڙهڻ سان پرماتما نتو ملي. پرماتما ملي ٿو پريم سان. سڪ سان. پڙهجي پلي. وچنن ني ويچار ڪجي ۽ پنهنجي رهڻي ڻاهجي.

○ ○ ○

(١٧) اسانجو شاھ- سنڌ جو سونھارو ستل دلين ۾ تو جوش جاڳائي اڄ بہ اسان وٽ سندس امر خزانو آھي. پلي صديون گذري وڃن نہ ڪتندو.
ست ئي سورميون قائم دائم رھنديون. جيسين سج چنڊ تارا آھن.

○ ○ ○

(١٨) سسئي ۽ پنھون جي سڪ جا پنج سُر آھن، شاھہ جي رسالي ۾. پنھل کي ڏير اُٺ تي چاڙھي ھلي ويا. سسئي جاڳي. پنھل کي نہ ڏسي. ڏاڍا ورلاپ تي ڪري. ۽ چوي تي نينھن ۾ ننڊ ڪبي آھي ڇا؟ تو پاڻ سان پاڻ ڪئي آھي. چوي تي.
'ڇا جا ڏنگا ڏير، منھنجو ڏينھن ڏنگوم تئي.'

○ ○ ○

(١٩) ڪچو گھڙو ڪٽي نڪتي آھي سھڻي ميھر سان ملڻ. وچ درياھ ۾ گھڙو ڀڄي پيو. تڏھن بہ ھمٿ نہ ھاريائين. ميھر سان ملڻ لاءِ وڌندي رھي. اونداھي رات. چوي تي.
'گھڙو ڀڄو تان گھوريو، پاڻان لٿو حجاب.'

○ ○ ○

(٢٠) مومل ماڻي سان محبوب وڃائي ويٺي. پوءِ نہ راتين جون راتيون وٺيون سورينديءَ گذاريائين. ڏاڍي ماندي تي ٻاڏاياٿين.
'رُس مَ رُسڻ گھورَيو، ڇڏ راڻا ريڏائي.'

○ ○ ○

آڪٽوبر

(۱) پنهنجي ساراهه ٻڌي اسين ڦونڊجي ويندا آهيون. ايمان ۾ پرجي ويندا آهيون. پر حقيقت ته اها آهي اُلٽو پاڻ کان پڇجي ته ڇا مون ۾ اهي گڻ آهن؟ ورڪ سچ جو آواز ڏيندو آهي. جي وويڪ جو آواز 'ها' هجي ته ٻه وڌائي نه ڪجي ۽ جي 'نه' هجي ته ٻوءِ پاڻ کي شرمائجي.

○ ○ ○

(۲) دنيوي پدارٿ جيترا گهٽ اوترو ئي اسين آزاد آهيون. خوشيءَ سان جيون ماڻي سگهنداسين.
جيترو ئي ٻاهرين سکن تي هرنداسين اوترو اُنهن جا غلام ٿينداسين ۽ عادتي ٿي پونداسين.
'عادت ڏئي عذاب'

○ ○ ○

(۳) سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ جو سنڌي ماڻهو اندازو نٿا لڳائي سگهن. شاهه، سچل، سامي بيدل بيڪس حمل ۽ اڄ جي شاعرن کي ڪيئن ٿا وساري سگهن. عجب پيو لڳي.

○ ○ ○

(۴) اهڙي مغربي هوا اسان سنڌين کي لڳي آهي جو پاڻ ۾ هونداسين ته ٻه هندي يا انگريزي ڳالهائينداسين. سنڌي آهيون. سنڌيءَ ۾ ڳالهيون. سنڌي پڙهون. سنڌي لکون.
اُن ۾ شرم ڇا جو؟

○ ○ ○

(۵) تڪليفن، مشڪلاتن ۽ نندڙن وڇوڙن ۾ پلائيءَ جو ٻج پوريل آهي. ڪوبه پلائيءَ جو نتيجو تڪليفن کانسواءِ نٿو ملي. اڄ جا دک سڀاڻي جا سک ئي ٻون ٿا.

○ ○ ○

(٢٦) دنيوي ڳالهين لاءِ ڪيئن ٿا هٿ ڪريون ته مان ضرور ڪندس ڇا به ٿي پوي. سائينءَ سان ملڻ لاءِ به هٿ ڪر ته ضرور ملنديس پوءِ ڏس ته ڪيئن نٿو ملين؟

○ ○ ○

(٢٧) ڊاڪٽر کان دوا وٺي اچجي ۽ پيئجي نه ته بيماري ڪونه لهندي. تيئن ستسنگ جاوچن ٻڌجن پر ويچارجن نه ته من ڪيئن لهندو؟

○ ○ ○

(٢٨) ڪو اسانجي ڳالا ڪري ته اُهي اکر پلي نه وٺن ته به خيال سان ٻڌجن اُنجا احسان مڃجن جو جن براين تي اسانجي نظر نه ويئي اڳلي خبردار ڪيو.

○ ○ ○

(٢٩) متان سمجهين ته مهمان ڪي تون تو ڪارائين. مهمان پنهنجو ڀاڳ ڪٺي ايندو آهي.
'سڀ کي ڪارائڻ وارو ڀڳوان آهي بندا! توکي اجايو ايمان آهي.'

○ ○ ○

(٣٠) جيئن گهڙيال کي چابي ڏبي آهي يا بئٽري وجهبي آهي ته پاڻيهي پيو هلندو آهي تئين من کي به نام جي چابي ڏيون يا بئٽري وجهون ته پاڻيهي پيو هلندي چلندي نام جپيندو.

○ ○ ○

(١٢) جيڪي خيال يا اصول چڱا سمجهين. اُنهن کي عمل ۾ آڻ. اها خود اُنهن لاءِ وڏي حاصلات آهي.

○ ○ ○

(١٣) من ۾ شڌتا آهي ته گهر به بندرابن آهي. رام جو مندر آهي.

’گهر سڱه وسيا، ٻاهر سڱه پايا.

○ ○ ○

(١٤) علمي لياقات هڪڙي ڳالھ آهي ۽ عملي زندگي جيئڻ ٻي شيءِ آهي.

’جي علم ۾ ٿيئن ڪامل، ڪر پڻ عمل کي شامل.‘

○ ○ ○

(١٥) مندر کو پٿين ۽ مورتن تصويرن کي ڪونه چئبو آهي. آنند روپي روحاني زندگيءَ کي چئبو آهي جنهن ۾ گيان، ڀڳتي ۽ شيوا سمايل هجن.

○ ○ ○

(١٦) انسان جي دل ٻيڙيءَ وانگر آهي. جي ٻيڙيءَ ۾ لنگر ٿي پوندو ته ٻڌندي ٿهڙي طرح دل اندر موھ جو لنگر ٿيڻ ئي نه ڏيو ته پوءِ سفر سٺائو ٿي پوندو ۽ اُڪري وڃي پار پئبو.

○ ○ ○

(١٧) هٿن سان هاڃ، ٻيرن سان پنڌ ڪرڻ ۾ ڪڏهن به سُستي نه ڪجي. اهي ڪم نه رڳو اسانجي تندرستي سڌاريندا پر اسانجي من کي به ميزان ۾ هلائيندا.

○ ○ ○

(١٨) منهنجو سائين اهڙو مهربان آهي جو دعا جا در کولي ڇڏيندو آهي. اُن جي در وڃون. ٻيا در نه ٽڪون.

’داتا! تون مَ ڇڏيج، ماں جيئان تنهنجي آسري.‘

○ ○ ○

(٦) سادگيءَ جو بيو نالو سچائي آهي. سادي جيون سچائيءَ واري جيون آهي. سادگيءَ سان رهي دنيوي بوجي کان پاڻ کي آجو ڪجي.

○ ○ ○

(٧) قدرت جي اشاري کي صحيح سمجهڻ لاءِ دل جي صفائي ۽ سچائي ضروري آهي.

○ ○ ○

(٨) ڪمري ۾ سالن جي اونده هجي پر تيلي ٻارڻ سان اونده دور ٿي وڃي ٿي. گيان جي پرڪاش سان هڪ ڪن ۾ پنهنجو سروپ پسي ٿو سگهجي.

○ ○ ○

(٩) ڪٿ ٿو ڳولين آنند موڙهل؟

تنهنجي تہ اندر ۾-

تنهنجي تہ اندر ۾-

ڪٿي ڀٽڪڻ جي ضرورت ڪِونهي.

اندر جهاتي پاءِ ۽ پسُ پاڻ کي.

○ ○ ○

(١٠) ڪنهن وقت اُدار چت ٿي ڪا ڳالھ درگذر ڪرڻ سٺي آهي، پر هميشه بي پرواهي يا برائي درگذر ڪرڻ ڪمزوريءَ جي نشاني آهي.

○ ○ ○

(١١) سٺيون عادتون ۽ پورا نيم اسانجي جيون جا ٿنڀا ٿي سگهن ٿا. جي اسين اُنهن تي هلون. اجائي سستي نہ ڪريون.

○ ○ ○

(۲۶) ’سور سهنديون جي، پسنديون پڻ سي هوت کي.‘ حياتيءَ ۾ ڪجھ پرائي اُهو تو جيڪو پنهنجو سڪه ڦنائڻ سڪي ٿو. سون کي باھ ۾ ساڙيون ٿا تڏهن اُن مان قيمت نڪري سچو سون ٿئي ٿو.

○ ○ ○

(۲۷) پپر جو پنُ، هاٿيءَ جو ڪَنُ ۽ ماڻهوءَ جو من سدائين پيا هلن ئي هلن.

○ ○ ○

(۲۸) سوار تي ماڻهو سماج جي لاءِ وڏي جوابداري آهي. نه پاڻ سماج کي لاهيندو ۽ نه ٻين کي لاهڻ ڏيندو.

○ ○ ○

(۲۹) ’پوريل در تو پٽي اچي عشق انهيءَ انسان ۾‘ (روشن)
نينهن ’ٻيل‘ نروار ڪيو، هاڻي ڪاڏي لڪان.‘ عشق دل جا بند تيل دروازا کن ۾ کولي تو ڇڏي، پهاڙن مان پيچرا تو ڪڍي. ٻيءَ ڪنهن سڪيا جي گهرج ئي ڪانهي.

○ ○ ○

(۳۰) دکہ جو خيال رکڻ سوئي من جو مرض آهي. ڪنهن شبوا، رياضت جي وندر ۽ ستسنگہ ۾ دکہ نوارڻ گهرجي. ستسنگہ ۾ لکل مرض پاڻيهي ٽري اچي متان بيهندو. پوءِ کيس سولو ڪڍي سگهبو. پوءِ محسوس ٿيندو اُن کي پاڙ آهيئي ڪانه.

○ ○ ○

(۳۱) انسان جيستائين جيئرو آهي تيستائين هام نه هڻي ۽ پاڻ کي سمرت سمجهي اهنڪار نه ڪري.
’جان جيئن نان پيئي سِڪہ‘

○ ○ ○

(١٩) ننڍي هوندي پڙهندا هئاسين 'آتُو ڪوڙ ڪاغذ جي ٻيڙيءَ مثل، نه جا بار ڪُٺندي نه سهندي اُڇل، ٽيو ڪوڙ ڪنهنجو جي پڌرو ادا ته ڪوڙو پيو ليکبو او سدا.'

ڪوڙ کي دل مان ڪڍون نه ته حياتي وِهه ڪري ڇڏيندو.

○ ○ ○

(٢٠) من ڪيترو ڀلائيندڙ آهي پهاڙ جي چوٽيءَ تان ڪيرائي پٽ تي اُڇليو ڇڏي.

○ ○ ○

(٢١) 'جو ٿُڏ ڀاوي، سائي ڀلي ڪار' انهي خيال سان سڀ ڪجهه ڪجي نه خوديءَ واري خيال سان.

○ ○ ○

(٢٢) اکرن سان پرماتما لهي نه سگهبو. اکر جيترو ٻڌائين ٿا پرماتما جي مهما اُن کان گهٽي وڌيڪ آهي.

○ ○ ○

(٢٣) جيسنائين اسين پنهنجون گهٽتايون لڪايون ٿا تيسنائين ڇوٽڪارو ملڻ مشڪل آهي.

پنهنجون گهٽتايون ڄاڻون ۽ اُنهن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪريون. آهستي آهستي اُهي اسان مان نڪري به وينديون.

○ ○ ○

(٢٤) جنهن ماڻهوءَ سان ويجهڙائي هوندي آهي اُنجو هڪ اُبتو اکر به گهاءُ ڪري وجهندو آهي.

منصور سيني جا پٿر سهي ويو پر دوست جي گل لڳڻ تي به دانهن ڪيائين.

○ ○ ○

(٢٥) جهڙي طرح ڪو ڪروڌي ماڻهو ڪروڌ جو ڀاو پيدا ڪري سڄي گهر جي وايو منڊل کي خراب ڪري سگهي ٿو. تهڙي ايڪاگر من پاڻ به آنند پائي ٿو ۽ ٻين کي به آنند روپ بڻائي ٿو.

○ ○ ○

(٦) اڄ مانا منهنجي گروءَ جو جنم آهي.
مانا جو اهو اُپديش آهي:-
جي اسين سڌي رستي تي هلئون جو پنهنجي بندرگاهه ۾ سلامتي سان پهچنداسين. پر جي اسين سمجهو ته چوريءَ جي ارادي سان ٻين رستي تي هلون. ته پوليس وارو ڏسي پيا ڏڄنداسين.

○ ○ ○

(٧) سچي رات جهانجهن وڄائڻ سان ڀڳت ٿي ڪونه سگهبو.
ڀڳوان جي ڀڳتي آهي ڀڳوان جي آگيا ۾ هلڻ. رضا تي راضي رهڻ.

○ ○ ○

(٨) تون ٻين جي ڪرمن ۾ اجايو پنهنجو متو نه خراب ڪر.
تون پنهنجا ڪرم برابر ڪندو رهه. سنسار جي اسٽيج تي جيڪو پارٽ مليو آهي اُهو پوريءَ ريت نباهه.

○ ○ ○

(٩) ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، ۽ اهنڪار- پنج ئي وڪار ٻلوان آهن. ڪنهن کي گهٽ نٿو چئي سگهجي.

○ ○ ○

(١٠) ڪرم ڪندو رهه ڦل جي اڇا نه رکه. اهو گيتا جو سڌانت اپناءِ ۽ سک پاءِ.

○ ○ ○

(١١) هيري جو قدر جواهريءَ کي ٿيندو. پر جي هيرو پوکڙين جي ور چڙهي وڃي ته ڇا ڪري سگهبو؟

○ ○ ○

نومبر

(۱) عقل کي جيترو گهٽو ڊوڙائبو اوترو گهٽو مونجهارو پيدا ٿئي ٿو. احساس يا انتر گيان ڪم ڪري ٿو پر دليل ڪڏهن پورا ڪونہ ٿا پون.

○ ○ ○

(۲) گيتا ۾ ٽي راهون ٻڌايل آهن ڪرم. اُپاسنا (ڀڳتي) ۽ گيان.
ڀڳتي سرلتا سان من کي ايڪاگر ڪري ٿي.
نشڪام ڪرم من اوجل ۽ صاف ڪري ٿو.
گيان انيو ٿو ڪرائي تہ جو تو ۾ آهي سو ئي مون ۾ آهي.

○ ○ ○

(۳) سنسار آهي کيت،
جيڪي پوکبو سو پائبو،
اَڪ جو ٻوٽو هٽي،
انب جو ڦل ڪيئن پائبو؟

○ ○ ○

(۴) پرائو لکہ هجي يا ڪکہ ان جي لڪائڻ جو سانڍبو ئي پاپ آهي.

○ ○ ○

(۵) جيڪي اسين اڄ آهيون پرارٻڌ اِنوسار- اُهو هر حالت ۾ اسانکي ڀوڳڻو آهي. پر پرشارٿ ڪرڻو آهي نام جپڻ جو- گيان حاصل ڪرڻ جو- باقي پرارٻڌ کي ڦيرائڻ لاءِ پرشارٿ جي ضرورت ڪونهي.

○ ○ ○

(١٨) تنهنجي جهڪڻ سان ٻئي کي آرام ٿو ملي ته اهو ڪجي. مڙڻ سان ننڍو ٿوروئي ٿي پئبو! پاڻ مهان ٿبو.

○ ○ ○

(١٩) اندرا گانڌيءَ جو جنم.
پنڊت نهرو جي سپتري.
وير ناري ٿي ديش جي ڏکين حالتن ۾ ڀارت جي جنتا کي سنڀاليائين.

○ ○ ○

(٢٠) دادا پنجواڻيءَ جو جنم!
دادا امر آهي.
مون ڪڏهن ڪيس پاڻ کان الڳ نه سمجهيو آهي.
آهي آهي هر سنڌيءَ ۾ سنڌي ڪلام ۾ سنڌي ڏوهيڙي ۾.

○ ○ ○

(٢١) جڏهن ڪنهنجو ڌن ملڪيت ڏسي من ۾ اچا ٿئي ته هي ڌن منهنجو ٿئي. اهڙو ڀاو هڪڙي منٽ واسطي ڪٽي اچي. تڏهن به اها چوري ٿي. من ۾ چوريءَ جو خيال آيو ته من سان چوري ڪري چڪاسين.

○ ○ ○

(٢٢) جيئن گهڙيال جو ڪانٽو پل پل ۾ ٽڪ ٽڪ ڪري ٻڌائي ته وقت گذرندو پيو وڃي. تيئن هر وقت هر گهڙيءَ منهنجي اندر وارو چتائي ٿو تو ڪجهه نه ڪمايو.
’هر ڪنهن ويل وڃن ٿيون، ڪنجهون منجهه نه ڪپار نهچ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي.‘
(اُميد علي)

○ ○ ○

(۱۲) سادگيءَ کي پنهنجي سونهن آهي. اڳي مائٽ اسان کي ائين ئي سيکاريندا هئا. سادي رهڻي رهو ۽ اوچا ويچار رکو. اِج فصوئي اُلٽو ٿي ويو آهي. سادگي ڪنهن کي پسند ڪونهي ڏيکاءُ کپي.

○ ○ ○

(۱۳) سرڳ چاهي نرڪ من جون اوستائون آهي. جي من شانت آهي ته سرڳ جو انڀوءُ ٿئي ٿو. جي من ڪنهن سبب ڪان اشانت آهي ته نرڪ جهڙي پيڙا محسوس ٿي ٿئي.

○ ○ ○

(۱۴) ڏياري هر سال جهومندي ايندي آهي خوشيءَ جو سنديش کڻي آئي. ديپ جلن ٿا. پرڪاش به نکري پيو. پر اُهو پرڪاش ڪٿي آهي جو دل کي روشن ڪري ۽ اڳيان وڌڻ لاءِ همٿائي.

○ ○ ○

(۱۵) رام جهڙو چريتر پارٽ ڀرئي ٿي سگهي ٿو. آگياڪاري پٽ. هڪ پتني ورت رکندڙ پتي. آدرشي راجا. پرجا جو پرتپالڪ پائرن جو سهائڪ مانائن جي اکين جو تارو.

○ ○ ○

(۱٦) ڪي دکه سياءَ جي ڪري ٿا پوڳجن ۽ ڪي حالتن جي ڪري حالتون سياءَ کي چيڙاڪ ٿيون ڪن.
اُن وقت سنڀالجي تذهن ڪنجي.

○ ○ ○

(۱۷) رهڻي نه رهئين راهي!
نه ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهه.
راز سڪه رهڻيءَ جو!
چئي گهٽو ٻڌايئه.

○ ○ ○

(٢٨) ايشور منش کي ڪرم ڪرڻ لاءِ آزاد رکيو آهي. ٻڌيءَ کان ڪم وٺي جيڪي ڪيس نيڪ لڳي اهو ڪري ۽ اهو به ياد رکي تہ ڪرم مان جيڪو ڦل ملندو سو ڪيس ئي ڀوڳڻو آهي. شبھ يا اشبھ.

○ ○ ○

(٢٩) صرف ٻاهرين عدالت ڪونهي. اندر بہ عدالت آهي. ٻاهرين عدالت نوٽن سان ۽ ڪوڙن سٽاءَ ڏينديون آهي تہ هي غلط آهي. هو صحيح آهي. اُن عدالت جو سڏ اونائڻ تہ اسانجو ڪم آهي.

○ ○ ○

(٣٠) گرو نانڪ نوراني نور جيون جي جوت گيان جو ساگر هيٺن جو همراھ ڪلجڳہ جو اوتار اڄ بہ سندس نام جپڻ سان موڄ اچيو وڃي ۽ من سيتل ٿيو پوي.

○ ○ ○

(٢٣) سنيہ سائين بابا جو جنم جو ڏينهن هرهڪ سنت ڪنهن خاص ڪاريہ ڪرڻ لاءِ اچي ٿو ۽ اُهو بخوبي پورو ڪري ٿو.

ماڻ سان انجام ڪيل اٿس تہ مان ليڪچر پنهنجي پاشا ۾ ئي ڪندس. اچ تائين اُهو نڀائي پيو. ٻوليون جاڻي سب پر پنهنجي ماتر پاشا جو قدر جاڻي ٿو.

○ ○ ○

(٢٤) پنڌ ڪرڻ مونکان پڇي واٽ وٺي هل تون،

ٻاجهہ پريا ٻل تون، هن بيوس ۽ بي روز جو.

○ ○ ○

(٢٥) سنڌ جي مهان سنت جو جنم! جنهن شيوا، سادگي ۽ سمرن جو نہ رڳو اُپديش ڪيو پر پالڻ ڪري ڏيکاريو.

جيو ديا تي زور ڏنو.

○ ○ ○

(٢٦) سنڌ جي جائي ماهري ديويءَ جو سهانو جنم ڏينهن.

'ما' سان مان پهرين ١٩٥٧ ۾ ملي هئس سندس جنم ڏينهن تي لڳو هو اسانجو جنمن جو سنٻنڌ آهي. اچ جو ناهي.

○ ○ ○

(٢٧) آچاريہ ڪيشپ چندرسين پرارٿنا لاءِ چوي ٿو.

پرارٿنا گرو آهي، نر آذار منش جو آذار آهي.

پرارٿنا ڪر نہ بچندين، تنهنجو جيون ڇڱو ٿيندو.
جيڪي نہ اٿيئي، سو سڀ ملندءِ.

○ ○ ○

(٧) ننڍڙن کي دل سان ڏيءُ ڪري هلائي ڏسون ته سچ پچ ڏيءُ جو سواد ٿو اچي. مونکي پنهنجو آزمودو آهي. ڀرئين ڏينهن ئي شادي ڪري آئي. مون چيو ننڍن منهنجي ڏيءَ ۽ مان تنهنجي ماءُ! هڪ ٻئي جون ڪمزوريون نظر انداز ڪنداسين ۽ گڏ سارهائينداسين.

○ ○ ○

(٨) پوٿيون پڙهن پاڪندي، تلڪ ڏين شيطان،
سمرٽيون سورن مسخرا، رجب ٽينون ئي بي ايمان.

○ ○ ○

(٩) پريم جي پوٿي پڙهه، جنهن سان پسين پرينءَ کي،
جپ تپ ساڌن ڇڏي ڪري اچا مٿي چڙهه.

○ ○ ○

(١٠) استري استري جو ساٿ ڏئي ته جيڪر ڪيتري ڪٽ پٽ ۽ ڪل ڪل لهي پوي. ڏٺو ويو آهي استري ئي دشمن ٿي ٿئي استريءَ جي. هر رشتي ناتي ۾ جي پيار ۽ پنهنجائپ رکي ته سڀ سکي ٿي پون!

○ ○ ○

(١١) گهڻا پئسا هجن، بنگلو هجي يا موٽر هجي پوءِ سکي ٿبو. اهو خيال بلڪل غلط آهي.
پئسو ۽ پدارٿ ٻاهريون سهوليتون ڏيئي سگهن ٿا. پر من جي شانتي نٿا ڏيئي سگهن.

○ ○ ○

(١٢) گيتا ۾ شري ڪرشن ڀڳوان يوگ جو ذڪر ڪيو آهي. پنهنجا ڪرم پوري ايمانداريءَ سان ڪرڻ اُهو آهي يوگ. پرالبڌ انوسار هرجيو جا ڪم نشڪت ٿيل آهي اُهي جي جيو ڪيا ته يوگ ڪيو.

○ ○ ○

ڊسمبر

(١) هيڪڙائيءَ جي هوڪي ۾ ۽ وحدت جي ملڪ ۾
نہ ’تون‘ رهي نہ ’مان‘ رهي.

○ ○ ○

(٢) ٻئي جي ڪم تي نقطچيني ڪرڻ کان بهتر آهي
تہ پاڻ اُن کان سٺو ڪم ڪري ڏيکارجي.

○ ○ ○

(٣) آدرشن جا گل شرڌا روپي بهار ۾ ٽِڙن ٿا. وشواس
اُمنگہ روپي گلن لاءِ پاڻي مثل آهي.

○ ○ ○

(٤) وشواس پنهنجي آزمودن مان ئي پيدا ٿيندو آهي.
انسان بہ آزمودا پرائيندي عمل ۽ خيال جا لوڏا کائي
پڪو ٿيندو آهي.

○ ○ ○

(٥) هاءِ عورت! تنهنجي ڪرم کهاڻي. ڪيڏي ڀاڳہ ڊوڙ
تي ڪرين حقن لاءِ Reservation لاءِ. سڀ اجايو آهي ڪاغذن
تي حق لکيا ويندا. عمل ڪرڻ وارا تہ مرد آهن نہ
اُهي توکي اُڀرڻ ئي ڪونہ ڏيندا.
اسانجي ٿيح جي قيمت چڪائي نہ سگهندا. اُنهن مان
جا تو وٽي سگهجي؟

○ ○ ○

(٦) آدرش رکڻ سولا آهن. ٻين سان اُن جي باري ۾
واد وواد ڪرڻ بہ آسان آهي. اُنهن تي هلڻ مڪڻ جي
شيخ پچائڻي آهي. قدم قدم تي پاڻ کي سنڀالڻو آهي.

○ ○ ○

(١٨) خيال ئي ٻنڌن آهي -خيال ئي موڪش آهي. جي خيال جهان پاسي آهي تہ ٻنڌن آهي جي سائين پاسي آهي تہ موڪش آهي.

'اول پيبري پيہ، سڄل بند خيالات جا.'

○ ○ ○

(١٩) ڪاڏي ٿي ڪوهيار ڪاڏي ٿو هٿ ڪٽين؟

اڙي موڙهل! سائين تہ تنهنجي اندر ۾ آهي.

ڪيڏانهن پيو پتڪين؟

'سائين نيڻ نهار تو ۾ ديرو دوست جو.'

○ ○ ○

(٢٠) 'اڇا روشني ڏي. اڇا روشني ڏي،

اڇا تائين دنيا اسانجي انڌاري،

اڇا روشني ڏي. اڇا روشني ڏي.'

(نارائڻ شيام)

روشني -اندرين روشني.

جنهن سان روح روشن ٿئي نہ رڳو منهنجو جيون پر ٻين لاءِ بہ روشن منار ٿيان.

○ ○ ○

(٢١) دان اُهو آهي جو جيڪا شيءِ اسانکي وڻندي هجي اُها دان ۾ ڏيون ساب پنهنجي مانيءَ مان هڪ اڌ ماني ڏيون. بڇيل ڏنيوسين تہ ڇا ٿيو. اُهو تہ اسان پنهنجو بڇيل ڪاڏو سڄايو ڪيو.

○ ○ ○

(٢٢) ڳالهائڻ کان ٻڌڻ بهتر آهي. جيڪو ٻڌي ٿو. اُهو گيان پائي ٿو.

○ ○ ○

(۱۳) 'ليڊي ڏسي لي پر هوت مڙيوئي هڪڙو'
هوت آهي پاسي تو -پيارو لڳي تو -آئي پيارو لڳي تو جڏهن انيوءِ اوستا ۾ آهيون -پوءِ دنيا جي ليڊائي گم ٿيو وڃي.

○ ○ ○

(۱۴) پنڊت نهروءَ جو جنم ڏينهن ۱۴ نومبر ٻارن جو ڏينهن ڪري ملهائيندا آهن.

چاچاجيءَ جو ٻہ ٻارن سان ڏاڍو پريم هوندو هو. اُنهن سان وهندو هو ڏاڍي راحت محسوس ڪندو هو. ٻارن جو ورتاءُ ڏاڍو سرل سڀاجهو ۽ ول ڇل ڪان پري آهي.

○ ○ ○

(۱۵) ٻني ٻنائي بن رهي.
اب ڪڇ ٻنِني ناهِ،
تلسي ائسا جانڪي،
مگن رهو من ماهِ.

○ ○ ○

(۱٦) زندگي هئہ چار دن ڪي،
اُس ڪو ڪام ۾ لڳادو،
اُس ڪو رام ۾ لڳادو،
اُس ڪو نام ۾ لڳادو،

○ ○ ○

(۱۷) مائهن جي ڇٺہ ڇٺہ من ڪي ڪڏهن منجهائيندي آهي.
اندران آواز ايندو آهي.
دنيا ڪي وجھ ڪوھ ۾، تون رھ پنهنجي روح ۾، ڏس نہ روح ۾ ڪيڏي راحت آهي، شانتي آهي، اُنجو اُنيو ڪر.

○ ○ ○

(۲۸) ڳائڻ سان هري نٿو ملي
نچڻ سان هري نٿو ملي
هري ملي ٿو مستيءَ سان.
مستيءَ ۾ ميرا ڳايو ۽ نچيو! هي هري! اهڙي مستي ڏي- اهڙو پريم ڏي.

○ ○ ○

(۲۹) رام نام کي ڀڄن بن، جيءَ کي جلن نہ جاءِ،
ڪيتي جڳہ ۾ ڀڄ مئي، ڪر ڪر بهت اُپاءِ.

○ ○ ○

(۳۰) تنهنجو سچو سجڻ تنهنجو سڄاڳہ من آهي. من جي سڄاڳيءَ سان ئي ڄاڻي سگهندين نہ مان ڇا پيو سوچيان ۽ اُهو غلط آهي يا صحيح.

○ ○ ○

(۳۱) مالڪ کي پنهنجو منتر بڻاءِ،
سواس کي پنهنجو گيت بڻاءِ،
اهي ئي جيئڻ لاءِ گهڻا آهن، پوشڻ آهن.

○ ○ ○

(٢٣) ٻين کي سڌارڻ جي سڌ ڪرڻ کان پاڻ کي سڌا
پنهنجا اوڳڻ ڏسي اُنهن کي تڙي ڪڍڻ جي يتن ڪر

○ ○ ○

(٢٤) ڀوڳيم نہ ڀڳتم
ويم ايو ڀڳتم

اسين جڏهن دنيوي سکہ ماڻيندا آهيون. ڏاڍو خوش ٿيندا
آهيون پر اهو ڪونہ سمجهندا آهيون. تہ سکہ ڪونہ ٿا
ڀوڳيون پر اسين پيا ڀوڳجندا وڃون. خلاص ٿيندا وڃون.
وشيہ اتي ئي پيا آهن.

○ ○ ○

(٢٥) جيون آهي ڇا؟

يا ايندڙ جي اون رهندي يا گذريل وقت جون ڳالهيون
ڳڻيون ٿا يا حال- هلندڙ وقت جي ڳڻتين ۾ پورا آهيون.

○ ○ ○

(٢٦) سنڌي ٻوليءَ جي هيٺي حالت ڏسي ڏاڍو ڏکہ ٿ
ٿئي. ڳوڙها ڳڙي ٿا اچن. ڇا اسان پنهنجي ٻوليءَ جي
حالت ڪئي آهي؟ اڄ ٻار بہ ڳالهائڻ کان پيا ڪيٻائين
ان ۾ اسان مائٽن جو ڏوهہ ڪونهي؟ پڇون پاڻ کان

○ ○ ○

(٢٧) ’گرهست ۾ جو رهي اُداس
ڪهت ڪبير هئن تاڪو داس.‘

گرهست ۾ رهي جيڪو پنهنجا فرض بہ ايمانداريءَ سا
نباهي ۽ پراُپڪار جا ڪم بہ ڪري نام بہ جپي. ڪبي
صاحب چون ٿا تہ مان اُنجو داس آهيان.

○ ○ ○

(١) پريما ڀڳتي!

شري ولڀ آچاريہ جي ڳالھ ڪندا آھن تہ ھو شري ڪرشن
ڀڳوان جو اننيہ ڀڳت ھو. بندرابن ۾ رھندو ھو. بانڪي بھاريءَ
جو درشن روز ڪرڻ ويندو ھو. ھڪ ڏينھن پنھنجي ڪيترن
شيوڪن سان جيئن ھو درشن ڪرڻ وڃي رھيو ھو. ڀيڙ ڏاڍي
ھئي. سندس سيوڪ ڪن ڳوالن کي ڀري ڀري چوندي شري
ولڀ آچاريہ کي اڳيان ڪندا پيا وڃن. پر ھڪڙو ڳوال ڀري
ٿي نہ ٿئي گھٽوئي اُن کي سمجھايائون تہ ھي شري ڪرشن
ڀڳوان جو اننيہ ڀڳت آھي سڄو ڏينھن رات اُن جو ئي سمرن
ڪندو رھندو آھي. تون ٿورو ڀري ٿيءُ تہ ھي بانڪي بھاريءَ
جو درشن ڪري سگھي پر ڳوال پنھنجي جاءِ تان نہ چري،
نہ پريو، چيائين تہ جي ھي اننيہ ڀڳت آھي تہ مان فنينيہ
ڀڳت آھيان.

تاٻرج اِھو آھي تہ اھڙي طرح ڳوپن ۽ ڳوپين جي پريم
جي ڪا سيما ئي ڪونہ ھئي. سنسار جو آڌار اوناشي تہ اوناشي
جو پريم برجواسي.

(٢) ڀڳت بڪشو!

جين ڌرم جا بہ وڏا وڏا ڀڳت ٿيا آھن. ھڪ بڪشو نالي
ڀڳت ھو. جپ تپ ۾ مگن رھندو ھو. ڪيترائي سندس شيوڪ
ھئا. شيوڪ ڪيترا بہ ھجن پر حاسد ۽ نندڪ بہ اھڙن ڀڳتن
جا گھڻا ٿيندا آھن. ھر ڪنھن ڀڳت اھي ڳلا جا ڳھانگھا
پنھنجي ڳلي ۾ ٻڌي ڇڏيا آھن. ڪبير صاحب جو ھڪڙو شبد
گرو گرنٿ صاحب ۾ آھي.

'نندءُ نندءُ موڪئہ لوڳو نِندَءُ،
نندا جَنَ ڪَئہ ڪري پياري

٣٦٥ ڎینهن

هي جو ڪيس ڏين دنيا جي ئي خبر نہ آهي تڏهن بہ ڀڳوان
ڪرشن ڀڳت جي هن گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. جڏهن ڀڳت پنڊليڪ
جي گهر پهتو تہ ڇا ٿو ڏسي تہ ڀڳت صاحب جي هڪ گوڏي
تي سندس ماتا جو سر رکيو آهي ۽ ٻئي گوڏي تي پتا جو
هو رام نام جي ڌني هڻي رهيو هو. هو ننڊ ڪري رهيا
هئا. جيئن ئي ڀڳت جي ڪرشن ڀڳوان تي نظر پيئي تہ ڪيس
تي ڪا سرَ پيئي هئي اُن تي وهڻ جو اشارو ڪيائين، پر
ماڻ ماءُ ۽ پيءُ جو آرام نہ ڦٽي وڃي اُن ڪري اُٿيو ڪونہ.
ڀڳوان ڪرشن بہ يڪ ٽڪ پنهنجي ڀڳت ڏانهن نهاريندو رهيو
اُتيئي بيٺو رهيو. تڏهن مهاراشٽر ۾ مٿس نالو پئجي ويٺلا
ويٺلا .... ويٺلا!
پيارا ماڄها ويٺلا پئجي ويو آهي.
جئہ جئہ پانڊورنگا.
ماڄها ويٺلا.

(۴) ڪروڌ ڪرڻ نہ ڇڏج!

هڪ تپسوي سالن جا سال تپسيا ڪندو رهيو. نت نيم سان
وڃا پاٺ ورت نيم يوگہ سماڌي لڳائيندو رهيو تہ بہ هن محسوس
ڪيو تہ منهنجو ڪروڌ وڃي ٿو ڏينهون ڏينهن وڌندو. هونئن
چوندا آهن گياني کي گيان جو اهنڪار ٿيندو آهي ۽ تپسوي
تي تپسيا بہ ڪروڌ کي وڌائيندي آهي. ڀڳتي جي نماڻائيءَ
اُن ڪندو سادڪ ۽ پڪار ڪندو ايندو پريم سان پريوءَ کي
اُنجو من نرمل ٿيندو ويندو.
تپسوي خيال ڪيو تہ رمن مهرشي جو هن وقت پورڻ پدوي
رو آهي اُن سان وڃي حال ڪريان. رمن مهرشيءَ وٽ آيو
ڪيس پنهنجي ڪروڌ جي باري ۾ ٻڌائيندو رهيو ۽ ڪانئس
ور ڪري اُنکي ڪيئن ڇڏيان اُنجو اُپاءُ پڇڻ لڳو. چوندا
ن رمن مهرشي تمام گهٽ ڳالهائيندو هو. ٻڌي ٻڌي تپسويءَ

نندا باپ، نندا مهتاري.'
ڪبير صاحب جن چون ٿا. اي لوڪو! منهنجي نندا ڪ
نندا منهنجو پتا آهي-نندا ئي منهنجي ماتا آهي.
اُهائي مونکي صاف سٿرو ڪندي!
بکشو پڳت جا بہ ڪيترا نندڪ نندا ڪرڻ
ڊونگي-چالباز-لوڪن کي برغلائڻ وارو اهڙا ڪيترا ئي گفتا سند
جي باري ۾ چوندا رهيا. شيوڪ ٻڌي نہ سگهيا اچي پ
بکشوءَ سان ڳالھ ڪيائون.
بکشوءَ مشڪي ڏنو ۽ کين سمجهايائين.
'لوڪ تہ ڪجھ بہ چوندا. اسانجو جپ تپ سپ ايشور
پائڻ لاءِ ۽ پنهنجي ورتي ٺاهڻ لاءِ آهي، جيڪا ورتي
تپ مان نہ ٺهندي آهي اُها لوڪن جي ڳلا سان ٺهي وين
آهي ان جو فڪر ڪرڻ اجايو آهي.

(٣) پڳت پندليڪ!

پڳت پندليڪ جي ڳالھ ڪندا آهن تہ ننڍي هوندي ت
شرارتي ٻار هو ۽ جڏهن جوان ٿيو تہ بہ پنهنجي مؤج مس
۽ عيش عشرت ۾ پورو هو. ڪنهن تي سمجهيو تہ پورب
جو سندس ڪو ڪرم ڪلندو ۽ سندس وويڪ جاڳي پوندو ۽
سان لِنوَ لڳي ويندس.
ياڳہ کلي تہ دير ئي ڪونهي!
اهڙي پڳتي ڪيائين جو جتي ڪٿي کيس رام ئي
پئي نظر آيو. گهر ۾ آيو تہ ماءُ ۾ بہ رام پسيائين تہ
۾ بہ رام. اُنهن جي دل وجان سان شيوا ڪندو رهيو. سن
شيوا جي ساک نہ صرف هن دنيا ۾ تي پر ديوتائن جي
۾ بہ ٿي. ڀڳوان ڪرشن پريکشا وٺڻ جو فيصلو ڪيو. نارد
۾ ئي ڀڳوان کي ٻڌايو هو ماءُ پيءُ جي شيوا ۾ اهڙو

جيڪي ڏيڻو هوءِ سوئي ڏج. مان ماڻهن وٽان ڪير پڇي سگهان
تو. خون توروئي پيئندس. اهڙو هو. شري راج چندر.

(٦) اهنسا جو پوڄاري!

مهاتما گانڌيءَ ڪنهن وقت راج چندر کان پڇيو ته جي
انگ اچي اسان اڳيان بيهي ۽ اسان کي ڏنگڻ تي هجي ته
ان وقت نانگ کي مارجي يا ڇڏي ڏجي؟

تڏهن راج چندر نه ڪُهه جواب ڏنو. اهنسا جو پوڄاري تي
و اهو سوال پڇين. يڪدم ڇڏي ڏيڻ گهرجي. هو ڏنگ ئي
ڏهن هڻندو جڏهن اسانجو موت اُن جي هٿان لکيل هوندو.

(٧) پتورتا استري!

هڪڙي ڳوٺ ۾ زال مڙس رهندا هئا. هو دال روٽيءَ وارا
ئا. مڙس جيڪي ڪمائي ايندو هو زال ڪفايت ۽ سنجم سان
ھر جو خرچ هلائيندي هئي. هوءَ پتيءَ جي شيوا دل سان
ڪندي هئي. هڪ ڏينهن جيئن پتي ڪم تان ٿڪجي گهر
يو. اچڻ سان پنهنجي استريءَ کي چيائين اڄ ڏاڍو ٿڪل
هيان مونکي جلد هڪ پاڻيءَ جو گلاس آڻي ڏي ته پيئان،
ءِ اُتي تو رسوئي ڪاوان. استري ته سندس آڳيا انوسار پاڻيءَ
و گلاس پرڻ ويئي ۽ جڏهن پاڻي پري آئي ته ڇا تي ڏسي
ندس پتيءَ کي ته اُتي آهلندي ننڊ اچي ويئي آهي. پتيءَ
ي ننڊ مان ڪونه اُٿاريائين، سمجهائين ڪلاڪ اڌ ڪانپوءِ پاڻيهي
سو ورائيندو ۽ ضرور جاڳندو پوءِ مان ڪيس پاڻي ڏينديس.
مڙس اڄ اهڙو ٿڪل هو جو ڪيس جاڳ ئي ڪونه ٿي ۽
صبح جو ئي جاڳيو. ڇا ٿو ڏسي؟ ته سندس استري پاڻيءَ
و گلاس جهليو بيني آهي. وائڙو ٿي ويو. پڇڻ تي ٻڌايائين

كي چيائين ڪروڙ اصل نه ڇڏجانءِ.
هو وائڙو ٿي ويو-ورائي پڇيائين ڇا چيُوَ؟
'ڪروڙ ڪرڻ نه ڇڏجانءِ؟؟'
اهو پلا ڪيئن ٿيندو. منهنجو من ڪيئن شانت ٿيندو.
تڏهن رمن مهرشي منهن تي اڻ لکي مشڪ آڻي چيو.
'تو سمجهيو ڪونه-ڪروڙ ضرور ڪجانءِ-پر پنهنجي ڪ
تي ڪروڙ ڪجانءِ. ڇو تو اڇي ڪروڙ؟ پنهنجي اُن ور
جي تياڳ لاءِ ڪروڙ ڪجانءِ'!
تڏهن ٽپسوي اهو جواب ٻڌي چپ ٿي ويو!

(۵) مهاراشٽرا جو گرو راج چندر!

هي گرهستي هو. ڌنڌو ڪندو هو، جواهرات جو. پر بل
سچو سندس خيال ساڌن جهڙا ان ڪري هن ڪي سڀ مڃ
هئا. مهاتما گانڌي به هنجي ويراڳ ورتيءَ ۽ گيان جي گ
ڏانهن مائل هو.

هڪ پيري جي ڳالهه ڪندا آهن ته پاڻ جنهن ڪي جواه
وڪٽيائين پر وٺڻ واري سڀ پئسا ڪونه ڏنا هئا ۽ ان
زيورن جو اگهه وڌي ويو. ۵۰ هزار رُپين جو فرق ٿي پيو.
وارو واپاري اچي ڏنو. سمجهيائين هاڻي ته مونکي ۵۰
وڌيڪ پيري ڏيڻا پوندا سو پيو راج چندر کان لڪندو هو. تڏ
شري راج چندر کيس گهرائي چيو. 'ڀائي صاحب! ڳالهه ڪ
آهي؟ جو هيئن ڪندين پاسا پيو ڳولين.' تڏهن اُن وننڌڙ واپا
چيو اگهه ويو آهي وڌي. مون وٽ ته ايترا پئسا به ڪو
ان ڪري حال مال نه ڪٽي سگهندس.

يڪدم راج چندر چيو ڪٽي اچ دستاويز. اُهو پنو جنهن
مون رقم لکي آهي. ٻئي ڏينهن هو ڏڪندو ڏڪندو آيو
اچي راج چندر کي ڏنائين. ۽ هن اُهو وٺي ڦاڙي ڇڏيو، چيو

ڦٽ لعنت پڏٽي پيئي تہ هلي آهين هن پتورتا جي جتيءَ
ر پير پائڻ. پتي جي شيوا، گهر جي شيوا، تپسيا سمان آهن.
جيسين اندر چاھ نہ آهي تہ راھ ڪٿان ملندي!

(٨) گرونانڪ ۽ هنس!

گرونانڪ رمتو جوڳي بڻجي ڀالي مرداني کي ساڻ وٺي ايڪو
ونڪار ستنام جو نام جپيندا ۽ جپائيندا ويندا هئا. هننجو
ن تہ اُن ڪرتار سان ئي لڳل هو. جتي ڪٿي هو اُن واهگروءَ
ي جوت پسندا هئا. هڪ ڏينهن ڪنهن جهنگہ مان ٿي لنگهيا
ہ ڏٺائون هنسن جو جهنڊ پڇندو پيو وڃي. هنسن جي عادت
هي جتي ويندا ميڙ ٺاهي ويندا. هنسن جو ميڙاڪو ڏسي بابي
انڪ جو من گد گد ٿي ويو ۽ اُن خوشيءَ ۾ هو هنسن جي
نيان ڊوڙڻ لڳا. مرداني جو گرونانڪ کي ڊوڙندو ڏٺو تہ پنيان
نيان ويو ۽ کين چوندو پيو وڃي تہ هنسن تائين پهچڻ محال
هي پر گرونانڪ نہ رُڪيو پر هنس روڪجي ويا جن کي محسوس
يو تہ بابو نانڪ پاڻ پرم هنس آهي. سو روڪجي، بيهي،
بس سجدو ڪيائون. مردانو اُهو نظارو ڏسي دنگہ رهجي ويو
پاڻ بابي جي چرنن تي اچي نميو، تڏهن بابي نانڪ کيس
ايو تہ هنس آهن سنت اُنهن جو سنگہ ڪڏهن نہ ڇڏجي.
دائين اُنهن جي نزديڪ رهجي تہ اُنهن جي شڀ ويچارن
ون لهرون اسان تائين پهچنديون آهن.

(٩) ڪبير ۽ گنگا جو ڪنارو!

ڪبير پڳت ڪاشيءَ ۾ رهندو هو. روز گنگا جي گهاٽ تي
ان ڪرڻ ويندو هو. روز وانگر اڄ بہ هو صبح سوير ويو پر
يتري دير تائين موٽيو ئي ڪونہ. سندن ششن کي خيال ٿي
. هڪڙو شش ڳوليندو ڳوليندو اُن گهاٽ تي آيو جتي ڪبير

تہ اوھان پاڻي گھريو پر مان جيئن ئي پاڻي کڻي آيس
توھانکي گھري ننڊ اچي ويئي ھئي. مون سوچيو ضرور ڪج
وقت کانپوءِ جاڳندا ۽ ائين انتظار ڪندي رات گذري ويئ
آھي مونکي خبر بہ نہ پيئي آھي. مان ڪيئن ٿي توھانج
آرام ۾ خلل وجھي سگھان. پتي ويچارو پيو چوي تو ھي
ڪيو؟ ڪلاڪ اڌ ڏسي سمھي پوين ھا پر ھوءَ پتورتا استر
ھئي سو اھا ڳالھ ھن کي ڪونہ آئڙي.

ڳوٺ ھو ننڍو. چوڌاري ڳالھ ڦھلجي ويئي اُن شيواڌار
استريءَ جي. راجا جي ڪن تي بہ ڳالھ پيئي. اُن ٻنھي ک
گھرايو ۽ اُن استريءَ کي انعام اقرار ڏيئي روانو ڪيو.

اُن استري جي ھڪ ساھيڙي ھئي. اُن جو ٻڌو سو پنھنج
سکيءَ کي واڌايون ڏيئي سچو حال احوال وٺي آئي.

گھر اچي دل ۾ سوچيائين تہ منھنجي ساھيڙي اھڙي کھڙ
وڏي ڳالھ ڪئي آھي! ائين تہ مان بہ ٿي ڪري سگھان. م
بہ ائين ڪري راجا وٽان سوکڙيون ۽ انعام حاصل ڪنديس
سو سچو قصو مڙس کي سمجھائي ڇڏيائين تہ تون اڄ ڪ
تان جيئن ئي واپس اچين تہ اچي پاڻي گھرجانءِ ۽ مان جيئ
ئي پاڻي کڻي اچان تيئن تون سمھي پئج. صبح جو اُٿجا
۽ مان سڄي رات پاڻيءَ جو ڪٽورو کڻي بيٺي ھونديس.

ربس ٿي بہ ڪڏھن ڪجھ ٿيو آھي. دل جي ڀاونا س
ئي ڪجھ ڪري سگھبو آھي ۽ اُن جو ڪنھن مھل قدر ٿ
ويندو آھي.

ھنجو پتي بہ ڪم تان آيو. پر ھن کي پاڻيءَ جي گھ
ئي ڪونہ ھئي سو پاڻ تہ ڪونہ گھريائين پر استريءَ چي
پاڻي گھرو نہ؟ جيئن تيئن ڪري پاڻي گھريائين پر جڏھ
کڻي آئي تہ ھو جاڳيو پئي ۽ جيئن ڪٽورو ڏيندي کيس چيائي
توھين سمھي ننڊ ڪريو. مان ھتي بيٺي ھوندس پر ھن پائ
کي بہ ٽڪ ھجي تہ ننڊ اچي نہ. سارو قصو اِتي ئي ڦس
پيو. کيس انعام اقرار تہ ڪونہ مليا پيو ئي پاڙي وارن ح

نہ چوندي آهي. چوندي ’اکين سچا‘. ڪڏهن نہ چوندي ٻيڙي ٻڌيئي. چوندي ’ٻيڙي سائي ٿئيئي‘. سو ماتا يشودا بہ ڪرشن کي ماري يا سزا ڏيئي پاڻ پيئي دکي ٿيندي هئي. وري جڏهن نٽ کٽ جون ٻال ليلائون ڏسندي هئي تہ وري وري پيئي سندس معصوم چهري ڏانهن نهاريندي هئي. جيئن جيئن ڪرشن جي من جا ڀاوَ ڦرندا هئا تيئن تيئن ماءُ جي منهن تي بہ ڪڏهن مشڪ تہ ڪڏهن حيرانيءَ جو ڀاوُ نمايان هوندو هو.

اوچتو ڪرشن تو پڇي ماتا يشودا کان
’آما ور ور ڪري منهنجي منهن ۾ ڇا ٿي ڏسين؟
ڪڏهن مشڪين ٿي، ڪڏهن عجب ٿي ڪائين؟؟‘

ماءُ ڪهڙو جواب ڏئي.

کلي ڏنائين. چيائين ’تون نہ سمجهندين. ماءُ جي ممتا جي توکي ڪهڙي خبر مست!‘

(۱۱) مهاوير ۽ ڪيتي!

سنت مهاوير جينين جو وڏو سنت ٿي گذريو آهي. ڀارت ۾ ڪيترن شهرن ۾ مهاوير جا وڏا وڏا مندر آهن. هو سچو سنت هو. سنياسي رهي جيون گذاريائين. سنياسي کي ڪو گهر گهاٽ تہ هوندو ڪونهي. ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو هڪ گهر مان ڀڪي ملندو اتس سو کائيندو آهي.

اسانجي شاسترن ۾ چار آشرم ٻڌايا ويا آهن. برهمچريہ، گرهست، وان پرست ۽ سنياس! پر اهي چارئي آشرم گرهست آشرم تي پلجندا آهن. سنياسي بہ گرهستيءَ جي گهر مان ڀڪشا وٺندو آهي.

هڪ ڏينهن سنت مهاوير ڪنهن ڪسان جي گهر مڌوڪريءَ ۾ ويو. ڪسان وينو هو گهر ۾. تنهن جو سنياسيءَ کي ڏٺو

يڳت وينو هو ۽ يڪ ٽڪ نديءَ جي پاڻيءَ ۾ نهارڻ ۾ اهو
نہ مڪو هو جو ڪيس ڪا سمڪ نہ پيئي تہ ڪو سندس شش
اچي سندس پرسان بينو آهي ۽ شش بہ سوچيو، ڪيئن سندس
ڌيان ۾ وگهن وجهي، ڪا مهل بينو رهيو. آخر بيهي بيهي
تڪجي پيو. آهستي سان يڳت کي چيائين تہ گنگا تہ
جهڙي آهي. اڄ ايترو ايڪاگرتا سان ڇا پيا ڏسو؟

تڏهن ڪبير يڳت ڪنڌ ورايو ۽ پنهنجي شش کي اتي ڏسي
عجب ۾ پئجي ويو. تڏهن شش پڇيو گنگا جي پاڻيءَ ۾ ڪهڙي
خاص ڳالھ هئي جو توهان ڌيان سان ڏسي رهيا هئا؟ ڪبير
مشڪي چيو تہ پوتر گنگا جو تہ هميشھ انڀؤ هوندو آهي
اڄ خاص اهو ٽيو جو اُن پوتر پاڻيءَ ۾ مڇيون-پٿر-ٻيا ننڍا
ننڍا جيت صاف ڏسي اهوئي ويچار اچي ويو تہ جي انسان
جو من بہ جي اهڙو سرل ۽ نرمل هجي تہ پنهنجي من جي
سنڪلپن وڪلپن جي جيڪر سڀ خبر پوي ۽ ڇا سانڍڻ يوڳ
آهي ۽ ڇا ڇڏڻ يوڳہ آهي سا جيڪر سڀ ڄاڻ پوي ۽ پر
اسين جيڪر اشڀ سنڪلپ اندر سانڍيون ئي نہ! پنهنجو من
خراب ئي نہ ڪريون. پوءِ سائينءَ جو اسٿان پوتر ٿي پوي
۽ اچي پاڻ براجمان ٿئي.

من ائسو نرمل ڀئيو، جئسي گنگا نير،
ڦر پيڇي هري ڦري ڪهت ڪبير ڪبير!

(١٠) ماتا يشودا ۽ ڪرشن!

ماتا يشودا ڪرشن کي ڏاڍي ناز سان پاليندي هئي. هو
جي هر ادا ڏسي پيئي خوش ٿيندي هئي. گوپين جون سوٽ
دانهون ٻڌندي هئي. ڪڏهن سزا ڏيندي هئس تہ ڪڏهن پيئي
مشڪندي هئي. هڪ ڏينهن تہ ڪنهن سکيءَ جي دانهن تي
آکڙيءَ سان ٻڌي ڇڏيائينس. ماءُ جي ممتا جو انت ڪونهي
ٻڌائين بہ پاڻ، تہ ڳوڙها بہ پاڻ پيئي ڳاڙي. ماءُ ٻار کي ان

ملبو آهي اسان   تہ ڪڏهن ڳالهائيندڙ ڪتو نہ ڏٺو نہ ٻڌو.'
آخر هڪڙي ڇڙي نوجوان کان پڇيو تون هيءُ ڪتو وڪڻندين؟
نوجوان جواب ڏنو توهين ڇئو ڇا پيا. هي منهنجو دوست آهي
مان ڪيئن هنکي وڪڻندس؟ هڪ هڪ گراهڪ هنکي لالچ
ڏيئي ڪتي وٺڻ لاءِ آتو تيندو تي ويو. آخر جڏهن هڪ ڇڙي
٢٥ هزار رپيا ڏيڻا ڪيا تہ نوجوان لالچ ۾ اچي ويو. سوچڻ
ڳو تہ آهيان هونئن بہ بي روزگار. ٢٥ هزار ملندا تہ ڪو
ندو وڏو ڌنڌو شروع ڪري سگهندس. سو آخر اُن سان ڪتي
جو سؤدو ڪيائين ۽ گراهڪ بہ ڪتو وٺي هلندو پئي ويو تہ
ستي تي ڪتي روئي کيس چيو تہ 'ڏٺم انسانن جي بيوفائي
ائي جي لوڀ ۾ منهنجي دوستي ۽ وفاداري بہ نوجوان وساري
ڏي.' هي اکر ٻڌي وٽ بس هن ڪانپوءِ، منهنجو ڳالهائڻ
نند ۽ سچ پچ تنهن ڪانپوءِ ڪتي وري نہ ڳالهايو.

(١٣) گدام مسواڙ تي!

هڪ واپاريءَ وٽ بہ ٽي گدام هئا مال رکڻ لاءِ. هڪ بہ
ڻ ڪم ۾ آندائين باقي هڪڙو گدام مسواڙ تي ڏيئي ڇڏيائين.
سواڙ هن کي وقت سر ملندي رهندي هئي. ڪجھ سال گذريا
گورنمينٽ جا قاعدا ڦرڻ جون خبرون ٻڌائين تہ جيڪو جنهن
ڳهہ ۾ ويٺو آهي اُن کي ئي اُها جاءِ ڏيڻي پوندي، خالي
ي ڪرائي سگهجي. دل ۾ سوچيائين جيستائين قاعدو پاس
ي تيسين پنهنجو گدام تہ خالي ڪرائي وٺان. سو ويو مسواڙيءَ
ٽ کيس عرض ڪيائين تہ ادا! پٽ اچي ساماڻو آهي مونکي
دام پنهنجي لاءِ کپي سو مهرباني ڪري مهني جي اندر
الي ڪري ڏي. مسواڙي سمجهي ويو تہ اِها قاعدي جي رد
ل تي اچي تڏهن تو مونکان گدام خالي ڪرائي. کيس چيائين.
نهنجو گدام آهي ڪٿي؟ هي تہ سڀ منهنجو سامان آهي.

چيائينس ’رڳو پيا بڪشا پنو. ڪيتي ڪريون اسين ۽ اَنُ ڏيو
توهانکي.‘

مهاوير جي ماٺ رهيو.

وري ڪسان پڇيو. ’ڇا توکي ڪو کيت ڪونهي؟ هر جو
تو ڪيڙين؟؟ محنت ڇو نٿو ڪرين؟؟؟‘

مهاوير تڏهن بہ ڌيرج سان بڌي رهيو هو ۽ آهستي چيائين
’مونکي بہ ڪيتي آهي. مان بہ هر ڪاهيندو آهيان.‘

ڪسان عجب ۾ پئجي ويو. چيائين ڪهڙو آهي تنهنج
کيت؟ مهاوير چيو منهنجو کيت منهنجو انتهڪرڻ آهي. وويڪ
آهي منهنجو هر.

ڏڳا آهن - ويراڳہ ۽ اهنسا - ٻج آهي گيان ۽ ڌيان - پاڻي
ڏيندو آهيان پريم جو - سچو ڏينهن هر ڪيڙيندو رهندو آهيان
- ’ٻچا! ان ۾ بہ محنت ڪرڻي پوندي آهي.‘

(١٢) ڳالهائيندڙ ڪتو!

ڪتي کي وفادار جانور مڃيو ويندو آهي. هو انسان جو دوسد
بہ ٿيندو آهي ۽ گهر جي رکوالي بہ ڪندو آهي. هنجي سنگهڻ
جي شڪتي اهڙي تيز ٿيندي آهي جو پوليس وارا بہ ڏوهين
کي پڪڙڻ لاءِ پاليندا آهن. پنهنجي مالڪ کي سڃاڻڻ ج
ڏانوُ تہ ڪير هنن کان سکي!

هن نوجوان بہ هڪ ڪتو پاليو هو. ٻنهي جو هڪ ٻئي سان
ڏاڍو پيار هو. هن ڪتي جي خاصيت اها هئي جو هو انسان
وانگر ڳالهائيندو بہ هو ۽ نوجوان سان دوستن وانگر ڳالهيو
ٻولهيون ڪندو هو. هڪ ڏينهن هو هڪ هوٽل ۾ ڪجھ کائ
لاءِ ويا. ٽيبل تي ويهي ٻئي کائي بہ رهيا هئا تہ هڪ ٻئ
سان کلي ڳالهائي بہ رهيا هئا. هوٽل ۾ ٻيا بہ ڪيترا گراهڪ
وينا هئا. هو ڪتي کي ڳالهائيندو ڏسي ڏاڍو حيران ٿيا
ڪتي جي مالڪ کان پيا پڇن تہ ’ههڙو ڪتو توکي ڪٿا

مان تہ انھن کان بہ وڌيڪ تيرٿ ڪري چڪو آھيان. تنھنڪري
پنڌرپور جي پچر چڏ ھل تہ انترپور ھلون. ھن ھرديہ روپي
گھر ۾ سڀ تيرٿ آھن. ٻاھر وڃڻ جي ضرورت ئي ڪونہ آھي.
’انتر ڪي پٽ کول توڪي پيوُ ملينگي.‘
اندر جا پردا کولٹا آھن. اندر ٿبي ڏيٺي آھي.
’من ھي ملڪ ملير، ڪاڏي وڃون سڀ وطن ٿيو سي!‘

(١٥) جيترو ڪري اوترو ئي چوي!

سنت تڪارام وٽ ھڪ جڳياسو آيو. ڪجھ وقت روح رھاڻ
ڪندي سنت کان پڇيائين. ’ساڌوءَ جا لڇڻ ڪھڙا ٿيندا آھن؟‘
تڪارام خيال ڪيو کائنس پڇان، ڏسان پاڻ ڇا ٿو چوي!
سو جڳياسوءَ کان پڇيائين- ’پھرين تون ٻڌاءِ تون ڇا ٿو
سمجھين تہ ساڌوءَ جا ڪھڙا لڇڻ ھئڻ گھرجن؟‘
ھن يڪدم چيو تہ ’ساڌو اھو جيڪي چوي سو ڪري!‘ سنت
تڪارام چيو اھو نيڪ آھي جيڪو تو ٻڌايو مان تورو اُن ۾
ورو وڌيڪ ڳنڍيان ٿو تہ ’جيترو ڪري اوترو چوي‘
آھي بہ نيڪ، وڏيون ڳالھيون ڪجن ۽ ڪرڻي ھجي ئي
تہ ساڃھو ڪھڙي ڪم جو!

(١٦) ڦوڪ نہ ڇڏجي!

سنت تہ پيا گھمندا آھن جھنگلن ۽ ٻنن ۾. جتي ڦل ڦول ملندا اتن
ي وري پنڌ پوندا آھن. ھي سنت جھنگل مان پئي ويو تہ ڏسي تہ نانگ
ڦوڪون ڏئي. جيڪو پيو لنگھي سو ڊپ ۾ ڀڄيو وڃي. ويجھو ئي نہ اچي
ماڻھن کي آزمودو آھي تہ ھي نانگ ڪنھن بہ وقت ڏنگ ھڻندي ويرم
نہ ڪندو آھي. نہ ننڍو ڏسي نہ وڏو نہ ٻار نہ ٻڍو. سنت کي ڏسي بہ
نہ کيس ڏنگڻ ٿي آيو تہ نانگن جي ٻوليءَ ۾ سنت چيس ’آبا! ڪنھن

ڪا ٽڪري بہ تنهنجي گدام جي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ڇا؟'
واپاريءَ بہ ڏٺو تہ گدام تہ سچو مال سان سٽيو پيو آه
ڇوي ڇا؟ سمجھ ۾ ڪونہ آيس. ويو پنهنجي دوست وڪ
وٽ، وڃي سارو حال ٻڌايائين ۽ چيائينس هلاءِ ڪا وڪال
مونکي منهنجو گدام خالي ڪرائي ڏي. ٻئي ڏينهن واپا
۽ وڪيل ٻئي آيا مسواڙيءَ وٽ. وڪيل سمجھايس تو تہ گد
مسواڙ تي ورتو آهي سو جڏهن مالڪ کي پنهنجي لاءِ ڪ
تہ توکي خالي ڪري ڏيڻو آهي. مسواڙيءَ وري ساڳي ڳا
دهرائي. گدام آهي ڪٿي هي تہ سڀ منهنجو مال پيو آه
تنهن تي وڪيل نڪا ڪئي هم نڪا تم-ماڻهن کي گهرا
سڀ سامان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪرڻ لاءِ چيائين، سامان نڪ
تہ گدام خالي ٿي ويو ۽ مالڪ کي واپس مليو.
اِهو تہ آهي درشٽانت! سڏانت آهي تہ اسان بہ من رو
گدام اندرين کي، اِڇائن کي-سنڪلپن کي مسواڙ تي ڏ
ڇڏيو آهي. ڪڻ ڀنگر سڪہ روپي مسواڙ پيئي ملي ۽ اسين
تي خوش ٿي مالڪ کي وساري ٿا وهون. پوءِ ڏکہ اچن ڪند
پياري جو وڇوڙو ملي ٿو. سڄاڳہ ٿيون ٿا. هي ڇا؟ مون ڪ
کي ڪين مالڪ اچي ٿو 'ڪر گدام خالي اڃا ڪيترو وي
۾ وهندين؟' تڏهن اُن جي مهر سان جي گدام خالي ڪي
ٿا تہ سچي سڪہ کي پايون ٿا.

(١٤) انترپور هلون!

هڪ گروءَ وٽ هڪ شش آيو. تنهن گروءَ کي وينتي ڪ
تہ 'سائين! انهڻ تيرٿ ٿيندا آهن. مان ستهڻ تيرٿ ڪ
آيو آهيان. باقي هڪڙو پنڌرپور جو تيرٿ رهيل آهي. اُهو
توهان سان گڏ تو ڪرڻ چاهيان. منهنجي اِها وينتي ق
ڪيو.'
گرو مشڪي وينو ۽ چيائين ٻچا! سڀ تيرٿ اندر ئي آ

جوتشي ته، هن جي حالت ڏسي سمجهي ويو ته، هيءُ آهي غريب ڏيندو ته ڪجھ ڪونه پر قياس اچي ويس. سندس هٿ ڏسي چيائين ته 'پائي! توکي ته راهو جو گرهه خراب آهي. سو تو توکي پتڪائي توکي اُن کي شانت ڪرائڻ لاءِ گرهن جي پوڄا ڪرائڻي پوندي. اُن ۾ گهٽ ۾ گهٽ تي سؤ رپيا خرچ ايندو. مونکي پئسا ڏي ته پوڄا شروع ڪريان.' غريب چيو ٣ سؤ رپيا هجن ها ته تو وٽ ڇو اچان ها. جوتشي چيو ڀلا سؤ رُپيا ئي ڏي. غريب چيو ته سؤ به مون وٽ ڪونهن. جوتشي گهٽائيندي گهٽائيندي آخر پنجين روپئي تي آيو. غريب چيو پنج رپيا ڇا مونکي ته پنج پئسا به ڪونهن. تڏهن جوتشيءَ چيو 'اَبا! وڃ. وڃ! تنهنجو ته راهوگرهه به ڪجھ بگاڙي نه سگهندو. تو وٽ آهيئي ڪجھ ڪونه ته راهو گرهه جي ڪري تنهنجو ويندو وري ڇا؟'

(١٨) ڏهه موڪليائين هڪ پهتو!

هڪ سنت جو آشرم هڪ شهر ۾ اڳم ئي هو. ٿورن سالن ڪانپوءِ پريمين جي اِڇا ڏيکارڻ تي هردوار ۾ آشرم ٺهرائڻ شروع ڪرايائين. جيئن آشرم ٺهي تيار ٿيو ته هردوار مان پاپو آيس ته هتي آشرم ٺهي تيار ٿيو آهي. هلائڻ لاءِ اتان ڪو پنهنجو ماڻهو موڪليو.

سنت ڏهه ماڻهو ڏياري موڪليا.

شش کي شنڪا ٿي ته مون ته ٻڌو ته هڪ ئي ماڻهو موڪلڻو هي. پر سنت الائي ڏهه ڪهڙي خيال سان موڪليا آهن. پنهنجي شنڪا پرگهٽ ڪيائين پر سنت اُن وقت جواب ڪونه ڏنو.

جيئن ئي ڏهه روانا ٿيا. هڪ هڪ تي ڪنهن نه ڪنهن س ۾ ريجهندا ويا. ڪو پيو سوچي ته هڪ پيرو آشرم جي وابداري ڪٽبي ٻڌجي وڃبو. ٻيو پيو سوچي ڪير وڃي هيڏي ڪم ۾ پوي. آشرم سنڀالڻ ڪا سولي ڳالهه آهي ڇا؟ ٽيون پيو

ڪي حياتي ڏيئي نٿو سگھين تہ ونڻ جو بہ توکي ڪھڙو حق آهي؟ جن
ڏني آهي سو پاڻيهي وٺندو. اجايو ڇو پيو پنهنجا ڪرم بگاڙين. تون م
ڪري وڃي پنهنجي ٻرَ ۾ ويھ.' نانگہ جو ڪو پورب جو ڪرم اڇي ڪليو
ڪيس سنت جي ڳالھ سمجھ ۾ اچي ويئي. اُن ڏينھن ڪانپوءِ پنهنجي ٻرَ م
نڪرندو ئي ڪونہ هو ٿوري وقت لاءِ نڪري پنهنجو کاڌو هٿ ڪري اچي پنهن
ٻرَ ۾ وهندو هو. ماڻهن جو ڏٺو تہ نانگہ هاڻي سانت ٿي ويو آهي. نڪو ٿو ڦوڪ
ڏئي نڪو ڏنگہ ٿو هڻي تہ ڪين تماشو ٿي آيو. پيا ڪيس ستائيندا هئا. ٻار
پٿر پيا هڻندس. مٿان مٿي پيا وجھندس. نانگہ ڪجھي ئي ڪونہ ائين ٿورا م
گذري ويا وري ساڳئي سنت جو اُتان لنگھڻ ٿيو. دل ۾ خيال آيس نانگہ ڏ
ڪونہ ٿو اچي اُن جو حال احوال وٺندو وڃان. پريان ڏنائين نانگہ ٻرَ مان ڏي
وانگر نڪري پنهنجو کاڌو پئي ڳولهيو. سنت اڳيان وڌي آيس ڇيائينس 'خ
خبر! بيمار آهين ڇا؟ هيڙو ڪمزور ٿي ويو آهين.'

نانگہ چيو بيمار تہ ڪونہ آهيان پر توهانجي چوڻ مطابق هاڻي ڪنهن
ڏنگيان نٿو. نہ ڪنهنجي جيون سان ڪيليان ٿو تہ ٻار ٻچا، ننڍا و
اُنجو اجوڳہ فائدو وٺي مونکي پيا پٿر هڻن تنهنتي سنت چيس. 'ت
تہ ڪو ڳھيلو آهين. مون توکي چيو ڏنگہ نہ هڻ. پر مون توکي ائ
تہ ڪونہ چيو تہ ويھي ماڻهن جا پٿر پتر هڻڻ سھ. منهنجو مطلب
تہ ڏنگہ نہ ڪنهنکي پر پنهنجي بچاءَ لاءِ ڦوڪ تہ نہ ڇڏجي!'

(١٧) راهو گرهہ توکي ڇا ڪندو!

هڪڙو غريب نوڪريءَ لاءِ پريشان ٿيڪي رهيو هو. پري
ڏنائين هڪ جوتشي ويٺو آهي. سيني جي هٿن جون ريکائ
ڏسي ڪين سندن ڀاڳہ ٻڌائي رهيو آهي. خيال ڪيائين م
بہ ڇو نہ وڃي اُن کان پڇان تہ آخر منهنجي نصيب ۾
آهي؟ اهو سوچي جوتشيءَ جي اڳيان ويو. جڏهن ٻين جا ه
ڏسي پورا ڪيائين تڏهن هن پنهنجو هٿ وڌايو. ڪيس عر
ڪيائين 'مهاراج! منهنجو بہ هٿ ڏسي ٻڌايو تہ هست ر
ڇا ٿي چوي؟ ڪڏهن ڀاڳہ کلندو؟'

ويٺو آهي. شيوڪ شيوا ڪري رهيا آهن. ڪي ئي درشن ڪرڻ
لاءِ پيا اچن. ڪو لڏون کڻي اچي ڪو برفي. ڪو گلاب چمون
چوڌاري تالھ منا ين سان پرجي ويو. دل ۾ سوچڻ لڳو اسين
ڪيترو تا ڪيتن ۾ ڪم ڪريون تہ بہ اسانکي اهڙي قسم جا
ڪاڏا نٿا ملن. سنياسيءَ جي جيون تہ ڏاڍي سکميہ آهي. هي
نہ نہ مزدوري ڪن. نہ ڪيتن ۾ ڪم ڪن. سڀ ڪجھ ٺهيو
ڪيو پيو ملين. تورو پروچن ڪن ٿا. تورو نام جپائين ٿا.
ن ۾ ڪيترو سکہ هننکي ملي ٿو. اها جيون ئي سچي جيون
هي. ڏاڍو دل من هنيائين. آخر نشچو ڪري ورتائين تہ دنيا
ر هونئن بہ ڪهڙو سکہ رکيو آهي. مان بہ وڃان ٿو هن سنياسيءَ
جي شرن ۾ تہ مونکي بہ ڏيو گيڙوءَ رتا ڪپڙا. آخر ائين خيال
ڪري اڳيان وڌيو وڃي سنياسيءَ جي چرڻن تي ڪريو ۽ چوڻ
لڳو 'مان توهانجي شرن آهيان. مونکي بہ پاڻ جهڙو ڪري
پاڻ سان وٺي هلو.' سنياسيءَ گهڻوئي سمجهايس 'هيءَ تياڳہ
ويراڳہ جي وات ڏاڍي اٽانگي آهي. هڪ پيرو گيڙو ڪپڙا پاتئہ
بہ وري نہ اهي اچا ڪپڙا پائي سگهندين. نہ گهر رهندو نہ
ڀات. نہ مٽ نہ مائٽ. سڀ ڪان پري رهڻو پوندءِ! پر ڪسان
بہ سمجهي نہ سمجهيو. هن کي ڪاڏي جي رسن پئي ڇڪيو
ڪپڙن ۾ پئي چمتڪار سمجهيائين.'
سنياسي بہ سندس ارادو ڏسي کيس پاڻ سان شامل ڪيو.
سندس نالو هو هري تہ هري آنند ڪري ڇڏيائينس. پوءِ تہ
ڪنن ساڏنائن ۾ لڳائي ڇڏيائينس. پر جيڪي رسن ۾ ريجهيل
هنجو من ڪٿان ٿو لڳي چار سال رهيو. ڪاڏا ڪائي بہ اچي
ڪو. گيڙو ڪپڙا پائي بہ ٻڙ ٿيو. تڏهن سنياسيءَ کي وري
عرض ڪيائين تہ هاڻي مونکي ڇڏيو. 'مان تہ بکشائون ۽ گهور
پ نٿو ڪري سگهان.'
ويراڳہ يا تياڳہ ڪپڙن ۾ توروئي آهي. اُها تہ من جي ورتي
بدلائڻي آهي. من جو ماڻ ڇڏڻو آهي. من جي محنت لاءِ
ڪپڙا بدلائڻا آهن ۽ نہ گهر ڇڏڻو آهي.

سوچي شيوا بہ ڪنداسين ڪو خوش بہ ڪونہ ٿيندو. ٻيو ٺ
ڳالهيون پيدا ڪندا. دانهون پيا ڏيندا. اهڙي طرح نوَ ڄڻا ڪج
نہ ڪجھ سوچي اڌ رستي تان ٿهي ويا. باقي هڪڙو اُتي پهتو
جنهن وچي آشرم جي چارج ورتي.

اهڙو احوال ڪجھ ڏينهن کان پوءِ سنت وٽ آيو. اُهو شش
بہ اُتي وڃي پهتو هو. سنت جي دور درشٽي جو آزمودو مليس. پرمارٿ
جي راھ جي سَڏَ تہ گهڻائي ڪندا آهن. ڪو ڀڄڻ ڪرڻ
لڳندو آهي. ڪو شيوا ۾ تہ ڪو شاسترن جي ابياس ۾. پ
منزل تي پهچندو آهي تہ ڪروڙن ۾ ڪو هڪڙو!

(١٩) چيتنيہ مهاپريو!

چيتنيہ مهاپريوءَ جي ڀڳتي ادبت هئي. هن جو نالو بينگالي
چاهي ٻيا ڀڳت ڏاڍي شرڌا سان ڪڻندا آهن. هو هر وقت ايشو
ڀڳتيءَ ۾ لين رهندو هو. مستي اهڙي جو دين دنيا جي ڪ
خبر ئي نہ! ڀڳتن جون ٽوليون هن جي پنيان ڪيرتن ڪنديون
هلنديون هيون.

چيتنيہ مهاپريو ڪرشن جو پرم ڀڳت. سدائين ملڻ لاءِ ماندو
رات جو ننڊ بہ گهٽ ڪندو هو. پر ننڊ ۾ بہ پريوءَ کي ملڻ
جي پياس ۾ ڳوڙها ڳاڙيندو رهندو هو. صبح جو ٽي بجي جڏهن
اُٿندو هو تہ سندس شش سندس بسترو نپوڙيندا هئا ۽ اُن مان
پاڻي جهر جهر نڪرندو هو اِهي سندس ڳوڙها پياس جا آنسون
ڀڳتيءَ جا لڙڪ هئا. ائين اڄ بہ سندس پوئلڳہ مڃين ٿا.

(٢٠) من جو ماڻ چڏ!

هڪ ڪسان سڄو ڏينهن ڪم ڪري ٿڪو. هيڏانهن هوڏانه
ڦيرا پائڻ لڳو. ڏسي ڇا ٿو. ماڻهن جو ميڙاڪو. هڪڙو سنياس

مريد تيڻ آيو آهيان.

يڪدم شمس تبريز پڇيس ’چو يلا ايران ۾ ڪونہ مليئہ‘ چا ڪو مرشد؟‘ منهنجا نيم تہ ڏکيا اتيئي. مڃي سگهندين؟؟‘

چيائين ’هائو سائين!‘

پڇيائينس ’نماز پڙهندو آهين؟‘

جواب ڏنائين نماز بہ پڙهندو آهيان نفل بہ پڙهندو آهيان ۽ اڃا بہ جي وقت ملندو اٿم تہ خدا سان روح رهاڻ ڪندو آهيان.

شمس تبريز حڪم ڪيو تہ ’جي منهنجو مريد تيڻ تو چاهين تہ اڄ کان نماز بند.‘ روميءَ ڪڇيو ڪونہ. پر منجهي پيو. نمازون پڙهڻ جي عادت روزاني ڇڏڻ ڏکي تي لڳس. سوچڻ لڳو جي مرشد جي تو مڃيان تہ من تو منجهي ۽ پنهنجي تو هلان تہ ستگر (مرشد) سان تو ڪوڙو تيان سو گهڻي ويچار ڪانپوءِ آخر فيصلو ڪيائين تہ نماز جا بہ پاڱا تيندا آهن هڪڙو الله جو ۽ بيو محمد جو. سو محمد وارو حصو نٿو پڙهان، رڳو الله وارو حصو تو پڙهان. مرشد بہ راضي مان بہ راضي. سو الله وارو حصو پڙهي سمهي پيو تہ چا تو ڏسي. روشنيءَ جو شياع تيو اُن ۾ محمد پاڻ بيٺو هي سامهون، ڏورانهو پيو ڏئي تہ رومي! اهو چا ڪيئہ؟ مان تنهنجو وڪيل. خدا جي در تي تنهنجي سفارش ڪرڻ وارو ۽ تو منهنجو حصو پڙهڻ ڇڏي ڏنو.‘

رومي گهبرائجي ويو. ڊوڙندو ويو پنهنجي مرشد وٽ جنهن سان سارو حال ڪيائين. جنهن چيس مريد جو ڪم آهي مرشد جي چوڻ تي هلي. جي الله وارو حصو بہ نہ پڙهين ها تہ خدا پاڻ اچي ها تنهنجي اڳيان درشن ڏيڻ. وقت ويو تہ بخت ويو!

(٢٣) روئٽو تہ مونکي پوندو نہ!

هڪڙي حلوائيءَ جي دڪان تي هڪڙو مست ملنگ حلوائيءَ ڪلهي ۾ سمهيو پيو هو. سياري جي رات مست ڪي نہ گهر

’ستگر ڪي ست ٻوڏ تي گرڏر اُپجي شانت،‘
پاوين رهي وهنوار ۾، پاوين رهي ايڪانت!‘

(٢١) وردان!

راوڻ، ڪنڀڪرڻ ۽ وڀيشڻ ٽيئي جيتوڻيڪ دئيت هئا پر
ٻہ تپسيا ڪندا هئا. راوڻ جي لاءِ تہ چوندا آهن تہ چئن ويد
تي جيڪا ٽيڪا اُنجي لکيل آهي اهڙي اڄ تائين ڪنهن
لکي آهي.

هڪ ڀيري هنن ٽنهي شو مهراج جو تپ ڪري ور گهري
هڪڙو ئي اکر وردان ملين.
سونا - سونا - سونا.

راوڻ کي کپندو هو سون - اُن کي سون جي لنڪا ملي
جنهن ۾ راڄ ڪندو هو.

ڪنڀڪرڻ هو آلسي - سونا- اُن گهريو تہ سمهيو ئي پ
هجان. تنهنڪري اُنکي ڇهہ مهنا ننڊ ملي. ڇهہ مهنا جاڳ

وڀيشڻ جي ورتي ڀڳتيءَ ۾ هئي اُن سونا جو مطلب سمجه
- سو - نا. مان سمهان نہ جاڳندو رهان. مونکي اهڙو ڪو گ
ملي. رهبر ملي. سونهون ملي جو مان جي سمهان تہ مونک
جاڳائي. ڀڳتي ڪرائي! جيون سڦلو ڪرائي.
سندس مقصد، پورو ٿيو جڏهن کيس رام مليو.
’مليو رام - آيو آرام.

(٢٢) وقت ويو تہ ٻاخت ويو!

ايران جو شاعر مولانا جلال الدين رومي ڀڄائيندو ڀڄائي
شمس تبريز وٽ اچي نڪتو. ڇيائين مرشد جي ضرورت آه

آهيان جو پرپوءَ سان مليو پيو آهيان. جتي نہ وڇڙڻ آهي نہ ملڻ آهي. نہ روئڻو آهي نہ کلڻو آهي. مست رهڻو آهي.

’ڇڏکي دنيا والي مؤج تو هو جا فقير!‘

راجا بہ مست ملنگ جون ڳالهيون ٻڌي دنگ رهجي ويو!

(٢٤) راجا جو محل

راجا محل ٺهرايو. راجا جو محل ڏسڻ لاءِ ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو آيا. راجا بہ اُنهن لاءِ سڀ کاڌي پيتي جو بندوبست رکيو هو. هرڪو اچي محل ڏسي حيران ٿي وڃي ۽ راجا جي ساراهہ ڪري کاڌو کائي وڃي. ڪيترا ڏينهن اهو جشن هلندو رهيو. لڳہ ڀڳہ شهر جا سڀ ماڻهو آيا پر مکي ڪونہ آيو. راجا کي اُنجي واتان ساراهہ ٻڌڻ جي بہ خواهش هئي سو مکيءَ کي ماڻهو موڪلي گهرايائين. راجا جي حڪم تي مکيءَ کي اچڻو پيو راجا کيس سڄو پنهنجو محلات هيٺ مٿي سڀ ڏيکاريو. ور ور ڪري راجا پيو مکيءَ جي منهن ڏانهن نهاري تہ من ڪجهہ چوي پر مکيءَ ڪجهہ نہ چيو. ڏسندو رهيو. راجا جي پڇڻ تي بہ ڪجهہ چوڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. پر جڏهن وري پڇيائين تڏهن چيائين ’ٺيڪ آهي پر دروازو ڏاڍو ننڍو آهي. هميشه تہ رهڻو ڪونهي. نيٺ نہ هڪ ڏينهن مرندين. پوءِ ان دروازي مان نڪرندين ڪيئن؟ پنهنجو بدن بہ ڀاري آهي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪڍڻو پوندن.‘

راجا دنگ رهجي ويو. ساراهہ تہ ساراهہ جي ماڳہمرڳوئي وڏون ڪڍي پيو ٻڌائي. گهرايو ڀاڻ هئائين چوي بہ ڇا؟

انسان پنهنجي ساراهہ ٻڌڻ لاءِ ڪيترو آتو آهي!

(٢٥) زبان جا تير!

دڳہ تي گهر هوس، سڄو ڏينهن پيا ماڻهو لنگهندا هئا. ويستائين هن گهر جي سامهون نہ لنگهن تيسين سامهون واري

نہ ڳهاٽ، نہ سندس بدن تي گرم ڪپڙو. سيءَ ۾ ڏڪندو ڏڪند
اچي حلوائيءَ جي وڏي چلهي جي پاسي کان گرمائش حاص
ڪرڻ لاءِ سمهي پيو.

اڳي رات جو راجائون پنهنجي شهر جو واءُ سواءُ لهڻ ل
نڪرندا هئا. چمڙا پوش ڪري. جيئن ڪير ڪين سڃاڻي ن
سگهي. تہ هي ڪو راجا آهي. اُن رات راجا نڪتو شهر جي
خبر چار لهڻ تہ سندس نظر حلوائيءَ جي دڪان تي سمهيل
مست فقير تي پيئي. ڪيس ڏاڍو خيال ٿيو تہ هي ڇا؟ منهنجي
راڄ ۾ اڃا بہ اهڙا آهن جن کي پنهنجو گهر ڳهاٽ ڪونهي

فقير کي اُٿاري ڪائنس اتي سمهڻ جو سبب پڇيائين
ڪيس ائين بہ چيائين تہ مان توکي گهر وٺي ڏيڻ لاءِ تيار
آهيان. مست چيو 'مهرباني! گهر تہ توهان وٺي ڏيندا. گرم
ڪپڙا بہ وٺي ڏيندا. گهر بہ ٺاهي ڏيندا پر مان گهر ۾ اڪيل
رهندس ڇا؟

نہ ڀائي! 'توکي شادي بہ ڪرائيندا سين.'

مست ملنگ چيو. 'مونکي شادي تہ ڪرائيندا پر ڪمائيند
ڪير؟'

راجا چيو اسين توکي ڪنهن، نہ ڪنهن ڪم تي لڳائي
ڇڏينداسين.

فقير چيو شادي ڪبي تہ ٻار ٻچا بہ ٿيندا ۽ اُهي بيما
بہ ٿيندا. راجا چيو. اهو تہ سنسار جو نيم آهي تہ پنهنجي
گهر ٻار جو خيال تہ هر ڪنهن کي پاڻ رکڻو پوندو آهي

مست ملنگ چيو. ڪڏهن ڪو بيماريءَ ۾ ٻار سائينءَ کي
پيارو ٿي وڃي ۽ وڇوڙو ڏيئي وڃي تہ روئندو ڪير؟

راجا چيو: روئڻو تہ توکي ئي پوندو. پنهنجي اولاد لاءِ مائٽ
ئي روئندا اُنهن جي موهہ ۾. ٻئي کي ڪهڙو تاءُ ايندو؟

مست ملنگ چيو: 'ان ڪري ئي تہ مست ٿي گهمندو ت
وتان. سنسار ۾ ڪڏهن پيو روءُ. ڪڏهن پيو کل. ڪڏهن پ
ميلاپ ٿئي. ڪڏهن پيو وڇوڙو ٿئي. مان تہ اهڙي مستيءَ

ماڙي آئيگا- دانا ڊاليگا-جال بڇائيگا-پر هم نہ ڦسينگي'
ائين جي ڪي پڪڙڻ بہ چاهيندا هئا تہ هننجي اها ٻولي
ي پڇي ويندا هئا.
هڪڙي ڀيري ڪو ماڙي ٻئي شهر مان هتي آيو، طوطن
و شڪار ڪرڻ. ڏٺائين هي طوطا، مٿي وڻ تي چڙهي ويهي
ٺيو. ڪجھ داڻا طوطن ڏانهن اُڇلايائين. طوطن چوڻ شروع
ئيو.
'ماڙي آئيگا-دانا ڊاليگا-جال بڇائيگا-هم نہ ڦسينگي.'
ماڙي تورو گهٻرايو پر توري وقت ڪانپوءِ ڏٺائين تہ چون
پيا ۽ داڻا کائين بہ پيا. تڏهن سمجهي ويو تہ هنن بہ
و رٽي ڇڏيو آهي پر سمجھ ڪونہ اٿن سو وڇي داڻا وجهندو،
ستي آهستي ڄار وجهندو، طوطا بہ چوندا رهن ۽ کائيندا
ن ۽ ڦسجندا رهن، ماڙي سڀ طوطا ڦاسائي ورتا ۽ کڻي
هنجي شهر رمندو رهيو. مالڪ کي جڏهن خبر پيئي تہ هٿ
ٺندو رهجي ويو.
اهو تہ آهي درشٽانت، سڌانت آهي تہ اسين بہ پوٿيون
يون تہ گهٽيون ٿا پر سمجهڻ جو يتن نٿا ڪريون. پوٿيون
گرنٿ پڙهندا رهون ۽ مايا ۾ ڦاسندا رهون هڪ اکر پڙهجي.
سمجهجي. وري اُن تي هلڻ جو اڀياس ڪجي! تڏهن آ
له.

(٢٧) راجا ۽ چوڪيدار!

هڪڙو چوڪيدار راجا جي شيوا ڏاڍي دل سان ڪندو هو.
راجا لاءِ ايتري شرڌا رکندو هو جيئن راجا کي ڪنهن بہ
م جي تڪليف نہ ٿئي. هو هردم سندس حاضريءَ ۾ رهندو
. راجا بہ مٿس پرسن هو ڇڻ تہ ٻئي متر هئا، دوست هئا.
ڪڙي ڏينهن راجا ۽ چوڪيدار ٻئي شڪار ڪرڻ لاءِ ويا. شڪار
ڪونہ مليو. جهنگل ئي جهنگل، رستو ڀلجي پيا. گهڻوئي

ميدان ڏانهن وڃي نہ سگهن. گهر جو مالڪ اڇي تنگ ت
ڇپائين گهر جي ٻاهران جيڪي وڻ آهن سي ڪٽائي لوڙ
تو هٽائي ڇڏيان تہ ماڻهن جي اچ وڃ جي آزار ڪان تہ ڇٽان
سو پنهنجي استريءَ سان ڳالھ ڪيائين. اُن چيس 'نا
ايترو خرچ ۽ تڪليف ڇو ٿا ڪريو؟ توهين فڪرئي نہ ڪري
مونتي ڪم رکو تہ ٻن ڏينهن ۾ ماڻهن کي هتان لنگهڻ ئ
وسري ويندو.'

مڙس چيو 'اهو وري ڪيئن؟'

استريءَ چيو 'لوڙهي جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

مان لنگهڻ وارن کي زبان جا تير اهڙا هڻندس جو هتا
لنگهڻ ئي وسري ويندن. ٻہ ڏينهن بہ زباني تيرن جو ا
جهلي نہ سگهندا.'

سچ چيو اٿن. مني زبان سونو ڳهڻو. ڪوڙي زبان وِهُ جو و

(٢٦) ماڙي ۽ طوطا

ڪي ماڻهو طوطا پاليندا آهن. اُنهن کي منيون ٻوليون
سيکاريندا آهن. طوطي ۾ رٽڻ جي عادت آهي. جيڪي اسي
چونداسين اُهو ڇٽي ٻڌائيندو. اسين چونداسين رام. چون
رام. سيکاريس سيتارام. چوندو سيتارام.

هڪ ماڻهو بہ ڪي ئي طوطا پاليا هئا. پر هر وقت ڊپ رهن
هوس تہ متان ڪو ماڙي اچي. ڦاسائي ڪٽي نہ وڃي. ماڙي
هوشيار ٿيندا آهن. طوطن کي داڻن ۽ ميوي جي لالچ ڏيئي ڦاسائ
وٺي وڃي وڪڻندا آهن. هن ڇڱي ماڻهو اهو خيال ڪري طوط
کي ڏاڍي محنت سان سيکاري ڇڏيو هو.

'ماڙي آئيگا-دانا ڊاليگا. جال بڇائيگا، پر هم نہ ڦسينگي

جتي بہ ويندا هئا. خطرو ڏسندا هئا يا ڪو ان جا د
ڏيندو هون تہ ائين ئي چوندا هئا تہ

(٢٨) خانداني ريت ڪونهي!

بار ڳالهين جهڙن ۾ ڏاڍا هوشيار ٿيندا آهن. نتيجو ڪونہ
چي سگهندا آهن. پر اڪرن جو انرٿ ڪندا آهن.
هڪڙو بار روز سنيري اسڪول لاءِ نڪرندو هو. هڪ بہ ڏينهن
پوءِ ويندو ئي ڪونہ هو.
آخر هيڊ ماستر دانهن ڪئي.
پٽس کي فون ڪيو تہ 'توهانجو ڇوڪرو تہ اسڪول ۾ اچي
ونہ ٿو.'
پيءُ پٽ کي گهرائي پڇيو تہ ٻچا! اسڪول ڇو نہ ويندو
ين؟ هتان تہ روز سنيري نڪرندو آهين.
خبر آتو پٽ ڇا جواب ڏنو. چيائين تہ 'بابا! توهين ئي
چوندا آهيو تہ روز روز ساڳي جڳهہ تي وڃڻ اسانجي خانداني
ٽ ڪونهي.'
پٽس جواب ٻڌي دنگ رهجي ويو!
بار ڏسو ڪيئن تا مائٽن جو ڳالهيون ٻڌن ۽ جهٽين!

(٢٩) ماءُ ۽ ڌيءُ

هڪڙي ماءُ ڪشالن سان سٺو ور گهر ڳولهي گهٽو ڏاج ڏيوڻ
ي ڌيءُ کي شادي ڪرائي. نشچنت ٿي ويئي تہ ڇوڪري
ساهري گهر سکي ٿي.
ڪجهہ مهنا ئي ڪونہ گذريا تہ ٻئگہ لوڏيندي اچي ماءُ جي
نڪتي. روئي بہ پيئي ڳالهائي بہ پيئي. مان ساهرن سان
نہ رهنديس. ڇوڪري کي مونسان اڪيلو رهڻو ڪونهي.
اءُ جو مڇو آهي. مان هاڻي هتي ئي رهنديس.
ائس وائڙي ٿي ويئي تہ ڇوڪري ڇوي ڇاٽي؟

هيڏانهن هوڏانهن نهاريائون پر ڪا سئين راهه ڏسڻ ن
آين. رڳو وڻ ئي وڻ. سڀ وڻ سڪا سڙيا پيا هئا. ڪي
تازا هئا ته اُنهن ۾ ڦل ڪونه هئا. پٽڪندي پٽڪندي
به ڏاڍي لڳي هئن. آخر هڪ وڻ ۾ هڪ ڦل نظر آين
اُن وڻ کي سڃاتائون ۽ نه ڦل کي. بڪ ۾ اهڙا حيران
هئا جو سوچيائون ڦل ته آهي ته ضرور مٺو هوندو.
’بڪ بڇڙو ٽول داناءُ ديوانا ڪري‘
آخر راجا ڦل ڪنيو-اُنجا چار ٽڪرا ڪيا ۽ خيال ڪيا
مونکي ڏاڍي بڪ لڳي آهي. ٽي مان تو کڻان ۽ هڪ چوڪي
کي تو ڏيان. چوڪيدار کي چيائين مان توکي صرف هڪ
ٽڪرو ڏيندس. چوڪيدار سوچيو هو نيٺ راجا آهي مان لا
به هڪ ئي ٽڪر جي آهيان ۽ راجا کي عرض ڪيائين
مونکي منهنجي ڀاڱه جو ٽڪرو پهرين ڏيو. راجا ڪيس ڪ
هڪڙو کائي ٻيو گهريائين مهرباني ڪري ٻيو به ڏيو منهن
بڪ چڙي پيئي آهي. راجا ٻيو به ڏنس اهو به کاڏائين و
جڏهن ٽيون گهريائين تڏهن راجا دل ۾ ناراض ٿيو پر سند
شيوا ۽ شرڌا کي ياد ڪندي ٽيون ٽڪر به ڏنائينس پوءِ ب
چوٿون ٽڪرو تر ٽڪڙ ۾ پنهنجي وات ۾ وڌائين زهر ج
ڪوڙو لڳس ۽ ٿوُ ٿوُ ڪري ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏيائين. ۽ سمج
ويو ته چوڪيدار زوريءَ پئي مونکان ڦل جا ٽڪرا گهري
ته متان مونکي ڪا تڪليف نه ٿئي. تڏهن چوڪيدار کي چيا
’تو ٽي ٽڪر ڪيئن کاڌا؟ هن ۾ ته زهر آهي.‘
تڏهن چوڪيدار چيو. سدائين توهان وٽان سواد واريون ش
مليون اٿم ۽ اڄ هي توهين کائو اهو منهنجي من نه مڃ
ته منهنجو پيارو راجا-پرجا جو راجا-اُن کي ڪجهه ٿئي.
’پريم تنهنجا پار ڪهڙا ڇئي ڪهڙا چوان‘
پنهنجي پياري جي اڳيان سڀ ڪجهه ارپڻ ٽيل هوندو آ
اُنجو ذرو دکه-ذري تڪليف به گوارا نه ٿيندي آهي.
کي ڪشٽ ڏيئي به پياري جو ڀلو ڪبو آهي!

الهائي تو تہ سندس جي مٽي جي پنيان کو آسيس جو هٿ
هليو بيٺو آهي. فوٽوگرافر ڪئميرا کڻي اهڙا فوٽا ڪڍڻ لڳا.
وٽا تہ نڪتا پر پنيان اُهو هٿ ڪين نظر نہ آيو. سوامي وويڪانند
ي فوٽا ڏيکاريائون ۽ پنهنجي شنڪا پرگهٽ ڪيائون تہ اُهو الوڪڪ
ٿ تہ هن فوٽي ۾ نظر ڪونہ ٿو اچي. تڏهن سوامي وويڪانند
يو تہ هي ٻاهرين سائنس ان ادرشٽ هٿ کي ڪيئن فوٽي ۾
ي سگهندي؟ اهو مهر ڀريو هٿ. اهو الوڪڪ هٿ. اهو آسيس
و هٿ تہ منهنجي گرديو سوامي رام ڪرشن پرمهنس جو آهي.
و مونسان هر وقت گڏئي آهي پر توهانکي هنن ٻاهرين اکين
ن ڏسڻ ۾ نہ ايندو. اُنجو انڀؤ آهي. اُنجو آنند آهي. جو مان
ٽي سگهان ٿو!

(۳۲) گرونانڪ ۽ ڪوڙهيو!

هڪ سياري جي رات جو گرونانڪ ڪسور شهر ۾ گهمي
يا هئا. هڪ هڪ در کڙڪائيندا ويا ڪنهن بہ هننکي در
ڪوليو. ڪنهن بہ پنهنجي گهر ۾ ڪين اچڻ ڪونہ ڏنو ۽
جبور ٿي گرونانڪ کي هڪ ڪوڙهئي جي جهوپڙيءَ ۾ رات
انٽي پيئي. رات ڪاٽيائون. ٻئي ڏينهن اُن ڪوڙهئي کي
جي بخشيش ڪيائون ۽ هنکي ڪوڙه جي مرض کان آزاد
ري شفا بخشيائون. سقراط وانگر بابا نانڪ کي بہ گمراهہ
ندڙ گهٽ وڌ ڳالهائيندا رهندا هئا.

هي سنسار سڌارڪن جو قدر تمام دير سان ڪندو آهي.
ڪنهن مهاپرش کي دنيا تڪليفون ڏنيون آهن. ڪبير،
سور، ڪرائيسٽ، جنهن کي صليب تي چاڙهيائون. آريہ سماج
پايو وجهندڙ سوامي ديانند کي پڻ زهر ڏنو ويو. پر مهاپرش
نجو ڪم ڪندا رهندا آهن ۽ دکين جو ڀلو ڪندا رهندا
ن.

ٻڌو اٿم تہ سندس ساهرا بہ سٺا آهن پوءِ هيءُ وري
کي ڇا ٿيو؟

ڪيترا ڏينهن سمجهائيندي رهيس پر ڇوڪري نابري و
ويني. آخر هڪڙي ڏينهن ماءُ کي چيائين تہ ياد اٿيئي جڏ
مان ڇئين سالن جي هئس تہ تو بابا کي چيو تہ منه
هاڻي هتي تنهنجي ماءُ سان گذر نہ ٿيندو. اسين هلي
رهنداسين ۽ تڏهن ڪان تون جدا رهندي آهين ۽ مون بہ خ
ڪيو هو تہ مان بہ جڏهن وڏي ٿي شادي ڪنديس تہ
بہ ساهرن سان گڏ نہ رهنديس!

هاڻي ماءُ ڇا چوي؟ پنهنجي ڪئي جو نہ ويچ نہ طبي
سنسڪار ٻارن کي ماءُ پيءُ وٽان ئي ملن ٿا. اڻڄاڻا
۾ اُنهن جي من تي اُهي ڇپبا ٿا وڃن. جن ڪان مائٽ
خبر ٿا رهن.

(٣٠) ڀڳتي!

شنڪر آچاريہ سنسڪرت آچارين سان مليو جيڪي سڄو و
گرامر جوڙڻ جي چڪر ۾ هوندا هئا. آخر هڪڙي پنڊت
چيائين اهي ڪهڙيون گرامر جو ويڀڪتيون(Cases) پيو جوڙ
هڪڙي ڀڳتي سيني جو مول آهي. ڀڳتي آئي تہ ٻئي ڪ
وياڪرڻ جي ضرورت ئي نہ رهندي.

’ڀڄ گووندم-ڀڄ گووندم-گووندم ڀڄ موڙهہ مَتي‘

(٣١) سوامي وويڪانند

سوامي وويڪانند جڏهن شڪاگو ۾ پنهنجي گرو رام ڪ
پرمهنس جو سنديش ڦهلائڻ لاءِ ويو. اُتي جا ماڻهو هن جا پر
ڏي عجب ۾ پئجي ويا ۽ ڏسن پيا تہ جڏهن سوامي وويڪ

هو هڪ ٻئي جي سامهون ڪڙا هئا ۽ ٻنهي جي هٿ ۾ پنهنجي
نهنجي فوج جي جوابداري هئي. رستم کي سهراب جي ڄمڻ
ي ڪجهه وقت اڳ ئي گهر ڇڏڻو پيو هو جو پريشياجي راجا
ي حڪم انوسار هنڪي دنيا کي فتح ڪرڻ لاءِ وڃڻو پيو هو.
شيا جي فوج جو سيناپتي هو. وڃڻ وقت هن پنهنجي زال کي
ڪ تعويذ ٻار جي ساڄي ٻانهن تي ٻڌڻ لاءِ ڏنو، جيئن ڪنهن
وقت پنهنجي پٽ کي سڃاڻي سگهي. سهراب ننڍي عمر ۾
يونان جي فوج ۾ ڀرتي ٿيو ۽ پنهنجي قابليت ۽ بهادريءَ
ب جلد ئي سيناپتي بڻيو. جنگ جي ميدان تي جڏهن پيءُ
جو مقابلو ٿيو تہ ٻنهي کي هڪ ٻئي جي رشتي جي ڪابہ
ڻ ڪونہ هئي. پندرهن ڏينهن لڙائي ڪندا رهيا. رستم وڏي
جو تي ويو هو سو وڌيڪ لڙي نٿي سگهيو هن اهڙي ڪيڏ
ڏي جو سهراب ٿاٻڙجي زمين تي ڪري پيو.

اهو وجهه وٺي رستم جهٽ خنجر هن جي سيني ۾ هڻي
ڏيو. سهراب رڙ ڪري چيو. 'اڙي دوکيباز! منهنجو پيءُ
تم توکي ڪونہ ڇڏيندو. هو توکان هن چالبازيءَ جو ضرور
و وٺندو.'

سهراب جي ٻانهن ۾ پنهنجو ڏنل تعويذ ڏسي رستم وائڙو
ويو بيحد ڏکہ ۽ پيڙا سبب سندس منهن جو رنگ ئي
ويو ۽ هنجو سرير ڏکڻ لڳو. بيحال ٻڻجي هن سهراب
ياکر ۾ ڪٺي جڪڙيو ۽ هنجي پيشاني چمڻ لڳو. بيحد
مان پڪارڻ لڳو. منهنجا پٽ! منهنجا لعل. منهنجي جگر
ٽڪر. منهنجا ڏُلارا. هي خدا! مون هي ڇا ڪيو؟ رحم
رحم ڪر! منهنجا سائين! مونکي معافي ڏي. هن جا
ٽ توڙي دشمن زار زار روئڻ لڳا هن جي خنجر جيڪو
سهراب کي ڪيو هو سو تمام گهرو هو. رستم گهوڙي
ڏامندو پنهنجي بادشاه وٽ آيو ۽ اُها دوا گهريائين جيڪا
وٽ هئي. ڪهڙي بہ زخم لاءِ رام ٻاڻ هئي. بادشاه سهراب
هادريءَ جون ڳالهيون ئي وارتائون ٻڌي چڪو هو تنهنڪري
کي اُها دوا ڏيڻ کان انڪار ڪيو. رستم بادشاه کي

(٣٣) ڪرامت ڦهر جو گهر!

بابا اٽل، ڇهين پاتشاهي گرو هرگوبند سنگهه صاحب
پٽ هو. هو جڏهن ڏهن سالن جو هو تڏهن سندس هڪ
متر موهن گذاري ويو. اٽل پنهنجي دوست سان گڏجڻ سند
گهر ويو ته ڇا ڏسي ته سندس ماءُ ۽ ٻيا سڀ مٽ مائٽ رو
رهيا آهن. موهن جي ماءُ جيئن ئي اٽل کي ڏٺو ته پا
پائي اوڇنگارون ڏيئي روئي چيو ته 'اسانجو موهن ته اس
کي ڇڏي ويو. هاڻي ڪنهن سان راند ڪندين؟' تنهن
اٽل چيو. ائين ڪيئن ويندو؟ صرف ائين ئي بهانو ڪري سم
پيو آهي منهنجو ڪلهوڪو راند جو وارو وٺس رهيل آهي
مان ڪيس نه ڇڏيندس ۽ ائين چئي وٺي ٻنهي ٻانهن
ڇڪيائينس ته موهن يڪدم اکيون مهٽي اُٿي ويٺو ته ڪي
ٻاهر راند تي هلڻ لاءِ چيائين ۽ ڪيس پاڻ سان ٻاهر ر
لاءِ وٺي ويو ۽ پنهنجو وارو وصول ڪيائين. انهي ڪرشمي ڪا
موهن ڪي ئي سال جيئرو رهيو. جڏهن انهي ڳالهه جي، ڪرا
جي خبر گرو هرگوبند صاحبن کي پيئي تڏهن هنن ٻا
اٽل کي گهرائي چيو 'هيءُ تو جا ڪرامت ڏيکاري پنهن
دوست کي جيئدان ڏنو آهي انهيءَ جو حساب توکي يا مو
ڏيڻو پوندو. اسان ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي پنهنجي د
تياڳڻي پوندي. بابي اٽل پنهنجي غلطيءَ جو ڏنڊ پاڻ
ڪنيو. هڪدم ليٽي پيو ۽ پراڻ تياڳيائين.
ان ڪري ئي چوندا آهن. ڪرامت ڦهر جو گهر آهي!

(٣٤) رستم ۽ سهراب!

پرشيا جي رستم نالي پهلوان ۽ هن جي پٽ سهراب
آڪاڻي ٻڌائيندا آهن. اهي جيتوڻيڪ پيءُ پٽ هئا پر ا
ڪڏهن به هڪ ٻئي کي ڏٺو ڪونه هئائون. جنگ جي مي

مونکي ملندي. هرڪو پنڊت پنهنجي قسمت آزمائڻ لاءِ
و پر هرڪو منهن پيلو ڪري راجڪماريءَ جي محل مان
ڪرندو اچي. ڏاڍا شرمسار ٿيا. پنهنجي بي عزتي برداشت
پيا ڪري سگهن، آخر ڪن ڇا؟

سڀ پنڊت پاڻ ۾ مليا. سوچڻ لڳا ته هن راجڪماريءَ کي
ق سيکارڻ گهرجي ڪا اٽڪل ڪري ڪيس ڪنهن مها مورک
ن اٽڪائجي. لڳا مها مورک کي ڳولهڻ. آخر هڪڙي وڻ
ب پهتا. ڏٺائون هڪڙو ماڻهو جنهن ٽاريءَ تي ويٺو آهي اُن
ي ئي وڍي رهيو آهي. سمجهي ويا ته هيءُ مورک آهي.
ي اڳيان ويس. ڪيس آگاهه ڪيائون ته پائي اُهائي ٽاري
يئن تو ڪٽين جنهن تي ويٺو آهين ته به هن اُبتو جواب
و ته 'تنهن ۾ توهانجو ڇا وڃي؟ ڪرندس ته مان ڪرندس.'
گڏ به منهنجا پڇندا ۽ ائين وري ٽاري وڍڻ کي لڳي
. پنڊتن ڏٺو ته مها مورکن جا ٻئي اوگڻ هن ۾ آهن. هڪڙو
پنهنجي سمجهه ڪونه تو هلائي ٻيو ته ڪنهنجو چوڻ به
ٻڌي سو فيصلو ڪري ورتائون ته هيءُ آهي مورک ۽ هيءُ
راجڪماريءَ لاءِ ٺيڪ ٿيندو. وڏي اڳيان ويا. ڪيس چيائون
راجڪماريءَ سان شادي ڪندين؟ هنجون واڇون ٽڙي پييون
ائين ڪٿي آهي؟ ڏيکاريو. پنڊتن چيو ته اسانجو
شرط آهي ته جيڪي راجڪماري پڇندي اُنجو اشارن ۾
ب ڏيندين باقي اسين پاڻيهي سنڀاليندا سين.

مها مورک کي سنيرائي وٺي آيا راجڪماريءَ وٽ. جنهن
ٻڌايائون ته هي آهي وڏوان پر ڳالهائيندو نه آهي اشارن
جواب ڏيندو آهي. توهين ڀلي پڇي ڏسو!
اجڪماريءَ ڪنئي-هڪڙي ڏسٽي آڱر
ه مورک ڪنيون ٻه.
چ ۾ پنڊت پڇيو توهان چيو ايشور هڪ آهي
هي چوي ٿو ايشور سان گڏ مايا به آهي.
ي راجڪماري هٿ جون ڏهه ئي آڱريون ڪنيون ته مورک

ڏاڍيون منٿون ڪيون. هنجي پيرن تي ڪري پيو ۽ ڪيس ا
بہ چيائين تہ سهراب اهو ڪجھ ڪري ڏيکاريندو جيڪو
بہ نہ ڪري سگھيو آهيان ساري سنسار تي پرشيا جو جھ
جھولائيندو. پر بادشاھ تي ڪو اثر ڪونہ ٿيو جيسين ر
موٽي تنهن کان اڳ سهراب مري چڪو هو. پٽ کي مئل ڏ
رستم بيهوش ٿي ويو ان ڪانپوءِ اڳ وارو رستم ئي ڪين ر

ٿورو وقت اڳ بيئي هڪ ٻئي جي جار وٺڻ لاءِ تيار
۽ ائين پيءُ پٽ جي جان اٽڪائي ۾ وٺي بہ ڇڏي پر جڏ
ڄاتائين تہ هي منهنجو پٽ هو، روح راڙو ٿو ڪري.
کي ليلائي ٿو، بہ شخص ساڳيا. حالتون بہ ساڳيون. اُهي ڪ
بدليون آهن. مگر هينئر هن ۾ 'مان' ۽ منهنجي واري
ڄاڳي آهي. اِهو من ئي آهي جو ماڻهوءَ کي دوست يا دش
جي نظر سان ٿو ڏسي.

(٣٥) پرشارت!

راجا جي راجڪماري شادي لائق ٿي. راجا ڪيترن
راجڪمارن لاءِ راجڪماريءَ کان پڇيو پر راجڪماريءَ ان
ڪيو چيائين مان اُهو ور ڪنديس جيڪو مونسان هر ڪ
سوال جواب ۾ بحث مباحثو ڪري سگھندو. راجڪماري
ڏاڍي ودوان ۽ شاسترن جي اڀياسي. راجا سيني راجڪ
کي نوتو موڪليو تہ اچي راجڪماريءَ سان سوال جواب
جنهنجي جوابن مان راجڪماري راضي ٿيندي، اُن سان ش
ڪندي. ڪي ئي راجڪمار آيا پر راجڪماريءَ جي سوالن
جواب ڏيئي نہ سگھيا.

راجا کي چنتا وٺي ويئي تہ ڇا منهنجي ڌيءَ سڄي
ڪنواري رهندي ڇا؟ آخر سوچ ويچار ڪري پنڊتن کي آز
لاءِ تيار ٿيو. پنڊتن کي نينڊ پتر ويا. سڀ ڏاڍو خوش
ٿين. هرڪو پيو پاڻ کي ودوان سمجھي ۽ سوچي تہ اها راجڪ

ستن ڏينهن ۾ پنهنجو اُڌار ڪيئن ڪريان؟ پاپ ته مون
ڏو ڪيو آهي جو سماڌيءَ ۾ ويٺل رشيءَ جي ڳلي ۾ مئل
نانگ وجهي آيس. اُتي ته مت ڪونه آيس. پر گهر جڏهن
چي سونو مڪٽ لاٿائين جنهن ۾ ڪلجڳ ويٺل هو. ته سڀ
مجھ ۾ اچي ويس ۽ ڏاڍو وياڪل ٿيو. تڏهن سڪديو جي
يس گنگا جي ڪناري تي ست ڏينهن ڀاڳونت جي ڪٿا ٻڌائڻ
۽ تيار ٿيو ۽ راجا پريڪشت کي دلاسو ڏنائين ته جي تون
يان سان ويهي ٻڌندين ته توکي تڪشڪ نانگ جو ڏپ ئي نه رهندو.
سڪديو جي جيئن ئي راجا پريڪشت کي ڪٿا ٻڌائي رهيو
و. سڀ ديوتائون هن وٽ آيا ۽ کيس عرض ڪيائون ته اسين
هانکي سڀ ڪجھ ڏينداسين. اسان کي ڪٿا جو دان ڏيو
سڪديو جي ناڪار ڪئي. ڪين چيائين توهانجي ورتي سرڳ
ي سگهن ۾ لڳل آهي. توهان تي اها ڪٿا اثر نه ڪندي.
ڪاري ئي هن جو لاڀ وٺي سگهندو.

٣٧) شيواجيءَ جو گروُ سوامي رامداس!

سوامي رامداس شواجيءَ جو گرو هو. ڌرم گرو به هو. راڄ
و به هو. شواجي جي گروءَ ۾ اٽوٽ شرڌا هئي. ۽ سندس
رامداس جي هنومان ۾ تمام گهڻي شرڌا هئي. هو هنومان
اوتار ڪري مڃيندا هئا. هر وقت اُنجي ڌيان ۾ رهندا
. درشن ڪندا رهندا هئا. سوامي رامداس روز ڪيرتن ۽
ا به ڪندا هئا ۽ گهڻيئي شش ۽ ٻي سنگت به ايندي هئي.
کي به ائين لڳندو هو ته سوامي رامداس شري هنومان
پرم ڀڳت آهي پاڻ نه روز درشن ڪندا تا رهن. ڪڏهن
سنگت کي به درشن ڪرائين اهڙي التجا ڪن شش ڪئي.
ڏهن سوامي رامداس شري هنومان کي عرض ڪيو ته 'بابا!
نجي سنگت کي به پنهنجو درشن ڪرايو نه ته سنگت مونکي
و چئي، الزام لڳائيندي، هنومان شرط رکيو ته جي شڌ

ڏهن کي ڳول مول ڪري هڪڙو ٺونشو ڏيکاريو.

پنڊت چيو: راجڪماري! توهين ڇئو تا ڏهه اندريون آ
پنج ڪرم اندريون. پنج گيان اندريون. هي ڇوي تو ته اُنه
هلائڻ وارو من آهي.

اهڙي نموني ڪيترائي سوال جواب ٿيا.

راجڪماري راضي ٿي ۽ شادي ٿي ويئي.

راجڪماري ڏاڍي خوش هئي ته مونکي ودوان پتي
آهي.

آخر اها ڇپ به ڪيستائين هلندي.

راجڪماري ڪجهه پڇيس تنهن جو جواب ڏيئي وڌا

'اُٺ! اُٺ! اُٺ!' هنجو چوڻ ۽ راجڪماريءَ جا ڪپاٽ
ويا ته مونسان دوکو ٿيو آهي هيءُ ته وڏو مورک آهي سو ڪ
ڌڪا ڏيئي بي عزتي ڪري ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين جيئن
مورک محل مان ٻاهر نڪتو ته ڏاڍي شرمساري ٿيس ۽
پهه پڇايائين ته هاڻي ڇا به ٿي پوي. مان به وديا پرائي
ٿيندس ۽ پوءِ اهائي راجڪماري پاڻ مونکي وٺڻ ايندي. ڏي
رات محنت ڪري پرشارٿ ڪري، اڀياس ڪري. ايتري
حاصل ڪيائين، ايترو انيؤ پراپت ڪيائين جو ڪوي ڪاليد
ٿي پيو. جنهن 'شڪنتلا' ۽ 'ميگهه دوت' جهڙا مهاڪاويه
جيڪي سڄي دنيا ۾ مشهور آهن! ۽ پوءِ اُها راجڪماري
پنهنجو محل ڇڏي ڪاليداس سان رهڻ لڳي!

سچ آهي. لڳن هجي. سچي دل سان پرشارٿ ڪجي
انسان سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو.

(٣٦) اڌڪاري لاڀ وٺي سگهندو!

راجا پريڪشت کي جڏهن سراپ مليو ته توکي ستين ڏ
تڪشڪ نانگ ڏنگيندو ته ڏاڍو وياڪل ٿيو هو ۽ سوچڻ لڳ

جي تہ ڪير ڳالھ بہ نٿو ڪري. ان جو سبب ڪھڙو؟ اُن
تما جي ڪتيا راجا جي محل جي پرسان هئي. راجا جنڪ
دربار ۾ هر وقت ستسنگہ ۽ ستسنگہ جي مھما هلندي
ندي هئي. مھاتما بہ هڪ ڏينھن راجا جنڪ کي پرکڻ
ستسنگہ ۾ ويو. اُتي تياڳہ جو پرسنگہ هلي رهيو هو. اچانڪ
کر ڊوڙندا آيا ڇو جو مھاتمائن جي ڪتيائن کان باھ وچڙندي
محلات تائين پهتي هئي. جيئن تہ اُن وقت ستسنگہ
رهيو هو سو راجا اشاري سان نؤڪرن کي ٻاهر وڃڻ لاءِ
تہ وڃي باھ وسايو پر راجا ڪونہ اُٿيو. وري نؤڪر ڊوڙندا
تہ 'سائين باھ ڏاڍي وڌي ويئي آهي سڄو محلات تہ جلي
آهي پر ڇهريون نمبر ڪتيا تہ سڄي جلي ويئي آهي.'
ن بہ راجا ڪونہ اُٿيو پر ڇهرئين نمبر ڪتيا جو نالو ٻڌي
تما اُتي هلڻ لڳو ڇو جو پاڻ اُن ڪتيا ۾ رهندو هو. راجا
ـہ اُٿيو پر مھاتما کي سڏ ڪري چيائين تہ مھاتما ويھي
تہ ٻڌايانءِ تہ تو ۾ ۽ مون ۾ ڪھڙو فرق آهي. تو پاڻ
ستسنگہ ۾ تياڳہ جو پرسنگہ هلي رهيو هو ۽ تنھنجي ڪتيا
وندو ڪر منڊل ۽ لنگوٽي تنھن لاءِ بہ تون هلندڙ ستسنگہ
اُتي رهيو آهين ۽ منھنجي لاءِ تہ سرونس پيو جلي تہ
تسنگہ مان اُٿڻ جو خيال ڪونہ آيو. جنھن ڏنو آهي، اُهو
بہ سگھي ٿو. منھنجي پاٽي آنند آهي. بس! اهوئي تفاوت
مھاتما اهو ٻڌي سمجھي ويو تہ برابر راجا جنڪ ڏن
ڏن آهي.

(٣٩) "مان - مان"

ڪ ڪوهري، روز ڪوهرن جو ٿالھ ڪٽي گنگا ڪناري اچي
دو هو. پر سڀ ڪم ٽڪڙو ٽڪڙو ڪندو هو. ٽڪڙو ايندو
ويندو. نہ ڪنھن سان ڳالھائيندو نہ ڪنھن کان حال
وٺندو. نہ گنگا ۾ سنان ۽ نہ ڪنھن ساڌو سنت کي نمسڪار

ڪٿا ڪندين تہ مان پرگهٽ ٿيندس ۽ سوامي رامداس بہ ڳه
ڪري ڇڏي تہ اڄ جي ڪٿا ۾ شري هنومان پرگهٽ ٿي
اهو ٻڌي سڀ پريمي اچي پلٽيا. پر ڪٿا ۾ ڪنهنجو بہ
ڪونہ هو. هرڪو پيو هيڏانهن هوڏانهن نهاري تہ ڪڏهن
ن ۾ به ڪڏهن ڪونه آيو آهي. وڌيڪ چيائين ته اجايا سوال
ڇڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ اسين روز، هر منٽ ساھ
ڻون تا ڪڏهن پاڻ کان پڇيو اٿئون ته ساھ ڇو تا کڻون؟

(٩٣) واد وواد نه ڪريون!

سنت کان ڪنهن پڇيو سائين! ڪرپا ڪري ٻڌايو ته سپ
ںکان پري ڇو تا ڀڄن؟
سنت چيس ته مان توکي سچ چوندس ته توکي ڪاوڙ لڳندي
ي شخص چيو ته توهين ڀلي جيڪي چوڻ چاهيو تا اُهو چئي
و. جي مونکي ڪاوڙ آئي ته روڪي وٺندس.
سنت چيو ته تون هرهڪ ڳالھ کي ٻڌيءَ ۾ تکي توري
د وواد تو ڪرين. بحث ڇيڙي تو وهين. اهوئي سبب آهي
ي سپ توکان پري تا ڀڄن.
آهي به سچي ڳالھ بحث ڪرڻ، ترڪ ڪترڪ ڪري اسين
رائي تا وهون. يا مترتا تان هٿ کڻبو يا بحث مباحثو
ڻبو ٻنهي مان هڪ ڳالھ ته ٿيڻي ئي آهي.

(٩٤) پنهنجي خيال وارا

حضرت عزرائيل مرشدن کي وٺڻ آيا. هو ته پنهنجي ڌن
مست وينا هئا. اُنهنجي رڳ ۾ اُن رب جي رباب جي
نڪار هئي. سوچڻ لڳا ته ساھ ڪٿان کڻون. پيرن کان وٺي
ي تائين جاچي ويا پر هرهنڌ هر نس نس ۾ نام پئي وسيو.
ي آيا رب سان صلاح ڪرڻ رب صلاح ڏني ته مرشد کان
وڃي پڇيو هو ته مرضيءَ جا مالڪ آهن. هو پنهنجي خيال

ڪي ڏاڍو خيال ٿيو پر پٽ جي شاديءَ جو جشن ڏسڻ
چاهيائون سو ڪيس ١٣ سال جي عمر ۾ شادي ڪرائي ڇڏ
هڪ ٻه ٻار به ڄائس. پر من ۾ موت جو ڊپ لڳو رهيو
سڄو وقت وياڪل رهندو هو. سيني وٽ ويو ٽوٽڻ ڦيٽڻ و
وٽ تانترڪ وٽ به ويو پر ڪيس ڪنهن به موت کان بچ
جو دلاسو ڪونه ڏنو. تڏهن اوچتو هن کي هڪ سنت مليو تن
چيس ته مان تنهنجو موت جو ڊپ لاهي سگهان ٿو. هن
روز روز سمجهائيندو رهيو ته جيستائين موت اچي تيستائ
رام جو ڀڄن ڪندو رهه. من مان موت جو ڌيان ڪڍي ڇ
ڌيان مان به موت جو ڌيان ڪڍي ڇڏ. هن کي به ڳالهه سمج
۾ اچي ويئي. ستگر جي ڪرپا ۽ ايشور جي ڪرپا سان
جي ڌيان مان موت جو خيال ئي نڪري ويو. رام سمرن
لڳو رهندو هو. ڪوبه وقت اجايو نه وڃائيندو هو. پوءِ هو چو
عمر رهيو يعني ٧٦ سال ۽ وڏو سنت ٿي پيو. ۽ پنهنجي آزمو
مان سيني کي سمجهائيندو رهندو هو ته ڊرپوڪ نه ٿيڻ گهرج
همٿ رکي ايشور ۾ اٽل وشواس رکي. نام جپيندو رهج
’هاٿ دي راکي اپني ڪو، ساس ساس پرتپاليءَ‘

(٩١) مسڪراهٽ!

مهاتما گانڌي ۽ رويندرناٿ ٺاڪر (ٽئگور) کي هڪ پي
ڪنهن ضروري ڪم سان ٻاهر وڃڻو هو. گانڌي جي ته
ٿي ويو پر رويندرناٿ کي چڱو وقت لڳي ويو. سو جڏهن
ٿي ٻاهر آيو ته مهاتما گانڌيءَ مرڪندي چيس ته ميڪ
ڪيئه چا؟ ڏاڍي دير لڳايئه. ٻئي کلي ويٺا.
اسانجي چهري جو ميڪ اپ آهي اسانجي مسڪراهٽ!

(٩٢) اجايا سوال

هڪ ڀيري شري چيتنيه مهاپرڀوءَ کان ڪنهن پڇيو ته تو

اُن سنت چيو مان توکي سولو رستو ٿو ٻڌايان. تون ئي ٻڌاءِ
گيتا ۾ گفتگو ڪنهنجي هئي. شري ڪرشن جي ۽ سندس
ست ارجن جي.
ياشا جو مهتوَ ڪنهن حد تائين آهي. هيءَ گيتا سمجهڻي
يئي تہ پوتر استان تي اچي پرارٿنا ڪريون ۽ شانت ۾ ويهون
س چئون. ’سمجھ ۾ نٿي اچي پر جي تنهنجي ڪرپا ٿيندي
سمجھ ۾ اچي ويندي.‘
جي ائين پڪاربو تہ پاڻيهي سمجھ کلندي ويندي.

(۹۷) ڀڳوان کي ڪيئن راضي ڪجي!

اڪثر اسين پنهنجون شنڪائون کڻي سنتن وٽ ويندا آهيون.
ڪڙو پريمي ايشور کي راضي ڪرڻ لاءِ مندر ۾ ويندو هو.
چا پاٺ ڪندو هو. تڏهن بہ کيس لڳندو هو تہ هن کي شانتي
ونهي ۽ اجا تائين من ڀٽڪي ٿو شايد ايشور مون سان راضي
ونہ ٿيو آهي سو هڪ مهاپرش وٽ لنگهي ويو ۽ اُن کان
ڇيائين تہ سائين! ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ ڀڳوان کي راضي
رڻ جو مول منتر ڪهڙو آهي؟ مهاپرش چيس تہڪنهنجي
دل نہ دکاءِ ڇو جو هرهڪ جي دل ۾ پرماتما وسي رهيو
ي. تنهنڪري سڀني جي دلين ۾ پيار پريم سان پنهنجي
ڻ جي جڳھ ناهہ. نئڙت سان هل منو ٻول.

’ميٺي ميٺي وچن سي ڪرتي هئن سب پيار،
گرڌر ميٺي وچن سي بگڙي ليتِ سوار.‘

ڪنهن تي بار نہ ٿيءُ. پنهنجو سوارٿ نہ رکہ جي پنهنجي
ڻ لاءِ بنگلا ماڙيون ناهيونسين نہ ڇا ٿي پيو. گهمڻ لاءِ بہ
موٽرون رکيوسين نہ ڇا ٿيو. سچو انسان تہ اُهو آهي جو
جي دلين ۾ پنهنجي رهڻ جي جاءِ ناهي. ڏينهن اُهو
جنهن ڏينهن ڪو شيڪ ڪم ڪجي. علم اُهو ڪارگر جنهن

سان ايندا آهن ۽ پنهنجي ئي خيال سان ويندا آهن. اُن
تي اسانجو وس ڪونهي.

(٩٥) جنهن وٽ جيڪي هوندو سو ڏيندو!

مهاپرشن مان به عام ماڻهو ڪونه ٽرندا آهن. اُنهن
پنهنجي اهنڪار ۽ حسد وچان گاريون ڏيندا آهن. هڪ ڀير
گوتم ٻڌ هڪ ڳوٺ مان ٻئي ڳوٺ ڏانهن پيرين پنڌ وڃ
رهيو هو ته ڪنهن شخص کيس گاريون ڏيڻ شروع ڪيون
سندن شان ۾ بيحد گستاخي ڪئي. گوتم بيهي رهيو ۽ مشڪ
رهيو هو. تڏهن اُن ماڻهوءَ کي عجب لڳو ۽ شايد وويڪ
ڪائڻ لڳس سو چپ ٿي ويو. تڏهن گوتم ٻڌ پڇيس ته جيڪڏه
تو چئي بس ڪيو هجي ته مان اڳيان وڃان جو مونکي جلد
ٻئي ڳوٺ ۾ پهچڻو آهي.

تڏهن اُن ماڻهو وائڙن وانگر نهاريندي گوتم کان پڇيو
توهان تي منهنجي گارين جو ڪو اثر نه ٿيو آهي ڇا؟
مونکي ڪجھ چوڻ جي بدران اڳيان ٿا وڃو.

گوتم تمام سنو جواب ڏنو ته ”آبا! جنهن وٽ جيڪي هو
سوئي اڳلي کي آڇيندو، جتان اچان پيو اُنهن وٽ مون
آدر ۽ پريم هو اُنهن اُهو آڇيو اِهو ته وٺڻ واري تي آه
وٺڻ واري جي مرضي هوندي ته وٺندو. مان تنهنجون ڪ
سوکڙيون گاريون نٿو وٺان تون ڇا ڪري سگهندين اُن حا
۾ اهي گاريون تو وٽ ئي رهنديون. ۽ ائين چئي رمندو ره

(٩٦) گيتا کي ڪيئن سمجھان؟

ڪنهن مهاتما کان پڇيو ته گيتا کي سمجھڻ لاءِ ڇا ڪ
گهرجي.

اجر امر رهڻ لاءِ سمرن ڏيان نٿو ڪري هڪ پل هريءَ کي
ياد نٿو ڪري.

جي چاهين ته جيون سڪيارٿي ڪريان ۽ امر ٿيان ته نام
سمرن ڪر. هي منش! هن سنسار ۾.

'نه سورهيه رهيا، نه وير رهيا،
نه شاهه رهيا، نه وزير رهيا،
نه امير رهيا، نه غريب رهيا،
رهيو آ ته هڪ سائينءَ جو نام رهيو'

(١٠٠) اگيان روپي اوندهه!

هڪڙو راهگير شام جي وقت جهنگل ۾ اٽڪي پيو هو. هو
ڪڙو تکڙو ڊوڙون پائيندو پيو وڃي. رستي تي ٻيو ياتري گڏيس
ن کي به پنهنجي ڳوٺ ۾ پهچڻو هو پر هو پنهنجي پوري
فتار سان پئي وڃو هنکي جو ڊوڙندو ڏٺائين ته پڇڻ لڳس
دا! اهڙو سهڪندو ڊوڙندو پيو وڃين آخر ڳالهه ڇا آهي؟ هن
واب ڏنو ته مٿان اوندهه نه ٿي وڃي. تنهن تي هن ڇيس
ڇا اوندهه ڪو شير يا بلا آهي جو توکي کائي ويندي. هن
هگير چيو ته سائين! شير ۽ بلا کان به وڌيڪ آهي. جي اوندهه
رستو ڀلجي ويس ته جهنگل ۾ رات جو چور ۽ ڌاڪو آهن
ي انڌيري جو فائدو وٺي مونکي ڦري ويندا ۽ اوندهه ۾ وڃي
نهن کڏي ۾ وڃي ڪرندس ته اُن مان نڪرڻ محال ٿي
ندو. تنهنڪري ڊوڙندو ٿو وڃان ته جيئن اوندهه کان نڪري
ان تڏهن ٻئي ياتري چيو ته ياءُ چئين ته سچ ٿو واقعي
اوندهه ڊيڄاريندڙ آهي. هل ته ڀڄندا هلون.

اهو ته آهي درشٽانت! سڌانت آهي ته اسانجي هردي ۾
يان روپي اوندهه لڳي پيئي آهي جنهن ڪري اسين پنهنجو
چو مقصد مانش جنم جو فرض ڀلجي ويا آهيون ته اسين

مان نٽڙت سگهي. پئسو اُهو سڄايو جو گهرجائن کي ڪم اچ
ڀڳوان کي راضي ڪرڻ جو اهوئي اُپاءُ آهي.

(٩٨) ايشور ۾ وشواس!

سوامي رام تيرٿ جڏهن امريڪا ويو ته سيني سندس و
۽ هلت چلت مان سمجهو ته هي ڀارت جو وڏو سنت آ
هنجو ته ڀڳوان ۾ اٽوٽ وشواس هوندو. سوامي رام تيرٿ
ڏاڍي اتڪننا مان پڇيائون ته توهان جو ڀڳوان ۾ ڪيترو وشو
آهي. خبر آٿو هن ڪهڙو جواب ڏنو؟ رام تيرٿ چيو ته منه
ته ڀڳوان ۾ اصل وشواس ڪونهي. هن وڌيڪ چيو ته وشو
ڇا جو؟ مان جڏهن ڀڳوان کي هر وقت هرهنڌ هر جيو ج
۾ حاضر ناظر پيو ڏسان. مان کين ڀڳوان جو روپ پيو سمجه

’ايڪ قصر، در لکه، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.‘

(٩٩) رهندو نالو سائينءَ جو!

هڪڙو پهلوان روز ڪثرت شالا ۾ ويندو هو پنهنجي ش
کي بلوان بڻائڻ لاءِ. روز طاقت واريون شيون پستا بادامي
ميوا منايون. گيهه ۽ ملايون کائيندو هو. آخر هي سرير به ڪ
برداشت ڪندو. سو سڀ ڳريون شيون ۽ کاڌا کائي ب
ٿي پيو. پيٽ ۾ سخت سور جي ڪري ساهه منجهڻ لڳ
۽ ٿوري دير ۾ سندس پراڻ پکيئڙو اُڏامي ويو. تڏهن ته شاس
۾ رشي چون ٿا ته سرير سان ڪير به امر ڪونه ٿيو آ
اسين جن به پدارٿن مان سکه وٺون ٿا ۽ سمجهون ٿ
اسين پنهنجي عمر وڌائي رهيا آهيون. اُهي آخر ڇڏڻا
ٿا ۽ ائين ئي موت جي منهن ۾ وڃي پوي ٿو پر پنهن

ينهن گهڻي ينگ پي نشي ۾ مست ٿي ويو. اهڙو ته ينگ
جي نشي ۾ اچي ويو جو پنهنجو برهمپڻو پلجي ويو ۽ زور
ور سان چوڻ لڳو ته مان شودر آهيان. مان ينگي آهيان. مان
يچ آهيان. ائين چوڻ سان سندس برهمپڻو هن کان جدا ڪونه
يو ۽ نڪي شودرپڻي اچي هن ۾ واسو ڪيو. صرف نشي جي
س ٿي ابتو سبتو ڳالهائڻ لڳو. بڪڻ لڳو هو. ايتري ۾ سندس
ڪو پيارو دوست کيس مليو جنهن مٿس ديا ڪري نشي لاهڻ
ء کيس ڏهي ۽ گيهه پياريو. اُن پيئڻ سان سندس نشو لهي
يو. جڏهن نشي لهڻ کانپوء هوش ۾ آيو ته هو پاڻيهي پيو
نوي مان برهمڻ آهيان. متر چيس ته ڪجهه وقت اڳ چيئه
ئي ته مان شودر آهيان. هن پشيمان ٿي چيو ته مان نشي
بهڪي ويو هوس. هاڻي جڏهن مان پنهنجي پوري هوش
آهيان ۽ ڄاڻان ٿو ته مان برهمڻ آهيان.

ٺيڪ اهڙي پرڪار اسين اگيان جي نشي جي وس ٿي پاڻ
ي سرير، من ۽ بڌيء سان پنهنجو سنبنڌ ڄاڻي پنهنجي
نچي سروپ کي ڀلائي ويٺا آهيون. جڏهن اهڙي اگياني جيو
ي کو برهم نيشٽي گرو ملي ٿو جو برهم گيان روپي ڏهي
گيهه پياري ٿو. تڏهن اسانجو اگيان روپي نشو دور ٿئي ٿو
پوء انيءَ ٿئي ٿو ته مان سرير، من، بڌي ۽ پنهنجي هر
رم کي ڄاڻڻ واري ڄاڻ آهيان. اُهوئي اسانجو سروپ آهي.

(١٠٣) ڪليل دروازو

ڪنهن وڏي شهر ۾ هڪ انڌو رهندو هو. جنهن ڪري اُتي
ڪي گهڻي تڪليف پئي ٿي. ان ڪري کيس اچا ٿي ته
شهر کي ڇڏي ٻاهر وڃان. تڏهن ڪنهن کان ٻاهر وڃڻ
رستو پڇيائين. اُن شخص کيس ٻڌايو ته هن شهر جي
ڏاري ڪوٽ ڏنل آهي جنهن جي ديوار سان چوراسي لکه
نيون چوگرد آهن. هرهڪ کوليء کي فقط شهر پاسي دروازو

آيا آهيون نام جهڙي پاڻ کي سڏائڻ. ۽ اڳيان روپي اوند
۾ پيا ٻوڙون پايون وشين وڪارن پنيان ۽ ڪام ڪروڌ جهـ
ڏاڪو ۽ چور اسانکي ڦري رهيا آهن. اُنهن کان پنهنجو بچ
ڪريون ۽ پنهنجي صحيح راه پڪڙيون.

(۱۰۱) سونو لوٽو!

هڪڙي فقير وٽ لوٽو هو. اُهو لوٽو حقيقت ۾ هو سون
پر مٿي چڙهي ويئي هئي ۽ ان ڪري لڳو رواجي لوٽو پئي
فقير کي به ڪٿان مليو هو اُن ۾ پئسو پئسو پنندو وتن
هو. هلندي هلندي هو هڪ سوناري جي دڪان تي پهتو
کائنس پئسو گهرڻ لڳو. صراف جي نظر وڃي لوٽي تي پيئي
هن کان اُهو لوٽو وٺي ڪسوٽيءَ تي پرکي ڏٺو. سمجهي
ته هي لوٽو آهي سون جو پر فقير کي ڄاڻ ڪونهي ته ه
لوٽو سؤ ٽڪا سون جو آهي. فقير کي چيائين ته تون ته و
شاهوڪار آهين. سمپتيءَ وارو آهين وتين ٿو پئسو پئسو پنند
هي تنهنجو لوٽو سچو سون جو آهي ۽ هيءُ ته هزارن جو م
آهي پر توکي ڳيان ڪونهي. ڄاڻ ڪونهي. جڏهن فقير پ
ته منهنجو لوٽو سچو سچي سون جو آهي ته لوٽي سان م
وڏي ويس هر وقت اُنجو ئي خيال رکندو هو. ۽ پوءِ سدائ
ڏاڍو سنڀالي ڪٽندو هو. ان مان اُن نتيجي تي پهچون
ته جڏهن ماڻهو کي ڄاڻ پوي ٿي پوءِ ئي اُن ۾ پريم ۽ م
وڌي ٿو. تهڙي طرح جڏهن اسانکي پنهنجي آتما جو گي
ٿيندو ته اسانجي اندر آهي ته اڻ ئي پهر اُنجي پڳتي اُپا
ڪندا رهنداسين ۽ پريم به وڌندو ويندو.

(۱۰۲) مان آهيان اُها ڄاڻ!

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ برهمڻ رهندو هو. هڪ پيري شوراتر

ڇهنگل ڦرندو رهندو هو. هو وڌندو رهيو. جيئن ئي ڏاکو هن
ي ڏٺو تہ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو تہ اڄي ويو. منهنجي مالها
ي پورو ڪرڻ لاء. ٩٩ خون مان ڪري چڪو آهيان باقي هڪڙو
نجو خون ڪندس تہ پورا سؤ ٿي ويندا. گوتم ٻڌ ٺهڪ ٻڌي
ندس اڳيان وڃي بيٺو. تڏهن ڏاکو چيس تہ توکي ڊپ ڪونہ
و تئي مونکان؟ جواب ڏنائين تہ اصل نہ ڇو جو منهنجو مرڻ
نهنجي هٿان لکيل هوندو تہ ٽرندو ڪونہ ۽ جي منهنجي مرڻ
و وقت نہ آيو آهي تہ تون منهنجو وار بہ ونگو ڪري نٿو
گهين. انگوليمال ڏاکو سمجهي ويو تہ هنکي موت جو ڀؤ
ونهي. ڏاڍو عجب لڳس تڏهن بہ پنهنجو وار ڪرڻ لاء تيار
يو تہ گوتم ٻڌ چيس تہ مونکي پلي مار پر تنهن کان اڳہ
ن وڻ مان هڪڙو پن پٽي اچ. ڏاکو پن پٽي آيو تہ وري
وتم ٻڌ چيس تہ هاڻي اُهو اُنيئي انهيءَ ٽاريءَ ۾ لڳائي
ڄ تڏهن ڏاکو مشڪي چيو تہ اهو وري ٽاريءَ سان ڪيئن
ڙندو؟ اهو تہ ناممڪن آهي. تڏهن گوتم ٻڌ کيس سمجهائيندي
يو تہ جڏهن جوڙي نٿو سگهين تہ توکي ٽوڙڻ جو ڪهڙو
ق آهي؟ جي ڪنهنکي جان بخشي نٿو سگهين تہ توکي ٻئي
ي جان وٺڻ جو ڪهڙو اڌڪار آهي؟
چون ٿا گوتم ٻڌ جي سمجهائڻ جو ڏاکوءَ تي اهڙو اثر
و جو هن پنهنجو ڏاکوءَ جو پيشو ڇڏي گوتم ٻڌ جي شيوا
سندس سان هليو ويو.

(١٠٥) ديش ڀڳتي!

دين ديال اُپاڌيہ ديش ڀڳت جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ ديش
ي ڪم سان سفر تي نڪتو هن وٽ ٽرڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ
ي پر جيئن ئي گاڏيءَ ۾ تي چڙهيو. ڏٺائين سندس گرو
لڪر صاحب فرسٽ ڪلاس ۾ وينا هئا. کيس ڪجهہ اُنهن

آهي، پر هڪ ئي ڪوٺي اهڙي آهي جنهن کي ٻنهي پاس
دروازو آهي. هڪ شهر ۾ وڃڻ لاءِ ٻيو قلعي کان ٻاهر وڃ
لاءِ آهي. تنهنڪري تون هٿ سان هرهڪ ڪوٺي جاچيندو وڃ
جنهن ڪوٺيءَ کي ٻيو ٻه دروازو هجي ته اُن مان ٻاهر نڪر
هليو وڃج.

ويچارو انڌو هٿوراڙيون هڻندو. هٿ ڏيندو هڪ ڪوٺي کا
ٻي ڪوٺي، ٻيءَ کان ٽين، اهڙي طرح ڪوٺيون لنگهندو وڃ
ڏاڍو هلاڪ ٿيو. ڪنهن ڪوٺيءَ جا پٽ پيا هٿن ۾ چيچ
ته ڪٿي وري جيءَ جنت پيا چڪ پائين. ائين پت کي وڻن
پئي ويو پر جڏهن اهو دروازو آيو جنهن مان ٻاهر نڪرڻ ج
رستو هو ته ڪيس اچي ٻانهن ۾ خارس ٿي. پوءِ ٻنهي هٿ
سان کنهندو رهيو ۽ انهي هڙٻڙ ۾ اُهو دروازو ئي لنگهي هل
ويو پر ڪيس ڪا سمڪ نه رهي ته اُهو دروازو هلي ويو آهي
هو پٽڪندو رهيو پر ڪيس ٻاهر نڪرڻ جو رستو نه مليو.

تيئن چوراسي لک ڪوٺيون آهن جوٽيون هڪ ڪوٺي جنهن
دروازو ٻاهر ڪليل آهي سا منش ديهه آهي. جنهن ۾ جيو ک
ستگروءَ جي اپديش دواران گيان پراپت ٿئي ٿو. پر اگيان
جيو وشيه روپي ڪجليءَ ۾ ڪوهجي اُهو دروازو هٿان وڃائ
ٿا وهون ۽ وري چؤراسيءَ جي چڪر ۾ ڦاسي ٿا پئون.

(١٠٣) انگوليمال

هڪ ڏينهن گوتم ٻڌ ڪنهن جهنگل ڏانهن وڃي رهيو
ته سيني ڪيس روڪيو ته انهي پاسي نه وڃو، انهي جهنگ
۾ ڌاڪو انگوليمال رهندو آهي جو ڪنهن به راهگير کي ڇڏين
ڪونهي. هر ڪنهن جي جان وٺندو آهي ۽ اُن جون آڱريو
ڪٽي پنهنجي مالها ۾ وجهندو ويندو آهي. تڏهن به گوت
ٻڌ ڪونه مڙيو. ڇو جو هو پڪتي ۽ گيان جي ساڌنا ڪندي ڪند
نرڀئه ٿي ويو هو ۽ سيني جي پلي جي لاءِ شهر شهر جهنگ

گروءَ جي ڪَنَ تي جڏهن اها سٽس پيئي تہ رامانج آچاريہ
هنجي آڳيا جو اُلنگهن ڪيو آهي. مون کيس خاص هدايت
ئي تہ اهو منتر ڪنهنکي ٻڌائڻو ڪونهي. سو لنگهي ويا
امانج آچاريہ جي ڪيرتن ۾ ۽ پاڻ ڏنائون تہ هو تہ مستيءَ
نام جپي ۽ جپائي رهيو آهي. ڪجھ وقت ڪانپوءِ رامانج
چاريہ جڏهن پنهنجي گروءَ کي ڏٺو تہ وڃي سندس چرنن
پرنام ڪيو تہ گروءَ سندس پريکشا وٺڻ لاءِ کيس چيو تہ
ون تہ توکي چيو هو تہ جي منتر ٻين کي ٻڌائيندين تہ نرڪ
ويندين هاڻي تہ توکي نرڳہ ملندو جو تو گروءَ جي آڳيا
ي اوڳيا ڪئي آهي.

تڏهن رامانج آچاريہ هٿ جوڙي گروءَ کي نمرتا پرئي آواز
چيو تہ هن مستيءَ جي اڳيان دوزخ ڇا بهشت ڇا؟
هاڻي توهانجي شرن آهيان. جيئن وڻيوَ تيئن سنڀاليو.
گروءَ پنهنجي شش کي گلي لڳائي چيو تہ ڌن آهين ٻچا!
ڻ نام جپي ٻين کي جپائڻ جهڙو پڄ ڪونهي تون تہ نرڪ
رڳہ کان مٿي چڙهي وئين.

(۱۰۷) جهوليان سب کي ڀرتي جاتي هئہ!

هڪ صوفي سنت پنهنجي مريدن سان وينو هو. کين سمجهائي
يو هو تہ پروردگار ايترو ديالو آهي جو اُن کان ڪجھ گهرڻ
ب بہ ضرورت ڪونہ آهي ڪنهن مريد کي شنڪا تي چيائين
هنکي ڪيئن خبر پوندي تہ مونکي ڇا گهرجي؟ صوفي سنت
و تہ توکي پاڻيهي انيئ تيندو.
بہ ٽي ڏينهن گذريا. صوفي سنت پنهنجي شش کي آڳيا
ي تہ اڄ پکوان ۽ سيرو ٺاهيو. ٿالھ ڀريو. ڪنهن کي پڇائٹا
ن. پنهنجي مرشد اڳيان ڪجهي کير؟ سيني گڏجي پکوان
سيرو ٺاهيو. ٿالھ ۾ وجهي پنهنجي مرشد اڳيان ڪٺي آيا
ن صوفي سنت چيو تہ هاڻي مزدور کان کڻائي وڃو هلندا

سان ڪنهن ڪم جي باري ۾ ڳالهائڻو هو سو سندن ڳا
۾ چڙهي ويو. جڏهن سندن ڳالهائڻ پورو ٿيو ته بي اسٽي
تي لهي ٿرڊ ڪلاس ڏانهن ويندي ٽڪيٽ چيڪر کي پنهنج
ٽڪيٽ ڏيندي چيائين ته مان ٿورو وقت فرسٽ ڪلاس ۾ و
آهيان. ان لاءِ ڪيترو ڀاڙو وڌيڪ لڳو آهي. اهو حساب ڪر
پئسا وٺو ۽ رسيد ڏيو. ٽڪيٽ چيڪر چيس ته نيڪ آهي ڪا
ڳالهه ڪونهي. توهين به ديش لاءِ هيترو ڪجهه ڪري ر
آهيو. ان ۾ پئسا وڌيڪ ڀري ڏيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آه
وڃڻ ڏيو. تڏهن دين ديال اُپاڌيه ضد ڪري ڪيس پئسا ڀر
ڏنا ۽ چيائين مان پنهنجي ديش جو بنياد ايمانداريءَ ت
رکڻ ٿو چاهيان. ايمانداريءَ جو پاڙون پڪيون هونديون ته ديش
قلندو ڦولندو. بي ايماني اُنهن پاڙن کي ڪوڪلو ڪري ڇڏيندي
مان پنهنجي ديش کي ڪوڪلو نٿو ڪرڻ چاهيان. اها ايماندار
جي لاءِ تپسيا هئي هن جي.

اهڙي ديش ڀڳتي هئي دين ديال اُپاڌيه جي!

(١٠٦) رامانج آچاريه ۽ سندس گرو!

وشنو سمپردايه جو رامانج آچاريه وڏو گياني ٿي گذريو آه
گهڻيئي پستڪ لکيل اٿن. پهرين جڏهن پرمارٿ جي راهه
هلڻ شروع ڪيائين ته گروءَ جي ڳولها ۾ نڪتو. آخر گروءَ ڪ
ڳولي لڌائين ۽ سندس چرنن ۾ سر جهڪائي نام جي بخشي
لاءِ عرض ڪيائين. گروءَ کين منتر ڏنو. ڪَنَ ۾ ٻڌايو. من
ٻڌائڻ سان گڏ اِهو به چيائين ته هيءُ منتر ڪنهن کي ٻڌا
نه آهي جي ٻئي کي ٻڌائيندي ته نرڳ ۾ ويندين. راما
آچاريه ايڪاگرتا سان منتر جو جاپ جپيندا رهيا ۽ سندن انتهڪ
ويو شڌ ٿيندو. اهڙو ته رس اچي وين جو زور زور سان من
جو جاپ ڪندي نچڻ لڳا. اُن مستيءَ کي ڏسي ٻيا به اچ
منتر جپي نچڻ لڳا. ائين ڪندي ڪندي هنجو ڪيرتن شر
ٿي ويو ۽ ڪيترائي اُن جو لاڀ وٺندا هئا.

هڪ استريءَ بيءَ کي چيو تہ خبر اٿيئي هنجو پيءُ موچي
هو. موچڪو ڏنڊو ڪندو هو.

ابراهم لنڪن اها سس پس ٻڌي ورتي. وڌي انهن ڏانهن
ويو ۽ تمام سانتيڪي نموني چيائين تہ توهانجي ڳالھ برابر
آهي. منهنجو پيءُ موچي هو تہ اهو تہ توهين بہ قبول ڪنديون
تہ ڪم سنو ڪندو هو. ايمانداريءَ سان ڪندو هو.

اِها اِستري هڪ ٻکي ٿي پر تہ بہ جواب ڏنائين تہ ڪم
تہ تمام سنو ڪندو هو.

ابراهم چيو تہ سندس پٽ بہ ديش جو ڪم سنو ئي ڪندو.
سرلتا سان ڪندو. اطمينان رکو!

استريون حيرت ۾ اچي ويون. راشٽرپتي ٿي نہ ڪاوڙ ڪيائين
۽ نہ اسان کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چيائين!

اهڙو هو ابراهم لنڪن!

(١٠٩) پنهنجو انيؤ!

رويندرنات ٽئگور مشهور ڪوي هو. هنجون ڪويتا ن اڄ بہ
بنگال ۾ ڏاڍي شوق سان ڳائيندا آهن. اُهي سولي ڀاشا ۾ لکيل
آهن اُهي مزدور ڪم ڪندي ۽ ڪسان هڙ کيڙيندي ڳائيندا
رهندا آهن. هنجي ڪويتائن ۾ قدرت جي نظارن جو گهڻو
ذڪر هوندو آهي ۽ هميشھ لکندو بہ وڃي سمنڊ جي ڪناري
تي هو. ننڍن ننڍن جهوپڙين ۾ درياھ جي ڪناري تي، وهندو
هو. هلڪي ٻتي جهوپڙيءَ ۾ ٻري پئي هو پنهنجي لکڻ ۾
مشغول هو تہ ايتري ۾ هوا جو جهونڪو آيو تہ چا تو ڏسي
چانڊني چندرما جي گهڙي آئي آهي پنهنجو پاڻ ۽ ديپڪ
جهامي ويو. يڪدم ڪيس انيؤ ٿيو تہ جيستائين ديپڪ پئي
ٻريو تيسين چندرما جي سيتل چانڊنيءَ کان بي خبر هوس.
چانڊني جي چمڪات ۾ تہ منهنجي جهوپڙي ئي ڀڪي پيئي

هلندا جهنگل ۾ پريان هڪ جهوپڙي ايندي تنهن جو در
هوندو ـي کڙڪائجو. مريدن ۾ اُهو مريد بہ هو جنهن شن
ڪئي سئي. هلندا وڃن هلندا وڃن ڪا بستي ڏسڻ ئي
اچي آخر جهنگل کان نڪري ٻاهر تيا تہ هڪ جهوپڙي ن
آين جنهنجو دروازو بند هو. سڀيئي ڏسي خوش تيا ۽ وڃ
ان جو دروازو کڙڪاياڻون. اندران کڙڪ آواز آيو تہ ڪير آه
جي پڪوان ۽ سيرو آندو هجيو تہ دروازو کلندو نہ تہ تہ
کلندو. تڏهن هنن وڏي واڪي چيو تہ اسين پڪوان ۽ س
ئي پنهنجي مرشد جي آکيا سان کڻي آيا آهيون. ڪرپا ڪر
دروازو کوليو. تڏهن اُن جهوپڙيءَ جو دروازو کليو. اُتي
ڏهہ ماڻهو وينا هئا ۽ لڳي ويا اُهي کائڻ. مريد جنهنکي شن
تي هئي اُهو پيو سوچي تہ اسانجي مرشد کي ڪيئن خ
پيئي تہ هنن کي پڪوان ۽ سيرو کائڻو آهي؟ وڃي پنهنج
مرشد کان پڇيائين تہ اُن سهج سڀاءَ ٻڌايس تہ خدا ه
هڪ جي اندر جي جاڻ رکي ٿو ۽ اندرئين آواز ذريعي اه
حڪم ملي ٿو ۽ اسين ان مطابق ڪريون ٿا.
’ٻچا هن کان اسين گهرون چاهي نہ گهرون هو ڏيندو ره
ٿو اسانکي اهڙو نشچو هئڻ گهرجي.‘
’تيري ڪرم سي بي نياز ڪؤن سي شيءِ ملي نهين؟
جهولي هي تنگہ هئہ ميري، تيري يهان ڪمي نهين.‘

(١٠٨) ابراهم لنڪن!

ابراهم لنڪن اميريڪا جو راشٽرپتي هو تہ بہ سرل س
جو ۽ نمرتا وارو هو. سڀ فيصلا سرلتا سان ڪندو هو. ڪن
کي رنجائڻ نہ چاهيندو هو. هنجو چوڻ هو تہ ڪيترو بہ ا
تي وڃجي. مٿي چڙهجي. سرل رهجي. شيوا ۾ لڳو رهج
هڪ ڏينهن سيني کي نوٽو ڏيئي ڪاڏي تي گهراياڻين. س
آيا. استريون مرد ٻار.

ي وشواس ڪرڻ بہ غلطي ٿيندي.
ايتري ۾ ٽيون شخص گڏيس جنهنجون ٽنگون ۽ اکيون ٻئي سالم هيون. هو ڏسي بہ سگهيو ٿي ۽ پنهنجي پيرن سان هلي ـہ سگهيو ٿي. ترڻ بہ ايندو هوس ۽ نديءَ جي پاٽيءَ جي ـہ پوري ڄاڻ هئس. جڏهن اُن شخص اُن پرديسيءَ کي پنهنجي مدد ڏيڻ قبولي تہ اُها جهٽ يقين سان سويڪار ڪئي ۽ اُن شخص جو وڏو اپڪار مڃي اُن جي پنيان پنيان هلي ندي ار لنگهي وڃي پنهنجي گهر آرامي ٿيو.
اهو آهي درشٽانت سڌانت اهو آهي تہ پرمارٿ جي راهہ ر پورن گياني ۽ انڀوي گروءَ جي ضرورت آهي. جيڪو بہ ٿي اسٽر پڙهيل هجي پر ڪيس انڀوءَ نہ هجي سو اسانجي ڪهڙي مدد ڪندو؟ ٻيو وري هٿان جو ڳالهيون ٻڌي ڌرم جا پديش ٻڌائيندو وتي. پر پاڻ اُن تي عمل نہ ڪري سگهي. هو ٻئي کي ڇا سيکاري سگهندو. هن راهہ ۾ اهوئي اسانجي مدد ڪري سگهي ٿو جيڪو شاستر پڙهيل بہ هجي ۽ جنهن ٽ عمل ۽ انڀؤ بہ هجي. اُهو ئي اسانجي راهہ روشن ڪري و سگهي.

(١١١) سچو دوست!

هڪ ڏينهن ابراهم لنڪن امريڪا جي راشٽرپتيءَ جو هڪ ست بيحد غصي ۾ ڀاڙهو لعل ٿي سندس وٽ آيو. ابراهم ڪن پڇيس تہ آخر ڳالهہ ڇا آهي جو هيئن ڪاوڙجي آيو ين؟
تڏهن اُن دوست چيو تہ هيءُ خط پڙهي ڏسو. هن ماڻهوءَ خط ۾ خوب گاريون لکي موڪليون آهن. اهڙا اهڙا گندا ط جي جيڪر ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ڪم نہ آڻجن اُهي لکي ڪليا آهن. اُهي پڙهي منهنجو تہ دماغ ئي گرم ٿي ويو ي.

آهي يڪدم سندس خيال من جي اهنڪار ڏانهن ويو تہ جيسين
اهنڪار روپي ڏيئو پيو ٻري تيسين ڀڳوان جي اچڻ جي خبر
نٿي پوي. ڪيئن پيو ور ور اسانجي اندر ۾ ليئا پائي. جيئن
اهنڪار روپي ڏيئو وسائيو تہ ايشور جي درشن تيڻ ۾ دير ئي
ڪانهي. من خالي هوندو تہ شانتي پائڻ ۾ دير ئي ڪونہ لڳندي

(١١٠) پنهنجي گهر جو ڏسُ!

هڪڙو پرش ڪنهن پرديس مان پنهنجي گهر ڏانهن پئي
موٽيو. واٽ تي هڪ ننڍي ندي ڪيس پار ڪرڻي هئي پ
هو ترڻ ڪونہ ڄاڻندو هو. اُتي ڪناري تي بيٺل ماڻهن کا
ندي پار ڪرڻ جو ڏسُ پڇڻ لڳو. اُتي هڪڙو انڌو بيٺو هو
جو ڏسڻ ۾ مضبوط هو تنهن چيس تہ تون منهنجي ڪلهن
تي چڙهہ تہ نديءَ پار ڇڏي اچانءِ. تڏهن اُن پرديسيءَ د
۾ خيال ڪيو تہ جو پاڻ انڌو آهي سو مونکي ڪيئن پار اُڪاريندو
ان ڪري اهڙي ماڻهوءَ تي وشواس ڪيئن ٿو ڪري سگهجي
اهو تہ ٿيو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ. سو انڌي جي
آڇ نہ قبوليائين. اُتي هڪ لنگڙو بہ ويٺو هو جنهن ڪي اڪيو
هيون پر پنڌ ڪرڻ جي شڪتي ڪونہ هيس. اُن پرديسيءَ ک
چيو تہ ڀائي توکي ٻئي جي مدد وٺڻ جي ضرورت ڪونهي
ڇو تہ مان توکي ٻڌائي ٿو سگهان تہ نديءَ ۾ ڪهڙي هن
پاڻي تانگهو آهي ۽ ڪهڙي هنڌ اونهو آهي. ان ڪري ما
توکي ندي پار ڪرڻ جو سولو طريقو ٻڌائي ٿو سگهان. ور
اُن مسافر ويچار ڪيو تہ هيءُ شخص پاڻ تہ منڊو آهي ا
ڪري پاڻ تہ نديءَ ۾ ڪڏهن گهڙيو ڪونہ هوندو ۽ نہ ڪڏه
هن پار ويو هوندو پوءِ هنکي ڪهڙي خبر پاڻيءَ جي اونهائي
جي ۽ تانگهائيءَ جي! جيڪڏهن مان هن جي چوڻ تي ندي
۾ گهڙان ۽ جي وچ ۾ ڪٽي ڪٽي جي اونهو پاڻي هوندو
بہ هي منهنجي ڪا سهايتا ڪري نہ سگهندو تنهنڪري ه

چڱو تيو جو توهان ست ڏينهن ترسڻ جي صلاح ڏني. هاڻي
هيءُ خط موڪلڻ جو ضرور ئي ڪونهي. توهان ته مونکي وڏي
غلطي ڪرڻ کان بچائي ورتو آهي. ڪاوڙ ۾ ڪيل ڪم گهڻو
ڪري ابهرو تو ٿئي، صبر کان ڪم وٺجي.

(١١٢) راجا رنجيتسنگھ ۽ سندس پيءُ!

راجا رنجيت جڏهن اجا ٻار هو ۹ سالن جو سندس پيءُ
هيرا ڪڍي پئي جاچيا. ايتري ۾ ڪمار رنجيت اندر آيو.
هڪڙو هيرو ڪڻي هٿ ۾ ڪوڙي منڊي پيئي هئس اُن جي
ڪَ تي لڳائي چيائين هيري جي منڊي ڪهڙي نه سني لڳندي!
سندس پيءُ چيو ته ڇا تون هڪ لک جي منڊي ۾ راضي ٿي
پيندين. پڻس جو دوست جو اُن وقت اُتي آيو تنهن چيو ته
جي هي هيرو نه پائيندو ته ڇا ڪوهنور هيرو پائيندو؟ پڻس
چيو 'ضرور لاشڪ هي ڪوهنور هيرو پائيندو!
سندس متر چيو 'خبر اٿيئي ته اهو هيرو هتي هندستان
۾ ڪونهي اُهو ته افغانستان ۾ آهي.'
راجا رنجيت جي پيءُ وراڻيو 'جي چاهيندو سچي پاونا ڪندو
ته اهو افغانستان مان به هٿ ڪندو.'
تواريخ شاهد آهي اُهو هيرو اُن راجا رنجيتسنگھ ئي هٿ
ڪري ڀارت ۾ آندو.
ان ڪري ئي چئبو آهي ته ۷ سالن جي عمر تائين ٻار
جي ڪاڏي جي سنڀال ڪجي جيئن ڪا بيماري ڪيس نه وڪوڙي
۽ کان ١٤ سالن تائين سندس ڀاونائن ۽ خيالن جو ڌيان رکبو
آهي. سندس سنگ دوستيءَ تي نظر رکبي آهي جيئن سندس
جي ٿيي ۽ سٺا خيال ڪري ۽ اُن جي خيالن تي ئي سندس
جيون جي ترقيءَ جو مدار آهي.

خط پڙهي لنڪن چيس تہ پائي! هي ماڻهو تہ ڪو بي شر
تو لڳي. تون اڄ ئي کيس جواب ڏي. اهڙو خط لکيس ج
يا عمر ياد ڪندو رهي. هيءَ وٺ ڪاغذ قلم. تون ڪو فڪ
نہ ڪر. مان تنهنجو دوست آهيان. وڪيل آهيان. جيڪي
بيهودا اکر توکي لکڻ ايندا هجن سي لکہ. جيترو غصو ۽ ڪاو
تنهنجي من ۾ هن خط پڙهي آهي اُها هن ڪاغذ تي اوتي
ڇڏ.

اهو ٻڌي لنڪن جو دوست گهبرايو. ڇو جو هن کي دوست
لنڪن مان اهڙي جواب جي اُميد ڪونہ هئي. هن تہ سمجهي
تہ هو مونکي سمجهائيندو. گند سان گند ٿوروئي ڏوپندو. ڇ
جو ابراهم لنڪن سياڻ جو ڏاڍو فضيلت وارو هو ۽ ديرينو ب
هو.

هن دوست جي دل تہ غصي ۾ ڀريل هئي. ويو گاريون لکندو
خراب ۾ خراب اکر جيڪي دل ۾ آيس تي ويو لکندو. آخ
ٿڪجي پيو. سوچيائين ايترو ڪافي آهي تڏهن بہ لنڪن چيس
تہ اڃا بہ لکہ اتساهہ ڏيارپائينس وري لکڻ شروع ڪيائين. پ
لکي لکي نيٺ تہ ٿڪجبو. چيائين. هاڻي بس گهڻو ٿيو.
ائين لفافي ۾ وجهي ڇڏيو تہ لنڪن چيس اهو مونکي ڏيئي
ڇڏ مان پاڻيهي پوسٽ ڪري ڇڏيندس. هن دوست چيو ن
ائڊريس تہ وجهان. لنڪن چيو ضرور ڪونهي. ڇو جو هي
خط مان ست ڏينهن رکي پوءِ موڪليندس ۽ پوءِ توکان ائڊريس
وٺندس. ستن ڏينهن کانپوءِ اهو دوست لنڪن وٽ آيو. ڪائنس
اهو پنهنجو لکيل لفافو گهريائين. تڏهن لنڪن کيس اُهو لفا
ڏيندي صلاح ڏني تہ موڪلڻ کان اڳہ جيڪر هن کي پڙهي
ڏسين تہ بهتر. لنڪن جي اها صلاح کيس وڻي ڇو جو جيڪ
غصو يا ڪاوڙ ست ڏينهن اڳ هئس. اُنجو زور گهٽيل ه
پنهنجو جوابي خط پڙهي کيس عجب لڳو. کيس وشواس ئ
نٿي آيو تہ هيءُ خط ڪو مون لکيو آهي. لنڪن کي چيائي
تہ هن جوابي خط لکڻ وقت مان شايد پاڳل ٿي ويو هوس

کيس بابي نانڪ جو سنگ مليو تہ بہ ڪونہ چيتيائين. جي
نسان سنتن جو سنگ ڪري پاڻ کي جاچي تہ انسان ۾ شيِ
ڻ وڌندا آهن.

هر انسان ۾ ديوي (ديوتائن کان گڻ) ۽ آسري (راڪسن
ا گڻ) ٻئي پربل آهن. جهڙو جهڙو سنگ ڪري تو تهڙا گڻ
جاگر ٿين ٿا.

(۱۱۴) گايڪ اونڪارناٿ!

هندستان جو مهان گايڪ اونڪارناٿ جنهن پنهنجي سڄي
يون سنگيت جو رياض ڪيو هو. اهو ڪنهن سنگيت پروگرام
اٽلي ۾ ويو. اُتي پنهنجي شاستريہ سنگيت سان سڀني کي
هي چڏيائين. اُتي جي ماڻهن کيس چيو توهانجو سنگيت
سرتال تي ٻڌل آهي اُن تي ٻڌندڙن جو جهومڻ سپاويڪ
ي پر توهانجا هندستاني تہ اهڙا سادا آهن جو تڪارام جي
ل-ميري وينلا' پانڊورنگا پانڊورنگا' تي جهومندا رهندا آهن.
رشن گوالي جي بنسري تي مست ٿي پنهنجا گهر ٻار ڇڏي
ي تا مرلي ۽ جي ڌن ٻڌن. تڏهن شري اونڪارناٿ سوچيو
هنن کي سمجهائڻ مان فائدو ڪونہ ٿيندو هنن کي ظاهري
ؤ ڪري ڏيکارڻ گهرجي. سو چا ڪيائين جو جڏهن کيس
ي جو نوتو ڏيئي گهرايائون ۽ ڪانٽن چمچن سان پربل
ل تان ڪانٽا چمچا ڪٽي تال ۾ وڄائڻ لڳو تہ هو جهومڻ
ڪاڌو کائڻ ئي وسري وين ۽ اها بہ سڌ نہ رهين تہ اسين
ڊنر ڪرڻ آيا آهيون. تڏهن هڪڙي اٽلي ۽ جي ماڻهوءَ
ي اونڪارناٿ کي عرض ڪيو تہ مهرباني ڪري اهو آواز
ڪريو. اسين هن آواز جي مستيءَ ۾ کاڌو کائي نٿا سگهون.
ين گايڪ اونڪارناٿ کي وجھ ملي ويو ۽ کين سمجهائيندي
کين تہ توهين ڪانٽن چمچن جي آواز تي مست ٿيا آهيو
اسين تہ وري بہ ڪرشن جي بانسري ٻڌي سڌ ٻڌ کوهي

(۱۱۳) گرونانڪ ۽ بابر بادشاهہ!

جڏهن بابر بادشاهہ ٿيو. اُن وقت گرونانڪ کي سڀ گ
ڪري مڃيندا هئا ۽ هو بہ لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ رتن ڪن
رهندو هو ۽ گهڻن کي ئي نام جپڻ جي ڪاريہ ۾ لڳائي ڇڏيائي
۽ مٿن آسيس جي برسات وسندي رهندي هئي.

بادشاهہ بابر خيال ڪيو تہ مونکي بہ سڄو هندستان پنهنج
قبضي ۾ ڪرڻو آهي. مان بہ ڇو نہ بابا نانڪ کان آشيرو
وٺان ۽ اهو سوچي هو گرو نانڪ وٽ آيو. شراب ڪٽي آيو.
اهو خيال ڪري تہ هڙو شراب پياري بابي نانڪ کي مس
ڪري ڇڏيندس. بابي نانڪ کي شراب آڇيائين بابي نان
هينيون شلوڪ چئي ٻڌايس ۽ چيائينس مون لاءِ نام خمار
ئي بس آهي.

'گانجا، ڀنگ، آفيم مڌ اُتر جات پريات،
نام خماري نانڪا چڙهي رهي دن رات.'

بادشاهہ بابر آسيس گهري، بابر بادشاهہ ٿيو پر ڏاڍا ظ
ڪيائين بابي نانڪ ڏاڍو پڇتايو ۽ چيائين مونکي بہ سزا ڀو
گهرجي.

بابر بادشاهہ جي ظلم جي تلوار اهڙي تيز هلي جو ب
بادشاهہ گرونانڪ کي بہ جيل ۾ بند ڪيو سبب ڪهڙو تہ ماڻه
جا ميڙ وٺي نام جپائيندو ٿو رهي. ملڪ جو انتظام خرا
ٿو ٿئي. پر بابو نانڪ تہ جيل ۾ نشچنت رهيو جو ڪيس
هئي تہ ٽن قسمن جا جيل آهن. پهريون ماءُ جي گرڀ
جيل، ٻيو ڪرمن جي حساب ڏيڻ جو جيل، نرڳہ ٽيون سماج
جيل آهي.

هو هن سماجڪ جيل ۾ شانتيءَ سان رهيا ۽ اُتي بہ پنهن
نام ڪيرتن ستسنگہ ٻين قيدين کي ٻڌائيندا رهيا ۽ هو
نرڀئہ ٿي ويا. پر بابر بادشاهہ کي ڳالهہ ڪونہ وڻي ۽ بابي نا
ٿي وڌيڪ ۽ وڌيڪ سختيون ڪرڻ لڳو.

ن تہ گھٽيئي ڇڙيون ڪٽي نڪتو هوس پر رستي تي ڪي
ي پريمي گڏيا. ڪي بار غريب ڏنم. هڪ هڪ ڪري ڏيندو
س. پر هوئن بہ پاڻ پري اسان لاءِ هڪ ڇڙي بس آهي.
ب تہ سنت ورتي وارو سنتوشي انسان هو. پر سندس پتنيءَ
ي آرام ڪونہ آيو. ڏوراپا ڏيڻ لڳس تہ تنهنجو شروعات کان
و حال آهي. جيڪي هٽ ۾ هوندو اٿيئي سو بين کي ڏيڻ
آتو هوندو آهين. پر سنت ڪجھ ڪونہ ڪڇيو.

سندس متر هن سان گڏ آيو هو تنهن سنت کان پڇيو تہ
تري ڪجھ بڌڻ کان پوءِ بہ توکي ڪاوڙ ڪونہ لڳي. تنهنجي
ايمان کي نوڪر ڪونہ لڳي!

سنت ڏاڍي نمرتا سان جواب ڏنو. 'هي مترا اتي ئي تہ
هنجي تپسيا ۽ ساڌنا جو امتحان آهي. اسين جيڪا محنت
ساڌنا ڪريون تا اُن کي گرهست ۾ ئي آزمائبو آهي. گهر
هست ئي اهڙو اسڪول آهي جتي اسانجي پرايل شپ گڻن
ي پريڪشا ٿيندي آهي ۽ جي اسين اُن وقت صبر ڪري
ون تہ اسانجا جپ تپ سڦلا آهن.

(١١٧) ربيا - بيبي بصره

ربيا- بيبي بصره هيءَ ايران جي درويشياڻي ٿي گذري
ي. ڪيترا «هان گياني بہ هن جي اڳيان هارائي وهندا
هوءَ نہ صرف اُپديش ڏيڻ ۾ پربيڻ هئي پر هوءَ پهرين
تي آزمائي پوءِ ئي ڪنهنکي ڪجھ چوندي هئي.

'ڪهڙيءَ ڪبو ڪوه، جي رهڻي نہ رهيو'

ڪ ڏينهن هڪڙو نوجوان مٿي تي پٽي بڌي هن درويشياڻيءَ
آيو. اچي کيس عرض ڪيائين تہ مٿي جي سور کان ڏاڍو
آهيان. ماتا! ڪا مهر ڪر.

ڏهن ربيا ڪائنس پڇيو تہ هيءَ پٽي ڇو بڌي اٿيئي؟ جواب

چڏيندا آهيون. تڪارام ۽ نامي ڀڳت جي ڏنين تي مست ٿ
نچندا آهيون. اُميد تہ هاڻي توهان سمجھيو هوندو تہ ڪو
مڌر آواز ساز جو يا بانسريءَ جو انسان کي موهي ٿو ڇڏي

(١١٥) پرمارٿ جو پهريون پاڻ!

جپان ۾ هڪ وڏو سنت ڪِيو نالي ٿي گذريو آهي. اُن ج
جپان ۾ گهڻي مڃتا هئي. هن کي ملڻ لاءِ تائيم وٺڻو پوند
هو. هڪ جڳياسو سنت سان ملڻ آيو. ڪيس انومتي ملي هئي
ڪلاڪ ڏيڍ تائين سنت وٽ روح رهاڻ ڪندو رهيو. سن
کان پڇيائين. پرمارٿ جو پهريون پاڻ ڪهڙو آهي؟
سنت جواب ڏنو 'پرمارٿ جو پهريون پاڻ آهي نمرتا ۽ شرڌ
جيڪو جڳياسو پرمارٿ جي راھ تي هلڻ چاهي سو اهنڪ
ڇڏي نمرتا ۽ گروءَ جي وچنن ۾ پورن شرڌا رکي!'

(١١٦) تڪارام ۽ ڪمند!

هڪ ڏينهن سنت تڪارام ٻنيءَ مان ڪمند جون اٺ ڏ
چڙيون ڪٽي پئي آيو تہ رستي تي پريمي پيا گڏجنس. سين
کي هڪ هڪ چڙي ڏيندو پئي آيو. هن جي من ۾ تہ ڪ
پنهنجي پرائي جو ڀيد ڀاو ڪونہ هو سو سڀ ڪمند دان ڪر
ڇڏيائين باقي هڪ چڙي هٿ ۾ لوڏيندو پئي آيو تہ سند
پتني در تي سندس انتظار ۾ بيٺي هئي. جيئن ئي سن
تڪارام جي هٿ ۾ ڪمند جي هڪ چڙي ڏٺائين تہ تپ
باھ تي ويئي. يڪدم سوال ڪيائين تہ ڇا توکي سڄي ٻن
مان هڪ ئي ڪمند جو ٽڪر ٻن جڻن لاءِ مليو؟
سنت تڪارام ڇا چوي. وري بہ پتني ڪٽ پٽ ڪئي
جواب طلب ڪرڻ لڳي. آخر سنت تڪارام ڪيس ٻڌايو تہ ٻن

سا ملي پوندا. من ۾ اهو ويچار ڪري گهوڙيءَ جي نوڙي
لي گهوڙي ڪٽي اچي پنهنجي گهر ٻڌائين. ٻن ٽن ڏينهن
نپوءِ. جانورن جي بزار ڳوٺ جي ٽورو پريان لڳي. هيءُ بہ
وڙي ڪٽي وڃي پهتو. اُتي ڪن ڏڳا هر هلائڻ لاءِ پئي خريد
يا تہ ڪن ڳايون پنهنجي گهر جي کير لاءِ. هنن تہ وڏا هوڪا
ي ڏنا پر هيءُ آهستي پيو چوي تہ هيءَ گهوڙي ڪنهنکي
ي؟ ٻئي تہ ڪنهن هن جو آواز ڪونہ ٻڌو. پر هڪڙي ماڻهوءَ
بہ اُتي پئي گهميو تنهن کيس جاچيو تہ هيءُ اهڙي ڍلي
ز ۾ ڇو ٿو چوي؟ ضرور ڪا ڳالهہ آهي يا تہ گهوڙي سندس
ونهي يا ڪٿان چورائي ڪٽي آيو آهي. وڏي ويس اڳيان پڇيائينس
، گهوڙيءَ جو گهڻو وٺندين؟
چور جواب ڏنو. ’سائين! مان ڦريون پيرو ٿو وڪڻان سو توهين
سوچي سمجهي مونکي گهوڙيءَ جي صحيح قيمت ڏيو.‘
اهو ٻڌي اُن ماڻهوءَ جو ويتر شڪ پڪو ٿيو تہ ضروري ڳالهہ
ڪجهہ آهي. ۽ پاڻ بہ وڃهہ وٺي چالاڪي ڪري کيس چيائين
هي منهنجي هٿ ۾ جيڪو حقو آهي سو جهل تہ مان گهوڙيءَ
، چال ڏسان ۽ جي وٺي تہ پوءِ توکي اُنجا پئسا ڏيندس.
گهوڙيءَ وارو بہ هو آتو ۽ ٻنل سو چيائين ها! سائين پلي
وڙي هلائي ڏسو.‘
هو ماڻهو بہ گهوڙي ڪٽي تڪڙي هلائي ڪٽي ويو.
هيءُ پنيان گهٽيون ئي پيو رڙيون ڪري تہ سائين! ايڏو پري نہ وڃو.
وڙي مونکي واپس ڏيو. هيءُ پنهنجو حقو ونو. پر هو ٻڌي ڇو ٿو؟ هلندو
، اکين کان اوجهل ٿي ويو. هو ماٺ ڪري سور پي ويهي رهيو. ايتري
ڪندن پڇيس تہ گهوڙي وڪٽي آئين؟ چيائين ها! سائين!
ن پڇيس ’گهٽي وڪٽيئہ؟
ڇور چيو. ’جيتري ورتم اوتري وڪٽيم؟‘
ن شخص پڇيس نفعو ڇا ٿيئہ؟؟
چيائين. ’نفعي ۾ مليو آهي حقو!‘
ي تہ آهي درشتانت پر سڏانت ڇا آهي؟ سرير روپي گهوڙي
پندي رهندي. باقي بچندو انتهڪرڻ روپي حقو جنهن ۾

ڏنائين ’مٽي جي سور ڪان جڻ مٽو ڦاٽو تي تڏهن هيءَ پ
ٻڌي اٿم. سُنو نٽو وڃي.‘
’اڳي ڪڏهن اهڙو سور پيو اٿيئي؟‘ وري بيبي بصره س
ڪيس.
چيائين ڪڏهن نہ. ٽيهہ سال ڏاڍي آرام سان گذاريا اٿ
تڏهن ربيا کي وجهہ ملي ويو ۽ کيس سمجهائيندي چيائ
’ٽيهن سالن ۾ هڪ ڀيرو مٽي ۾ سور ٿيو اٿيئي تہ هليو آه
شڪايت ڪرڻ. پٽيون ٻڌي ڍنڍورو ڏيڻ. سائينءَ جي ڀلاين ڪ
وساري جنهن توکي ٽيهہ سال تندرست ۽ آرام سان رکيو آه
ڪڏهن هنجي سڪہ ۽ آرام ڏيڻ جي پٽي ٻڌي اٿيئي تہ منهنج
مالڪ منهنجي لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو آهي.‘
نوجوان اهو ٻڌي دنگہ رهجي ويو. ۽ لڳو سوچڻ تہ ما
چوي تہ سچ ٿي. ايشور جي ڏنل نعمتن جو ڪاٿو ڪونه
پر اُن جو تہ مون ڪڏهن خيال ئي ڪونہ ڪيو آهي.
اڪثر انسان ائين ئي ڪندو آهي. سڪہ تہ هضم ڪري وين
آهي پر ڏکہ جي شڪايت هڪ هڪ سان ڪندو آهي.

(١١٨) چور ۽ حقو!

چور پنهنجي ڳوٺ ۾ چوريون ڪري بدنام ٿي ويو هو. سوچيائ
چو نہ ڪنهن پاسي واري ڳوٺ ۾ وڃان. اُتي ماڻهو مونکي سڃا
ڪونہ سو سولائيءَ سان چوري ڪري سگهندس. اهو سوچي پنهنج
ڳوٺ مان شام جي وقت نڪتو. رات جو اچي پاسي واري ڳ
۾ پهتو وڃي ڳوٺ جا گهر جاچيندو ويو. سڀني گهرن جا در
دروازا بند ڏسي ڏاڍو نراس ٿيو. گهرن ۾ اندر گهڙي ڪيئ
ايتري ۾ ڏٺائين هڪ گهر جي ٻاهران هڪ ڀلي گهوڙي نو
۽ ڪونٽي سان. ٻڌي پيئي آهي سو يڪدم خيال آيس تہ ڇ
اها گهوڙي نوڙي ڇوڙي ڪٽي وڃان. جانورن جي بزار لڳن
آهي جتي جانورن جا سؤدا ٿيندا آهن اُتي وڪٽي ايندس

(١٢٠) شيخ سعدي ۽ ڪپڙا

شيخ سعدي شاعر هو. هن جي هاڪ چوڌاري ڦهليل هئي.
ڪ ڏينهن راجا هن کي نوتو موڪليو تہ اچي منهنجي درٻار
پنهنجي شاعري ٻڌاءِ.

راجا جي درٻار ۾ وڃڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. پنهنجا
ب ڪپڙا ڪڍيائين. سوچيائين راجا جي درٻار ۾ پائي وڃڻ
ڙا تہ ڪپڙا ئي ڪونهن. اُتي تہ نهي نڪي وڃبو آهي.
ور سان شڪايت ڪيائين ڏوراپو ڏنائينس تہ شاعرن کي غريب
ڪندو آهين؟ هو تہ تنهنجي مهما ڳائيندا رهندا آهن
انهن لاءِ تو وٽ دنيوي پدارٿ ڪونهن. ڏاڍو نراس ٿيو ۽
ي مونجهہ ۾ اچ وڃ پئي ڪيائين. ان مونجهاري ۾ ٻاهر
ڪنيءَ ۾ آيو تہ ڇا ٿو ڏسي. هڪ رانديڪن وارو هوڪو ڏيئي
بو هو پر سندس هڪ ٽنگہ ۽ هڪ ٻانهن ڪٽيل هئي. ويساکين
پئي هليو. ٻچيءَ ۾ رانديڪن جو ٿيلهو لٽڪيل هوس پر
و خوش پئي لڳو. ناراضپي جو ڪوبہ نشان سندس منهن
نظر نٿي آيو. شيخ سعديءَ کي عجب لڳو تہ هيتري تڪليف
دي بہ هو خوش آهي ۽ مان فقط ڍنگ جا ڪپڙا نہ هئڻ
ي ايترو دکي آهيان سو وڌي اڳيان ويس. وڃي حال احوال
ئين. رانديڪن واري چيو 'ٽنگہ ٻانهن تہ وڃائي وينو آهيان
نڌهن بہ ايشور جا شڪرانا ٿو مڃيان جو وري بہ هڪ ٽنگہ
ڪ ٻانهن تہ ثابت رکي اٿس جو ويساکين تي هلي رانديڪا
ي پنهنجو سکيو گذران ڪري ٿو سگهان. تڏهن شيخ سعدي
تي ڦٽڪار وجهڻ لڳو ۽ شڪر شڪر ڪرڻ لڳو تہ منهنجو
سالم مونکي ڪپڙا بہ آهن. راجا کي تہ منهنجا شعر
آهن. ڪپڙن سان ڇا ڪرڻو آهي. ماڻ ڪلا جو آهي نہ
ن جوا تڏهن سندس من هلڪو ٿيو.

'دس بستولي، پاڇي پاويءَ،

اسان جون اڇائون ۽ ڪرم پريا پيا آهن جي پيا اسانکي پنهن
ڪرمن جا ڦل ڏين ۽ اسانجي بئي جنم جا سامان پيا بڻج

(۱۱۹) ڪروڌ آهي بلا

رشي وشوامتر پنهنجو يگيہ تي آرنڀ ڪيو تہ خيال ڪيائ
تہ يگيہ جي وقت تہ مان هوندس پنهنجي پوڃا ۽ آرڌنا
۽ جهنگل ۾ راڪشس آهن گهڻا سو اُنهن کان رکشا ڪير
ٿيندي؟ سو ويچار ڪيائين تہ راجا دسرٿ وٽ وڃان.
جا بہ جوان پٽ رام ۽ لڪشمڻ وٺي اچان، اُهي بهادر
آهن، اچي منهنجي واهر ڪندا. لنگهي ويو راجا دسرٿ
دربار ۾ وڃي ڪيس پنهنجي من جي ڳالھ ٻڌايائين تہ
تنهنجا بہ پٽ رام ۽ لڪشمڻ وٺڻ آيو آهيان. راجا پنهن
پٽن جي ننڍي عمر جو سوچي گهبرائجي ويو. ۽ آناڪا
ڪرڻ لڳو ۽ رشيءَ کي چيائين. توهين تہ سمرٿ آهيو. توهان
ورهين جي تپسيا آهي سو ڪين سراپ ڏيئي ماري ٿا سگ
پوءِ هنن ابوجھ جوانن جي گُهر ڇو ٿا ڪريو؟

رشيءَ جواب ڏنو 'برابر! پر يگيہ ڪرڻ وقت ڪروڌ نہ ڪ
آهي. ڪروڌ ڪرڻ سان سڀ يگيہ جو ڦل ناس ٿي ٿو و
۽ پاپ جو ڀاڳي ٿو بڻجي. ان ڪري مون يگيہ ڪندي ڪ
نہ ڪرڻ جو سنڪلپ ڪيو آهي.'

اهو ٻڌي شري وششٽ جي مهراج راجا دسرٿ کي ٻن
ٻارن کي رشيءَ سان گڏ موڪلڻ جي آگيا ڪئي!

سچ آهي. ڪروڌ اسانجي شڀ ڪٽن کي ناس ٿو ڪ
۽ اسانجي سڄي جيون ڌانوا ڌول ٿو ڪري ڪروڌ اچي
ٿڌو پاڻي پي ڇڏجي. ڪنهن بہ نموني انهيءَ بلا کان
کي بچائڻ جو يتن ڪجي!

ير جو حال تہ اهڙو تيڻو آهي. من سندر ۽ صاف رکجي!

صاف من ۾ ئي شيءِ گڏڻ جو واسو ٿئي ٿو،

شيءِ گڏڻ اسانجي جيون کي سندر بڻائين ٿا!

(١٢٢) راجا ڀرتري ۽ سنياس!

راجا ڀرتري تہ پنهنجي ويراڳہ ورتيءَ کان مشهور آهي.
س چوٽ بہ پنهنجي راڻي پنگلا جي بي وفائيءَ جي ڪري
ڀ ۽ ويراڳي بڻجي پيو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ ڪيس سنياس
ڻ جو ويچار ٿيو سو راجائي ۽ گهر ٻار ڇڏي سنياسي ٿي
. پر سنياس وٺڻ سولي ڳالھ تہ ڪونهي سو ڇھ ڀيرا سنياس
ائين. وري وري پلجي وجي. آخرين ڀيرو جڏهن سنياس
ڻ جو ويچار ڪيائين تہ پنهنجي باغ ۾ مهاپرش ڪي رهائي
اُن جا پروچن ٻڌندو هو. جڏهن سمجهيائين تہ من ڪجھ
ر ٿيو آهي تڏهن اُن مهاپرش کان منتر وٺڻ جي تياري
ائين. سنت چيس گرو دڪشڻا ۾ پنهنجي من جو ماڻ ڇڏي
. اهو ويچار بہ دل مان ڪڍي ڇڏ مان سنياسي ٿو ٿيان.
و خيال ئي من ۾ اهنڪار ٿو پيدا ڪري ۽ جيسين اهو
ڪار رهندو تيسين تون ڪنهن بہ پد تي پهچي نہ سگهندين.
پرش جي ڳالھ هن جي سمجھ ۾ آئي ۽ هميشه لاءِ پنهنجو
ل، خزانو ٻار ٻچا ڇڏي هلي ويو.

هي انسان! توکي ڇڏڻو آهي ماڻ!

باقي ڪپڙا گيڙو پاتاسين تہ ڇا ٿيو!

(١٢٢) پنهنجي درشٽيءَ تي ڌيان ڏي!

قراط پنهنجي وقت جو تمام مڃيل درويش ٿي گذريو آهي.

ايڪ بست ڪارڻ بکوت ڳوايءِ

ايڪ پي نہ ڏيئہ، دس پي هرِ لي،

تئہ موڙا ڪها ڪريئہ.

(سکمني ٥ اشٽپدي ١ پوڙ

معنيٰ:- اي انسان! داتار توکي ڏهہ شيون ڏنيون آهن، ه

اُن مان هڪ واپس وٺي ٿو تہ تون پنهنجو وشواس وڃائي

وهين. ذرا سوچ تہ جي هڪ بہ نہ ڏيئي ۽ ڏهہ ئي ڪسي وٺي

تہ هي موڙها! غافل ڇاٿو ڪري سگهين؟

(١٢١) راجڪماري!

هڪ راجڪماري هئي. هوءَ شڌ آهار کائيندي هئي.

شاستر پڙهندي هئي. شپ گڻن واري هئي. اهڙي پوتر ۽ سڀاج

هئي جو سڀ آس پاس جا راجڪمار هن راجڪماريءَ کي حا

ڪرڻ لاءِ حيران ٿي ويا. جڏهن ٻيو ڪو وس نہ هلين تہ راجڪمار

جي پيءُ تي چڙهائي ڪري آيا. راجڪماريءَ ڏٺو تہ منه

پيءُ اڪيلو هي هيترا راجڪمار ۽ راجائون. منهنجي ڪ

منهنجي پيءُ کي تڪليف ٿا ڏين. اهو ويچار ڪري سڀ

راجڪمارن کي نوٽو ڏيئي گهرايائين ۽ اهڙي اٽڪل ڪيا

جو هڪ هڏن جو پڃرو محل جي دروازي اڳيان رکائي ڇڏيائ

جيڪو اچي سو اهو ڀيانڪ بوتو ڏسي ڊڄي وڃي. گهڻا تہ پ

ويا. جيڪي بچيا سي همت ڪري اندر آيا ۽ راجڪما

کان پنهنجي بي عزتي ٿيڻ جو سبب پڇڻ لڳا! راجڪما

چيو تہ ان ۾ عزت ۽ بي عزتيءَ جو تہ سوال ئي ڪون

هر ڪنهن جو، سونهن وارو هجي يا بدصورت هجي اُنجو

حال ٿيڻ وارو آهي. مون صرف توهانجي اڳيان حقيقت سام

رکي آهي. تہ آخر ۾ مان بہ ائين ٿي وڃڻ واري آه

ي دل وجان سان شيوا ڪندو هو. هن جو پنهنجي مرشد ۾
يترو عقيدو هو جو سمجهندو هو ته منهنجو مرشد آهي ته
ان آهيان. ان ڪري اُنجي سار سنڀال لهندو هو.

هڪڙو وقت اهڙو آيو جو ڪين ڪو پاڻيءَ جو نالو پار ڪرڻو
و. نالي ۾ پاڻي گهڻو هو. وچڻو به هن پر ضرور هو. اُستاد
رسطو اُتيو نالي وٽ آيو ته يڪدم سڪندر بادشاهه کيس روڪي
پاڻ نالي ۾ گهڙي ويو ۽ ٻئي پار تائين وڃي سڄي جاچ
ڙتال ڪري ته ڪٿي پاڻي گهڻو آهي؟ ڪڏون کِها وڏا آهن
نديا. موٽي پنهنجي مرشد وٽ آيو ته هاڻي هلو مان ٿو
هانڪي وٺي هلان. سنڀالي سنڀالي نالو پار ڪري وڃي ٻئي
سي پهتا. تڏهن اُستاد ارسطوءَ سڪندر بادشاهه کان پڇيو 'پهرين
ن ڇو وئين؟ مونکي ڇونه وڃڻ ڏنئه؟ يا پهرين پيري ئي
ئي گڏ هلون ها. تو تڪڙ ڇو ڪئي؟'

تڏهن سڪندر بادشاهه چيو ته اڻ ڄاتي نالي ۾ توهان کي
يئن گهڙڻ ڏيان؟ توهان کي تڪليف ٿئي ها ته مان سهي
سگهان ها. ڇو جو توهين آهيو ته مان آهيان. نه رهو مان
توهان ته گهڻن ئي مريدن جا سهارا ۽ آڌار آهيو. مونکي
جهه ٿئي ها ته ڪهڙو فرق پوي ها. پر توهان کي وڃائڻ
ته سوچي نه ٿو سگهجي!'

سڪندر بادشاهه جو پنهنجي مرشد ۾ ايترو صدق هو.

(١٢٥) مهاتما گانڌي!

مهاتما گانڌي پنهنجي وڪالت جي ڊگري وٺي جڏهن آفريڪا
ويو ۽ اُتي هندستانين سان ٿيندڙ ظلم ڏسي اُتي ئي آندولن
ع ڪيو پر گهڻو وقت رهي نه سگهيو جو کيس پنهنجي
ديش جو گهڻو خيال ٿيو ۽ هندستانين کي سڄاڳ ڪرڻ
پرڻ ڪري هتي موٽي آيو. ديشواسين به هن جي ڀرپور

سندس ڪيترا ئي شش هئا. هو اُنهن جي وقت بوقت رهنم
ڪندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن سندس هڪ شش جيڪو سقراط ۾ ڏاڍي ش
رکندو هو، تنهن چيس تہ ڪيترو بہ من سان وڙهجي
سوچجي ٿو پر من باز نٿو اچي. ڪٿي جو ڪٿي پهچائي
ڇڏي. ڪو سولو طريقو ٻڌايو من جي وس ڪرڻ جو.

تڏهن سقراط شش کي پاسي ۾ وهاري مٿس پنهنجي م
جو هٿڙو ڏري چيو:

’ٻچا! انسان جي درشٽيءَ ۾ ئي رولو آهي.‘

جهڙي درشٽي ٿئي ٿي تهڙي ئي سرشٽي پاسي ٿي.
درشٽي گڻ گراهي آهي تہ اسين سڄي سرشٽي کي سڪہ ر
پيا سمجهون ۽ جي درشٽي دوش ڪڍڻ واري آهي تہ اس
سڄي سنسار کي ڏسي دوش ئي پيا ڪڍون.

ڏس! جيئن هيءُ پاڻيءَ جو گلاس سامهون اڌ ڀريل رکيو آه
جي دوش درشٽيءَ سان چئبو تہ رڳو اڌ تہ ڀريل آهي ان
کهڙي اُڄ لهندي تہ من ۾ ڏکہ ٿيندو پر جي گڻ درشٽيءَ
ڏسبو تہ چئبو وري بہ شڪر آهي ههڙي اُڄ هئڻ سبب گرم
جي موسم ۾ اڌ گلاس ئي سهين پيئڻ لاءِ مليو تہ آهي، پ
من ۾ شڪر گذاري اچي ويندي. گلاس ساڳيو پاڻي ساڳيو ص
درشٽيءَ جو ڦير. ۽ اُن تي اسانجي من جي اوسٿا جو مدار آه
تنهنڪري پنهنجي درشٽيءَ تي ڌيان ڏي.‘

تنهنڪري تہ چوندا آهن:

جهڙي درشٽي - تهڙي سرشٽي!
جهڙو اَنُ - تهڙو من!
جهڙو پاڻي - تهڙي واڻي!

(۱۲۴) اُستاد ارسطو ۽ سڪندر بادشاهہ!

سڪندر بادشاهہ جو مرشد اُستاد ارسطو هو. هو پنهنجي م

نهن تناءَ جي ڪري ٿو سگهي.'
بهادري آهي من سان نہ ٿولهہ سان.
بزرگي آهي عقل سان نہ وڏي عمر سان.'

(١٢٦) هنومان ۽ ڳاڙهو رنگ!

هنومان!
هنہ معنيٰ مارڻ،
مان معنيٰ پنهنجو آپو
هنومان جو مطلب صاف اهوئي ٿيو تہ پنهنجو آپو ماري
ر جي شيوا ۾ لڳو رهي!
هنومان جي شيوا ۾ ڀڳتي ايڪاگرتا واري هئي هن کي جيڏانهن
ڏانهن رام ئي نظر ايندو هو ۽ شري رام کي پائڻ لاءِ هو
جهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو.
هڪ ڏينهن سيتا ماتا کي پنهنجي نرڙ تي ڳاڙهو تلڪ
ندو ڏنائين ۽ کيس محسوس ٿيو تہ ماتا جانڪيءَ جي شويا
نرالي ٿي ويئي آهي ۽ سوچڻ لڳو تہ شري رام جي دل
راڻي بہ انهي ڪري ٿي آهي. سو پاڻ کي تلڪ سان
و ڳاڙهو ڪري ڇڏيائين.
شري رام پڇيس 'هي ڇا؟' پاڻکي سڄو ڳاڙهو ڪري ڇڏيو
ي!'
ڪنڌ نوائي مٺي آواز ۾ چيائين 'ڪرپالو ديالو توهان کي
هو رنگ پسند آهي. ان ڪري ائين ڪيو اٿم.' شري رام
ي وينو.
ج بہ ڪيترن هنومان جي مندرن ۾ هنومان جي سڄي
ي مورتي نظر ايندي آهي.

آجيان ڪئي. مهاتما گانڌي هتي اچي ديشواسين سان گڏ
ڪم ڪري ماڻهن ۾ اهڙو وشواس جاڳايو تہ غلام ديش ۾ ڪي
وقت رهبو. اچو تہ ملي ديس کي آزاد ڪرايون. انگريزن
چنبي مان ڇڏايون. جنتا گانڌيءَ جو سڏ اونايو ۽ نڪري
ميدان ۾ ۽ انگريزن کي ٽوتا چباڙايائون. انگريز بہ گانڌ
کان ڪئہ ڪائيندا هئا. جيل ۾ موڪليندا هئس پر جنتا
ستياگرهن ۽ سرگسن تي کيس آزاد ڪرڻو پوندو هون.

تڏهن هڪ جاٽ جيڪو پنجاب ۾ رهندو هو اخبارن ۾ مها
گانڌيءَ جي باري ۾ سڀ حال احوال پڙهندو هو پر هن گانڌ
کي ڏٺو ڪونہ هو. دل ۾ پيو ويچار ڪندو هو تہ هيءُ گانڌ
ڏاڍو بلوان هوندو جنهن ڀارت جي سڄي جنتا کي پاڻ س
ملائي ڇڏيو آهي. اهڙو بلوان ۽ بهادر شخص تہ ضرور ڏ
گهرجي. سو اهو خيال ڪري هن جي هر چرپر جي خبر
رکندو هو. آخر اهڙو ڏينهن آيو جو هن مهاتما گانڌيءَ
سرگس کي ڳولهي لڌو. ٣ ماڻهو اڳيان ٻنهي پاسي بہ بلو
شخص ۽ وچ ۾ سنهو سوڪرو ٽيئي ٽڪڙو پئي هليا ۽ حش
ماڻهن جا پنيان پئي هليا. پاڻ بہ پيڙ کي چيريندو وڌ
پيو وڃي. هرهڪ کان پيو پڇي تہ مهاتما گانڌي ڪهڙو آه
ساڄي پاسي وارو آهي يا ڏائي پاسي وارو آهي. سيني ٻڌاي
وچ وارو جيڪو سنهو ماڻهو آهي سو آهي مهاتما گانڌي. اعت
نہ پيو اچيس. وري پيو ٻين کان پڇي. سيئي جيڪي مها
گانڌيءَ کي سڃاڻندا هئا تن کيس يقين ڏياريو تڏهن سو
لڳو تہ ههڙي سنهڙي سيڪري ماڻهوءَ ۾ سرير جو بل تہ
ڪونہ ٿو اچي. سو ڪيئن ٿو هندستان جي ماڻهن کي
ڏانهن ڇڪي سگهي. ضرور هن جو من پربل آهي. ضرور
جي من جي طاقت گهڻي آهي جو هو ماڻهن کي پاڻ ڏان
۽ پنهنجي اصولن ڏانهن مائل ڪري ٿو سگهي. من بل
ٿيندو آهي تپسيا سان. هن تپسيا ڪئي آهي. هن من
محنت ڪئي آهي تڏهن اهڙو سلجهيل آهي ۽ سڀ ڪم

ويھي ٿهڪ ڏيڻا آهن. هنن جون ٻوليون ٻڌڻيون آهن. ”ڏهن
ئي من پرسن رهندو آهي. پرسن من ئي اسانجي وديا ۽ گيان
جو پرساد آهي. سهج سڀاءُ هلڻ ئي من کي هلڪو ڪرڻو آهي.
سچو وقت گيان جي ڳالهين سان من کي چڪڻو نہ آهي.
جيئڻ من هلڪو تيئن ڏيرج وڌندو.“
اهو ٻڌي سڀ واهہ واهہ ڪرڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي ۾ چوڻ لڳا
نہ چوي تہ سچ ٿو.

(١٢٨) چنچر ديوتا!

ڪنهن سمي چنچر ديوتا وشنو ڀڳوان سان ملڻ آيو. چنچر
ديوتا کان وشنو ڀڳوان حال احوال پڇيو تہ چنچر ديوتا چيو
نہ مرتيو لوڪ جا ماڻهو تہ مون مان ڏاڍو ناراض آهن. جتي
جان اُتي ڏک ڏکان تيندي آهي. سائين! توهان ئي ٻڌايو
مان ڇاتو ڪري سگهان؟ مونکي جيڪا ڊيوٽي جيڪو ڪم مليل
آهي اُهو تہ مونکي ڪرڻو ئي ٿو پوي. ڪنهن وٽ اڍائي سال
ڪنهن وٽ پنج سال تہ ڪنهن وٽ ساڍا ست سال رهڻو ٿو
پوي.
شري وشنو ڀڳوان چنچر ديوتا کي هيترو دکي ڏسي چيو
تہ تنهنجي شوڀا تہ سڀ کان نرالي آهي. جي تون نہ هجين
تہ سک جو انيؤ تہ ڪنهنکي ٿئيئي نہ، جڏهن تنهنجو وقت
پورو ٿيندو آهي تڏهن دکہ سهي سهي تہ سکہ جو مزو ماڻيندا
آهن لوڪ!
اهو جو ٻڌو لڪشمي ديويءَ تہ اڄ منهنجو سوامي پيو چنچر
ديوتا جي ساراهہ ڪري ۽ هنکي سوڀياوان سڏي تہ کيس ڏکہ
ٿيو ۽ سڏو ويئي وشنو ڀڳوان وٽ ۽ کيس ڏوراپو ڏيندي چيائين
تہ هاڻي منهنجي شوڀا گهٽجي ويئي آهي ڇا جو چنچر ديوتا
جي شوڀا جا ڀيا ڳڻ ڳايو؟

(١٢٧) ودوان ايسپ!

ايسپ، گريڪ جو وڏو ودوان ۽ گياني هو. گهڻيئي سند
سکيائون مڃيندا هئا. هو سمجهندا هئا تہ اهڙو گياني ماڻ
سدائين گنڀير رهندو آهي ۽ هو اُن ڏارڻا سان ڪيس ڏسن
هئا پر هو تہ سهج سڀاءُ هلڻ وڏيڪ پسند ڪندو هو. گيا
جي وقت گيان وندر جي وقت وندر.

وقت بچائي ٻارن سان رانديون ڪندو هو. ڪين ننڍا نن
توتڪا ٻڌائي خوش ڪندو ۽ پاڻ بہ اُنهن جون معصوم ڳالهيو
ٻڌي خوش ٿيندو هو. ائين هو پنهنجي وقت جو سد اپيو
ڪندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن ڪن ليڪڪن ڏٺو تہ هيڏو وڏو فلاسفر وينو ٻار
سان ڪيلي. ڪين ڏاڍو عجب لڳو. وڏي اڳيان آيس ۽ يڪد
سوال ڪيائون 'توهان هتي؟ ٻارن سان؟؟ تڏهن ايسپ پڇي
'ڇا مان ٻارن سان نئو ڳالهائي سگهان؟ اُنهن جي اٻوجهائي
سان کلڻ ڳالهائڻ ڪي نئو ماڻي سگهان؟' اجا ايترو چيائي
مس تہ ڏٺائين سندس جي پاسي ۾ تير ڪمان پيو هو
ڪمان ڪي ٻڌل نوڙي ڇڙيل هئي. سندس خيال يڪدم اوڏانه
ويو ۽ پڇيائين 'هيءُ ڪمان ڪنهنجي آهي؟ ۽ هنجي ڏ
ڇو لٿل آهي؟؟

تڏهن هڪ ماڻهو جنهنجو اهو تير ڪمان هو. تنهن وراڻ
'اسين فرصت وقت نوڙي ڪولي رکندا آهيون. سڄو وقت تاڻ
رکڻ سان اُها پورو ڪم نہ ڏيئي سگهندي آهي ۽ ڍلي بہ ٿ
ويندي آهي. ان ڪري ڪجهہ وقت نوڙي ڇوڙي ڇڏيندا آهيو
وري جڏهن ضرورت پوندي آهي تڏهن ڪشي ٻڌندا آهيون

تڏهن ايسپ چيو 'توهان ڪي سوال جو جواب ملي ويو. س
وقت گيان جو ڳالهيون ڪري پاڻ ڪي خشڪ ڪرڻو ڪونه
ڪڏهن پنهنجي وندر لاءِ کلڻو ڳالهائڻو بہ آهي. ٻارن سان

م جپڻ جو شپ ڪرمن ڪرڻ جو بہ پرشارت ڪندو رهجي!

’لڳي رهي دل ڪناري، ڪيي تو لهر آئيگي،
تقدير ڪي اِڪ جهونڪي سي زندگي بدل جائيگي.‘

(١٣٠) سمرٿ گرو رامداس!

سمرٿ گرو رامداس شواجي مهراج جو گرو هو. شواجي مهراج
ي پنهنجي گروءَ ۾ ڏاڍي نشٺا هئي. هرڪو ڪم هن جي
للاح سان ڪندو هو. رائگڙهہ جي قلعي ناهڻ ۾ بہ گرو سمرٿ
مداس جون سکيائون شواجي مهراج لاءِ ڏاڍيون ڪارگر ٿيون.

سمرٿ گرو رامداس سنياسي هو. روز هڪ گهر مان هڪ
رو بکشا وٺندو هو. جي ملي تہ کائيندو جي نہ ملي تہ ٻئي
ر تي نہ ويندو هو. شواجي مهراج ڏسندو هو تہ کيس ڏاڍو
يال ٿيندو تہ منهنجو ستگرو روز جهولي کڻي پيو بکشا وٺي.
س چيائين تہ منهنجا ستگرو! مان توهانکي پنهنجو سڀ
جهہ ارپڻ ڪيو. هاڻي توهين ڪنهن در تي نہ وڃجو.

تڏهن گرو رامداس چيو تہ هيءُ راڄ منهنجو ٿيو پر هاڻي
ڪي منهنجي امانت سمجهي هلائڻو پوندو پنهنجي دشالي
ن گيڙوءَ ٽڪرو ڦاڙي سندس مڪٽ تي ٻڌي چڏيائين ۽ کيس
يا ڪيائين تہ هاڻي منهنجي امانت سمجهي راڄ ڪر. اسين
ياسي پاڻ وٽ ڪجهہ نہ رکندا آهيون. مان تنهنجو راڄ پاٽ
ي ڇا ڪندس؟ مونکي تہ اهو لوٽو لنگوٽي بس آهي‘ تون
ڄ پيو ڪر. جنتا کي سک پيو ڏي پر بہ ڳالهيون ياد رکج.
هنجو منهنجو ڪري ايمان نہ ڪج. ۽ دنيا جي راڄ ۾ اٽڪي
پئج.

تڏهن وشنو ڀڳوان ڳهٽوئي لڪشميءَ کي سمجهايو تہ اهڙ
ڳالهہ ڪونهي تنهنجي شوڀا پنهنجي جاءِ تي آهي ۽ هنج
پنهنجي جاءِ تي. ان ۾ ذڪر ڪرڻ جو تہ سبب ئي ڪونه
پر تہ بہ لڪشمي پنهنجي ضد تي ۽ چيائين پلي توهين اسانج
پريڪشا وٺو. وشنو ڀڳوان کي استري جي ڳالهہ مڃڻي پيئي
تڏهن پريان هڪڙو وڻ ڏيکاري چيائينس تہ بہ ئي ڊوڙند
اُن وڻ تائين وڃو جيڪو پهرين پهچندو اُن جي شوڀا وڌيڪ
ٿيندي. لڪشمي تہ تڪڙا تڪڙا قدم کڻي وڃي وڻ وٽ پهتي
۽ چنچر ديوتا آهستي آهستي پئي ويو. هوءَ وڻ کي هٿ لڳائي
موٽي رهي هئي ۽ چنچر ديوتا اوڏانهن وڃي رهيو هو. اُتا
ئي رڙ ڪري لڪشميءَ چيو تہ هاڻي تہ پلا فيصلو ڪريو. تڏهن
وشنو ڀڳوان مرڪي ڏنو ۽ چيائين ٻئي وڻندڙ آهيو. لڪشمي
ايندي وڻندي آهي ۽ چنچر ديوتا ويندي وڻندو آهي. تو
اچي رهي آهين ۽ هو وڃي رهيو آهي.'

(١٢٩) اُدم نہ ڇڏجي!

هڪ ڳوٺ ۾ ڪيترا مهنا برسات نہ ٿي هئي. ڌرتي سڪ
ويئي هئي. سڪل ڌرتيءَ تي بہ ڪسان هرُ هلائي رهيو ه
سيڻي چيس تہ سڪل ڌرتيءَ تي هر هلائڻ مان ڪو فائدو ڪو
آهي. تڏهن اُن ڪسان چيو 'ادا خبر اٿم پر مان تہ پنهنج
پرشارٿ ڪندو رهندس. متان ويهي ويهي سست نہ ٿي وڃا
۽ هرُ هلائڻ بہ وسري وڃيم. تنهن ڪري مان تہ پنهنجو اُد
ڪريان.'

شو مهراج هن ڪسان جو جواب ٻڌو دل ۾ چيائين تہ مو
بہ شنکہ گهڻا ڏينهن وڄايو ڪونهي متان شنکہ وڄائڻ وسر
نہ ويو هجي. کڻي وڄائي ٿي ڏٺائين تہ شنکہ وڄي ويو ۽ برسا
پئجي ويئي. ڪسان ۽ ٻيا هاري بہ سڀ خوش ٿيا. پنهن
اُدم نہ ڇڏجي جيئن سنساري ڪمن جو اُدم تو ڪجي تيئ

(١٣٢) سنت ايڪناٿ ۽ نانگ!

سنت ايڪناٿ جو نالو سڄي مهاراشٽرا ۾ مشهور آهي. گھڻيئي
ڃا شش بہ آهن. ايڪناٿ ناسڪ ۾ ويو هو اُتي روز صبح
سويل اُتي گوداوريءَ تي اسنان ڪرڻ ويندو هو. هڪ ڏينهن
ئن ويو پئي تہ ڏٺائين هڪڙي نانگہ پئي سور ڪان ڪيڪڙايو
ي ڪي ڪنهن پٿر هٽي زخمي ڪري ڇڏيو هو. سوامي ايڪناٿ
ديا جو ڳڻ ڪوٺان ڪوٽ پربل هو سو نانگہ کي هٿ گھمائي
ڪي ملم وغيره لڳائي دکہ دور ڪيائين. ۽ پنهنجي واٽ وٺي
دو رهيو.

هو نت نيم سان صبح جو سوير نديءَ تي اسنان ڪرڻ ويندو
. چوماسي جي ڏينهن ۾ هڪ رات ڏاڍي برسات پيئي پر
هن بہ هو پنهنجي وقت تي اُتي نديءَ ڏانهن وڃڻ لڳو
چا تو ڏسي تہ اُهوئي نانگہ جنهنکي هن ڪجھ ڏينهن
شيوا ڪري نيڪ ڪيو هو اُهوئي سندس دڳہ جهلي بيٺو
جنهن پاسي هو وڃڻ جي ڪري تہ نانگہ اُن پاسي منهن
ري بيهي رهي. آخر سنت ايڪناٿ ٻئي رستي کان نديءَ
ف ويو ۽ وري جڏهن اشنان ڪري موٽيو تہ وري اُن ئي
ني تان موٽيو جنهن تان روز ويندو هو ۽ جنهن رستي تي
گہ ڪيس روڪيو هو. ڇا تو ڏسي! تہ جتي ڪيس نانگہ روڪيو
۽ وڃڻ نہ ڏنو اُتي سڄي رات برسات وسڻ جي ڪري
تي پيو هو جيڪو ڪيس ان وقت اونداهي جي ڪري ڏسڻ
نہ آيو هو. تڏهن من ئي من ۾ نانگہ جا شڪرانا مڃيائين
هو بہ صاف سڌ تي بيٺو تہ نانگہ بہ ڪنهنجو احسان نٿو
ي. وقت تي ڪم اچي ٿو. اسين انسان ئي ڪرتگهن آهيون.
ن سائينءَ اسان کي سڀ ڏنو آهي تنهنکي وساري ويٺا
ون.

’سو ڪِئون بسري - جس ني سب ديا‘

(۱۳۱) رام جي نالي تي پٿر بہ تري ويا

لنڪا پهچڻ لاءِ پل ٺاهڻ جي ضرورت ٿي. پل ڪانسواءِ هي
درياھ پار ڪري ڪيئن هيترا باندر، اُنهن جي سئنا ۽ شر
رام لڪشمڻ لنڪا پهچن. گهڻن ئي راوڻ کي سمجهايو
سيتا کي واپس ڪر ۽ شري رام سان سمجهوتو ڪر پر ه
ڪنهنجي هڪ بہ نہ ٻڌي. اهنڪار اهڙي مت منجهائي ڇڏين
آهي جو ڪنهن جي بہ سٺي سٺين ڳالھ من کي وڻندي ناه
راوڻ سان بہ اهو حال ٿيو. آخر شري رامچندر کي باندر
جي سئنا وٺي لنڪا ۾ وڃي راوڻ سان يڌ ڪرڻي پيئي ۽ اوڏانه
وڃڻ لاءِ ئي پل جي ضرورت هئي. هنومان تہ رام جو انن
ڀڳت هو اُن ئي رٿا رٿي تہ پٿر پٿر تي رام جو نالو لک
وجون سمنڊ ۾ وجهندا. رام جي ڪرپا سان پل ٺهي پوندي
سڀيئي باندر ڪم کي لڳي ويا. رام جي نالي وارا پٿر ترن
ويا ۽ پل ٻڌجڻ جي اُميد وڌندي پئي ويئي. ايتري ۾ را
کي خيال آيو تہ مان بہ هڪڙو پٿر وجهان تہ منهنجو بہ ڪج
اُن ڪم ۾ يوگہ دان ٿئي سو هڪڙو پٿر کڻي اُڇلايائين
سڀني جي عجب جي حد نہ رهي جڏهن ڏٺائون تہ اُن پ
ترڻ بجاءِ وڃي ترو ورتو.

تڏهن هنومان سڀني جي عجب ۽ شنڪا کي دور ڪرڻ
چيو تہ اِن ۾ عجب ۽ حيرت جي ڪهڙي ڳالھ آهي اِها
سمجهڻ جي ڳالھ آهي تہ **جنهنکي رام ئي ڇڏي ڏنو تنه
کي ڪير تاريندو!** 'رام سي بڙا رام ڪا نام!' اسان تہ ر
جو نالو پٿر تي لکي ۽ مکہ سان رام چئي پيا پٿر وجه
تہ سڀ تري ٿا بيهن.

'جنهن کي شري رام جي اوٽ. تنهنکي لڳندي نہ ڪا
چوٽ!'

(۱۳۴) ڀڳوان ھلڪو ٿي پيو

ھڪڙو ڀڳوان جو ڀڳت ۲۵ سال ساندھ نيم سان مندر ۾
ڳوان جو درشن ڪرڻ ويندو ھو. آخر اچي ٻڍو ٿيو. گوڏن جي
سور ھلاڪ ڪيو ھوس. سهڻ جھڙو سور ھوندو ھوس تہ بہ گسائيندو
ڪونہ ھو. جو نيم رکڻ سان ڀڳوان سان پريم ٿي ويو ھوس.
ڪ ڏينھن بہ رھي نہ سگھندو ھو. ھڪ ڏينھن اھڙو اچي
وڏن ۾ سور ٿيس جو چري نہ سگھي سو لاچار من ۾ درشن
ي آس کي سانڍي ويھي رھيو ۽ جيئن ئي رات جو سمھيو
يس سپنو آيو چا ٿو ڏسي تہ ڀڳوان اچي سامھون بيٺو آھي
گوڏن کي ھٿ پيو گھمائي ۽ چوي 'پيارا ڀڳت! مان سمجھان
و تہ گھڻي سور ۽ پيڙا جي ڪري اڄ مندر ۾ اچي نہ سگھيو
ھين. تون ڪو خيال نہ ڪر، سڀاڻي ڏکيو سکيو اچي مورتي
ندر جي گھر کڻي اچجانءِ. مان تو وٽ ئي رھڻ ٿو چاھيان.
ان آھيان پيار جو بکيو. تنھنجو پيار پائي مان تو وٽ خوش
ھندس.' ٻئي ڏينھن جيئن تيئن ڪري پٽ کي ساڻ وٺي
و ۽ مورتي کڻي آيو. جيئن ئي پوڄاري مندر ۾ آيو. مورتي
ڏسي حيران ٿي ويو ۽ ڳوٺ جا ماڻھو ميڙي ڳولھا ڪيائين
چا ٿو ٻڌي تہ مورتي تہ ھن ڀڳوان جي ڀڳت جي گھر
ي. سو لنگھي ويا پوڄاري ۽ ڳوناٺا اُن ڀڳت جي گھر ۽ مورتيءَ
ي کڻڻ لڳا تہ ڀڳت ھٿ لڳائڻ نہ ڏنو تہ لڳا وڙھڻ ڀڳت
ن سپني جي ڳالھ ٻڌائي ۽ ڪين چيو تہ مان مورتي تہ
رگز نہ ڏيندس. ڀلي جيڪي گھر ۾ اٿم سو کڻي وڃو. ڳوناٺن
يس تہ ڀڳوان جي مورتيءَ جيترو مال توري ڏي. زال جي
ڪ جي ڦلي بہ وجھ. جيئن ئي پنھنجي زال جي نڪ جي
ي ساھميءَ ۾ وڌائين تہ ڀڳوان ھلڪو ٿي پيو. اھڙي روئداد
ي ڳوٺ جا ماڻھو دنگ رھجي ويا ۽ موٽي ويا. مورتي ڀڳت
گھر ئي رھي ۽ پاڻ بہ اُتي درشن ڪرڻ ايندا ھئا.

پريما ڀڳتي ۾ وڏي شڪتي آھي. پريم اھڙو پربل آھي.
يو پنھنجا نيم توڙي ڀڳت جو مان رکندو آھي.

(١٣٣) نرڌن ۽ ڪمل جو گل

گوتم ٻڌ جي اچڻ جو ٻڌي هڪڙو نرڌن به سنيريو گوتم ٻڌ ج
درشن ڪرڻ لاءِ. دل ۾ خيال ڪيائين سنت مهاتما وٽ هٿين خال
ڪيئن وڃبو؟ پر مون وٽ آهي ته ڪجھ ڪونه هڙ ۾. انهن ئي ويچار
۾ ويٺو هو ته سامهون تلاءَ تي نظر پيس ته ڪمل جو گل ٽڙيو بي
آهي سو تلاءَ جي گپ جو خيال نه ڪري گهڙي پيو پاڻيءَ ۾ ۽ ڪم
جو گل پٽي آيو. ٻاهر نڪتو ته سڄو گپ ۾ ڀريل هو. پاڻ کي به صاف
ڪيائين ۽ گل به صاف ڪيائين. گل کڻي پئي ويو ته ڪنهن پڇيس
اهو ڪمل جو گل وڪڻندين؟ مان پنج رُپيا ڏيندو سانءِ. نرڌن پڇ
’ڇا جي لاءِ ٿو وٺين؟‘

جواب ڏنائين ته گوتم ٻڌ کي ڏيندس هڪدم انڪار ڪيائين
دل ۾ چوڻ لڳو مان به ته گوتم ٻڌ لاءِ ئي کڻي ٿو وڃان. اهڙي طر
هرڪو جيڪو به لنگهي ڪمل جو گل ڏسي هرکجي پيو وڃي. ڪو پنجا
روپيا ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو ته ڪو سؤ ته پنج سؤ پر هن سڀني کي پئ
چيو ته ڀائي! مان اهو گوتم ٻڌ کي ئي ڀيٽ ڪندس. راجا جو وزي
گڏيس جنهن اشرفيون ڏيڻيون ڪيس ته به نرڌن نه مڃيو. راجا ج
ڪن تي ڳالھ پهتي. تنهن به ڪيس عرض ڪيو ڪمل جي گل ڏي
لاءِ ڪيس اڌ راڄ اڌ ڀاڱو آڇيائين ته به نرڌن انڪار ڪيو. راجا حيرا
ٿي ويو. هھڙي نرڌن کي ڪمل جي گل لاءِ ڪابه لالچ لالچائي نٿي
سڀني کي پيو ائين چوي ته گهڻا ڀيرا سمجهايانوَ ته هيءُ گوتم ٻ
جي لاءِ آهي. اُن کي ڏيندس. ڀيڙ کي چيريندو. گل مٿي تي کڻ
هلندو اچي. گوتم ٻڌ جي نظر ڪمل جي گل تي پيئي اُن نرڌن ک
اِشارو ڪيائين هليو اچ اڳيان، اشرفيون، راڄ ۽ ڀاڱو ٺڪرائي تو مونک
اهو ڀيٽ ڪرڻ چاهيو آهي. اچ ٻچا تنهنجي ڀيٽ قبول آهي.

اهو ته آهي درشٽانت! سڌانت اهو آهي ته جڏهن ڪو انسان سچ
دل سان ٻيو سڀ ڪجھ تياڳي گل به ڀڳوان کي ڀيٽ ڪري ٿو
ڀڳوان اُنجي اها ڀيٽ سويڪار ڪري ڪيس پنهنجو ٻڻائي ٿو ڇڏ
شري ڪرشن ڀڳوان گيتا ۾ چيو آهي:-

’پَترَم پُشپَم ڦلم تويم مي ڀڳتيا پرَيڇَتي!‘
تَدهم ڀڳتيو پَرهتِ مشناهي پرَيَتا تِمَنَهَ‘

(اڌياءُ نائون-سلوڪ ٢٦

جو ڀڳت منهنجي لاءِ پريم سان هڪ پتو هڪ گل، هڪڙو ڦل،
جل وغيره ارپڻ ڪري ٿو. اُن شڌ ٻڌيءَ نشڪام پريمي جو نشڪا
پريم سان ڏنل ڀيٽ ساڪار روپ ۾ پرگهٽ ٿي سويڪار ڪريان ٿ

ر رچي ويئي؟
درويش شش کي چيو تہ اهو برابر آهي تہ جيسين دنيا جي
ڪا نوڪر نٿي لڳي تيستائين، اسان جو من پڳوان پاسي لڳي ڪونہ
و مان بہ عام رواجي ماڻهن وانگر نوڪري ڪري پيٽ پاليندو
وس. مان بادشاھ جي دربار جو وزير هوس. بادشاھ جو مونتي
ادو پيار هو ۽ مان بہ ايمانداريءَ سان شيوا ڪندو هوس، بادشاھ
وقت بہ وقت سوکڙيون پيو ڏيندو هو. هڪ ڏينهن خوش ٿي
ونکي تمام قيمتي ڪيمخاب جو راجائي چولو ڏنائين. مان خوشيءَ
نہ پيو ماپان پائي پيو گهمندو هوس. پاڻکي ڏاڍو نصيب وارو
و سمجهان. تورن ڏينهن ڪانپوءِ مونکي زڪام ٿي پيو ايترو تہ
ڪن حيران ڪيو ور ور نڪ مان پاڻي پئي وهيو. جيسين رومال
ڪڍان سو مون ڪٽي اُن چولي سان پنهنجو نڪ اُگهيو. ٻين وزيرن
و اهو ڏنو سو وڃي بادشاھ کي دانهن ڏنائون. بادشاھ کي ڏاڍي
اوڙ لڳي. مونکي گهرائي مونکان اُهو قيمتي چولو واپس ورتائين
شهر نيڪالي ڏيئي ڇڏيائين. مونکي ڏاڍو صدمو رسيو ۽ راجا
ي انهي هلت جو ڏاڍو ڏک ٿيو پر اُن ڏکہ ۾ سڄاڳي اچي،
ئي هردي جو دوار کلي پيو. اڙي! دنيوي چولي جو قدر نہ
يئہ تہ بادشاھ سزا ڏيئي ڇڏيئہ پڳوان جو اسانکي هيءُ امولہ
ش چولو ڏنو آهي اُن جو تہ مون قدر ئي نہ ڪيو آهي.

’دڪہ کولين ٿا دوار دل جو‘

پوءِ تہ چورا کوڙا لڳي ويئي تہ ڪنهن ستپرش جي سنگہ
هيءُ پنهنجو منش چولو سڦلو ڪريان. جيون جو رخ ئي
ي ويو. مان تہ بادشاھ جو ڏاڍو شڪر گذار آهيان جو اُن
ي ان نوڪر جي ڪري منهنجي اندر جوت جڳي! ٻچا! توهين
مانش چولي کي تڇ نہ سمجهو. وڏن ڀڄن سان ملي ٿو.
۾ پيار جي جوت جڳايو. گيان جو ڏيئو ٻاريو.

(١٣٧) سنت ايڪنات

مهاراشٽرا جو سنت روز صبح نديءَ تي سنان ڪرڻ ويندو

(١٣٥) سهيوگ جو دان

دان صرف پئسي جو نہ ٿيندو آهي. ڪنهن سان مٺو ڳالهائي همدردي ڪري آٿت ڏيڻ بہ دان آهي. وقت تي ڪنهن کي صحيح سهيوگ ڏيڻ اُهو بہ سهيوگ جو دان آهي. هڪڙو نانجي پائيءَ جو مثال ٿو ياد اچيم. غريب هو پر محنتي هو. ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ ۾ عار ڪونہ ڪندو هو. هو ٻين جا باسڻ مليند هو. ڪنهن سيٺ جي گهر ڪجهہ ڏينهن باسڻ ملپائين ت سيٺ جو ڌيان ويو تہ هيءُ ڇوڪرو تہ محنتي پيو لڳي. هنکي ڪجهہ پئسن جي مدد ڏيئي ننڍو ڌنڌو ڪرائجي تہ هيءُ چڙهي پوندو. سيٺ جي من ۾ اهو شڀ خيال آيو ۽ ڪيس هڪڙ معمولي ڌنڌو جنهن ۾ محنت گهٽي پر فائدو تورو کولي ڏنائين ڇوڪري ۾ ڪم ڪرڻ جي قوّت تہ گهٽي هئي سو پنهنجي محنت ۽ ايمانداريءَ سان ڌنڌو ڪندو هو ۽ ويس فائدو ٿيند ۽ سيٺ بہ خوش ٿي ڪيس اُهو ڌنڌو سونپي ڏنو. ويو ڌنڌي کي وڌائيندو. ڪجهہ سالن کانپوءِ شاهوڪار ٿي پيو ۽ سدائين پيو سيٺ جا احسان مڃيندو هو. جنهنکي تنهنکي ٻڌائيند رهندو هو تہ وقتائتي سهيوگ ملڻ سان ۽ پنهنجي محنت ايمانداريءَ سان پنهنجا ڏينهن ڦيرائي سگهجن ٿا.

سيٺ وري سوچيندو هو تہ منهنجو خرچ تہ نہ جهڙو ت پر هڪ جوان جي حياتي ٺهي پيئي جيترو ٿي سگهي ه ڪنهن کي سهيوگ ڏجي تہ اسان جو من بہ خوش ٿيندو اڳلي کي بہ آتم وشواس وڌندو.

(١٣٦) منش چولو

هڪ ڏينهن هڪ درويش کان سندس شش پڇن ٿا سائي توهانکي ڪهڙي چوٽ لڳي جو توهان جي زندگي نام رن

ي ڏيڪاريائين ١٠٠ پائونڊ اُنجي قيمت ٻڌايائين منتريءَ مرڪيو.
راجا پڇيس ’ڪليئہ چو؟
چيائين غاليچو تہ سنو آهي پر مهانگو آهي. هندستاني غاليچو
ن ڪان بہ سنو ١٠١ رُپئي ۾ ملي ٿو. فارين جو ٺپو لڳو تہ
نو ٿي پيو.
اهو تہ آهي درشٽانت!
پر چا اسين ائين ڪين ڪندا آهيون؟ هندستاني گيان نج
ناتن ڇڏي وتندا آهيون فارين جي رهڻي ڪهڻيءَ جي ساراهہ
ا ڏڪ پرڻ-سچو خزانو گيان جو تہ ڀارت وٽ آهي. ٻين جو
يان سرير جي سکن جو ۽ اسانجو آتما جي آنند جو. من جي
انت ٿيڻ جو گڻ ڪڍون. اُهي گرهڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.
هنجو انتظام اُنهن جو وقت جو قدر ڪرڻ جو گڻ ڪڍون.
ڻ گراهي ٿيون پر قدر پنهنجي ڀارت جي گيان جو ڪريون.

(١٣٩) جيڪا ٻڌي سان واهہ!

گرديو راناڊي مهاراشٽرا جو وڏو سنپرش ٿي گذريو آهي.
وشيار شاگرد هو. ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهندو هو. مئٽرڪ
متحان ۾ سڄي يونيورسٽيءَ ۾ ٻيو نمبر آيو. سنسڪرت ۾
ريون نمبر آيو. کيس انعام مليو. وچولي ڪتنب جو ٻار هو.
نام مليس تڏهن وڌيڪ تعليم وٺي سگهيو. بي اي امتحان
ي تياري پئي ڪيائين ڏاڍي محنت ڪيائين. کيس اهائي
ند هئي تہ مان بي اي ۾ پهريون نمبر ايندس. اسڪالرشپ
ندي تہ آءِ. سي. ايس ٿي ڪليڪٽر ٿيندس. اهي سونهري
نا پيو لهندو هو. پر ايشور جو هن لاءِ آتمڪ وديا- نام جپڻ
ڪم رٿيو هو. اچانڪ ڪنهن سائينءَ جي پياري سان ملي
جيڪو کيس چوي ٿو نام جپ! نام جپ! راناڊي اُن مهاپرش
پڇيو تہ نام جپڻ سان پهريون نمبر ايندس؟ مهاپرش
: ٻچا! ضرور ايندين! محنت ڏاڍي ڪيائين سيني سمجهو

هو. پوءِ اڇي ستسنگہ ڪندو هو. سندس گهر ۾ صبح شام ستسنگ
تيندو هو. گهڻيئي پريمي ايندا هئا پر ڪي حاسد بہ ايند
هئا. هو ڪيرتن ڪندي جڏهن پانڊورنگا پانڊورنگا چوندو ه
تہ سنگت بہ مستيءَ ۾ اچي ويندي هئي. هو بہ اکيون پوري
وينا هوندا هئا. ايرکا ڪرڻ وارا پيا سڙندا هئا ۽ سنت ک
بدنام ڪرڻ جا گهات گهڙيندا هئا. آخر هڪڙي ڏينهن هڪڙ
ماڻهو ڳولي ورتائون ڪيس پئسي جي لالچ ڏيئي سنت ايڪنات
کي ڪاوڙائڻ لاءِ چيائون. هو بہ رُپين جي لالچ تي سنت ک
ستائڻ ۽ ڪاوڙائڻ لاءِ تيار ٿيو. هڪ ڏينهن سنت ايڪنات
صبح جو سنان ڪرڻ ويو. اڃا سنان ڪري نڪتو تہ اچي ٿڪو
لڳس. هنکي ٿکون لڳڻ ٿيون تہ بہ پنهنجي مؤج ۾ پانڊورنگ
چوندو وري وڃي ٿو سنان ڪري. وري اُهو ماڻهو ڪيس ٿڪو
ٿو هڻي. وري وڃي ٿو سنان ڪري. ائين ١٠٨ دفعا سنان ڪر
پيو سنت ايڪنات کي تہ بہ هنکي ڪاوڙ تہ ڪونہ آئي پا
ڀڳوان جا شڪرانا پيو مڃي! واهہ پانڊورنگہ اڄ تہ خاص مهربا
آهين مونتي جو ١٠٨ ڀيرا سنان ڪيو اٿم. هونئن تہ ڪڏه
ڪڏهن هڪ سنان ڪرڻ ۾ بہ سستي ڪندو آهيان. واهہ منهنج
سڄڻ واهہ. نيٺ اُهو ماڻهو جيڪو پئسن جي لوڀ ۾ سند
کي ڪاوڙائڻ آيو هو سو سنت جي اها منزل ڏسي ڏاڍو ششد
ٿيو ۽ اچي سنت ايڪنات جي چرنن تي پيو ۽ زار زار روئ
معافي وٺڻ لڳو ۽ سنت کي ٻڌايائين. سائين! مان ڏاڍو شرمند
آهيان. مونکي معاف ڪريو مون پئسن جي لالچ ۾ هي ڪ
ڪيو آهي. اڄ کان وٺي مان توهان جو ٻانهو آهيان.

پاپ جو پيءُ ڪير آهي؟ لوڀ. اسين لوڀ جي وس تي پا
۾ ڪرون ٿا.

(١٣٨) پارت جو گيان!

اُديپور جو راڻو لنڊن ويو. اُتان غاليچو وٺي آيو. منتري
کي ڏيکاريائين ١٠٠ پائونڊ اُنجي قيمت ٻڌايائين منتريءَ مرڪي

نجي ويئي. شينهن بہ هو بکايل سو کٿي تو پنهنجو شکار
ڏي. هوءَ ڊوڙندي وجي. شينهن بہ پنيان ڊوڙندي نيٺ ٻکريءَ
ي پکڙي ورتائين ۽ کيس پنهنجا چنبا هڻي نستو کري
نو ڪائڻ. هن گهٽيئي رڙيون ڪيون. مدد لاءِ پکاريو. پر ڪير
يس بچائي نہ سگهيو. جو هن پنهنجي ڌڻيءَ کي وساري
اد رهڻ تي چاهيو. شينهن اکيون پوري (شينهن پنهنجو
ڪار اکيون پوري ڪائيندو آهي) کيس مزي سان ڪائيندو رهيو.
ئي وچي آرامي ٿيو.

مطلب تہ ٻکري پنهنجي ڌڻي کان بي مکہ ٿي کيس وساري
ڏيو تڏهن دکہ پاتائين نيک اهڙي طرح اسين بہ سائينءَ
ي وساري شينهن روپي وشيہ وکارن جي ور چڙهي ويا آهيون
ن کري وري دکہ ٿا پايون. پنهنجي ڌڻي، پنهنجي
لڪ، پرتپالڪ کي وسارڻ نہ گهرجي.

هنکي هر هنڌ حاضر ناظر جاڻي سڀ پنهنجي وهنوار پرمارٿ
ڪم ڪجن تہ هو هردم اسانجي مدد لاءِ تيار آهي.

(١٤١) تون ڪير آهين؟

هو راجا جو پٽ پر کيس خبر ڪونہ هئي تہ مان راجا جو
ن آهيان. ننڍڙو هو جو سندس پيءُ جيڪو راجا هو سو گذاري
۽ پنهنجي پٽ جي ٻانهن پنهنجي ياءُ کي سونپي ويو
يس حڪم ڏيئي ويو تہ جڏهن وڏو ٿئي تہ هنکي منهنجي
يءَ تي وهارج تيستائين تون راڄ کي امانت سمجهي پلي
هلائج. راجا جي گذاري وڃڻ کانپوءِ راجا جي ياءُ جو
بي ايمان ٿي پيو. سوچيائين مليل تخت ڪير ڇڏيندو؟
ين تہ راجا جي پٽ کي مارائڻ جو ويچار ڪيائين پر
ه سوچي هنکي مارايائين نہ، پر پنهنجو رسوبو کري
ئين. بس ٻين رسوين سان پيو ڪم ڪندو هو. اڳيان وزير
ڪڍي کين شهر نيڪالي ڏيئي نوان وزير رکيائين. اٿين
نجي راڄ ۾ موج ۾ وينو هو ۽ هو راجا جو پٽ بہ پاڻ

نہ ھيءُ ضرور پھريون نمبر ايندو. پر جڏھن نتيجو ظاهر ٿيو پھريون نمبر تہ ڪونہ آيو. پر فرسٽ ڪلاس ۾ بہ نہ آيو. سيڪنڊ ڪلاس ۾ آيو. ڏاڍو دکي ۽ نراس ٿيو. پر نام جپڻ سان اند سجاڳي اچي ويئي هئس. اندر مان ور ور آواز پيو اچيس ان ۾ بہ ڀلائي هوندي. سالن ڪانپوءِ هن ايشور جا شڪرانا مڃيا چڱو ٿيو جو تو اُن وقت منھنجي نہ ٻڌي. ڪليڪٽر ٿي دنيا جي نوڪري ۾ ھجان ها. ھينئر ھي پريو! تو مونکي پنھنجي نوڪريءَ ۾ لڳايو آهي. مان ڪيترو نہ خوشنصيب آهيان جو تنھنجي چاڪري ڪندي تنھنجي نزديڪ آهيان.

جو پريو ڪري ٿو اُن ۾ اسانجي ڀلائي آهي. اُن وقت اهو احساس نہ ٿيندو آهي پر وقت اچڻ تي اهو شدت سان محسوس ڪبو آهي تہ جيڪي مالڪ منھنجي لاءِ ڪيو آهي. سوچيو آهي اُهو صحيح آهي.

'جيئن هلائين - تيئن واہ واہ.'

'جيئن ڪرائين - تيئن واہ واہ.'

(١٤٠) ڏٽيءَ کي نہ وسار!

هڪ ٻڪري ڏڻ سان گڏ ڏٽيءَ جي نظرداري هيٺ پيئي گاھ چرندي هئي. شام ٿيندي هئي ڏٽي پنھنجي گھر ۾ وٺي ويندو هوس. هيءَ ٻڪري ڏاڍي ناراض رهندي هئي هميش پاڻ کي ٻڌل ڀائيندي هئي. دل ٿيندي هئس تہ جيڪر آزا تي گھمان. پئي پور پچايائين. آخر هڪ ڏينھن دل ۾ پڪ پھ ڪري پڇي نڪتي. ڏٽي بہ ڪيس ڳولهي ڳولهي ٿڪو. گھ هلي ويو. سمجھيائين پاڻيھي ڪلاڪ پٺڪي اچي نڪرندي هوڏانھن ٻڪري آزاد ٿي گھمندي رهي. گاھ چري پاڻي پي وڃي ڪنھن نہ ڪنھن وڻ هيٺان يا ڪنڊ ۾ آرام ڪندي هئي ڏاڍي خوش هئي. آزاديءَ جو لطف پئي ماڻيائين پر سندس خوشيءَ گھڻو وقت جٽاءُ نہ ڪيو. شينھن جي هن تي نظ

رڻ ڳهرجي؟ سو ڳوٺ ۾ پئنچن سان ملي پئنچائت ڪونايائون.
صلو ڪيائون ته راجا وٽ هلجي ۽ هلي پنهنجو حال ٻڌائجي.
جا پرجا جو رکشڪ ٿيندو آهي سو راجا ضرور اسان لاءِ ڪجهه
ندو. پر راجا وٽ وڃن ڪيئن؟ نه سندن وٽ ڍنگ جا ڪپڙا
نه ڳالهائڻ جو عقل. ٻاهران راجا جا چوڪيدار ئي واپس
ري ڇڏيندا اسانکي اندر اچڻ ئي ڪين ڏيندا. تڏهن وڏيري
لاح ڏني ته شهر مان ڪو وڪيل ڪري اچون. اُنکي وٺي
ون اُهو اسانجي بدران ڳالهائيندو. ويا شهر ۾ وڪيل ڳولهيائون.
پر هو في ڪانسواءِ اچڻ جي ئي نه ڪري، ڪيس ڳهڻو ئي
ايائون پر ڪو ڪڙتيل ڪونه نڪتو. آخر پنهنجا رهيا کهيا
ڙ وڪٽي وڪيل کي في ڏيئي وٺي ويا راجا جي دربار ۾.
ڪيل هو ته هوشيار ڳالهائڻ ۾ پر ڪيس اها ڄاڻ ڪانه هئي
جتي پنجن اکرن مان ڪم ٿئي ته پنجاهه نه ڳالهائجن.
ي ڳالهائيندو ۽ ڳوناٺن جا ڏکڙا ٻڌائيندو. ڪلاڪ سوا ڳالهائيندو
يو. راجا ڪجهه ڌيان ڪونه ڏنو. ڪين ائين ئي واپس اچڻو
. ڳوناٺن کي چيائين ته توهان ته ڏٺو مون ڪيترو راجا
سمجهايو پر ته به مان توهانجي مدد ڪري نه سگهيس
ي به هضم ڪري ويو. ڳوناٺن ويچار ڪيو وڪيل مان ته
ڪين ٿيو. هاڻي ڪنهن پريوءَ جي پياري وٽ وڃجي.
ويا پريوءَ جي پياري وٽ. هن سولو نمونو ڳولي ڪڍيو ۽
ٺن کي چيائين توهان مان چار پنج ڄڻا جيڪي تمام ڪمزور
ٻل هجن ۽ جيڪي ڏسڻ ۾ ائين لڳن جڻ بکه اُڃ وگهي
رهيا آهن ۽ ڏهه ويهه خالي ڳوٽيون ڪٽڪ سان ڀريل ڪٽي
ان راجا وٽ هلن.
پيئي راجا وٽ ويا. هن پريوءَ جي پياري هڪ اکر به نه ڳالهايو
راجا کي خالي ڳوٽيون ڏيکاريون ۽ اشاري سان ڳوناٺن جي حالت
يائينس. راجا ڏٻرن ۽ نٻل ڳوناٺن کي ڏسي حيران ٿي ويو. چيائين.
جي پرجا جي ههڙي دردشا! ۽ مان هتي محلن ۾ آرام سان
آهيان. هي آندل ڳوٽيون ته ڀري وڃو پر ٻيون به سؤ ڪٽڪ سان
لاءِ ڳوٽيون ڪٽي وڃو. سڀ ڏاڍو خوش ٿيا.

ڪي راجا جو رسويو سمجهي ڪم ڪندو هو تہ ڏاڍو فخر پي
محسوس ڪندو هو تہ مان راجا جو ڪم ڪري رهيو آهيان

ڪيترا سال گذري ويا. اڳئين راجا جو دوست اُن شهر ۾ راجا ۽ سندس
پٽ جي خبر چار وٺڻ لاءِ آيو. اچي ٻڌائين راجا تہ گذر ڪري ويو آهي
سمجهيائين سندس پٽ ئي تخت تي ويٺو هوندو. وڃي ٿو ملانس. وڃي
جو ڏسي تہ هڪ ٻڍو ماڻهو راجا بڻيو ويٺو آهي. پڇڻ تي معلوم ٿيس
تہ هو اڳئين راجا جو پاڻ آهي ۽ سندس پٽ ڪي بورچي خاني ۾ بورچي
ڪري رکيو اٿس. اُن شخص ٻڌايس تہ مان اڳئين راجا جو دوست آهيا
هي تخت تہ راجا جي پٽ جو آهي. پاڻ اچي گهبرايو. اُن دوست چيس
تخت تي چوڪري ڪي وهار نہ تہ مان سيني ماڻهن کي ٻڌائيندس
تون نڳہ آهين. پوءِ نڪا ڪيائين هم نہ تم بورچي خاني مان چوڪ
ڪي آڻي ڪيس چيائين تخت تي ويهہ هي چوڪرو پيو واڙو ٿئي. چو
پيو مان ڪيئن وهندس. مونکي راجا مارائي ڇڏي. چونس تا راجا تو
آهين! تون بورچي نہ آهين.

مان راجا ڪيئن آهيان؟

نيٺ ڪيس سمجهائين تا تہ تون اڳئين راجا جو پٽ آهين
هن نڳي ڪري تنهنجو راڄ قبايو آهي.

نيڪ اهڙي پرڪار مايا اسان کي ائين دٻائي ويني آهي
نہ تہ اسين آهيون شاهن جا شاهہ. پر چئون پيا ڪنگال آهيون
بڪاري آهيون. پينو آهيون. جيڪي سڪا ٽڪرا ملن تا. ڪائ
خوش تا ٿيون. اسين مايا ۽ من جي وس تي تا وڃون ۽ پنهنجي
اجاين ڪمن ۾ وقت پيا گذاريون. پر جڏهن ڪو ستپرڪہ سجا
ملي ٿو جو اسانکي جاڳائي ٿو تہ اسانجي اندر پرڪاش ٿئ
ٿو تہ مان اُهو آهيان، جنهنکي ڪير ماري دٻائي نٿو سگهي

(١٤٢) ايشور ڪي ڪيپي اسانجو پريم!

ڪنهن ڳوٺ ۾ اچي ڏڪار پيو. گهڻيئي سال ڪابہ پو
ڪانہ ٿي. ويچارا ڳوٺاڻا جيڪي اُنهن وٽ هو سو ڪائي خلا
ڪيائون آخر بکہ هنن کي بي حال ڪيو ۽ سوچڻ لڳا تہ

نت ۾ ٻه ٻين جي ٽنگن ڇڪڻ جي عادت آهي.

★ سچي دل جي پڪار ٻڌي ٿو!

مهاراشٽر ۾ گهڻيئي سنت ٿي گذريا آهن. سنت تڪارام
وڏو سنت ٿي گذريو آهي. هو ته مودي هو پسارڪو ڌنڌو
ندو هو پر سچو ڏينهن نام رنگ ۾ رتل رهندو هو. پاڻ
جپيندو هو پر ٻين کان به جپائيندو هو، روز نيم سان شام
و ڪيرتن ڪندو هو. پاڻ ۽ ٻيا ڀڳت اهڙو ته پانڊورنگ جي
ستيءَ ۾ اچي ويندا هئا جو اُتي پريم ۾ اچي نچندا هئا.
ت جي سمڪ ئي نه رهندي هئن. تن ڏينهن ۾ شيواجي
راج اُنهي ايراضيءَ جو راجا هو جتي تڪارام رهندو هو.
واجي مهراج کي سنتن لاءِ ڏاڍو پريم ۽ شرڌا هئي. هڪ
نهن خيال ڪيائين ته مان به وڃين تو سنت تڪارام جي
يرتن ۾ شامل ٿيان.
جاسوسن کي خبر پئجي ويئي انهن وڃي اورنگزيب کي
ايو ۽ اورنگزيب لشڪر وٺي اهو سونو وجھ سمجھي اُتي آيو.
لهو ٻڌجي ويا پر سنت تڪارام پنهنجي ڪيرتن ۾ محو
۽ مستيءَ ۾ چوڻ لڳو پل ڪٽي اسانجو سرير ٽڪرا ٽڪرا
وڃي پر اسين ڪيرتن نه ڇڏينداسين. اسين پنهنجي
ڊورنگ جي مهما ڪندا رهنداسين. سنت ته اڪثر پريوءَ
وارتالاپ ڪندا آهن. سنت تڪارام به ڏوراپو ڏنو سائينءَ
اجا ماٺ ڪري ويٺو آهين. انجام ته وڏا ڪندو آهين
مونکي پڪاريو ته مان توهان وٽ پهچي ويندس. هاڻي ڏيکار
جلوو. کيل کو کيل ڪلاڙي! چون ٿا اُن وقت پانڊورنگ جي
ن مان ڪا جوت نڪتي ۽ هڪڙو ماڻهو گهوڙي تي چڙهيل
وڃڻ لڳو. پنيان شواجي پئي لڳو پوءِ ته سچو لشڪر اُنکي
اجي سمجهي اُن جي پنيان ويو. ۽ هو به گهوڙو ڀڄائيندو
گل ۾ ڪيڏانهن گم ٿي ويو.
ن چئن ڪلاڪن کانپوءِ سنت تڪارام ڏنو ته اُها روشني

نيڪ اهڙي طرح پڳوان کي وڏيون عريضيون نہ ڪين وڪي
نہ ڪپن، هنڪي ڪپي اسانجي سڪ ۽ پيار پري پڪار.
هي پريو! منهنجي رڪشا ڪر. منهنجي مدد ڪر. مان تنهنج
آهيان.

(١٤٣) ڪيڪڙا ۽ ٽنگون چڪڻ

هڪڙو واپاري جيڪو ڪيڪڙا پاڻيءَ جي جهاز رستي جدا جد
ملڪن ۾ موڪليندو هو. انهي واپار مان گهڻوئي ڪمايو هئائين
ڪوڪا پرائي موڪليندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ ويندو ه
هن ڀيري اهي ڪارٽون ڪٽائي پاڻ جهاز ۾ اُنهن سان چڙه
اُنهن جي ڊليوري ڏيڻ تي ويو. پئڪنگ تہ سٺي ڪئي هئائي
پر تہ بہ ڪنڊون پاسا ڳولي ڪيڪڙا ٻاهر نڪرڻ لاءِ واجهہ پ
وجهن. ائين پئي لڳو تہ اجهو تا ٻاهر نڪرن.
جهازن جي ڪپتان جو اهو ڏنو تہ ڏاڍو واپاريءَ تي غ
ڪرڻ لڳو تہ 'هيءَ ڪهڙي پئڪنگ ڪري آيو آهين سڀ ڪيڪ
ٻاهر پيا نڪرن. جي ٻاهر نڪري آيا ۽ جهاز ۾ هيڏانهن هوڏانه
پيا گهمندا تہ سڀني مسافرن کي تڪليف ٿيندي. مهرباني
ڪري وري چڱي طرح پئڪ ڪريو.'
واپاريءَ مرڪي ڏنو ۽ ڪپتان کي چيائين تہ 'پئڪنگ ک
تہ ڪجهہ ڪري نہ سگهبو هينئر پر مان توهانکي پڪ ٿو ڏي
تہ ڪوبہ ڪيڪڙو ٻاهر نہ نڪرندو.'
ڪپتان چيو 'اهو وري ڪيئن؟ لڳي تہ ائين ٿو تہ اِج
تا سڀ ٻاهر اچن.'
واپاريءَ جواب ڏنو 'تہ جي هڪڙو ڪيڪڙو ٻاهر نڪرندو
ٻيو سندس ٽنگہ ڇڪي اندر ڪندو ۽ ائين اهي سڀ اتي
هڪ ٻئي جون ٽنگون ڇڪيندا رهندا پر ٻاهر ڪونہ ايندا م
توهانکي خاطري ٿو ڏيان.'
انهي مان اهوئي سڌ ٿيو تہ نہ رڳو اِنسان پر هرهڪ

ڳت منهنجي لاءِ جان ڏئي.

پيل چيس تہ ترس فوٽو ڪڍان ڏسان ساڳيو آهين يا ڪو
يو آهين ڪيسي مان پني تي نڪتل مورت ڪڍي پيٽڻ لڳو.
نائين برابر ساڳيو آهي سو نوڙيءَ ٽڪر ڪٽي ڪيس ٻڌي
چي ساڌوءَ جي اڳيان حاضر ڪيائين. ساڌو ڏاڍو خوش ٿيو.

مطلب تہ سچي سڪ، پوري وشواس سان پڪارجي تہ هو
وس درشن ڏيندو.

’سڪ، سڄڻ سور ٿيئي اکر هڪڙو،

اهو نسورو ڪوڙ، سڪ هجي سڄڻ نہ ملي.

(١٤٥) ”نالو ٻالڪ جو ڪرشن چوندا ٻيا پي هزارين نالا پوندا،،

ڪرشن پڳوان جي ڇٺي جڏهن بابا نند واڇائي تہ گرگہ
ڊت اها اڳڪتي ٻڌائي تہ نالو تہ هنجو ڇٺيءَ مطابق ڪرشن
ڪنعيو آهي پر هي اهڙا تہ چمتڪاري ڪاريہ ڪندو جو
جا ٻيا بہ هزارين نالا سدائين ڳائبا رهندا. ۽ ٿيو بہ ائين.
يترا نالا آهن هن نٽ کٽ جا. مراري، بنسي وارو، گوبند،
پال، مکڻ چور، ڪيشو، نند دلارو، يشودا جو پيارو، ۽ ٻيا
انيڪ نالا آهن. تن ۾ هڪڙو نالو هنجو ’ساکشي گوپال‘
آهي. اهو نالو هن تي ڪيئن پيو اُنجي بہ ڏاڍي وچتر
تا آهي.

هڪ شهر ۾ هڪ برهمڻ رهندو هو. ڏاڍو شاهوڪار هو.
ني ڪابہ جوابداري ڪونہ هئي. هڪڙو تہ عمر ۾ وڏو ٿي
هو ۽ ٻيو تہ سندس پٽ بہ سٺو ڪمائيندا هئا. سندس
جي پرسان هڪڙو برهمڻ جو ٻار رهندو هو جنهنجا مائٽ

موٽي آئي ۽ پاندورنگ جي نيڻن ۾ سمائجي ويئي.

سنت تڪارام جي نيڻن ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها اچي ويا

چوڻ لڳو بيشڪ تون ڀڳتن جو رکپال آهين.

(١٤٤) سائين لاءِ سچي سِڪ!

هڪ ساڌو جهنگل ۾ ٻارهن سالن کان تپسيا ڪري رهـ

هو. هو نرسنگهه ڀڳوان کي پنهنجو اشٽ مڃي اُنجي درشـ

لاءِ تپ ڪري رهيو هو. پر ٻارهن سالن ۾ ڪيس درشن

مليو هو.

هڪ ڏينهن اُتان اچي ڀيل لنگهيو. تنهن ڏٺو ساڌو هـ

گهاٽي جهنگل ۾ ڌيان ۾ مگن آهي سو سندس اڳيان ويو. ڪائنـ

پڇيائين ته ساڌو مهراج هتي توهين ڪنهنجي ڌيان ۾ ويـ

آهيو؟

تڏهن ساڌوءَ چيو ته مان نرسنگهه ڀڳوان جي درشن لاءِ ڪيتر

سالن کان وينو واجهايان وينو نهاريان ۽ تپسيا ڪريان پر ٻارهـ

سالن ۾ مونکي درشن نه مليو آهي.

ڀيل وائڙو ٿي ساڌوءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو 'ٻارهن سالـ

هتي وينو آهين. مان توکي ٻن ڏينهن ۾ درشن ڪرائي تو سگهاـ

تون مونکي اُنجو فوٽو ڏي ته مان تو اُنکي وٺي اچان. توکي درشـ

تو ڪرايان.' ساڌوءَ هنکي نرسنگهه ڀڳوان جو فوٽو ڪنهن ڪاـ

ٽڪري تي ڪڍي ڀيل کي ڏنو. ڀيل فوٽو وٺي وڃي ٻريان ويهـ

اُنجو ڌيان ڪرڻ لڳو. ٻه ڏينهن گذري ويا پر تڏهن ٻه ڀڳوـ

ڪيس درشن نه ڏنو ته چا ڪيائين جهنگل مان ڪانيون ڪنيـ

ڪري ماچيس ڪيسي مان ڪڍي نرسنگهه ڀڳوان کي للڪارياـ

درشن ڏين تو يا نه؟ جي درشن نه ڏيندين ته مان ٻاهه ٻارـ

سڙي مرندس. ڀڳتن جو رکپال ڀڳوان يڪدم پرگهٽ ٿي ڪيـ

درشن ڏنو. ڀيل چيس ته ڪير آهين؟ چيائين ته مان نرسنـ

ڀڳوان آهيان تنهنجي لاءِ آيو آهيان. مان نٿو چاهيان ته منهنـ

ئين ئي پيو ويچار ڪري تہ اڄ جي منهنجا ماءُ پيءُ هجن
ها ۽ مان ڏن وارو هجان ها تہ منهنجي اهڙي بي عزتي
نہ ٿئي ها. مان بہ هاڻي انهي اپمان جو ضرور بدلو وٺندس.
ن اهو خيال ڪري شهر جي سيني پئنچن کي ڪٺو ڪيو.
نجو قصو بيان ڪري ٻڌايو ۽ پئنچن کي عرض ڪيو تہ گهٽ
ر گهٽ برڌ برهمڻ کي هتي گهرائي اها ڳالھ صاف ڪيو
نہ هن گوپال کي ساکشي بڻائي پنهنجي ڌيءُ مونکي ڏيڻ جو
چن ڪيو هو.
پئنچن پڇيو اتي اُن وقت ٻيو ڪير حاضر هو؟ نوجوان جواب
نو 'اُتي گوپال کانسواءِ ٻيو ڪير بہ ڪونہ هو.'
آخر هڪ پئنچ چيو تہ تون گوپال کي ساکشي ڪري گهرائي
گهين ٿو؟
نوجوان وشواس سان چيو 'ها! مان آڻي سگهان ٿو.'
پئنچن کيس پڪ ڏني تہ اگر تون گوپال کي وٺي ايندين
، اسين توسان واعدو ٿا ڪريون تہ اسين تنهنجو وواھ ضرور
ن ٻڍي برهمڻ جي ڪنيا سان ڪرائينداسين.
نوجوان من ۾ شرڌا ۽ ڀڳتي ڌاري بندرابن لاءِ روانو ٿيو
اُتي گوپال اڳيان پرارٿنا ڪيائين ۽ ٻاڌايائين ڀڳوان گوپال
رشن ڏنو ۽ چيائين تہ هل مان اُتي حاضر ٿي ساکشي (شاهدي)
يندس.
نوجوان چيو تہ ائين نہ ٿيندو. توهان کي مونسان هلڻو پوندو
انهي ئي روپ ۾.
ڀڳوان مشڪندي چيو تہ ڪڏهن مورتي بہ هلندي آهي.
ڳو پائي هل! مان تہ ڀڳتن جي وس آهيان. تون اڳيان هل
ن تنهنجي پنيان. پر تون منهن ورائي پنيان نہ نهارج.
ب نهاريندين تہ مان اُتي ئي بيهي رهندس يا انترڌيان ٿي
ندس.'
ڀڳوان گوپال اڳيان اڳيان برهمڻ نوجوان پنيان پنيان. انساني
ڏاڍو چنچل آهي سو نوجوان ٿوري وقت کانپوءِ پنيان نهاريو

ننڍڙي کيس ڇڏي وڃي سائينءَ جي ڏام ۾ پهتا. هن نوجوا
برهمڻ کي ڀڳوان لاءِ گهڻو پيار ۽ شرڌا هئي. هو ايڪان
۾ ڀڳوان جو پوڄن ڪندو هو. ٻڍو برهمڻ، هن برهمڻ ٻار ڪ
ڏاڍو پيار ڪندو هو. پيار ٿيندو آهي گڏڻ سان. سو هن برهم
جي ٻار ۾ شيءِ گڻ هئا.

ٻڍو برهمڻ تيرٿن تي ٿي ويو. هن نوجوان برهمڻ کي
وٺي ويو. هن جوان برهمڻ ٻڍي برهمڻ جي گهڻي شيوا ڪئي
نسوارٿ شيوا ڪيائين.

ٻڍي برهمڻ کي هن ڏاڍو خوش ڪيو هو سو هن سوچ
هڙو ڇوڪرو ته جيڪر پنهنجو ناٺي بڻائجي. اهڙي رٿ نوجوا
اڳيان رکيائين. نوجوان عجب ۾ پئجي ويو ۽ ٻڍي برهم
کي نيزاري ڪندي چيائين ته ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي
توهين شاهوڪار مان غريب اناٿ مان توهانجي ڌيءُ کي ڪيئ
سکي رکي سگهندس؟

پر ٻڍي برهمڻ هڪ نه ٻڌي چيائين ته تون منهنجي ڌي
جو يوڳيه پتي ٿي سگهين ٿو.

وري به نوجوان چيو ته نيڪ آهي توهانکي ته مان وڻ
تو. پر توهانجي گهر وارا، توهانجي ڌيءُ، توهانجا مٽ مائ
اهو رشتو ڪونه مڃيندا.

تڏهن برڏ برهمڻ چيو ته مان گوپال ڀڳوان کي ساکي بيهار
تو چوان ته مان پنهنجي ڌيءُ جي شادي توسان ئي ڪرائيندس

اهو وچن ڪري هو پنهنجي شهر وديانگر ۾ موٽي آيا. گ
پهچندي ٻڍي برهمڻ پنهنجي پٽ ۽ گهر جي ڀاتين ک
ٻڌايو. گهر ۾ ڪنهنکي به اهو رشتو منظور ڪونه هو. سند
پٽ کي ته اهڙي ڪاوڙ آئي جو نوجوان برهمڻ کي مارڻ
ڏنڊو کڻي ويو سندس گهر. به ٽي ڏنڊا لڳا ڪرائي چيائي
’هي اناٿ! ٻين جي ٽڪرن تي پلجندڙ. منهنجي ڀيڻ س
شادي ڪندين! ان لاءِ ويو هئين منهنجي پيءُ سان. مطلبي
ٻڍي برهمڻ جي پٽ جي هلت ڏسي کيس ڏاڍو ڏک ٿيو

پر ساڌو 'هون هون' ڪري وري پاسو ورائي سمهي پيو.
ڌهن گهڙي ڏونڊارڻ ڪانپوءِ به نه اُٿيو ته نوڪرن کي حڪم
ائين ته هن کي ٽنگا ٽولي ڪري وڃي ٻاهر ڇڏي اچو. نوڪر
ن کي ٻاهر ڇڏي آيا.

وري مالڪ ٻئي کي اُٿاريو. پاڻي! تون ڪير آهين؟ شش
نڪا ڪئي هم نه ٿم يڪدم اُٿي وينو چيائين ته مان گرو
شن آنند جو پيارو شش آهيان. پوءِ ته مالڪ اچي چڙيو. هو
هڙو ٿهڙو تنهنجي گروءَ به توکي اهو سيکاريو آهي ته پراون
هرن ۾ بنا پڇي وڃي سمهه. تنهنجو گرو به ڪو وڏو مڪار
لڳي، وتي ششن کي انڌيون صلاحون ڏيندو. نالو اٿس روشن
ند پر آهي ته ڪو اوندهه آنند. ائين گهٽ وڌ ڳالهائي شش
ب ماري پڃائي ڇڏيائين. ٻاهر اچي ڏسي ته گرو به ڪنڌ
وينو آهي. اچي گروءَ جي پرسان وينو ۽ روئندي روئندي
س ٻڌايائين ته مونکي ته گهر جي مالڪ ماري ماري پڃايو
ي. يڪدم گرو پڇيس 'ڪجهه ٻڌئين ڇا؟'

شش جواب ڏنو ته مون ته رڳو ايتروئي چيو ته مان گرو
شن آنند جو شش آهيان. پوءِ ته گارين جو وسڪارو ٿي ويو.
گرو چيس ته مون ته توکي پهرين ئي چيو ته ڪجهه نه
جانءِ. ڪجهه ٻڌڻ ۾ ئي دک آهي. سهج سڀاءُ سنسار ۾
ندو رهه. اهوئي جيئڻ جو راز آهي. ماءُ ٽيندينءَ موهه ۾
ندينءَ سسُ ٽيندينءَ ته سڙندينءَ پيئي. منهنجا منا! سک
ڻ چاهين ته رڳو سائينءَ جو ٿيءُ. ايشور سان اور، تنوار
اُنجي رک. ٻيا سڀ دک جو ڪارڻ اٿيئي.

(۱۴۷) سچو صدق!

هڪ مائيءَ جو گهوٽ اوچتو هارٽ فيل ٿي ويو. مائيءَ کي
نندو پٽ هو. گهر ۾ جيڪو پئسو هوس اُن مان ڪريا
م ڪري پئسا پورا ڪري ڇڏيائين. ماءُ پٽ ڏکيو گذر پيا

تہ گوپال ڀڳوان اُتي ئي بيهي رهيو. چيائين مان هتي بيـ
آهيان. تون ماڻهن کي هتي وٺي اچ. مان تنهنجي شاهدي
ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. منهنجو هتي اچڻ ئي شاهدي آهي.

نوجوان ڊوڙندو شهر ۾ آيو. سڀني کي ٻڌايو ٻڌي سڀ اُتي
جا رهواسي خوشيءَ ۾ پرجي گوپال جو درشن ڪرڻ لاءِ اچي
گڏ ٿيا.

پري پري تائين ڀڳوان گوپال جي اچڻ جي خبر ڦهلجي
ويئي. پڻنچ بہ آيا ٻرڙ برهمڻ بہ آيو تہ سندس پٽ بہ آ
سيئي خوش ٿيا ۽ برهمڻ بہ پنهنجي ڪنيا جو وواهہ شيپ مهورت
ڪرائي ڪرايو ۽ اُتي جي راجا بہ اُتي ڀڳوان گوپال جو مند
ٺهرايو جو اُڄ تائين ساکشي گوپال جي نالي سان ڄاتو وڃي
ٿو.

(١٣٦) ڪجهہ بہ ٻڌجي نہ بيهہ!

گرو ۽ شش هلندا هلندا اچي هڪ گهر وٽ پهتا. گر
چيو تہ ڏاڍا ٿڪا آهيون. جيڪر ڪٿي آرام ڪجي. شش چ
تہ ڪٿي هلي آرام ڪريون؟ وڻ بہ ڪونہ ٿو ڏسڻ ۾ اچ
جو ڪٿي اُن هيٺان ويهي ٿورو آرام ڪجي.

تنهن تي گروءَ چيو تہ سامهون وارو گهر خالي ٿو لڳي
هل تہ هلي اُتي ٿا آرام ڪريون. پر شش منهنجي ڳالهہ ي
ڪري ڇڏ تہ ڪجهہ ٻڌجي نہ بيهج.

ٻئي ڪنهن طرح دريءَ مان ٽپي وڃي اندر پلنگ تي سمهـ
پيا. ٻئي هئا ٿڪل. ننڊ اچي وين.

ٿوري وقت کانپوءِ گهر جو مالڪ آيو. ڇا ڏسي تہ هتي
ڏنا مٺا ساڌو گهر ۾ سمهيا پيا آهن. عجب ۾ پئجي ويو
پهرين گروءَ کي ڌونڌاري اُٿاريائين گروءَ کي گهٽو پيو مال
چوي تہ 'هي منهنجو گهر آهي توهين ڪير آهيو؟ هتي
سمهيا پيا آهيو.'

هنجي ٻنيءَ مان ونگيون ڳوڻ ڀري ڪٽي آيو، سنگت جي
رساد لاءِ. ستسنگ پورو ٿيو. سڀني کي هڪ هڪ ونگي پرساد
ملي. سيڪو خوش ٿي کائڻ لڳو پر ونگي هئي ڪؤڙي سو
رڪو ٿُو ٿُو ڪري ڦٽي ڪرڻ لڳو. پر ڪنڌ ۾ هڪڙو پريمي
ڙي پيار سان کائي رهيو هو. ٻين ستسنگين سمجهيو ته هن
ي ونگي شايد مٺي آهي سو وڏو مزي سان کائي، سو ڪي
تسنگي اڳيان وڌي وبس ۽ پڇڻ لڳس ته ڀائي! تنهنجي ونگي
ي آهي ڇا جو هيئن مزي سان کائي رهيو آهين؟ اسين
کائي نه سگهياسين. سڀني ڦٽي ڪري ڇڏي، اُن پريمي
ادو سنو جواب ڏنو ته 'ادا! آهي ته منهنجي به ڪؤڙي پر
ونکي قبول آهي. مٺا پرساد شونق سان کائيندا آهيون ته ڪؤڙو
رساد ڪيئن ڦٽو ڪبو؟'
اهو ته آهي درشٽانت سڌانت آهي ته هن جيون ۾ به اسانکي
ڪؤڙا مٺا سڀ آزمودا ملن ٿا. جهڙا اچن اُهي سويڪار ڪرڻ
ئي اسانجي ڀلائي آهي.

(۱۴۹) درويش شمس تبريز!

'آندو آتاري ستگر پنهنجي گهر ۾،
ڏيئو ڏنائين هٿ ۾ بيائيءَ ري ٻاري
نانت نواري، سامي ڇڏيائين ڇن ۾.'
اسين سمجهندا آهيون ته اسين ٿا ستگرن جي در تي وڃون
سچ ته اِهو آهي ته اسان وٽ پاڻ پهچندو آهي. مؤلانا
لدين روميءَ سان ائين ٿيو. هو پارسيءَ ٻوليءَ جو وڏو ليڪ
ءَ گهڻيئي ڪتاب پارسيءَ ٻوليءَ ۾ لکيائين. کيس اُنهن
نه صرف فخر هو پر ايمان به هو ته مان مهان ليڪ
ان.
درويش شمس تبريز کي ڄاڻ هئي ته رومي سنو سرل ۽
آهي. پر ايمان هن جي سرلتا ۽ پوترتا تي پردو چاڙهي

ڪندا هئا تہ هڪ ڏينهن ڪنهن ڪمپنيءَ مان هڪ وڏو بـ
آيو پرڻ لاءِ مائيءَ بل ڏٺو تہ ڪيس لڳو تہ هيءُ بل پريل آهـ
ڇو جو ڪيس ڄاڻ هئي تہ سندس گهوٽ گهڻا ڏينهن پيندڳ
۾ بل نہ رکندو هو. جڏهن ڪمپنيءَ وارن ڪي نہ بل جا پئـ
مليا ۽ نہ وري رسيد ملي تہ ڪيس نوٽيس آيو تہ هڪ مهنـ
جي اندر يا تہ پئسا پري وڃ يا رسيد ڏيکاري وڃ. هوءَ ڏاڍ
منجهي پيئي ڇو جو ڪيس پڪ هئي تہ پئسا پريل آهن
رسيد لڀيئي نہ پئي، مهنو گذري ويو. آخر ڪمپنيءَ جو ماڻـ
اچي هن جي گهر پهتو. مائيءَ ڪيس يقين ڏياريو پر هو رسـ
ڏسڻ کانسواءِ اعتبار ئي نہ ڪري. مائيءَ جو سائينءَ ۾ پور
صدق هو سو دل ئي دل ۾ پرارٿنا ڪيائين تہ 'منهنجو ننگ توڪـ
ئي ڪٽڻو آهي. توکان سواءِ منهنجو ٻيو ڪير آهي. اڇ اڇـ
منهنجي واهر ڪر.' اُهو ماڻهو ويٺو ئي هو تہ ايتري ۾ ڪٽا
اڏامي پوپٽ گهر ۾ گهمڻ لڳو ۽ ننڍو پٽ ضد ڪرڻ لڳو
مان پوپٽ پڪڙيندس سو اُن جي پٺيان ڀڄڻ لڳو تہ پوپـ
وڃي سوفا جي پٺيان لڪو ٻار روئي روئي ماءُ کان سوفا ريڙهاـ
تہ ڇا ڏسي تہ ڪو ڪاغذ پيو آهي. جان کڻي ڪاڳر ڏسـ
تہ اُها اُن ڪمپنيءَ جي بل پريل جي رسيد ئي هئي. سائيـ
جا شڪرانا مڃيائين ۽ اُها رسيد اُن ماڻهو کي ڏيکاريائيـ
معاملو ئي ختم ٿي ويو.

(١٤٨) ڪوڙي ونگي!

ڪبير ڀڳت جو چوڻ آهي تہ سنتن جي در تي ڪڏهن
خالي هٿين نہ وڃجي. ڪجهہ نہ ڪجهہ کڻي وڃڻ ۾ ئي اسانـ
ڀلو آهي.

سڀ ستسنگہ ۾ ايندا پئي ويا. ستسنگہ ئي اهڙو هنڌ آهـ
جتي هرڪو ننڍو وڏو نيچ اوچ غريب شاهوڪار ڪوبہ اچي سگهنـ
آهي. اُتي سڀني جو آدر ٿيندو آهي. هڪڙو ڪسان اُن ڏينهـ

پر سوامي ان تي ڪو بہ ڌيان ڪونہ ڏنو. پر محسوس ڪيائين
دان ڪرڻ واري هزار لفظ تي زور ڏيئي پنهنجو دان ڏيڻ
ايمان ظاهر ڪيو. اُنهن ڏينهن ۾ هزار گنيون تمام وڏي
هئي. پر تڏهن بہ سوامي رام ڪرشن کي اُنهنجي چمڪ
ڪونہ ڇڪيو. هن شش کي سمجهايو. ٻچا! اسان کي تہ
کنهن ڪم جون نہ آهن. تنهنجي لاءِ بہ بار آهن تہ
گنگا ساگر ۾ وجهي اچ. اُتي گنين جي سني سنڀال ٿيندي.
سوامي پرمهنس جو جواب ٻڌي دان ڏيڻ واري کي ڏاڍو
لڳو. هن تہ سمجهيو هو تہ اها گنين جي ٿيلهي ڏسي
خوش ٿيندو ۽ چوندو تہ تون تمام وڏو ڀڳت آهين تو
دان ڏيئي وڏو پڄ ڪيو آهي. اهڙي دان ڪرڻ سان
تنهنجو هيءُ ڪل ترندو پر ڪي ئي ڪل ترندا. پر
تہ قصو ئي اُبتو ٿي ويو شاباس جي بدران پاڻ مونکي
وجهي ڇڏيو آهي. مان هيءُ هيتريون گنيون ڪيئن
گنگا ۾ پروان ڪندس؟ جيئن تيئن ڪري سوامي رام
شن پرم هنس جي چرنن تان ٿيلهي کڻي هلڻ لڳو.
رستي تان ترندو تابرندو ويو پئي پور پچائيندو. هڪ دل
چيس تہ سڌو گهر هليو وڃي. سوامي ۽ کي خبر ٿوروئي
ي. وري ٻيءُ کن خيال آيس تہ سوامي رامڪرشن بيحد
شخص آهي اُنکي سڀ خبر پئجي ويندي. اهو ويچار
دي هلندو رهيو.
وڏانهن سوامي رام ڪرشن پرم هنس سوچيو تہ دان وارو
گنيون گنگا کي ارپڻ ڪري اجا نہ موٽيو آهي. پنهنجي
کي چيائون هلو تہ ڏسون ڪٿي اٽڪيو آهي؟ ڦاٿو آهي.
ڪناري وڃي ڏسن تہ ماڻهن جو ميڙ لڳو پيو آهي. پنهنجي
کي چيائون هلو تہ ڏسون تہ ڇا ٿيو آهي؟ ڇا تا ڏسن
ئي دان ڏيڻ وارو شخص هڪ هڪ گني ۽ کي پٿر تي
پچي گنگا ۾ وجهي رهيو آهي. اُن شخص کي سڄاڻي.
ماڻهوءَ جي اڳيان وڃي چيائين. هي ڇا ڪري رهيو آهين؟
گنيون ڳڻين جو پيو؟ مون تہ توکي سڄي ٿيلهي گنگا

چڏيو آهي. تڏهن درويش شمس تبريز روميءَ جي گهر ۾ گهڙ
ويو ۽ کيس چوي تو تہ هي جيڪي تو ڪتاب لکيا آهن س
سڀ وڃي نديءَ ۾ ڦٽا ڪري اچ. رومي منجهي پيو پر دروي
جي آڳيا مڃڻ بہ ضروري سمجهيائين سو سڀ پنهنجا لک
ڪتاب کڻي وڃي نديءَ ۾ پروان ڪيائين. ڏاڍو ڏک تيس
ڏک جي ڪري روئڻ لڳو ۽ کيس پنهنجي سڄي جيون
پورهيو پاڻيءَ ۾ پيل نظر آيو. تڏهن درويش چيس هنن ڪتا
لاءِ تو روئين جيڪي اڄ نہ سڀاڻي رکہ تي وڃڻ وارا هئا. ج
توکي ايترو ڏک تو ٿئي تہ مان نديءَ مان واپس گهرائي
ڏيانءِ. پوءِ شمس تبريز نديءَ ڏانهن منهن ڪري چوي
'اهي ڪتاب جيڪي روميءَ تنهنجي پاڻيءَ ۾ وڌا آهن س
واپس موڪل.' اُن وقت ئي نديءَ ۾ لهرون اُٿيون ۽ له
سان ڪتاب بہ واپس اچي ويا. روميءَ جا ڪپاٽ کلي ويا
درويش جي چرنن ۾ ڪري پيو. ٻاڏائي پيو. 'مونکي معا
ڪريو. مونکي پنهنجي شرن ۾ وٺو. مان توهانجو آهيان' دروي
سمجهايس تہ مون اهي ڪتاب اِنهي ڪري ڦٽا ڪرايا جو توک
کو شاهڪار لکارائڻو آهي. جو هر منجهيل جي راهہ رو
ڪندو. چون ٿا اُن ڏينهن کان وٺي روميءَ جي جيون ئي بدلج
ويئي. هو نئون ٿي پيو ۽ پوءِ مثنوي لکيائين. جنهن ۾ نند
ننڍين ڳالهين ذريعي وڏا وڏا راز سليائين. اها مثنوي
آهي.

(١٥٠) دان گنين جو!

سوامي رام ڪرشن پرمهنس جا سڄي ڀارت ۾ ڪي
شش هئا. سوامي وويڪانند بہ سندس شش هو. هڪ ڏين
هڪڙو شش هزار گنين جي ٿيلهي اچي سواميءَ جي اڳ
رکي ۽ وينتي ڪري چوڻ لڳو تہ 'سويڪار ڪريو مان پاڻ
خوشنصيب سمجهندس.'

ھنن جو ھھڙو حال ٿئي ھا تہ پوءِ برابر منھنجو ڏوھ ٿئي ھا.

ستپرڪ چيو تہ اُميد تہ توکي تنھنجي سوال جو جواب ملي ويو ھوندو. ھو جھوپڙپٽين وارا ڀڳوان وٽ آيا ئي ڪونھن تہ ڀڳوان ڇا ڪري؟

اُن وٽ وڃن تہ ھو ضرور ھنن جي ٻڌندو اسين پنھنجي ماءُ پيءُ کي سڏيون ٿا پريم سان تہ ھو اسانجو سڏ اونائين ٿا. باقي ڀڳوان جو سيني جو ماتا پتا آھي سو ڪيئن نہ اسانجي پڪار ٻڌندو؟

’ھو سڏ ۾ سڏ ڏيندو مگر
ھڪ وار ٻاڏائي تہ ڏس،
در سڄڻ کوليندو مگر،
ھڪ وار ڪڙڪائي تہ ڏس.‘

(١٥٢) آھي سڄڻ منھنجو آھي!

دادا رام پنجواڻي چوندا ھئا تہ ناستڪن سان ڪڏھن بہ بحث نہ ڪريو. اسين ڪيترا بہ دليل اُنھن کي ڀڳوان جي ھستيءَ جا ڏينداسين تہ بہ ھو Convince نہ ٿيندا. اسان لاءِ ڀڳوان ھستي ڪٿي آھي. ھنن جي لاءِ بہ آھي پر اُنھن کي ھٺ آھي ھو ڪونھي ھڪ پنھنجي دوست جي ڳالھ ڪندا ھئا تہ اصل ڀڳوان کي ڪونہ مڃيندو ھو. ھڪڙي ڏينھن پٽ جي بيماريءَ جي ڏاڍي پيڙا ٿيس جو ھن کي ڊاڪٽر جواب ڏيئي ڇڏيو ھو تڏھن سندس مک مان نڪري ويو. ھي ڀڳوان! پٽ جي رکيا ڪجانءِ. ڪيس ھن نڪري مرض کان بچائي وٺج. تڏھن دادا چيو تہ مون پڇيو مانس ڪھڙو ڀڳوان؟ تون تہ مڃيندو ئي ڪونہ آھين. تڏھن ڏاڍي ڏکہ مان چيائين تہ ان وقت ڪنھنکي پڪارجي؟ ازخود زبان مان نڪري ويندو آھي. ھي ڀڳوان! تون سھاءِ ٿيءُ. تون مھربان آھين.

۾ پروان ڪرڻ لاءِ ڏني هئي. تون وري ڇا پيو ڇاڇين. ڪوڙيـ
آهن يا سچيون. اُن سان تنهنجو ڪهڙو واسطو؟ ڳنگا توکـ
نڪو حساب پڇندي نڪو ڪوتي ۽ ڪري جي پرک ڪندي. اُچـ
ڳنگا ۾.

هاءِ ڙي انسان! تنهنجي ڪوتي ٻڌي!

مايا ميڙڻ وقت ٻه پيو ڳٽين ۽ ڇڏڻ وقت ٻه پيو ڳٽيـ

(١٥١) هڪ وار باڏائي تہ ڏس!

هڪ حجام ۽ ستپرڪہ ٻئي پئي ويا شهر ڏانهن هڪ هـ
جهوپڙپٽي ڏسي ڳندگي ڏسي ماڻهن جي حالت ڏسي ڳهـ
بار اُنهن کي کائڻ لاءِ ڪجهہ نہ هڪ ٻئي کي ٻکہ جا چـ
پيا پائين. تڏهن حجام ستپرڪ کي چيو تہ سائين! توهيـ
چوندا آهيو تہ ڀڳوان ديالو آهي. ڀڳوان مهربان آهي. ڪرپـ
آهي. توهانجو ڀڳوان ڪٿي آهي؟ جي هرهنڌ آهي تہ هـ
جي ههڙي سقيم حالت ڇو آهي؟

ستپرڪہ حجام کي ڪو جواب ڪونہ ڏنو. هو اسان ماڻهـ
جا سوال ٻڌي چپ تي ويندا آهن. ۽ اسين وري ائين سمجهنـ
آهيون تہ هنن ٻڌو ئي ڪونهي پر هو تہ بنا ڳالهائڻ ئي اسانجـ
من جي ڳالهہ ڄاڻندا آهن.

هو هلندا رهيا ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کانپوءِ هو شهر جي انـ
هنڌ تي آيا جتي سيني ماڻهن جا وار اڌ ڪٽيل هئا. مڇـ
ٻہ هڪڙي پاسي نڌيون ۽ ٻئي پاسي وڏيون. ڏاڙهي ٻہ ڪـ
لٽل تہ ڪٿان لٽل ڪونہ هئي. تڏهن ستپرڪہ حجام کان پڇـ
تہ ڀائي تون ڪيڏانهن ويو هئين جو هنن جو هي حال
آهي؟ تو حجام جي هوندي هنن جو هيءُ ڪهڙو حال
آهي؟

حجام يڪدم چيو تہ سائين! مان ڇا تو ڪري سگهان. ـ
تہ مون وٽ آيا ئي ڪونهن. هيءُ مونوٽ اچن ها ۽ پوءِ ـ

ن پار پهچون؟ ندي بہ ننڍي آهي پاڻي بہ گهٽو ڪونهي.
جوان سنت خوش ٿي چيو تہ هي راڄن! مونکي اهوئي ٻڌڻو
و توهان وٽان. ٻيڙي سني هجي يا خراب نئين هجي يا
راڻي ساڌارڻ هجي يا خاص اسانجو مقصد آهي هن پار پهچڻ.
هڙي طرح ڌرم ڪوبہ هجي مگر اُديش آهي تہ ڌرم جي
ڪيائن تي هلي پنهنجي جيون آنند ميہ بڻايون. سکہ ميہ
ڻايون. نئون بڻايون، نرمل بڻايون، ۽ هن ڀوَ ساگر مان پار
ڻون.

(١٥٤) وشواس قائم آهي!

هڪ سيٺ جي دڪان کي اچي باهہ لڳي. فرنيچر سڀ سڙي
ويو. باقي مال جيڪو بچائي سگهيو سو بچايائين. پاسي وارا
دڪاندار همدردي ڪرڻ آيس ۽ باهہ ڪيئن لڳي اُنجو ڪارڻ
پڇڻ لڳس. پر هو ڪجھ ڪچي ئي نہ سيني ماٺهن سمجهيو
نہ هاڻي دڪان تہ مهنو بہ کولي ڪونہ سگهندو. هيترو نقصان
ٿيو اٿس.
پر اُنهن جي عجب جي حد رهي. ٻئي ڏينهن جڏهن
ڏسن ٿا. دڪان تي بورڊ لڳل آهي تہ
’برابر فرنيچر سڀ سڙي ويو آهي
پر وشواس قائم آهي. سڀاڻي
کان دڪان کلندو.‘
اهڙو پورو وشواس پنهنجي مالڪ، ڀڳوان ۾ هئڻ گهرجي.
ڪہ ۾ بہ دل نہ لوڏجي. سکن ۾ ڦوندڊ ۾ نہ ڀرجي وڃجي.

(١٥٥) ديا ڌرم ڪا مول هئہ!

سنت مهاتمائون، پير فقير ديا جي گڻ تي زور ڏيندا آهن

دادا چيس تہ دوست! هو آهي. هر هنڌ جتي ڪٿي آهي،
اُنجي شڪتيءَ کي محسوس ڪجي.

(١٥٣) نوان ٿيون- نرمل ٿيون

اڳي راجائون راڄ بہ ڪندا هئا. پرجا جا ڏکہ درد بہ ٻڌي
اُنهن کي دور ڪرڻ جو يتن ڪندا هئا. ان سان گڏ پنهنجي
ڌرم کي سڃاڻڻ ۽ آتم گيان پائڻ لاءِ بہ سنتن مهاتمائن کي
گهرائي اُنهن جا پروچن ٻڌندا هئا. هڪ راجا بہ گيان پائڻ
جو خواهان هو ڪيترا ساڌو سنت گهرائي اُنهن جا وچن ٻڌي
ٿو. پر منجهي ٿو پوي آخر سريشٽ ڌرم ڪهڙو آهي جو مان
اپنايان؟

سڀ ساڌو سنت پير فقير پنهنجي ڌرم کي اوچو ٿا سڏين
آخر مان ڪريان ڇا؟

هڪ ڏينهن اوچتو راجا وٽ هڪڙو نوجوان سنت اچي ٿو.
راجا کيس بہ پنهنجي مونجهہ جي باري ۾ ٻڌائي ٿو ۽ پڇي
ٿو تہ آخر ڪهڙو ڌرم جو رستو وٺجي؟ ڪيئن گيان حاصل
ڪجي؟

جوان سنت راجا کي عرض ڪيو تہ مهرباني ڪري مونسان
نديءَ جي ڪناري تي هلو تہ سير ڪري اچون ۽ ٻيڙيءَ ۾
چڙهي ٻيءَ پر بہ هلون. راجا بہ آناڪاني ڪانہ ڪئي ٻئي
نديءَ جي ڪناري تي آيا. ٻيڙيون تہ گهڻيئي هيون ۽ هرڪو
ٻيڙيءَ وارو پيو چاهي تہ راجا ۽ سنت اسانجي ٻيڙيءَ ۾ چڙهن
پر سنت هرهڪ ٻيڙي ڏسندو وڃي ۽ هر ڪنهن ٻيڙيءَ مان
ڪونہ ڪو نقص ڪڍي پيو ٻڌائي ۽ هر ڪنهن ٻيڙيءَ واري
کي واپس ڪيو ڇڏي. راجا کي چوي تہ ڪابہ ٻيڙي توهانجي
وهڻ لائق ڪونهي.

راجا هن جو اهو نمونو ڏسي اچي خفي ٿيو ۽ چيائين تہ
ڪابہ ٻيڙي ڪم جي ڪونہ آهي تہ پوءِ ڇونہ ٻئي تري هلي

ڏاڍيون پيڙائون ڏنيون آهن. ڏاڍي تڪليف مان. گذري رهيو آهيان. مان هن آپي کان جند ڇڏائڻ ٿو چاهيان. مونکي ڪا اهڙي سولي راهه ٻڌايو مونتي ڪرپا ڪريو. راجا جنڪ جو ٿونڻ ٿاريءَ تي رکي وينو هو ۽ هٿ ٻَل تي رکيو وينو هو. چيائين تہ جي ٿاري مونکي ڇڏي تہ مان جواب ڏيئي سگهان. هيءَ ٿاري مونکي ٻڌي ويئي آهي.

اُن ماڻهوءَ عجب مان چيو تہ توهين چئو چا پيا؟ توهان جهڙا برهم گياني ٿاري توهانکي ڇڏي؟ توهان کي ٿاري ڇڏڻي آهي. ٿاري ڪيئن توهان کي ڇڏيندي.

راجا جنڪ مشڪي ڏنو ۽ کيس سمجهايائين تہ 'ٻچا! آپو بہ ائين آهي. اسانکي ڇڏڻو آهي. آپو اسانکي ڪين ڇڏيندو. اسين آپي کي ڇڏيون. پاڻ سان محنت ڪرڻي آهي. پاڻ کي ماهڻو آهي. آپو ڇڏڻو آهي. سنتن جي شرن ۾ وڃون. اُنهن جي شيوا ڪريون تہ من نرمل ٿيندو ۽ آپو ويندو آهستي ڪرندو.'

(١٥٧) ڇڏ تہ ڇٽين!

پنهنجي گرو ماتا صاحب جو ٻڌايل ننڍڙو اُپديش ٿو ياد اچي. هڪ ماڻهو وڻ کي ڀاڪر پائي بيٺو هو. رڙيون ڪرڻ لڳو تہ وڻ مونکي ڇڏي ئي نٿو. مان ڇا ڪريان؟ ڪيئن ڪريان؟ پنهنجي واهر ڪريو. مدد ڪريو. ماڻهو اچي مڙيا. پر ڪير اڳيان نہ اچي. ڪي ڪلن پيا ڪي وائڙن وانگر پيا نهارين. پر ڪير ڪجهه ڪري نہ پيو سگهي.

آخر هڪڙو رمتو جوڳي اچي نڪتو ماڻهن جو شور ڏسي اڳيان آيو تہ ڏسي تہ ماڻهو وڻ کي ڀاڪر پائي بيٺو آهي ۽ پيو واڪا ڪري. مونکي ڇڏايو. مونکي بچايو. تڏهن اُن رمتي جوڳيءَ کيس تہ بيوقوف ڀيو ڪير ڇا مدد ڪريئي تون ئي پنهنجون ٻانهون وڻ مان ڪڍي وٺ. وڻ توکي ڪونہ پڪڙيو آهي پر

اسان پاٺ پڙهيا، پوڄائون ڪيون. دان ڪيا پر جي ديا ن
ڪئي تہ سڀ وئرٿ آهن.

’ديا ڌرم ڪا مول هئہ، پاپ مول ايمان،
تلسي ديا نہ ڇوڙيئي، جب لڳ گهٽ ۾ پران!!‘

سيتا ماتا راوڻ وٽ قيد هئي. گهڻن ئي راڪشن ڪيس گهڻيئي
ڪشٽ ڏنا. هنومان جڏهن اشوڪ بن ۾ وڃي سيتا کي راوڻ
جي مارجي وڃڻ جي خبر ٻڌائي تو. تڏهن بہ ڏکہ پريو سا
ڪنيائين.

هنومان چيو تہ ماتا! اهو ڇا هنن دشٽن توهانکي ڪيتري
پيڙا ڏني آهي. مان تہ باقي بچيل راڪشن کي مارڻ لاءِ آي
آهيان. سيتا ماتا جو هردو ديا ۽ ڪروڻا سان پرجي تو وڃي
۽ هنومان کي ائين ڪرڻ کان منع تي ڪري ۽ هنومان کي
چوي تي تہ هنن جو ڪهڙو ڏوھ؟ هي تہ بيوس هئا. هن
کي تہ آگيا جو پالڻ ڪرڻو هو.

جنهنجو من شپ گڻن سان نرمل تي پوي تو.
اُن ۾ ديا جو ڀاو پرجي تو وڃي.

(١٥٦) آپو!

راجا جنڪ جون گهڻيئي گيان جون وارتائون لوڪ ور و
ٻڌندا آهن، ٻڌائيندا آهن.

راجا جنڪ هڪ ڏينهن وڻ جي شاخ وٽ ٺونٺ رکي، گ
تي هٿ رکي ويٺي سوچ ويچار ڪيو. هڪڙو ماڻهو آيو. راج
جنڪ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو مونکي راجا جنڪ
جو درشن تي ويو. هي تہ وڏو برهم گياني آهي. وڃي تو هر
کان پنهنجي ڏکہ دور ڪرڻ جو رستو پڇان. آيو راجا جنڪ
جي اڳيان، سندس اڳيان هٿ جوڙي وينتي ڪيائين تہ ما
ڏاڍو منجهيل آهيان مان ڏاڍو دکي آهيان. مونکي ڏکہ منجها
آهي. منهنجي آپي مونکي دکي ڪيو آهي منهنجي آپي مونک

(١٥٩) عجيب دان!

ايشور چندر وديا ساگر جي ڳالهه ڪندا آهن. هڪ ڏينهن جيئن گهر پئي موٽيو ته ڪو ڇوڪرو اڳيان اچي بيٺس. ڪيس ٻاڏائي چيائين ته توهين مونکي جيڪر ٻه روپيا ڏيو ته شڪر گذار ٿيندس جو منهنجي گهر ۾ سڀ بکيا ويٺا آهن. ٻه ڏينهن چلهه ئي نه ٻري آهي.

ايشور چندر چيس ته ٻه روپيا ته مان توکي ڏيان. اڄ ڪائي کپائي ڇڏيندين. پوءِ سياڻي وري ساڳي حالت. پر مان توکي جي ڏهه روپيا ڏيان ته پوءِ ڇا ڪندين؟

ڇوڪري چيو ته اُهو پاڻ سڃاڻو. مان ننڍيون ننڍيون شيون وٺي وڪڻندس ۽ اُن مان جيڪي بچندو اُن مان گهر هلائيندس.

وري ايشور چندر پڇيس ته جي توکي ويهه روپيا ڏيان ته پوءِ ڇا ڪندين؟

’پوءِ ننڍڙو دڪان رستي تي کڏي وهندس ۽ اُن مان ڪمائي پنهنجو گذران ڪندس.‘ ڇوڪر ته پهه جواب ڏنو.

يڪدم وديا ساگر ٢٠ روپيا ڪڍي ڇوڪري کي ڏنا. ڇوڪري سندس ائڊريس پڇي ته وديا ساگر صاف انڪار ڪيو.

ڇوڪري پڇيو ’سائين! ائين ڇو ٿا ڪريو؟؟‘

تڏهن چيائين ته مان تنهنجي مدد ڪرڻ ٿو چاهيان مان نٿو چاهيان ته تون منهنجي گهر اچي منهنجا شڪرانا مڃين ۽ ساراهه ڪرين. مون ڪيو ئي ڇا آهي؟ ڪرڻ وارو ڪرتار آهي. ڪنهنجي هٿان ٿو ڪرائي اها سندس مهرباني آهي.

ڇوڪري عجب مان وديا ساگر ڏانهن نهاري سوچيو. ڪهڙي نه مهان شخصيت آهي. دان به ڏئي ٿو پر پاڻ نٿو ڄاڻائي.

ڪجهه مهنن ڪانپوءِ ودياساگر اُن ڇوڪري جي دڪان وٽان لنگهيو. ڏٺائين ڇوڪرو محنتي آهي. چڱو دڪان ٺاهي ويو آهي. چيس لڳو اهو دان سڦلو آهي جنهن مان ٻئي جي جيون ٺهي پوي. آئينده جو توشو ٺهي پوي.

تون وڻ کي پڪڙي بيٺو آهين. جيئن ئي ٻانهون ڪڍيائين ته آزاد ٿي ويو. خوش ٿي ويو.

اهو درشٽانت ٻڌائي چوندا هئا توهين دنيا کي پدارٿن کي ۽ ڪٽنب کي چنبڙيون پييون آهيو. توهين پاڻ کي ڪڍي وٺو. پنهنجا فرض پورا ڪريو. سڀ ڪريو. پر انڪو نه. من ڏيئي چڏيو سائينءَ کي سيني کي، اُن جو روپ سمجهي شيوا ڪنديون رهو.

(١٥٨) ڪنهنجي رهنمائي ڪرڻ ٻه دان آهي!

سوامي وويڪانند جي ڳالھ ڪندا آهن. هڪڙي ڏينهن جهنگل ۾ وچي نڪتو ته باندرن اچي ورايس پاڻ پيو ڀڄي ته باندر پنيان پنيان ڀڄندا پيا اچن. نه رڳو پاڻ پر پنهنجي ٻارن ٻچن سميت وچن سوامي وويڪانند جي پٺيان ڊوڙندا ڏاڍو اچي حيران ٿيو. ڪنڌ ورائي پيو ڏسي ته پولڙن جو جهنڊ سندس ڏانهن ڪاهيندو پيو اچي. گهو گهو ڪندا پيا اچن هن کي هنن مان ڇٽڻ جو چارو ئي نه پيو سجهي ايتري ۾ پريان آواز آيو

’بيهي رهه! مقابلو ڪر‘ اهو آواز ٻڌي سوامي وويڪانند بيهي رهيو ۽ مقابلي ڪرڻ لاءِ زمين تان پٿر ڪڻڻ لڳو ته سڀ باندر ڇڙو ڇڙ ٿي ويا. ۽ ٽپا ڏيئي وڻن تي چڙهڻ لڳا. وقتائتي مدد کيس ڏاڍو ڏڍ ڏيئي ڇڏيو.

ان ڪري ئي شاسترن ۾ لکيل آهي ته وقتائتي مدد ٻه دان جو هڪڙو روپ آهي. دان تن من ڌن ۽ وچن سان ڪري سگهجي ٿو. هتي اُن پرش جي وچنن سوامي وويڪانند کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو. هنجي رهنمائي ڪئي.

هنجي ڳهرج ڪانهي توهان وچي اُنهن کي ڏيو جن کي
هن جي ضرورت آهي.‘
ڪمال ڪبير جو پٽ جو اُتي وينو هو چوڻ لڳو جيڪو نٿو
ي اُن کي ڏيو تا. اسان جيڪي وٺڻ لاءِ وينا آهيون. ڏيو
ي نٿا. راجا پڇيو ’توهان وٺندا؟‘
ڪمال چيو ’ها! چونہ!‘
تہ راجا جو من لڏي ويو. جنهن نٿي ورتو تنهنکي زور ڪري
ي ڏنائين ۽ جيڪو وٺڻ لاءِ تيار هو اُن لاءِ آنا ڪاني پئي ڪيائين.
خر ڳهڻي سوچ ويچار کان پوءِ پنهنجي هيري جي منڊي لاهي
س ڏنائين تي تہ ڪمال چيو: ’راجا جي! هتي رکي ڇڏيو.‘
راجا تہ منڊي ڏيئي هليو ويو.
پر ٻن ڏينهن کان پوءِ وري آيو تہ ڏسان تہ ’ڪمال‘ اُن
ڊيءَ جو چا ڪيو آهي.
اچي تو چا تو ڏسي. منڊي اُتيئي رکي آهي ۽ پاڻ مالها ڪٽي
ڪاڳر تيو وينو آهي. سماڌيءَ ۾ پاڻ بہ ويهي رهيو انتظار ڪرڻ.
جڏهن ڪمال جي سماڌي کلي تہ راجا سوال ڪيو تہ تو جو مونکان
ڊي دان ۾ ورتي اُها پيئي تہ اِتيئي آهي. اُن جو ڪارڻ چا؟
تڏهن ڪمال نماڻائيءَ سان جواب ڏنو تہ مونکي ڪجھ کپندو
ونہ هو. مان تہ توکي نراس ڪرڻ نٿي چاهيو. ان ڪري
کان وٺي رکيم.

(١٦٢) لعل پٿر!

هڪ هاري پنهنجي ٻني پئي کوٽي. هن کي ٻنيءَ ۾ ان
ٽو هو. جيئن کوٽيائين پئي تہ هڪ ٻاڙهو پٿر ڏسڻ ۾ آيس.
ي ڪيڏندو تہ ٻنيءَ مان لال پٿر نڪرندا وڃن. هو ڏاڍو خوش
و تہ گليلي لاءِ پٿر هاڻي ڳولڻا ڪونہ پوندا. ويندس گليلي
ن هي ٻاڙها پٿر هڻندو ۽ پکين کي هڪليندو ويندس. ڪوبہ
ي ٻنيءَ تي لاماڙو هڻندو هو تہ ويندو هو گليلي سان اُهي

(١٦٠) ٽئگور ۽ ورودي!

ٽئگور کي جڏهن نوبل پرائيز مليو تڏهن گهڻيئي ماڻ
خوش ٿيا. هڪ ماڻهو پڇيو تہ توهان جا ڪيترا ورودي بہ هوند
اُنهن لاءِ توهين ڇا چوندا؟

ٽئگور جواب ڏنو. ’مان اُنهن لاءِ ايترو چوندس تہ جيڪ
بين سان وير وروڌ، ايرکا ۽ حسد ڪن ٿا. سي اڳيان ننا وڏن
تڏهن تہ هو پنيان رهجي ويا آهن. مان اڳيان وڌي آيو آهيا
ڇو جو مون اُنهن جو حسد ۽ ايرکا محسوس ڪندي بہ اُنه
لاءِ برو نہ سوچيو آهي. انسان جو وڌڻ ۽ نرمل ٿيڻ پريم سا
ٿو ٿئي.‘

★ ليکڪ!

ايسپ سنو ليکڪ هو. ننڍيون ننڍيون ڪهاڻيون لکندو ه
اُنهن ۾ ڪانہ ڪا سکيا هوندي هئي. هو عام ماڻهن ۾ ڏاڍ
پيارو هو. سڀ هن جي عزت ڪندا هئا ۽ حاسد اهو سهي
نہ سگهندا هئا. آخر منصوبو سٽي کيس پهاڙ تان ڪيرائي
ماري وڌائون. پر ايسپ اڄ بہ ماڻهن کي ياد آهي. اڄ
هنجون ڪهاڻيون چاهہ سان پڙهيون وينديون آهن.

چڱي جي چڱائي جڳان جڳان ڳائي وڃي ٿي.
بري جي برائي جڳن ۾ سندس پيڇو نٿي ڇڏي.

(١٦١) ڪاشيءَ جو راجا!

ڪاشيءَ جو راجا هيرن جواهرن جا ٿالهہ پري ڪبير ڪ
دان ڏيڻ لاءِ ويو. سمجهيائين ڏاڍو خوش ٿيندو ۽ منهنج
ساراهہ ڪندو. پر ڪبير تہ اُن ٿالهہ ڏانهن نهاريو بہ ڪون

راجا ڪپڙو لاهي کيس اُنهن جي چمڪ سان ڇڪا چو
ڪرڻ ٿي چاهيو پر ڪبير تہ ڪپڙي لهڻ ڪانپوءِ بہ اُنهن
ڏٺو بہ ڪونہ ۽ راجا کي نيزاريءَ سان چيو ’راجا صاحب! مونک

روز ڪونہ ڪو شيءِ ڪم ضرورو ڪجانءِ. سو مان بہ سندس
گيا مجي ڪونہ ڪو نئيو وڏو شيءِ ڪم ضرور ڪندو آهيان.
ڇ وجھ ڪونہ مليو هو ۽ مون پٽي موقعو ڳوليو تہ ڪو شيءِ
ڪم ڪريان. ڏينهن اجايو نہ وڃايان. بابا! جي اجازت ڏيو
ہ مان هيءُ پٿر وچ رستي تان پاسيرو ڪريان جيئن ڪنهن
اٿهڙوءَ کي هتان لنگهندي تڪليف نہ ٿئي. سندس پيءُ چيو
ها! ضرور اهو شيءِ ڪم ڪر. ڏاڍو سنو ٿيندو.' هن ٻار ڏاڍي
ڪوشش ڪئي پر پٿر کي ڪٿان تہ پري رهيو تہ پٿر کي سيڙهي
ہ سگهيو. وري وري پٽي ڪوشش ڪيائين. آخر مايوس ٿي
ڀيو ۽ نيڊڙو منهن ڪري پيءُ کي چيائين. 'بابا! مون تہ ڏاڍي
ڪوشش ڪئي آهي. پر مان تہ ٺٽو ڪري سگهان. تڏهن پيءُ
چيو تہ ٻچا! تنهنجي پاسي ۾ بيٺو آهيان. آواز ڏين ها تہ
مان اچي توکي مدد ڪريان ها. منهنجو ٻل ۽ تنهنجي ڪوشش
تڏجن تہ ٻن مان ٻارهان ٿي اهو شيءِ ڪم ڪري ٿا وٺون.
ٻئي پيءُ پٽ پٿر کي پاسيرو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا.
نيڪ اهڙي پرڪار-پرماتما اسانجي پرسان ئي بيٺو آهي
صرف پڪار ڪرڻ جي دير آهي. هو هڪيو تڪيو اسان جي
سهايتا لاءِ تيار بيٺو آهي. ٻاڏائي 'چئيس تہ هي منهنجا پرماتما
مان تنهنجي سگهہ ۽ طاقت کانسواءِ هي ڪم ڪري نہ سگهندس.'

(١٦٤) راجا ۽ سُست پرجا!

راجا پنهنجي راڄ ۾ پرجا جي پرگهور تہ سٺي لهندو هو. پر
تڏهن بہ کيس محسوس ٿيو تہ سندس راڄ ۾ ماڻهو ڏاڍا سست
ٿي ويا آهن. راجا کي ڏاڍي چنتا ٿي. وزير کي گهرائي اُن سان
صلاح ڪيائين. آخر هڪ ٻئي سان صلاح مصلحت ڪري اهڙي ترڪيب
سوچيائون جنهن مان جاڻي وٺجي تہ هن راڄ جا ماڻهو ڪيتري
قدر سست آهن. سو صلاح ڪري هڪ وڏو پٿر وچ رستي تي رکايائون
۽ اُن جي هيٺان گنين جي ٿيلهي رکايائون ۽ پاڻ ڪنهن وڻ جي
آڙ ۾ لڪي جاچڻ لڳا. رستي تان ماڻهو لنگهندا ويا. ڪي راجا

ٻاڙها پٿر هڪ هڪ ڪري هٽندو. پرسان ندي هئي اُن
ڪرندا پئي ويا. هڪ ڏينهن سندس زال پنهنجي گهوٽ
ماني کڻي ٻنيءَ ڏانهن پئي آئي. ته سامهون هڪ لعل پ
ڏنائين ۽ کڻي ورتائين. هاريءَ پڇيس ته توکي وٽي تو چا
زال چيو ته نه! مان پنهنجي لاءِ ڪونه کنيو آهي. اسانجو نند
ٻار هي لعل پٿر ڏسندو ته خوش ٿيندو ۽ ڪجهه وقت راند
ڪندو.

گهر اچي پنهنجي ٻار کي ڏنائين ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وچي
ٻاهر راند ڪرڻ لڳو ته اُتان جواهري لنگهيو اُن پرکي ورت
ته هيءُ ته سچو لعل پٿر آهي. ور ور ڪري پيو اُن لعل ڏانهن
نهاري. ٻار کان پڇيائين ته مونکي ڏيندين؟ ٻار چيو ته پنهنجي
ماءُ کان پڇندس. سو جواهريءَ کي ماءُ وٽ وٺي ويو ته جواهري
ٻار جي ماءُ کي چيو ته مونکي هيءُ پٿر ڏي مان توکي هن
جي بدران پنهنجو سڄو دڪان موتين ماڻڪن جو ڏيندس
هيءُ ڏاڍو قيمتي آهي. مون هن کان اڳ اهڙو لعل پٿر ڪون
ڏٺو آهي. مون ٻه هيترا سال اهو ڌنڌو ڪيو آهي.

جڏهن اها ڳالهه پنهنجي هاري پتيءَ سان ڪيائين ته ه
منهن مٿو پٽڻ لڳو. اڙي! مون هي ڇا ڪيو؟ مان ڪروڙن ج
لعل پٿر گليلن سان هٽي وبهي وڃايا آهن. مان ته ڪي ئي
ٻنيون ۽ شهر خريد ڪري سگهان ها.

اسانجو اِهو حال آهي. هڪ هڪ سواس جو مله ڪروڙ
کان مٿي آهي. اسين اُهي اجاين ڳالهين ۾ وشيه وڪارن ۾
وير وروڌ ۾ هرکه شوڪ ۾ پيا وڃايون.

ستگرو سمجهائيندا آهن ته هڪ هڪ سواس سان نام ج
سمرن ڪر. دم تي قدم رکه.

(١٦٣) شپ ڪم!

پيءُ پٽ رستي تان پئي ويا. رستي جي وچ تي هڪ و
پٿر پيو هو. پٽ پيءُ کي چيو ته مونکي ماستر چيو آهي

تي تي چيس تہ ’ڳاڏيءَ ۾ رکين يا مٿي تي رکين. کڻندي
تہ ڳاڏي. پوءِ تون ڇو تو تکليف ڪرين؟ بوجو تہ انجڻ تي
چڪي. هاڻي ڏهن ڪلن جو ڀاڙو وڌيڪ پري ڏي. مٿي تان
هيٺ لاهي رکہ.‘ ڳوٺاڻي ائين ڪيو.
اسين بہ اُن ڳوٺاڻي وانگر آهيون. اسانجا بوجا سڄي سنسار
جا بار تہ پريو پاڻ کڻي وينو آهي. پوءِ اسين ڇو ٿا بار کڻون؟
پڪار ڪر! جيئن تئگور ڪئي.
’پاڻ کي پنهنجي ڪلهن تي کيئن سگهين مورکہ کڻي.
بار بوجا سڀ ڪري هن جي حوالي هل اڳي،
بار بوجا سڀ سهي ويندو جو تيو جڳہ جو ڏڻي.‘

(١٦٦) راجا ۽ جواهري

هڪڙي راجا کي اڇي هيرن جواهرن پرکڻ جي رُڇي جاڳي.
پنهنجي ملڪ جا سڀ جواهري گهرائي هيرن جواهرن کي
پرکڻ جو هنر سکيو. ڪجھ وقت ۾ هن کي هيرن جواهرن
جاچڻ جو چڱو آزمودو ٿي ويو. پوءِ تہ هيرن جواهرن پرکڻ
جي اهڙي اڇي لڳن تيس جو جتي ڏسي تہ جاچڻ ويهي رهي.
ائين ڪندي جيڪي سندس خزاني ۾ هيرا جواهر
هئا اُنهنکي پرکي پورو ڪيائين.
کيس خبر هئي تہ هن خزاني کانسواءِ اسان وٽ ٻيو بہ
ڪل خزانو آهي. اڳين راجائن جو منهنجي ابن ڏاڏن جو
جنهن ۾ سندن مکٽ پوشاڪ ۽ ٻيو بہ ڪيترو هيرن جواهرن
جو ذن آهي. پر سندن جي ملڪ جي پرمپرا هئي تہ اڳين
راجائن جي مکٽ ۽ ٻين شين کي هٿ نہ لڳائيندا صرف
ڪ ۾ ڏکار يا ٻي ڪا تکليف اچي تڏهن راجا کي اختياري
هئي تہ اهو خزانو کولي ڪم آڻي ۽ اُنهن خزانن جون چاٻيون
ن وزيرن وٽ رهنديون هيون.
راجا کي خيال آيو تہ پنهنجو خزانو تہ پرکي پورو ڪيو

جي لاءِ گهڻ وڏ ڳالهائڻ لڳا. ڪي وري ٻين کي بيوقوف چئ
ته الائي ڪنهن هيءُ پٿر وچ تي رکي ڇڏيو آهي. ٻين کي تڪليف
ڏيڻ لاءِ آخر راجا ڪري ڇا ٿو. اهو رستي تان ڪڍائي ڇو نه
ڇڏي. سڀ هلندا وڃن. آخر هڪ جوان ڪاليج مان پئي موٽيو
اُن جي نظر اُن پٿر تي پيئي ۽ سوچڻ لڳو هن پٿر کي هتان هٽائڻ
گهرجي. ايندڙ ويندڙن کي ڪيڏو ڪشٽ تي رهيو آهي. همت
ڪري پاڻ پٿر کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. راجا ۽ وزير
اهو لقاءُ ڏسي اڳيان وڌي آيا ۽ کيس هٽائڻ ۾ مدد ڪيائون. اِهو
ڏسي ٻيا به ڪيترا اڳيان وڌي آيا ۽ آخر پٿر هٽائي پاسيرو ڪيائون
ته ڳنين جي ٿيلهي ڏسي ڪڍڻ لڳا ته راجا يڪدم چيو ته هي
ٿيلهي هن جوان کي ملندي ڇو جو جنهنڪي ان هٽائڻ جو خيال
آيو ۽ ماڻهن جي لاءِ به سک ڪرڻ تي چاهيائين. توهين به سڀ
هن رستي تان لنگهيا. ٻين مان چوڪون ڪيندا ويا. پر سستي ۽
بي پرواهي ڪري اڳيان وڌندا ويا.

’پرجا اولاد وانگر ٿيندي آهي ۽ راجا اُنهنجي پتا سمان آهي. توهان مونکي
به ڪونه ڇڏيو منهنجي لاءِ به گهڻ وڏ پئي ڳالهايو. تنهنڪري توهين هن
انعام جا اڌڪاري نه آهيو. هن تي حق صرف هن جوان جو آهي.‘

ايترو ٻڌي سڀني ماڻهن ڪٽي ڪنڌ جهڪايو ۽ ڏاڍو شرمسار
ٿيا ۽ پنهنجي سستي ۽ لاپرواهيءَ کي محسوس ڪيائون.

(١٦٥) تنهنجو ئي هو ڪٽندو بار!

هڪ ڳوٺاڻو پهريون ڀيرو ريل گاڏيءَ ۾ چڙهيو. ٽڪيٽ ورتائين
تي. ٽي چيس توکي ٤٠ ڪلو سامان گاڏيءَ ۾ کڻڻو آهي. سامان
توراپائين ٿيو پنجاهه ڪلو. چاليهه ڪلو گاڏيءَ ۾ رکيائين
ڏهه ڪلو پنهنجي مٿي تي رکيائين. ماڻهو ڏسي پيا ٽٽوليون
ڪن پر هو پنهنجي ڌُن ۾ وينو رهيو.

هڪڙي مسافر چيس ته مٿي تي سامان ڇو رکيو اٿيئي
ڳوٺاڻي جواب ڏنو ته ’گاڏيءَ ۾ ته چاليهه ڪلو کڻڻو آهي ا
ڪري باقي ڏهه ڪلو وڌيڪ پنهنجي مٿي تي رکيو اٿم.‘

اهو ٻڌي راجا حيران ٿي ويو. سمجهي ويو جواهري سچي ڪَٿَ ڪئي آهي. ڳَشا ڪونہ ٿو هٽي هڪ ڪروڙ بہ ڪروڙ بہ چئي سگهي ها. هن برابر پورو ملھ ڪٿيو آهي. تڏهن جواهريءَ کي چيائين تہ برابر توهين جواهرين جا سرمور آهيو. پر مان بہ هيتري هيرن جي پرکہ سکيو آهيان پر توهان جنهن رمز سان هن هيري کي پرکيو آهي اُها ڪانہ ڄاڻي اٿم. جيڪڏهين مونکي اها ڄاڻ ڏيو تہ مان توهان جو احسانمند رهندس.

جواهريءَ سوچيو منهنجي بہ اچي عمر چڙهي آهي. منهنجو هنر مونسان ئي نشٽ ٿي ويندو سو راجا کي اهو علم بيان ڪري ٻڌايائين.

جواهريءَ چيو تہ 'مون پهرين سمجهو تہ هيءُ چندرمٽي آهي پر پورنماسيءَ جي چنڊ جو پرڪاش چڪي نہ سگهيو تہ سمجهيم چندرمٽي نہ آهي. سؤ هيرن مان نوانوي هيرن جو پرڪاش جهٽي سگهيو تڏهن مون اُن جو ملھ ڪٿيو ٩٩ لکہ.'

راجا خوش ٿي ڪيس وڏو انعام ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ وزير سان صلاح ڪئي.

وزير وري انعام ئي عجيب ٻڌايو چيائين تہ هن کي ڳنجي مٽي تي سؤ پادر هڻو. اهوئي هن جو انعام آهي.

راجا وائڙو ٿي ويو. وزير کان ان جو ڪارڻ پڇيائين ۽ ڪيس چيائين تہ تون بہ جواهريءَ جي ساراھ ٻڌي سڙي ويو آهين.

وزير چيو تہ اها ڳالھ ڪونهي توهين ڪٿي ڪيس ڪيترو نہ انعام ڏيو. پنهنجو اڌ راڄ ڏيئي ڇڏيو مان ڇو ناراض ٿيندس؟ مونکي جيڪي هن لاءِ نيڪ لڳو سو مون توهانکي ٻڌايو.

تڏهن راجا وزير کان سمجهاڻي گهري ۽ چيائين تہ کولي ٻڌاءِ.

تڏهن وزير خبر اٿو ڇا چيو؟

وزير چيو تہ 'چوراسي لکہ جوڻيون ڀوڳي جڏهن هن جو پورب جو ڪرم کليو تڏهن هن کي مانش جنم مليو. مٿان وري اهڙي قسم ٻڌي مالڪ وٽان ملي. هن جواهري پنهنجي سچي پوري

اتم هاٿي وڏن جي خزاني جا به هيرا جواهر پرکيان. سو وزي
سان صلاح ڪيائين. وزيرن چيس ته ’هي راجن! اهي خز
به توهانجا ئي آهن. مگر ڏسجو متان لالچ ۾ اچي پرمي
کي توڙي اهو خزانو به پنهنجي خزاني سان ملائي ڇڏيو

راجا اُنهن کي وشواس ڏياريو ته ائين نه ٿيندو. تڏهن وزير
راجا کي وڏن وارا خزانا کولي ڏنا ۽ راجا به ڏاڍي چاهه س
ويو پرکيندو. جاچيندي جاچيندي کيس اُنهن ۾ هڪڙو هير
اهڙو مليو جنهن جو ملهه ڪٿي نه سگهيو. راجا وزيرن جي
صلاح سان ڪيترائي جواهري گهرايا پر ڪوبه اُن هيري جو
ڪٿ ڪري نه سگهيو.

آخر راجا کي پرجا مان ڏسُ مليو ته هڪڙو سؤ ورهين ج
ٻڍو جواهري هتان کان ڏهه ميل پري رهندو آهي. اُهو تما
هوشيار آهي ڏاڍو قابل آهي پر هلڻ جهڙو ڪونهي. راجا يڪد
پنهنجي سپاهين کي اُن کي وٺي اچڻ جو حڪم ڏنو.

سپاهي کيس وٺي راجا جي درٻار ۾ آيا. راجا کيس پنهنجي
مشڪلات ٻڌائي ته ٻيا ته سڀ هيرا پرکي ويو آهيان پر هڪ
اهڙو هيرو آهي جو منهنجي ڪٿڻ کان پري آهي. مون توهانک
ان لاءِ ئي گهرايو آهي. هيرو ڪڍي اُن ٻڍي جواهريءَ ک
ڏيکاريائين.

ٻڍي جواهريءَ هيرو گهڻو ئي هيٺ مٿي ڪيو پر ڪٿ
نه سگهيو. راجا کي چيائين ته هن کي پورنماسيءَ جي ڏينه
ڏسڻو پوندو. پورنماسي تائين اُتي ئي کيس رهائي ڇڏيائين

پورنماسيءَ ڏينهن هيرو چنڊ جي سامهون رکيائين پر چ
جي روشني هيرو چڪي ئي نه. وري راجا کي چيائين ته توهي
پنهنجي خزاني مان سؤ سچا هيرا گهرائي وٺو.

راجا جي حڪم جي پوئواري ٿي.

سؤ هيرا اچي ويا. اُن هيري جي چوڌاري اهي سؤ هي
رکيا ويا. جواهري انيو ڪيو ته سڀ هيرا ٻين هيرن جو ت
چڪي رهيا آهن. باقي هڪڙو هيرو نٿو چڪي. سو راجا ک
ٻڌايائين ته هيءَ هيرو ٩٩ لکن جو آهي.

پوءِ تہ ڏاڍو خوش ٿي ۽ چوڻ لڳي تہ هار لڌم، هاڻي اسين
ڻ ئي سوچيون تہ هار ويو ئي ڪونہ هو تہ لڌائين ڪٿان؟
نيڪ اهڙي پرڪار اسين بہ پنهنجي سچي نج روپ کي
لجي پاڻ کي سکي دکي پيا سمجهون پاڻ کي جيو روپ سمجهي
جانب کان الڳہ پيا سمجهون. اُن پرم کي ڪڏهن تہ جيڪر
نهنجي اکنڊ آنند روپ کي ڄاڻون. جيڪو هر هميشہ اسان
سان مليو پيو آهي.

(١٦٨) چنڊ هڪ آهي!

هڪ ڀار پنهنجي اکہ جي پنبڻيءَ کي زور ڏيئي رات جو
سمان ڏانهن جو نهاريو تہ ڏسي تہ ٻہ چنڊ ڪڙيا بيٺا آهن.
اڻڙو تي ويو ۽ سوچڻ لڳو تہ بابو تہ چوندو آهي تہ آسمان
چنڊ هڪ ئي ڏسبو آهي. سو رڙ ڪري پتا کان پڇي تو
آسمان ۾ ٻہ چنڊ ڪٿان آيا؟ تڏهن پيءُ ڏٺو تہ هيءُ تہ
آڱر سان پنبڻيءَ کي زور ڏيئي بيٺو آهي انڪري هن کي
چنڊ ٿا ڏسڻ ۾ اچن. پٽس يڪدم چيو تہ آڱر تہ اک
ن پري ڪر. پوءِ ڏس. اکہ تان آڱر پري ڪريئو.
ڀار ڏسي هاڻي تہ هڪ ئي چنڊ آهي.
اهڙي طرح هي سالڪ! تون بہ شروڻ (ٻڌڻ) منن (ويچار ڪرڻ) نڌ
اسن (اسٿتي ڪرڻ) ڪري ڏس تہ 'نہ تون تن آهين نہ من آهين
پدارٿ آهن. تون تہ اُنهنجو انڀوءِ ڪرڻ وارو گيان روپ آهين.'

(١٦٩) ٻہ راجا ۽ پاڻي!

ٻہ راجا پاڻيءَ جي معاملي تي وڙهي پيا. اهوئي جهڳڙو
هيءُ پاڻي پنهنجي راجڌانيءَ ۾ تو اچي. ٻيو راجا چوي
هنجو رخ منهنجي راجڌانيءَ ڏانهن آهي. ڪيترو وقت
ندا رهيا. جيئن اڄڪلہ ڪاويري نديءَ جي پاڻيءَ تي

عمر فقط پٿرن پرکڻ ۾ ڪوهي ڇڏي. اهائي پنهنجي ٻڌ
پرمارٿ ۾ لڳائي نام جپي ها پاڻ کي سڃاڻي ها تہ هو جن
مرڻ جي چڪر کان ڇٽي پوي ها. هاڻي توهان ئي ٻڌايو
هيڏو هنر پٿرن پرکڻ جي همٿ قابليت، هنجو علم هن
انيءُ پرکڻ جو پرلوڪ ۾ کهڙي ڪم ايندو؟'
مطلب تہ اسين سنساري عقل ۾ اڪابر هجون پلي ڏا
ڪونجون. حقيقت ۾ اسان کي ڪين ڪيو جو اصلي نج گهر
نج آنند کي پلائي وينا آهيون.

(١٦٧) پاڻ مان ئي پاڻ کي پاءِ!

هڪ مائيءَ کي ڳچيءَ ۾ پئنبل سان چين پيئي هئي. جنه
وقت هن ڪم پئي ڪيو. جنڊ پئي هلايائين تہ اُن چين جي
لڏڻ ڪري ڪم ۾ وگهن پئي پيو تہ پنهنجي چين جو پئنبل
پنيان ڪري ڇڏيائين. وري جڏهن ڪم پورو ٿيو تہ چين ڪ
ٺاهي اڳيان ڪرڻ وسري ويس.
اوچتو ڪٿي ڏسي تہ چين آهيئي ڪانہ.
ڏاڍو منجهي پيئي. سڀ ڪم اڌ ۾ ڇڏي چين ڳولهڻ لڳ
سمجهيائين شايد ڪٿي ڪري پيئي آهي.
سڄو گهر هيٺ مٿي ڪيائين پر چين ٻاهر هجي تہ لي
نہ! ايتري ۾ ڪا ساهيڙي سندس سان ملڻ لاءِ آئي تہ ڏس
تہ هيءَ تہ ڏاڍي پريشان لڳي پيئي آهي. پڇڻ تي ٻڌايائينس
تہ گلي مان هار الائي ڪٿي وڃايو اٿم. سو ڳولهي ڳولهي حيرا
ٿي آهيان. سندس ساهيڙي جان ڪٿي ڏسي تہ هار تہ سندس
گلي ۾ ئي پيو آهي. ڪپڙن جي هيٺان ۽ پئنبل پنيان ٿ
ويو آهي.
سندس ساهيڙي چيس تہ ڳولهين وري ڪٿي ٿي هار
تنهنجي گلي ۾ ئي پيو آهي. جان ڪٿي هٿ لڳائي ڏس
تہ برابر. هار گلي ۾ ئي آهي.

’قبلا! مني ۾ مني بہ زبان آهي
تہ ڪؤڙي ۾ ڪؤڙي بہ زبان آهي.‘
راجا جي منهن تي مشڪ اچي ويئي.
برابر! برابر!
اهائي زبان آهي جي مني آهي تہ ڪٽ تي تي وهاري جي ڪؤڙي آهي تہ پٽ تي تي وهاري.

(١٧١) مالڪ ٿيو غلام نہ ٿيو!

لقمان هوشيار حڪيم تي گذريو. نبض ڏسي بيماري ڄاڻي ندو هو ۽ تز دوا ڏيئي مريضن جا ڏکہ ذور ڪندو هو.
هڪ ڏينهن ڪنهن مريض پڇيو لقمان حڪيم کان ڇوٽڪارو يئن ملي؟ روز روز بيمار تي ٿا پئون. ڪو سولو ڏس ڏيو:
اکر ئي چار ٻڌايائين
لقمان حڪيم چيو ’ڪَم کائو - غم کائو.‘
کاڌو گهٽ کائو.
ننڊ سني ڪريو.
غم کائو.
زبان ۽ سواد تي ظابطو رکو.
سواد جي ڪري گهڻو کائي وبهو.
زبان مان اکر نکري ويو تہ پوء اسين اُنجا غلام آهيون.
جيڪو اکر اسان وٽ آهي اُن جا اسين مالڪ آهيون. مالڪ -غالدر نہ ٿيو.

(١٧٢) انب جهڙا منا ٿيو

گوتم ٻڌ کي اڄ بہ سڄي دنيا سندس سکيائن جي ڪري.

ٻہ پرانت وڙهي رهيا آهن. گوتم ٻڌ کي خبر پيئي ک
ويو راجائن وٽ. کين سمجهايائين تہ ملي ويهي فيصلو ک
تہ قيمتي ڇا آهي؟ Precious ڇا آهي؟؟

پاڻي يا لشڪر جو خون. ڇا انهي پاڻيءَ لاءِ خون جون نديا
وهائڻ جو پاپ ۾ راجائون دشمني ڪن.

گوتم ٻڌ پاڻ بہ راجا ۽ راجا جو پٽ هو اُن کي انيؤ
تہ راجائون ننڍين ننڍين ڳالهين تي رتوڇاڻ ڪري ڇڏين
آهن. ان ڪري ٻنهي راجائن کي سمجهائي ٻجهائي پاڻ
جو مسئلو حل ڪري ڇڏيائين.

پيار ۽ سمجھ سان سڀ مشڪلاتون حل ڪري سگهجن تيو
پيار جي جوت جڳايون. سمجھ جي جوت جڳايون.

(١٧٠) زبان!

راجا دربار لڳائي ويٺو هو. سڀ منتري ۽ ٻيا شهر جا و
عهدن وارا ماڻهو ويٺا هئا.

اوچتو راجا سوال پڇيو

’مٺي ۾ مٺي شيءِ ڪهڙي آهي؟

۽ ڪوڙي ۾ ڪوڙي شيءِ ڪهڙي آهي؟؟‘

سڀ سوچڻ لڳا.

ڪن جواب ڏنو، کنڊ، مصري نبات، پتاشا، حلوو وغيره مٺاي
مٺيون آهن.

ڪن چيو تہ ڪوڙي ۾ ڪوڙي زهر آهي، توتيو آهي.

ڪنهن وري چيو تہ ڪريلا ڪوڙا آهن. سڀني پنهنجي جو
ڏنا. راجا کي ڪونہ آئڙيا راجا وري هيڏانهن هوڏانهن نهار
آخر ڪنڊ ۾ هڪ ماڻهو اُتي ويٺو. جنهن چيو مونکي اِجا
ڏيو تہ مان ڪجھ چوان.

راجا چيو. ’اجازت آهي.‘

لي مونکي نہ کاراءِ.‘
سيٺ چيس ’اهي ڊونگي ڳالهيون مونکي نہ ٻڌاءِ. توهان
اڻهن کي هميشه اهڙيون ڳالهيون ڪري پئي ٺڳيو آهي. مان
وکي هڪ پوري چا اڌ پوري بہ ڪونہ کارائيندس.‘
ٿوري وقت ڪانپوءِ گاڏي اچي ڪنهن وڏي اسٽيشن تي بيٺي.
ڪڙو ماڻهو بہ وڏا ٿفن کڻي آيو هو ۽ گاڏي ۾ پئي
هاريائين جڏهن سوامي وويڪانند کي ڏٺائين تہ ڀيئي ٿفن
چي سندس چرنن ۾ رکيائين.
سوامي وويڪانند چيس ’ادا! مان توکي سڃاڻان بہ ڪونہ
يءَ کاڌو منهنجي لاءِ نہ هوندو. مان تہ هن شهر ۾ ڪڏهن
يو بہ ڪونہ آهيان. وچي صحيح ماڻهوءَ جي ڳولها ڪر.‘
هن ماڻهو چيو ’ڀائي! اهو توهان لاءِ آهي. مان حلوائي آهيان.
نجهند جو گهر اچي کاڌو کائي سمهيو پيو هوس تہ شري
ڪرشن منهنجي سپني ۾ آيو. چيائين منهنجو ڀڳت ترين
هن وقت وڏي اسٽيشن تان لنگهڻو آهي. اُنکي کاڌو پهچائي
ج. سيرو، پوريون، پٽاٽا، پڪوڙا، گلاب جمون ۽ برفي جيڪي
تو وٽ آهي. هڪ بہ پيرو تہ مون ننڊائي ڇڏيو پر شري
ڪرشن ڀڳوان وري سپني ۾ اچي جڻ تہ ڌونڌاڙي مونکي
اري پيو چوي. اُٿ ٻچا گاڏي ڇاڻ آئي ڪ آئي. سو اُن
ي حڪم سان کڻي آيو آهيان. برابر اسين هڪ ٻئي کي
ونہ سڃاڻون پر شري ڪرشن تہ اسانجو پتا آهي. اُهو تہ
هنجن ٻچن کي سڃاڻي. هاڻي هيءُ سويڪار ڪريو.‘
سوامي وويڪانند چيو ’تون هرهنڌ ۽ هروقت سنڀال لهين
منهنجا سائين! صرف اسين تنهنجي اوٽ وٺون.‘
هو مارواڙي سيٺ جنهن ڪيس کائڻ لاءِ ڪجھ نہ ڏنو اُهو
واڙو ٿي ويو ۽ اُن حلوائي ۽ سوامي وويڪانند ڏانهن نهاريندو
يو.
’سڀ کي کارائڻ وارو ڀڳوان آهي،
بندا توکي اجايو ايمان آهي.‘

مڃي ٿي. نہ رڳو هن اُپديش ڏنا پر هن اُها جيون رهڻي مڻ

ٿي ڏيکاريو.

گوتم ٻڌ کي هڪڙي ڏينهن وينتي ڪيائون تہ اُپديش ڏي
گوتم ٻڌ جي اڳيان انب رکيو هو. اُهو سيني کي ڏيکاريائين
وري رکي ڇڏيائين.

ماڻهن اُنجو مطلب سمجهيو ڪونہ وري عرض ڪيائون
اسان کي ڪجھ ٻڌايو، اُپديش ڏيو.

وري انب هٿ ۾ کنيائين. کين ڏيکاريائين اهڙي طر
چار پنج ڀيرا ماڻهو وينتي ڪندا رهيا ۽ هو انب کڻي ڏيکاريند
رهيو.

آخر ماڻهن چيو تہ اسان کي اُپديش ڏيو توهين وري ور
انب پيا ڏيکاريو.

گوتم ٻڌ چيو ’مان اڳيئي توهان کي اُپديش ڏيئي چڪ
آهيان انب دواران تہ انب وانگر مٺا ٿيو. مٺو ٻوليو.‘

(١٧٣) پريو! پاڙيهي منهنجي سنڀال لهندو

سوامي وويڪانند هڪ ڀيري ريل گاڏيءَ ۾ مسافري پئ
ڪئي. اُن ساڳي گاڏيءَ ۾ هڪڙو مارواڙي سيٺ بہ سفر ڪر
رهيو هو. منجهند جو وقت ٿيو تہ اُن مارواڙي سيٺ پنهن
وڏو ٽفن کوليو. جنهن ۾ گهڻيئي کاڌو هو، ويٺو کائڻ سوا
وويڪانند کي کاڌي جي صلاح تہ ڪونہ ڪيائين مٿان ور
چيائين توکي مان ڪونہ کارائيندس. توهين ساڌو جيڪي گ
ڪپڙا پايو ٿا اُهي لڳہ آهيو. ماڻهن کي ٺڳيو وينا، لٽيو و
سوامي وويڪانند پيو مشڪي ۽ دل ئي دل ۾ پريوءَ کي
چوي تہ هن سيٺ کي ڪنهن چيو تہ مان هنجي آسري
آهيان! پريو! مونکي تہ تنهنجو وڏو آسرو آهي.

سيٺ کي چيائين. ’منهنجو پريو منهنجي پاڙيهي سن
لهندو آهي. اڳہ بہ لڌي اٿائين ۽ هاڻي بہ پيو لهندو. ت

اُنھنجو نالو بہ مائٹ اھڙو جھڙو رکي ڇڏيندا آھن جيئن
ين نظر نہ لڳي.
مائٽن جو ھي سکيلڌو ٻار ھو.
سکي سکي جائو ھو تڏھن سندس مائٽن اھو نالو رکيو
ر ان نالي جي ڪري سڀ ڪيس چيڙيندا ھئا. ھن جي شادي
ي ھن جي پتنيءَ کي بہ اھو نالو اصل ڪونہ وڻندو ھو ۽
يس چوندي ھئي تہ پنھنجو نالو بدلاءِ ھنجي استريءَ جو
اھيڙيون بہ ھن کي چيڙينديون ھيون.
آخر ھڪ ڏينھن ھن پڪو فيصلو ڪيو تہ مان پنھنجي مڙس
و نالو بدلائي ئي رھنديس.
ھڪ ڏينھن پنھنجي گھوٽ کي چيائين تہ توھين پنھنجو
لو ڦيرايو سندس گھوٽ چيو تہ پياري! تون ئي ڪٿي ڦيراءِ
يڪو وڻيئي سو نالو رکہ.
استريءَ چيو تہ مان وڃان ٿي نالو ڳولڻ. توھين گھر ۾
ي ويٺا ھجو. ٻاھر نہ نڪرجو.
ھوءَ گھر کان ٻاھر نڪتي ٿورو اڳيان ھلي تہ ھڪ مائيءَ
ني ڇيڻا ٿڦيا اُن کان پڇيائين تہ تنھنجو نالو ڇا آھي؟
ن چيس منھنجو نالو آھي لڪشمي ٻائي!
وائڙي ٿي ويئي. لڪشمي ٻائي نالو. ٿڦي ويني ڇيڻا!
وري ھڪڙو ٻڪاري گڏيس. ٻيکہ پيو پني نالو پڇيائينس
ٻڌايائين ڌرم پال!
ڌرم پال ٻيکہ پيو پني! عجب آھي. وري اڳيان ھلي تہ
ھو ارٿي کڻي پئي ويا!
پڇيائين ڪنھنجو مرتيو ٿيو آھي!
ڪنھن شخص چيس امر سنگھ جو مرتيو ٿيو آھي.
ارتريءَ (ٺن ٺن پال جي استري) جي مکہ مان نڪري ويو.
لڪشمي گوبر بنائي.
ڌرمپال مانگي ٻيکہ

(١٧٤) رابيا سنتاڻي ۽ بيماري!

عربستان ۾ رابيا وڏي سنتياڻي ٿي گذري آهي. هنجو ر
۾ جهجهو وشواس هو. اُن وشواس جي ڪري ڪيترن کي ڦ
فائدو رسيو ۽ هن پنهنجي جيون به سنجم سان گذاري.

هڪ دفعي رابيا ڏاڍي بيمار ٿي پيئي. بخار جا بڻ ٿ
بريس ڪيترا ڊاڪٽر حڪيم اچي ڪنا ٿيا پر دوا ڪابه ا
ئي نه ڪري دوائون به وٺي پر فائدو ٿئي ئي نه.

حبيب طبيب نه سائين آهي. جي چاهي دنيا جا ويچ پاسي
ڪري وهاري رکه چپٽي مان فائدو پهچائي ڇڏي.

جڏهن ڦڪين فرق نه ڪيو ته هڪ ڏينهن صوفي درويش
هن وٽ آيو. ڪيس چيائين 'تنهنجي لاءِ هيءُ بخار لاهڻ ڪهڙ
وڏي ڳالهه آهي. تنهنجي رب سان روز روح رهاڻ ٿئي ٿ
ڪيس عرض ڪر ته دوائون ۽ ڦڪيون بيڪار ثابت ٿيون آهن
هاڻي توهين ئي ڪو ڪرم ڪريو ۽ اُن جي ڪرم فضل سا
چا نئو تي سگهي. جهٽ نيڪ ٿي پونديندءِ.'

رابيا چيو 'هيءُ سوکڙي بخار جي آئي آهي منهنجي سائين
وٽان. هو منهنجو آڌار آهي، متر آهي. سونهون آهي. اُنک
چوان ته پنهنجي سوکڙي واپس کڻي وڃ؟ ائين ڪيئن ٿيند
رواجي دنيوي متر کي به جيڪر سوکڙي واپس نه ڏيون ه
ته اسانجو سچو متر آهي.'

'آن ٻانهي تون سائين ووي.
پاتم پانڌ ڳچيءَ ڳل ڪپڙو.'

(١٧٥) نن نن پال

هڪ ماڻهو جو نالو هو نن نن پال. هنجي مائٽن هن ت
اهو نالو رکيو هو. ڪيترا ٻار ڏاڍين ڪشٽن سان چمندا آه

ويو تہ هي ٿئي ڇا پيو. گهر گهاٽ ڇڏي آيا آهن ۽ هتي
ساڌنا ۾ سستي پيا ڪن.'

'ساڌنا ۾ پڪي ٿيڻ ۽ اسٿت ٿيڻ سان پاڻ کي پاڻ ۾ کوجي
تو لهجي.'

(١٧٧) شت روپا ۽ راجا منو!

شت روپا ۽ منوءَ جو ورتانت ست شاسترن ۾ ايندو آهي.
راجا منوءَ کي جڏهن راڄ ڪندي ڪئين ورهيہ گذري ويا تہ
چانڪ پنهنجي مٿي ۾ ڪي اڇا وار ڏسي ۽ منهن ۾ جهرريون
ڏسي خيال آيو تہ اڃا ڪيترا ڏينهن راڄ ڪبو؟ ڀڳوان جو ڀڄن
ڪڏهن ڪبو؟؟

اهو خيال ڪري پنهنجي استري شت روپا سان ڳالهہ ڪيائين.
نهي يڪدم چيو تہ مان توهان کي هروقت چوندي رهندي
هيان تہ هاڻي اتانپاد (ڀڳت ڌروءَ جو پتا) وڏو ٿيو آهي اُنکي
راڄ پاٽ ڏيئي اسين پنهنجي جيون جو لڪش پراپت ڪريون.
جيون صرف راڄ ڪرڻ ۽ اولاد وڏي ڪرڻ لاءِ تہ نہ مليو آهي.
مام سنو ويچار آهي. اُن تي عمل ڪرڻ ئي گهرجي.

پنهنجي پٽ کي گهرائي راڄ جو ڪاروبار سونپي راجا ۽
اڻي ڪنهن آشرم ۾ وڃڻ جي تياري ڪئي تہ سندن پٽ
اتانپاد کين وڃڻ ئي نہ ڏئي. چوي پلي راڄ نہ ڪريو هتي
ينا هجو. اسين توهانجو درشن تہ ڪري سگهنداسين. ڪا صلاح
صلحت تہ وٺي سگهنداسين. راجا منو ڪجهہ موهہ ۾ ٻڌو تي
تو پر راڻي شت روپا چيو تہ هيءُ سنسار ٻلائي سان ڇڏي
سگهبو. اُن کي زوريءَ ڇڏڻو آهي. ائين ويهي رهندا تہ
ڪي نہ سگهندا هي ناٽ! موت تہ ڪنهن بہ وقت اسانکي
سن کان وڇوڙي وٺي ويندو. اُن کان تہ بهتر آهي ۽ اُن کان
ہ هلي پنهنجي نج سروپ کي سڃاڻون ۽ ائين ڏاڍا تي
ڪري ويا محل مان، مڙي پنيان نہ نهاريائون!

امرسنگھ چلي ارتي پر.

استري سمجھي ويئي تہ سڀ ابتا پيا هلن. تنهنڪري جاتائي
تہ پتيءَ جو نالو نن نن پال ئي نيڪ آهي. هو ڀڳت آهي
پاڻ کي ڪجھ ڪونہ ٿو پائين. اهائي سندس مهما آهي! ڀي
جي چوڻ تي نہ لڳجي ۽ پنهنجو نالو ڇو ڦيرائجي؟

(١٧٦) رام ۽ لڇمڻ!

جڏهن راوڻ کي ماري لنڪا جو راڄ ويڀشڻ کي ڏيئي سي
کي ساڻ ڪري ايوڌيا موٽيا رام، لڇمڻ، هنومان ۽ ٻي وا
سڀئنا سڀ خوش هئا.

هڪڙي ڏينهن اوچتو لڇمڻ شري رام کي چيو تہ هي پرا
هڪڙي ڳالھ توهان کان پڇان. اجازت هجي تہ مان توها
کان هڪ سوال جو جواب طلبيان؟

شري رام چيو ’ڀائي! ايترو حجاب ڇو؟ ضرور پڇ جيڪ
توکي پڇڻو آهي. مان ضرور جواب ڏيندس.‘

تڏهن لڇمڻ پڇيو ’هي رگھوبر! مها گياني دڪہ سکہ
سم رهڻ وارا! مونکي اهوئي پڇڻو آهي تہ جڏهن راوڻ سي
کي کڻي ويو تڏهن توهان عام رواجي پتيءَ وانگر ويهي ر
توهان تہ سڀ ليلا جاتي ٿي. اهو ائين ڪيئن ٿيو؟

تڏهن شري رام مشڪيو ۽ لڇمڻ کي جواب ڏيند
چيائين’ڀائرا! چوين سچ ٿو. مون برابر رنو. مايوس ٿيس
نہ سيتا لاءِ پر رشين منين لاءِ جي اجا پنهنجي ساڌنا ۾ ڪ
هئا. اُنهنکي سمجھائڻ ساڌنا ۾ پڪو ڪرڻ لاءِ مون رنو
جو جيئن تہ اهليا پٿر تي ويئي هئي سراپ ڪري ۽ منهنج
پير جي ڇهڻ سان استري ٿي پيئي ۽ سندس اُڌار ٿيو. تي
رشين ۽ منين بہ پنهنجي اکيان پٿر رکي ڇڏيا ۽ منهن
انتظار ڪرڻ لڳا. مونکي ڏاڍو ڏکہ ٿيو ۽ مونکي روئڻ اچ

و وقت ڪائين ڪندي پگهر پئي ڳريس. ماتا لڪشميءَ کي
ادو خيال ٿيو ۽ شري نارائڻ کان پڇيائين تہ هن کي ڪجھ
يئي شاهوڪار ڪريان جو روز جي دال روٽي تہ پيٽ ڀري
ائي سگهي. شري نارائڻ چيس ڀلي پر قسمت ڪانسواءِ ڪجھ
ہ حاصل نہ ٿيندو آهي. لڪشمي ديوي هن غريب کي ٻہ قيمتي
ل ڏنا تہ وڪڻي وڃي پئسا وٺ ۽ ڪو ڌنڌو شروع ڪري،
ذران ڪر. غريب ڏاڍو خوش ٿيو. لعل وٺي درياھ جي ڪناري
ي آيو. سوچيائين هٽ منهن ڌوئي صاف سٿرو ٿي بزار ۾
جان ۽ لعلن جي قيمت ڪيائي وڪڻان. جيئن ئي منهن ٿي
وتائين تہ ٻئي لعل درياھ ۾ ڪري پيس. گهڻيئي هٿوراڙيون
ٺي ڳوليائين پر نہ لڌس. ۽ ائين ڏاڍو مايوس ٿي گهر ڏانهن
ليو.

ٻئي ڏينهن وري شري لڪشمي ماتا ۽ شري نارائڻ اچن
، چا تا ڏسن تہ وري وينو ڪائيون ڪري.

لڪشمي ماتا: 'وري ڇو آيو آهين ڪائيون ڪرڻ؟ ڪلھ وارن
لن جي گهڻي قيمت مليئہ؟ وڃي ڌنڌو ڪرين ها؟؟؟'

غريب روئي وينو چيائين 'ماتا! توهان تہ مونتي وڏي ڪرپا
ئي پر منهنجي قسمت ۾ ئي ڪونہ هئا. منهن ڌوئيندي
رياھ ۾ ڪري پيا. ماتا! مونکي معاف ڪريو.'

ماتا لڪشمي ڏاڍي سوچ ۾ پئجي ويئي. سوچيائين هن ڀيري
ڪڙن رپين جي ٿيلهي ٿي ڏيانس جيڪا سڌو گهر کڻي
ي. سو کيس آئت ڏيندي چيائين 'فڪر نہ ڪر مان توکي
روپين جي ڳوٿڙي ٿي ڏيانءِ. سڌو گهر کڻي وڃج.'
ائين چئي کيس روپين جي ڀريل ٿيلهي ڏنائين.

هي کڻي اڳتي هليو تہ کيس اڄ لڳي ۽ رستي تي کوھ
ڏٺائين سو ٿيلهي رکي کوھ مان پاڻي ڪڍي پيئڻ لاءِ ٿيلهي
ي کان رکي کوھ مان پاڻي ڪڍڻ لڳو. پاڻي ڪڍي ۽ پي
نجي پياس بجهائي جان کڻي ڏسي تہ روپين جي ٿيلهي
ي ئي ڪانہ. ڪو شاهينگہ تڳائي وبس.

(۱۷۸) سورداس جو بنسريءَ وارو

بانڪي بهاريءَ جا بندرابن ۾ انيڪ مندر آهن. سڀ جد...
جدا نالن وارا.

سورداس کان ڪنهن پڇيو ڪهڙو نالو ڪٿون؟
ڪهڙي مندر ۾ وڃون؟؟
سورداس چوي تو ڪهڙو به ڪٿو پر نام سمرن ڪريو ضرو...
تڏهن پڳتن پڇيو توهان لاءِ ڪهڙو نالو آهي؟
تڏهن سورداس پنهنجي ٺاڪر جو نالو تو ٻڌائي.

’ڪوئي گووند ڪوئي ڪهي گوپال
مئن تو ڪهون سانوريا بنسري والا.
راڌا ني شام ڪها ميرا ني گرڌر
دروپدي ني ڪرشن ڪها، ڪبجا ني نٽور
مئيا تو ڪهتي تي تم هو ڪنيعيا
گهنشيام ڪهتا تا بلدائو يا
ڀيشم ڪي بنواري، ارجن ڪي موهن.
چليا تو ڪهتا تا تم ڪو دريوڌن
ڪنسا تو جل ڪر ڪهتا تا ڪالا
ڪوئي ڪهي گوند ڪوئي ڪهي گوپالا
مئن تو ڪهون سانوريا بنسري والا.

(۱۷۹) بنا ڀاڳ ڪجهه نه ملندو

شري لڪشمي ۽ شري نارائڻ ڀئي گهميا ۽ جاچيائون...
سيني کي روزي روٽي ملي آهي، ايتري ۾ لڪشمي ماتا...
نظر هڪ غريب ڪاٺير تي ڀيئي. گرميءَ جي موسم ۾ منج...

(١٨٠) سڀ جو داتا هڪ آهي

فريد پٽڻ تي گذريو آهي. هن جي ٻاٽي گرو گرنٿ صاحب تي چڙهيل آهي. فريدآباد اسٽيشن جو نالو به هن پٽڻ جي نالي تي آهي.

هڪ ڏينهن ڳوٺ جا ماڻهو پٽڻ صاحب وٽ آيا ۽ کيس چيائون ته ’هن ڳوٺ ۾ ٻارن جي لاءِ ڪو اسڪول ڪونهي. سو بادشاهه اڪبر وٽ هلي اسان کي اسڪول لاءِ زمين به وٺي ڏيو ۽ نهرائي ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو. هو توهانجي ڳالهه ڪونه ٽاريندو. بادشاهه اڪبر کي توهان جي لاءِ گهڻي شرڌا آهي.‘

ڳوٺاڻن جي چوڻ تي فريد پٽڻ آيو راج يون ۾ اُتي ٻڌائين ته بادشاهه سلامت هن وقت مسجد ۾ ويل آهن. فريد به مسجد ڏانهن رخ رکيو ۽ اُتي ڇا ٿو ڏسي ته بادشاهه اڪبر گوڏا کوڙي رب کي ٻاڏائي رهيو آهي. هي رب! مونکي ڪيرتي ڏي، عزت ڏي، سمپتي ڏي. راج قائم رکجانءِ. اهو ڏسي فريد پٽڻ ٻويان پير ڪري واپس موٽڻ لڳو. چوڻ لڳو ڪٿي اچي ڦهتو هيان. هي ته پاڻ گهري رهيو آهي. هي بادشاهه ته ڪونهي ر بيڪاري آهي. سو ڳوٺاڻن کي ڇا ڏيندو!

جيئن ئي بادشاهه اڪبر اُٿيو ۽ ڏنائين ته فريد پٽڻ واپس يو وڃي. ڪانئس پڇيائين ’واپس ڇو پيا وڃو پٽڻ صاحب.‘

پٽڻ صاحب چيو ’اسين به وڃي تا اُن ڪان گهرون جنهن ان توهان پيا گهرو.‘

’سڀ جو داتا هڪ ئي آهي
سڀ جو مالڪ هڪ ئي آهي.
در در پنڻ مان ڪهڙو فائدو
ٻاڏائڻ مان ڪهڙو فائدو.
هڪ جو تي رهڻ ۾ آ مانُ
سنسار به تڏهن ڏئي تو سنمان.‘

ڏاڍو دکي ٿيو هيءُ ٿئي ڇا ٿو؟ لڪشمي ماتا تہ مونک
ڳهڻو ئي سکي ڪرڻ جو يتن ڪيو. پر هاءِ! قسمت.
ٽئين ڏينهن وري لڪشمي. نارائڻ ڏسن تہ وري وينو ڪائيو
ڪري ۽ ڳوڙها ڳاري.
لڪشمي چيو نارائڻ کي 'سائين ائين ڇو ٿو ٿئي هن سان
نارائڻ مشڪي ڏنو چيائين جيسين قسمت نہ نهي آهي تيسي
ڪجهہ نٿو حاصل ٿئي. مايا ڏيڻ واري تون آهين پر ڀاڳہ ناه
وارو مان آهيان. هاڻي ڏسجانءِ هن ٽڪي جي برڪت.
ڪانير کي ڪوني ٽڪو هٿ ۾ ڏنائين.
چيائين 'هاڻي وڃي پنهنجو ڀاڳہ آزماءِ.'
ٽڪو وٺي خيال ڪرڻ لڳو تہ ٽڪي جو ڇا وٺجي جو منهنج
پتني بہ خوش ٿئي. سو ڏنائين تہ ماڇي جار ۾ مڇيون ڦاسائ
پيو اچي. ڇو نہ هن کان ٽڪي ۾ ڪا وڏي مڇي وٺان. اڳيا
وڏي ماڇيءَ کان ٽڪي جي مڇي وٺي خوش ٿيندو گهر ڏ
هليو. سندس استري مڇي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي ۽ وڃي مڇي
کي ڪٽڻ جيئن ئي ڪٽيائين پئي تہ اندران بہ لعل نڪر
آيا. وٺي رڙ ڪيائين ۽ گهوٽ کي ڪوٺيائين ۽ ڪيس لع
ڏيکاريائين. هن ڏٺو تہ لعل تہ ساڳيا آهن جيڪي مونکي لڪشم
ماتا ڏنا هئا. جلد ڀڳو بازار ڏانهن لعل ڏاڍا قيمتي هئا ڪيس
جهجها پئسا مليا. ڏنڏو جو ڪٽي شروع ڪيائين تہ شاهوڪ
ٿي پيو. هن جو شاهوڪار تيڻ ۽ روپين جي چور کي اچ
ڏڪڻي ٿي تہ هن کي خبر نہ پئجي وڃي. سو جهٽ آ
روپين جي ٿيلهي بہ آڻي سندس اڳيان رکيائين ۽ شرمائيند
معافي وٺڻ لڳو.
(ڪانير) شاهوڪار عجب ۾ پيو پوي.
تہ واهہ جو شري نارائڻ منهنجو ڀاڳہ ناهيو آهي
'ڀاڳہ ڏئي پيرو تہ دال مان سيرو.'

اهڙي پريما پڳتي آهي بندرابن ۾.
هر سکي هر سکو هر پراڻي اُتي پريم ميہ تي ويندو آهي.

(١٨٢) انسان جي کوپري!

سڪندر جڏهن سڄو هندستان فتح ڪيو تہ ڏاڍي شان سان پئي گهميو. ڏاڍو فخر تيس تہ مان ڪيڏو نہ سياڻو ۽ بهادر آهيان.

گياني ڪٿي تا اِهو ايمان سهن. سو سندس اڳيان اچي صدا هنيائين. ملڪ جا بادشاهہ! هي ڪشڪول پري ڏي مونکي.

سڪندر بادشاهہ سوچيو اِها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي سو پنهنجي وزير اعظم کي حڪم ڪيائين تہ هن جوڳيءَ کي هن ڪشڪول ۾ هيرا موتي ۽ جواهر وجهي پري ڏي.

حڪم جي دير هئي. وزير ڪم کي لڳي ويا. ڪشڪول ۾ وجن هيرا موتي ۽ جواهر وجهندا پر ڪشڪول پرجي ئي نہ. جيترو وجهي سگهيا وجن وجهندا. پر پرجي ئي نہ!

آخر ٿڪجي پيا سڀ وزير ۽ بادشاهہ سلامت کي چيائون جيئندا قبلا! هيءُ تہ پرجڻ جو نہ آهي.

تڏهن سڪندر ڪنڌ جهڪائي جوڳيءَ کان پڇيو تہ 'آخر هي آهي ڇا جو پرجي ئي نٿو؟'

گياني جوڳيءَ ٻڌايو تہ هيءَ انساني کوپري آهي جا ڪڏهن پرجڻ جي نہ آهي. تون هندستان ڇو ٿو فتح ڪرين. ڇاهي سڄي دنيا تنهنجي وس تي وجي تڏهن بہ هيءَ کوپري پرجڻ جي نہ آهي. ترپتي ٿيڻي نہ آهي.

چون ٿا سڪندر تي انهي ڳهڻا جو اهڙو اثر ٿيو جو وصيت ڪري ويو تہ مان جڏهن هيءُ سرير ڇڏيان ۽ جڏهن مونکي قبر ۾ وجهي پوريو وڃي تہ ٻئي هٿ ٻاهر ڪڍجو جيئن هر ڪو سمجهي تہ ساڻ ڪجهہ ڪونہ هلندو. هٿين خالي ويٺو

(١٨١) بندرابن ۾ راڌيون

بندرابن جي جيتري مهما ڪجي اوتري ٿوري آهي. جتي
٥ هزار مندر راڌا راڻي ۽ بانڪي بهاريءَ جا آهن. اُتي جيڪ
هڪ ٻئي سان ڳڌبو آهي ته ’راڌي راڌي‘ چئي ڳڌبو آهي
هرڪو راڌا راڻيءَ ۽ بانڪي بهاريءَ جي مستيءَ ۾ مست رهند
آهي. بندرابن ۾ هڪ سڄي بزار ۾ مُٽڪ، هار، ڪنڊل، ننڍ
وڏا رکيل آهن. جڻ ته زويري بزار آهي. ساڳيءَ طرح اُنهنجي
وسترن سبڻ لاءِ خاص درزي وينا آهن جي ننڍي ٻال گوپال
لڏو گوپال ڪان وٺي آدم قد ڪرشن ۽ راڌا جي پرتمائن ج
وستر توهانکي تيار ڪري ڏيندا. بهار جي موسم ۾ اُتي ڪوني
گليون ڏسڻ وٽان آهن بندرابن جو ايترو شان ۽ مهما ٻڌي
جئپور جي راج راڻيءَ کي دل ٿي ته مان به بندرابن ۾ وڃي
راڌا راڻيءَ جو درشن ڪري اچان.

پالڪيءَ ۾ راج راڻي ۽ ٻي ڪيتري پرجا برج جي گهٽين
ڏانهن وڌڻ لڳا ته هڪڙي مهترياڻي زور زور سان ٻهاري پائي
رهي آهي ۽ پالڪيءَ کي ايندو ڏسي تهائين وڌيڪ زور سا
جهاڙو هلائي رهي هئي. گهٽوئي راج راڻيءَ جي ماڻهن ڪيس
روڪيو پر هوءَ رُڪجي ڇوتي؟ آخر وزير وڌي اڳيان آيس جنه
ٻڌايس ته هيءَ سواري راج راڻيءَ جي آهي. ٿورو هٽ ڪ
رُوڪ ته هتان پالڪي لنگهي.

مهترياڻي چيو ’هيءَ وري ڪهڙي راج راڻي آهي؟‘

هتي بندرابن ۾ چار راڻيون آهن.

هڪڙي راڌا راڻي. ٻي جمنا راڻي. ٽين برج جي راج راڻ
۽ چوٿين مهترياڻي

وزير اواڪ رهجي ويو. ۽ پالڪيءَ کي ترسائي بيهي ره
جيسين گهٽيءَ ۾ جهاڙو لڳي!

جي مٽيءَ مان تہ ڪو ڪارج سڌ ٿيڻو ڪونہ هو.
اهڙي طرح سهج سياءُ پراپت ٿيل سچي چنتامڻيءَ کي
ڪوڙو سمجهي تياڳي ڇڏيائين ۽ اُن مان فائدو نہ ورتائين.
سانجو بہ اهو حال آهي. سچي آتم گيان روپي چنتامڻي ڇڏي
ڪرم ڪانڊ روپي ڪانچ جي مٽي ڪٺي پيا هلون. اهو ڪونہ
سمجهون تہ ورت، نيم، تپسيا سڀ ڪجھ ڪري بہ اُن
آتم گيان کي ويچار ۽ نشچي ڪانسواءِ پائي نہ سگهبو. اچو
نہ پڪو نشچو رکون تہ 'جو پنڊي، سو برهمنڊي.'

(١٨٤) هاٿي ۽ پيلوان!

هيءَ وارتا بہ وششٽ جي نرباڻ پرڪرڻ ۾ ڏنل آهي. جيڪا
شري وششٽ جي مهراج شري رامچندر کي ٻڌائي آهي. ياد
اچي اِهو پرسنگ تہ جڏهن راجا شڪردج کي گيان ڏيڻ لاءِ
مندس راڻي چورالا ديو رشيءَ جو روپ ڌاري. راجا کي گيان
ڏيڻ لاءِ بن ۾ آئي. مندراچل پربت جي بن ۾ هڪڙو بلوان
هاٿي رهندو هو. جو سيني هاٿين جو راجا هو. هنجا ڏند ڏاڍا
تکا هئا ۽ هو اهڙو تہ بلوان هو جو سمير پربت کي بہ اکوڙي
سگهيو ٿي. انهيءَ هاٿيءَ کي پيلوان ڪنهن رمز سان پڪڙي
زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيو ۽ پاڻ هڪ وڻ تي چڙهي ويٺو ۽
موقعو ڳولهڻ لڳو تہ ڪيئن مان هاٿيءَ تي چڙهي وهان.
هاٿي اچي زنجيرن ۾ منجهيو ۽ ڏاڍو دکي ٿي هڻ پڇاڙ
ڪرڻ لڳو جيئن انهن زنجيرن جي ٻنڌن مان آجو ٿئي ۽ جيسين
هي ٻنڌن نہ ٽوڙيندو تيسين ڪيس آرام نہ ايندو. اهو خيال
ڪري پنهنجي ٻل سان زنجيرن کي ٽوڙي وڌائين. وڻ تي
جو پيلوان ويٺو هو. تنهن جو اهو ڏٺو تہ ڏاڍو گهبرائجي ويو
۽ ڏپ ۾ ٿر ٿر ڪنبڻ لڳو ۽ اچي هاٿيءَ جي پيرن تي پيو
هاٿي سولائيءَ سان هنکي ماري سگهي ها پر هن دنل پيلوان
تي ديا ڪري ڪيس جيئدان ڏنائين. سوچيائين اهڙي مڙدي

آهي. آيا بہ هٿين خالي آهيون، وينداسين بہ هٿين خالي!

(١٨٣) چنتامڻي ۽ ڪانچ جي مڻي!

هيءُ درشٽانت شري يوگ وششٽ ۾ مون پڙهيو آهي.

هڪڙو پنڊت وڏو ڏنوان هو ۽ ڳُڻوان بہ هو. هيتري ڏن هوندي
بہ اڃا هن کي ڏنوان ٿيڻ جي اڇا هوندي هئي. ۽ سوچيندو
رهندو هو تہ چنتامڻي (جنهن جي وسيلي ڪيترو بہ ڏن حاصل
ڪري سگهجي.) جيڪر اُها ملي وڃي تہ مان اڃا بہ وڌيڪ
ڏني ٿي پوان. جيڪي اُپاوَ پڙهيا هئائين يا ٻڌا هئائين سي
آزمائڻ لڳو. آخر هڪڙي ڏينهن پورنماسيءَ جي رات چنڊ جي
پرڪاش ۾ هڪڙي هنڌ چنتامڻي ڏسڻ ۾ آيس. کڻڻ لاءِ اُتي
بہ چنتا مڻيءَ جي ويجهو بہ ويو ايتري ۾ من ۾ شنڪا ٿيس
الائي سچي آهي يا ڪوڙي. سو دل من هڻڻ لڳو. ڪڏهن پي
چوي سچي آهي. ڪڏهن پيو ڪوڙي سمجهي. سچي چنتامڻي
ملڻ ڪا سولي ڳالهہ آهي ڇا؟ جي اُن کي حاصل ڪرڻ سول
هجي ها تہ هرڪو جيڪر ڏنوان ٿي پوي ها. من ۾ گهڻي
رد بدل هليس ۽ ان سنسي ۾ چت تي پردو پئجي ويس
۽ چنتامڻي گم ٿي وئي. پوءِ تہ ڏاڍو پڇتائڻ لڳو پر ويل
وقت هٿ نہ ايندو آهي. مهل وئي تہ کهل وئي. ايشو
جي مليل نعمتن جو قدر نٿو ڪجي تہ اُنلو اُهي وردان جي
بدران سراپ بڻجي ٿيون پون.

پوءِ تہ ڏاڍي هاءِ هاءِ ڪيائين تہ سامهون آيل چنتامڻي مون
هٿن مان وڃائي ڇڏي. وري چنتامڻيءَ جي ڳولهڻ لاءِ پار
پتوڙڻ لڳو. تڏهن ڪانچ جي مڻي ڪٽي ڪنهن اُڇلي جهٽ
ڪٽي ورتائين. اڳيون آزمودو هئس سو اهو سوچ ئي نہ ڪيائين
تہ ڪوڙي چنتامڻي تہ ڪونهي. حالت اهڙي ٿيس جو جيڪ
مال ڏن هئس اُهو بہ وڃائي ڇڏيائين ۽ پنهنجو پروار بہ ڇڏي
ويو. بن ڏي هليو ويو. اُتي ڏاڍو دکي ٿيو ڇاڪاڻ تہ ڪان

سنت جي ديا سان رڱجي ويو ۽ نام جي ڌن ۾ مڳن رهڻ لڳو!

★ ڪسنگ ٻوڙي ٿو

ساڌو ويٺي بن ۾ تپسيا ڪئي ان وٽ هڪ شڪاري آيو جنهن
ي تير ڪمان هو هٿ ۾. سو خيال ڪيائين تہ هاڻي ٿورا
ڏينهن وڃي ڪٿي آرام ڪري اچان پر تير ڪمان ڪٿي ڪٿي
نهمان. اهو پئي ويچار ڪيائين تہ ايتري ۾ ساڌوءَ تي نظر
ئجي ويس. وڌي ويو ساڌوءَ طرف عرض ڪيائين تہ مان ڪم
سانگي وڃان ٿو ٻئي ڪنهن ڳوٺ، جي اجازت ڏيو تہ تير ڪمان
وهان وٽ رکي وڃان ۽ جيئن ئي موٽندس تہ واپس ڪڍي ويندس.
ساڌو چيو تہ ڀلي ٻچا! مان تہ هتي ئي وينو آهيان. ڪائي
الھ ڪونهي ڀلي هتي رکي وڃ.
شڪاري تہ تير ڪمان ساڌوءَ جي پاسي کان رکي ويندو رهيو.
ساڌو بہ پنهنجي ڌيان ۾ مڳن رهندو هو پر جڏهن
ڪجھ وقت واندو وهندو هو تہ وينو تير ڪمان کي ڏسندو
و، اٿلائيندو پٿلائيندو هو. ائين ڪندي ڪندي وري ڪمان
ڪشي تير پيو اُن تي رکي. ائين ايياس ڪندي تير ڪمان
لائڻ سکي ويو. پوءِ تہ وتندو هو شڪار ڪندو. ڏسو! اِهو سنگ
و اثر. من جهڙو جهڙو سنگ ڪندو اهڙو ٿي پوندو. ستسنگ
ندو تہ ڀڳتيءَ جو رنگ چڙهندو. وهنوار جي سنگ ۾ هوندو
وهنوار جو پيو سوچيندو. جي هرڻ سان موھ وڌائيندو تہ
رڻ جهڙو ورتاءُ پيو ڪندو. جي تير ڪمان سان پريت رکندو
شڪاري ٿي پوندو.
تنهنڪري سنت مهاتمائون چوندا آهن:
سنگ سوڌي ڪجي.
'سوڌي سنگ ڪري سامي سچارن جو'

سمان ماڻهوءَ کي مارڻ مان مونکي ڇا حاصل ٿيندو.
ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ پيلوان کي جيتوڻيڪ هاٿيءَ جي د
جي ڪري جيئڏان مليو هو ته به پنهنجو سياڻ نه ڇڏيائين
وري هاٿيءَ جي ڪڍ لڳو نيٺ هاٿيءَ کي ڳولهي لڌائين هاٿ
بي ڦرني آرام سان وڻ هيٺان سمهيو پيو هو. اُنکي ڏسي پيلوا
بن جي ڇوڏاري ڪڏون ڪوتي ڇڏيون ۽ اُنهن جي مٿان ڳا
وجهي ڪڏن کي ڍڪي ڇڏيو. مٿان گاهه ۽ ڪک پن پئي نظ
آيا خبر ئي نٿي پيئي ته گاهه جي هيٺان ڪي ڪاهيون ۽ ڪڏو
آهن. ڪجهه وقت ڪانپوءِ هاٿي سجاڳ ٿيو. بن ڏانهن هل
لڳو ته اوچتو ڪاهيءَ ۾ ڪري پيو. پيلوان اڳيان وڌي ڪيس
زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيو. ڪاهيءَ ۾ ڪري ڏاڍو دکي ٿيو.
سڏانت اِهو آهي ته هاٿيءَ آئينده جو ڪو ويچار نه ڪ
۽ پيلوان کي ڇڏي ڏنو. هن کي نه ماريائين جنهنڪري دک
به ٿيو ۽ زنجيرن ۾ به ٻڌو. سچ آهي ته جو منش اڳتي ج
ويچار نٿو ڪري ته هن ڪرم جو ڪهڙو نتيجو نڪرڻو آه
۽ مونکي هن حالت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟
اهو دکه ٿو پائي.

(١٨٥) سنگم تاري ٿو!

چور هو. چوري ڪرڻ کان باز نه ايندو هو. وتندو هو چوريو
ڪندو. اوچتو هن جي ڳوٺ ۾ سنت ڪنوررام جي پيگت ٿي
هن جي ناموس ٻڌي هيءُ به ويو رس وٺڻ. سنت ڪنوررا
جي ڳائڻ ۾ جادو هو ۽ هنجو ڳالهائڻ به ڏاڍو مٺو هو. جيئ
ئي پيو چور هنجا وچن ٻڌي. ٿيئن پيو مگڌ ٿئي. سندس جيو
ئي بدلجي ويو. وجي سنت جي پيرن تي ڪريو سنت ديا
آهن. ڇڪي ڪٽي ڇاتيءَ سان لاتائونس ۽ ڪيس رهڙڪي وٺ
ويا. جتي سنت ڪنوررام جا گرو سري سترامداس هئا. چ
به اُتي رهي اُنهن جي شيوا ڪئي ۽ پنهنجو جيون سڦل ڪي

فضول خرچ ڪريان. ديس جو پئسو زيان ڪريان!
اهڙا هئا اسانجا نيتائون جن ڀارت لاءِ رت ست ڏنو!

(١٨٧) ٻُڊو ڪلفيءَ وارو!

ٻُڊو ڪلفيءَ وارو روز ڪلفين جو دٻو ڪٽي وڪڻڻ ويندو هو.
سنو گذران ٿيندو هوس. هوڪا بہ ڏاڍا ڏيندو هو. مٺي مٺي ڪلفي
ونو. ٿڌي ٿڌي ڪلفي وٺو. گرميءَ کي دور ڪريو. ائين سڄو
ڏينهن هوڪا ڏيئي ڪلفيون وڪڻي شام جو گهر ايندو هو.
هڪڙي ڏينهن صبح جو جيئن ئي ڪلفين جو دٻو ڪٽي
گهر کان ٻاهر ٿي نڪتو تہ سندس زال چيو تہ اڄوڪو ڏينهن
ڏنڌي تي نہ وڃو. جو اسانجو پاڙيوارو گذاري ويو آهي. اِجهو
تا ڪيس کڻڻ سو توهان بہ اُن کي ڪلهو ڏجو. پاڙو ابو آما
آهي. ايترو تہ ضرور ڪرڻ گهرجي.
جيئن ئي ارٿي ڪٽي ٻاهر نڪتا تہ هن بہ ڪلهو ڏنو. ٻيا
چون 'رام رام ست هئہ' پر هيءُ چوي 'ميني ميني ڪلفي
ي لو.'
اهو تہ آهي درشٽانت!
سڏانت آهي تہ جيڪي مکہ تي چڙهيل هوندو آهي سو ازخود
ڪري ويندو آهي. جي رام جو نالو هلندي چلندي اُٿندي
هندي، جاڳندي، سمهندي مکہ ۽ چت تي چڙهيو پيو هوندو
ہ انت سمي بہ اهوئي نڪرندو.
'اُٿندي ٻي رام بوليو، وهندي ٻي رام بوليو.
رام بنا ٻيو نہ بوليو ڙي بوليو!'

(١٨٦) پهريون راشٽرپتي ۽ چمپل!

شري راجيندر پرساد ڀارت ديش جو پهريون راشٽرپتي ٿي
رهيو. رهڻي سادي خيال اُتم ديش جي پريم ۾ مگن رهند
هو. هن کي ڄاڻ هئي ته آزادي اسان ڪيترن ڪشالن ۽ تڪليف
سان حاصل ڪئي آهي. هن کي ديش جي هر سمپتيءَ ج
قدر هو. هو هڪ روپيو ته ڇا پر پئسو به فضول خرچ ۾ وڃائڻ
نه چاهيندو هو. سچو نيتا هو. اڄ جي نيتا جهڙو نه جو پا
لاءِ پنهنجي سڪه لاءِ ڪڙورن جو گبن ڪندي ويرم نٿا ڪن

هڪ ڀيري جي ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ماڻهو کي چمپل
وٺي اچڻ لاءِ چيائين. ماڻهو ته جهٽ وڃي چمپل وٺي آي
اچي شري راجيندر پرساد کي ڏيکاريائين. هن پڇيس ته گهڻ
آهي هيءَ چمپل؟

ماڻهو جواب ڏنو 'سترهن روپئي.'

راجيندر پرساد عجب مان چيو 'سترهن روپئي! مون ته اڳئين
ڀيري يارهين روپئي ورتو هو. ڇهه روپيا وڌيڪ ڏيئي آيو آهين.

ماڻهوءَ کيس چمپل تي ٿوري چمڪ جو ڪم ڏيکاري چي
'ڏسو! هيءَ ڪهڙو سهڻو آهي! اڳيون چمپل توهانجو سادو هو.

راجيندر پرساد يڪدم جواب ڏنو 'مونکي چمپل جي سونهر
سان ڇا ڪرڻو آهي. مونکي ته پيرن کي سنڀالڻو آهي. يارهن
روپين مان ڪم ٿئي ته پوءِ سترهن روپيا ڇو خرچان. وڃي
واپس ڏيئي يارهين روپئي وارو چمپل وٺي اچ. ڇهه روپيا توکي
لڳن ئي ڪونه ٿا ڀيو به اڌ چمپل ملي وڃي جيڪر.'

ماڻهو چمپل کڻي ٻاهر آيو ته ڪار ۾ ڊرائيور ويٺو تنه
کي چيائين ته هل بازار ته چمپل بدلائي اچون. ايتري
راجيندر پرساد ٻاهر آيو ۽ کيس ڪار ۾ وڃڻ کان منع ڪيائي
ائين چئي ته ڇهين روپئي بچائڻ لاءِ وري ڇهين روپئي ج
پيٽرول (تڏهين پيٽرول سستو هو) کپائيندين ڇا؟ توکي پ
يا بس ۾ وڃڻو پوندو. مان نٿو چاهيان ته مان ڀاڙ تي ڪ

ڪرڻو اٿيئي ته سنتن جو سنگ ڪر. سنتن جي وچنن جو قدر ڪر. سنتن جي نندا نه ڪر.'
پوءِ سوامي بالڪداس جي چرنن تي ڪري معافي ورتائين.
'ساپرسن جو سنگ، سيتل ڪري سڀ ڪي،
ميٽي ڏئي مستڪ تان، ورڌاتا جو انگ
وجي پڇ تنين کون، جن کي لڳو رنگ،
سامي سي سربنگ، ورتن وڏ ويچار سان.'

(١٨٩) سک تو ۾ آهي

سنسار جو هر انسان سک تو چاهي. اُن سک کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪي ئي ڪشالا ڪري تو پر ڪيس چاڻ ئي ڪونهي ته سک ڪٿي آهي؟ هو ٻاهرين پدارٿن مان مٿن مائٽن مان، اولاد مان ۽ ڪٽنب قبيلي مان پيو سک جي تمنا رکي پر سنسار ۾ سک هجي ته ڪيس ملي نه! دنيا جا سک سڀ ڪڻ ڀنگر ۾ آهن سپاٽي ڪونهن وري اُنهن جي وڃڻ جو رودن پٽڪو ڪتي ڳارو چنتا ۽ چاهه.
هڪڙو سک جو چاهڪ سنت وٽ آيو. 'مونکي سک ڪپي ڪو ڏس ڏيو.'
سنت چيو ته 'سک سروپ تون خود آهين پاڻ مان پاڻ کي ڳولي لهه.'
چاهڪ چيو 'ڪونه سمجهيم-کولي سمجهايو.'
سنت چيو 'ابا وڃي ڪنهن سکي ماڻهوءَ جي پراڻي جتي وٺي اچ ته وڌيڪ سمجهايانءِ.'
چاهڪ سوچيو ته منهنجي شهر ۾ ڪي ئي سکي جيو آهن. اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي.
سيٺ وٽ ويو. جيڪو بنگلي ۾ رهندو هو. تي چار موٽرون جنس در تي هيون. لنگهي ويو اندر سيٺ ويٺو هو. ڪاڳر

(١٨٨) ايشور جي هستي!

الله آباد، باغ ۾ سنت ٻالڪداس ڪٿا ڪندو هو. گهڻيئي ٻڌ
ايندا هئا. هو گيتا، ڀاڳوت، يوگ وشسٽ جي ڪٿا ڪندو هو. رس
واري ڪٿا هئس گهڻن جو نيم ٿي ويو هو. پر حاسد ڪٿي ٽ
سهن سو اهي ور ور ڪري اچي ڪٿا ڦٽائڻ جي ڪندا هئا.

هڪڙي ڏينهن هڪ اخبار جو ايڊيٽر آيو نالو پٽ هوس پ
پاڻ کي انگريزي نالي سان سڏائيندو هو. هميشه بائيبل ۽ ٻين
ڌرمن جي شاسترن جي ساراهه ڪندو هو پر پنهنجي سناتني گرنٿ
گيتا ڀاڳوت وغيره کي مڃيندو ئي ڪون هو. شري ٻالڪ داس
کي چيائين ته مونکي انيڪ ڪراءِ تڏهن مان ڀڳوان کي مڃيندس
سنت کيس گهڻو سمجهايو

ته سورج ۽ ڪرڻا ڏسو. چنڊ ۽ چانڊني ڏسو، لتا ۽ پتا ڏسو
ڪڻ ڪڻ ۾ ڪرتار جو ڪمال آهي. ڪو پرکڻ وارو پرکي پ
هو مڃي ئي نه ته سنت ٻالڪداس کيس هفتو ڏرو تاري تي
ڌيان ڪرڻ لاءِ چيو.

هفتي ڪانپوءِ آيو.

هٿ ۾ چني ڪٽي آيو.

جنهن ۾ لکيل هو ته 'ڌيان ڪندي ڪندي گونگو ٿي ويو آهيان
بيو لکيل هو عجب جي ڳالهه اهڙي ٿي جو جيئن ئي ڌيان لڳائي
ليٽيس ته ڪتو آيو، ڀؤڪندو اچي منهنجي پيٽ تي ويهي رهيو
پنهنجو منهن منهنجي پاسي ڪري انساني ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ
لڳو.'

'هن ڪان وڌيڪ ثبوت ڪهڙو کپيئي مان ڌيان ڪندي را
جي چرنن ۾ پهچي ويو آهيان ۽ تون گونگو ٿي ويو آهين. ايشو
جي هستيءَ تي شنڪا نه ڪر.'

'منهنجا ڪپاٽ کلي ويا آهن. پادرين جي سنگ ۾ ڪرچ
پيو هوس.'

'جي پاڻ کي سکي ڪرڻو اٿيئي ۽ پنهنجي پيڙهي کي آب

(١٩٠) بتيءَ جل لوٽو!

ربيا درويشياڻيءَ جي ڳالهه ڪندا آهن تہ هوءَ هڪ هٿ ۾ بتي ۽ ٻئي هٿ ۾ جل جو لوٽو کڻي هلندي رهندي هئي. سڀ ڏسندا هئا پر پڇڻ جي همٿ ڪنهنکي ڪونہ ٿيندي هئي سمجهندا هئا تہ درويشن جا توپا ئي نرالا آهن. ڪونہ ڪو راز ضرور هوندو.

آخر هڪڙي ڏينهن ڪنهن ربيا کان پڇيو تہ 'بتيءَ ۽ جل جي لوٽي کڻڻ ۾ ڪهڙو راز رکيل آهي. مهرباني ڪري اهو سمجهايو تہ بهتر.'

ربيا جواب ڏنو 'سنسار جا جيو سرڳہ معنيٰ سک ۽ نرڳہ معنيٰ دکہ انهي چڪر کان ڇٽي نٿا سگهن سو اُنهنجو ڀلو ڪرڻ لاءِ اُنهن کي صحيح راهہ ڏيکارڻ لاءِ سرڳہ کي آڳہ لڳائڻ لاءِ بتي کنئي اٿم ۽ دوزخ کي شانت ڪرڻ لاءِ جل جو لوٽو کنيو اٿم.'

دکہ سکہ کان مٿي چڙهڻ ئي ان چڪر کان ڇٽڻ جو علاج آهي.

(١٩١) شري رام جو درشن!

شري رامچندر سيتا ۽ لڇمڻ سان بن ۾ آيو. هننجي درشن ڪرڻ لاءِ نہ صرف منش پر جيءَ جنت بہ اُتاولا هئا.

اُن بن ۾ نانگڻ ۽ وڇوٽي گڏ رهنديون هيون.

وڇونڙي ٻاهر آئي. ڏسي تہ ٻاهر جئہ جئہ ڪار لڳي پيئي آهي. ڏسي تہ بہ سانورا راجڪمار ۽ راجڪماري اُتي بينا آهن. سڀ بن جا منش اُنجي درشن ڪرڻ لاءِ ايندا تا وڃن. اندر ويئي ۽ وڃي نانگڻ کي ٻڌايائين ۽ چيائين ڀيڻ! هل اسين بہ هلي درشن ڪري ڪرتارٿ ٿيون. هھڙو وجھ وري نہ ملندو.

پٽي ڏنائين هنديون پئي جاچيائين.

هن وچي عرض ڪيس ته پنهنجي پراڻي جتي ڏيو مونک
ڪنهن سنت ڏس ڏنو آهي ته ڪنهن سڪي جيو جي جت
ڪٽي اچ ته توکي به سکي ڪريان.

سيٺ چيو ’مان سکي آهيان ڪنهن توکي چيو؟ ڏسين
انڪم ٽئڪس جا ڪاڳر ڪڍي وينو آهيان الائي ڪيتري انڪ
ٽئڪس پرٽي آهي. هندين تي پئسا ڪاچي ويا آهن. اُنه
ڪي نوٽيس موڪلڻا آهن. ٽينشن لڳو پيو آهي ۽ تون تو چوي
مان سکي آهيان! وچي پيا گهر ڳول.‘

نراس ٿي ٻئي گهر ۾ ويو.

جنهن کي ست پٽ!

ته به دکي هو.

پٽن ۾ ٻڌي ڪونه!

پيءُ جو ٻڌن ئي نه!

دکي پيءُ جي جُتي ڪيئن ڪٽي؟

ائين ڏاڍو مايوس ٿيو گهر گهر جا پنهنجا دک. هلندو پئ
ويو ته ڏنائين پنيرو ڪير بينو آهي. يڪدم سوال ڪيائين ’تو
سکي آهين؟ ته ڏي پنهنجي جُتي لاهي‘

اُن ماڻهوءَ چيو ’نه سکي آهيان ۽ نه مان دکي آهيان. م
ته انهن ٻنهي ڪان مٿي اِنهن کي چاڙهُ وارو آهيان ۽ پنهن
منهن ڦيري اُن چاهڪ ڏانهن ڪيائين. اڙي! هيءُ ته ا
ئي سنت آهي جنهن مونکي ڏسُ ڏنو آهي.

ڏاڍو ششدر ٿيو ڪجهه ڪڇي ئي نه!

سنت مشڪي ڏنو چيائين ’تو ۾ ئي سو سُکه سارو جنه
جا تون پنڌ پڇين ٿو.‘

گمراهه گهر نه ڦولين؟

★ آپو ڇڏي شرن ۾ اچ

ڳانءِ پنھنجي وڇڙي کي چٽي صاف ڪندي رھندي آھي. ائين چٽيندو ڏسي ڪنھن ڳانءِ کي چيو تہ تون ھھڙي گندي وڇڙي کي سڄو ڏينھن صاف ڪندي ٿي رھين. توکي ڪراھت نہ ٿي اچي.

تڏھن ڳانءِ چيو تہ مونکي گھرڻا ڪيئن ٿيندي؟ گند بہ منھنجي ڳرڀ مان آيو آھي.

اھو تہ آھي درشٽانت!

سڌانت اھو آھي تہ پرماتما بہ اسانجو ماتا پتا آھي. ھو بہ اسانجي ڏوھن کي نٿو ڏسي پر اسين بہ اھنڪار ڇڏي جھڙا آھيون تھڙا اُن جي شرن ۾ وڃون تہ ھو ضرور پنھنجو ڪندو.

(١٩٣) نام جو سمرن ڪريو!

ھيءَ اوڙيسا جي وارتا آھي.

اُتي ڳٽيش ونش جو راڄ ھو. ڳٽيش ونش ڪمزور ٿي ويو. اُنجي منتري لال بيگہ پنھنجي رمز ۽ ٻل سان اُھو راڄ ھٿ ڪيو. راڄ مليس تہ ايماني ٿي پيو ۽ پرجا تي ظلم ڪرڻ لڳو.

ھڪ ڏينھن ودوا برھمڻي نديءَ تي سنان ڪري رھي ھئي. براھمڻي جوان ۽ سندر ھئي لال بيگہ جي نظر پئجي ويئي تہ اُنکي زبردستي پنھنجي محل ۾ وٺي آيو. ھن گھڻوئي رُنو. پاڻ پتوڙيو. ھڻ پٽ ڪئي. ھاءِ گھوڙا ڪئي پر پاڻ بچائي نہ سگھي. لال بيگہ سان شادي ڪرڻي پيس. ھنن کي ھڪڙو پٽ پيدا ٿيو جنھنجو نالو رکيائون سال بيگہ.

نانگڻ مايوس ٿي چيو تہ اسان کي ڪير اڳيان اچڻ ڏيندو؟ تون ڏنگہ هڻين ۽ منهنجا بہ ڏند زهريلا آهن. اسان کان ماڻهو پري ڀڄندا آهن.

تڏهن وڇونئڙيءَ چيو تہ اهڙن راجڪمارن ۽ راجڪماريءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ ڪجھ تہ ڪرڻو پوندو. هاڻي مونکي هڪ ڳالھ خيال ۾ آئي آهي تہ مان پنهنجو ڏنگہ ڪڍي ٿي ڇڏيان ۽ تون زهريلا ڏند ٽياڳي ڇڏ. پوءِ اسان کي پڪ درشن ملندو. ۽ اهو نشچو ڪري ٻئي وڃيون درشن ڪرڻ ۽ درشن ڪري نهال ٿيون.

نانگڻ ۽ وڇونئڙيءَ پنهنجو زهر رام جي ڪرپا سان ڪڍي ڇڏيو. ۽ اسين انسان اجا وڪارن جا ڏنگہ ۽ ڏند رکي ويٺا آهيون. ۽ نہ درشن ۽ شانتيءَ کان وانجهجي ويا آهيون.

(۱۹۲) سراپ ۽ موڪش

اندرڏن راجا هو. سڀ ڇڏي پربت تي ويهي تپسيا ڪرڻ لڳو. گروءَ کان ديکيا نہ ورتي هئائين. اگست منيءَ کي جڏهن خبر پيئي تہ کيس اُپديش ڪرڻ لاءِ آيو. پر راجا هن کي ڏسي پرڻام بہ نہ ڪيو. هاٿيءَ وانگر ويٺو رهيو. تڏهن سراپ مليس تہ هاٿيءَ جو جنم ملندءِ.

اندرڏن راجا گهبرائجي ويو ۽ اگست منيءَ کان پڇي ويٺو 'سراپ تہ مليو پر موڪش ڪيئن ٿيندو؟'

مانگرمڇ تنهنجي ٽنگہ کي گهيليندو ۽ تون پڪار ڪندين تہ ڀڳوان تنهنجي پڪار تي پرگهٽ ٿيندو ۽ تنهنجو اُڌار ڪندو.

'گج کي گراھ جهلي جو ستايو
تنهنجو اچي تو ڦند ڇڏايو.'

هو هٿ نہ آيا.

تڏهن سنت مهاتمائون چوندا آهن

سؤ ڪم ڇڏي - کاڌو کائو.

هزار ڪم ڇڏي - سنان ڪيو.

ڪروڙ ڪم ڇڏي ستسنگ ڪريو.

ڀڳوان جو ڌيان ڪريو.

نام جو سمرن ڪريو.

(١٩٤) سادي رهڻي اوچ خيال!

پنڊت رام شاستري پيشوا جي ڏينهن ۾ ڪنهن پيشوا جو وزير و ۽ جج بہ هو. عهدو، تہ وڏو هوس پر سندس پائڻ لاهڻ بلڪل ادو هو. هو سادي رهڻ ۽ اوچ ويچارن ۾ اعتبار ڪندو هو.

هڪ ڏينهن سندس زال جا بہ پنهنجي گهوٽ رام شاستريءَ نگر ڌاڍي سادي ۽ سگهڙ زال هئي سا ڪنهن ڪم سان راڄ محل ۾ ويئي تہ راڻي سندس سادي پوشاڪ ڏسي عجب ۾ نجي ويئي. راڻيءَ چيس تہ هيءَ کهڙا ڪپڙا پائي آئي عين. محل ۾، نہ زر نہ زيور. اچ مان توکي ريشمي ڪپڙا زيور پائي سينگاريان.

رام شاستريءَ جي زال چيو 'راڻي صاحبان! مان هنن ڪپڙن نيڪ آهيان. کهڙو تو فرق پوي. اسان کي تہ ماڻهوءَ کي چاڻو آهي. گڏجڻو آهي:

پر راڻيءَ سندس هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ کيس راجائي ڪپڙا زيور پائي سينگاري کيس پالڪيءَ ۾ وهاري گهر موڪليو. پالڪيءَ اچي گهر پهتي. پالڪيءَ جي مزورن در کڙڪايو. وازو کليو. پر يڪدم پنڊت رام شاستريءَ بند ڪري ڇڏيو. ورن گهڻو ئي چيو تہ هيءَ توهان جي پتني آهي پر رام ستريءَ چوي تہ هيءَ منهنجي پتني ٿي نٿي سگهي. اها

برهمڻي محل ۾ رهندي ڪرشن نام جو جاپ ڪندي رهندي هئي. هنجي ديوتائن جي ورتي هئي ۽ لال بيگ جو دئت سپاءُ هو. پٽ ۾ ٻيئي ورتيون هيون. پيءُ جو اهنڪار ۽ ماءُ جو آتمڪ ٻل. سال بيگ جيئن وڏو ٿيندو ٿي ويو تيئن اهنڪار ٿيندو ٿي ويس ۽ پاڻ کي سردار سمجهڻ لڳو ۽ ان ايمان ۾ ڪنهن سان يڌ ڪري وينو. زخمي ٿي پيو. سال بيگ کي محل ۾ وٺي آيا. گهڻيئي ڊاڪٽر طبيب گهرائي زخم جو علاج ڪرايائون پر زخم پرجي ئي نه هوڏانهن هنجي ماءُ هنجي گهاوَ لاءِ زخم لاءِ پرارٿنا ڪرڻ لڳي. تڏهن به ٻار نيڪ نه ٿيو.

هڪ ڏينهن براهمڻي ماءُ وجهه وٺي پٽ سان راز کوليو ته منهنجي تنهنجي پيءُ سان زبردستي شادي ٿي آهي. مان هتي لاچار آهيان. مان ڪرشن جو نام جپيندي رهندي آهيان. تون به اُنجو ڌيان ڪر. چنتن ڪر. هو ساڪار به آهي. نراڪار به آهي. هو هندن جو به آهي. مسلمانن جو به آهي. جيڪو ڪيس سچي دل سان ڌيائي تو اُنجو آهي.

ٻلي ڊاڪٽرن جا علاج ڪم نه ڪن. پر ڀڳتي تنهنجو نام سمرن تنهنجي رکشا ڪندو. تون صرف ١٢ ڏينهن دل سان ڀڄن ڪندو رهه. مونکي پڪ آهي ته تون نيڪ ٿي ويندين.

هنجو پٽ سال بيگ سور کان ڪڙهائي رهيو هو سو اهو نام جپڻ جو نسخو نشچو رکي آزمايائين. سچ پچ ١٢ ڏينهن ۾ سور ۾ به راحت مليس ۽ ويو نام جي رنگ ۾ رنڱبو پنهنجي پيءُ کان بي مک ٿيندو ويو ۽ ماءُ سان جڙندو ويو. ماءُ ۾ شرڌا وڌي ويس. ماءُ جي چرنن جي پوڄا ڪرڻ لاءِ اُتاولو ٿي ويو. ماءُ جي چرنن تي ڪري ٻاڏائڻ لڳو. 'تون منهنجي ماءُ به آهين ته گرو به آهين تو ئي مونکي نام سمرن جي، ڀڳتي جي روشن راهه ڏيکاري آهي.'

پوءِ ته ٻئي ماءُ پٽ اُتان لڪي ڇپي ويا جڳننات پريءَ ۾ جتي شري ڪرشن جو درشن ڪري اُن جي مستي ۾ لين ٿي ويا. لال بيگ جا ماڻهو ٻنهي کي ڳوليندا رهيا پر

سائنسدانن چيو، جاڙين تو تہ هاڻي تنهنجي بچڻ جي اُميد
کونهي. تہ مرڻ کان اڳہ تنهنجي سرير تي اسان ڪنهن
ايڪسپيرمينٽ ڪرڻ لاءِ اجازت وٺڻ ٿا چاهيون. اگر تون چاهين
تہ اسين اهو ڪري سگهون ٿا؟

مجرم چيو تہ مونکي ڪو اعتراض ڪونهي پوءِ سائنسدانن
ڪورٽ کان اهڙي اجازت ورتي. جيڪو ڏينهن هن جي ڦاسيءَ
لاءِ مقرر ڪيو ويو هو اُن ڏينهن تي منو وگياني، وگياني ۽
ڊاڪٽر سڀ اُتي آيا ۽ مجرم کي سمجهايائون تہ توکي مرڻو
تہ آهيئي پر ڦاسيءَ جي بدران نانگہ جي ڏنگہ سان تنهنجو
موت آڻينداسين. نانگہ جو زهر ڪيئن تو سرير ۾ ڦهلجي؟
دل تي اُنجو ڪهڙو اثر ٿو ٿئي؟؟ اُن ڏنگہ سان ڪيئن تو
انسان مري؟؟؟ اهڙي کوج اسين ڪنداسين.

ڦاسيءَ جي بدران توکي نانگہ ڏنگہ هڻندو. مجرم چيو 'ٺيڪ
آهي. مونکي ڪو اعتراض ڪونهي.'

هو زهريلو نانگہ کڻي آيا هئا. هنن مجرم جي سامهون گهوڙو
آندو. اُن کي نانگہ کان ڏنگارايو ۽ ڪجھ منٽن ۾ گهوڙي
تي اُنجو اثر ٿيو. گهوڙو ڪري پيو ۽ ڪجھ ئي منٽن ۾ ڦٽڪي
ڦٽڪي ساهہ ڏنائين.

وگيانين مجرم کي چيو. 'هاڻي اهڙو پريوگہ توتي ڪنداسين.
نانگہ جي ڏنگہ سان تنهنجي جيون جو سفر پورو ٿيندو.'

مجرم جي اکين تي پٽي ٻڌي وئي ۽ ڪنڌ تائين ڪارو
ڪپڙو لڳايو ويو. پوءِ چيو ويو 'بس هاڻي توکي نانگہ کان ڏنگائڻ
۾ هڪ منٽ جي دير آهي.'

ٻن منٽن کانپوءِ اُن کي ڪُئي کان چڪ پارايو ويو ۽ وگيانين
چيو بس تہ توکي نانگہ ڏنگيو آهي ۽ هاڻي تون جاڻ هڪ ٻن
منٽن ۾ مري ويندين.

وگيانين کي تہ خبر هئي تہ هن کي ڪُئي چڪ پاتو آهي

اهڙن قيمتي وسترن ۽ زيورن واري ڪا ٻي آهي. توهان شا
پل ۾ هن کي هٿي وٺي آيا آهيو.

پنڊت رام شاستريءَ جي زال کي پنهنجي مڙس جي خيال
جي خبر هئي. هن مزورن کي عرض ڪري چيو ته محل
واپس هلو.

جيئن هوءَ راج محل ۾ واپس آئي. راڻيءَ حيران ٿي پڇ
’ڇا ٿيو؟ تون واپس ڇو هلي آئينءَ؟؟‘

تڏهن هن چيو ’توهان جي هنن قيمتي وسترن ۽ زيور
منهنجي لاءِ منهنجي گهر جو دروازو ئي بند ڪرائي ڇڏي
مهرباني ڪري مونکي منهنجا سادا ڪپڙا ڏيو ته اُهي پائ
پنهنجي گهر وڃان. تڏهن ئي منهنجي لاءِ منهنجي گهر ج
دروازو کلندو.‘

پوءِ پنهنجا سادا ڪپڙا پائي پنڊ ڪندي پنهنجي گهر آئي
در کليو. پنهنجي گهوٽ کان معافي ورتائين. پنڊت رام شاستر
چيو ’ اهي اوچا ڪپڙا پائڻ راجائن مهاراجن جو شان آهي
اسان جو ته شان آهي، سادي رهڻي رهڻ ۽ اوچا ۽ شڀ خيا
رکڻ.

(١٩٥) من جي خيالن جو اثر

انسان جي من جي خيالن جو ڪهڙو تو نتيجو نڪري انه
تي وگياني کوجنا ڪري رهيا آهن.

ڪجھ سال اڳ جي ڳالھ آهي.

ڪنهن مجرم کي خون ڪرڻ جي سزا ڦاسي ڏيڻ جو فيص
ٿي ويو.

ڪجھ سائنسدان هن وٽ پهچي ويا. ڪيس چيائون ’توک
تنهنجي پاپ ڪرڻ جي ڪري ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندو.‘

مجرم چيو ’برابر! هاڻي منهنجي بچڻ جي ڪا واھ ڪونهي

(١٩٦) مهاتما گانڌيءَ جو خط!

سنت ونوبا ڀاوي جنهن گيتا پروچن جهڙو امولڪ پستڪ لکيو جيڪو گهڻو ڪري سڀني ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. هڪ ناياب پستڪ آهي.

اُن سنت ونوبا ڀاوي جي ڳالهه ڪندا آهن ته هو سڀني جا خط پڙهي وري ڏاڍي سنڀال سان رکندو هو. هڪ ڏينهن هن وٽ مهاتما گانڌيءَ جو خط آيو ته اهو پڙهي يڪدم ڦاڙي ڇڏيائين. اُن وقت شري جمناداس اُتي سندس وٽ وينو هو هيءُ ڪرتب ڏسي ڏاڍو وائڙو ٿي ويو ته جيڪو سنت ونوبا ڀاوي ڪنهنجو ننڍي ۾ ننڍو پتر به ڦاڙي نه سگهندو آهي. سو اڄ مهاتما گانڌيءَ جو خط ڪيئن ڦاڙيائين. جمناداس ٻجاج سنت ونوبا ڀاوي کان پڇيو. پڇڻ تي ٻڌايائين ته هيءُ چٺي برابر مهاتما گانڌيءَ جي آهي ۽ جنهن ۾ منهنجي ساراهه لکيل آهي. ايترو ته مهاتما لکيو آهي ته 'مون جهڙي پڇ آتما هڏ ڏوڪي انسان مون ڪونه ڏٺو آهي' اهو پڙهي ڦاڙي ڇڏيم ڇو جو مان ايتري ساراهه جي لائق نه آهيان. ٻيو ته ساراهه وارا خط پڙهڻ سان اهنڪار وڌي وڃڻ جو امڪان آهي. اهڙي امڪان کي رکجي ئي ڇو؟ اهڙو هو سنت ونوبا ڀاوي.

(١٩٧) سوريه ديوتا جو اُپديش!

ياگولڪ وڏو رشي ٿي گذريو آهي. هو برهم وديا ۾ پربيڻ هو. هو سوريه ديوتا جو پوڄاري هو. هزارين ورهيه سوريه ديوتا جي پوڄا ۾ گذاريا هئائين سوريه ديوتا هن تي پرسن ٿيو ۽ ڪيس ور گهرڻ لاءِ چيائين.

تڏهن ياگولڪ رشي ڏاڍي نئڙت سان عرض ڪيو ته جي

پر ان مجرم کي پڪ هئي تہ مونکي نانگہ ڏنگيو آهي ۽ ز
چڙهي ويو آهي ۽ هو ڇٽپٽائڻ لڳو جيئن گهوڙي کي ڏنو هئائي
۽ ائين ڪن پلن ۾ مري ويو. وگيانين ڊاڪٽرن ۽ سائنسدا
هنجي خون جي جاچ ڪئي تہ سندس خون ۾ ڪين نانگہ ج
زهر جو اثر نظر آيو ۽ هو اُن اثر هيٺ ئي مئو آهي.

جيئن تہ هن تي اثر وهاريو ويو هو تہ توکي نانگہ ڏنگين
۽ اُنجو زهر تنهنجي خون ۾ ملي تنهنجو موت آڻيندو.
هنجي من جي شڪتي هنجي خيال ۾ لڳي رهي ۽ اُن خي
۾ ئي ڪُئي جي چڪ پائڻ سان بہ مري ويو.

اهڙي طرح هارٽ فيل آهي انڪم ٽئڪس جو ڇاپو هڪڙ
هنڌ پوندو پر خيال هنکي ٿيندو تہ منهنجو ڇا ٿيندو ۽ انه
خيالن ۾ سندس من جو برو حال ٿي ويندو آهي ۽ دل ڪمز
ٿي بيهي ويندي آهي.

ڊاڪٽرن ۽ سائنسدانن کي عجب اهو لڳو تہ جڏهن مجر
کي ڇَڪُ ڪُئي پاتو پر مجرم جي رت ۾ نانگہ جي زهر
اثر ڪٿان آيو؟ ڪيئن آيو؟؟ تڏهن اُنهن غرنئہ ڪيو تہ
۾ ئي اهڙي شڪتي آهي جو زهر بہ بڻائي سگهي ٿي.

ميرا ٻائيءَ جو مثال ياد ٿو اچي تہ زهر جو پيالو را
موڪليو پر جڏهن ميرا پيتو تہ ڪيس امرت محسوس ٿيو.
سندس درڍ سنڪلپ جو اثر هو تہ منهنجي گرڌر گوپال طرف
جيڪو ايندو سو امرت ئي هوندو. نانگہ بہ سالگرام بڻجي پ

جهڙي اسانجي من جي اوستا هوندي آهي. سرير تي
اُن جو اهڙو ئي پرڀاءُ پوندو آهي.

جي من مضبوط آهي تہ تن بہ بلوان ٿي پوندو آهي.
کي شڀ خيالن ۾ رکڻ سان مالڪ سان ملي سگهبو آهي.

هڪ وڏي عمر جو اُتي جو رهاڪو انگريز بہ بيٺو هو. جيئن
ئي نوجوان کي ڏنائين سمجهي ويو تہ هيءُ تہ انگريز ڪونہ
تو لڳي. پنهنجو شڪ مٽائڻ لاءِ اُن کان پڇيائين ’توهين ڪٿان
آيا آهيو. هتي جا رهواسي تہ نہ ٿا لڳو؟‘
نوجوان جواب ڏنو ’مان ڀارت مان آيو آهيان. مان مسافر
آهيان.‘
ڀارت جو نالو ٻڌي اهو انگريز عجب ۾ پئجي ويو چيائين
’ڀارت ديش تہ سڄي دنيا کي سڄاڳہ ڪرڻ وارو ڌارمڪ ٿنڀو
آهي. ڀارت تہ ساري سنسار جي ڌارمڪ رهنمائي پئي ڪئي
آهي. ڪرپا ڪري ڌرم جو تت ٿن اکرن ۾ ٻڌائيندا؟
نوجوان مشڪي ڏنو ۽ چيائين پريم ٻيو اکر بہ پريم ۽ ٽيون
اکر بہ پريم
خبر اٿو اُهو نوجوان ڪير هو؟
اسان سنڌين جو مهان سنت
’دادا ٽي. ايل. واسواڻي.‘
پريم سان پنهنجي اندر ۾ پس گرڏاري آتما. پريم ٿئي
پرماتما.‘

★ نفرت لاءِ جڳهہ ئي ڪونهي

رابيا بصري درويشياڻي جون ڪئين گيان جون وارتائون مشهور
هن. هوءَ پنهنجي گيان وڌائڻ لاءِ ڪيئي ڪتاب پڙهندي هئي.
ڪ ڏينهن هڪڙو ڪتاب پڙهيائين جنهن ۾ هيءَ سٽ پڙهيائين
ہ ’شيطان ڏانهن نفرت سان نهار‘ هن کي اها سٽ ڪونہ
ٽي سو پينسل کڻي اها سٽ ڪاٽي ڇڏيائين.
ڪنهن مريد پڇيس ’اها سٽ ڇو ڪاٽي ڇڏيوَ؟
رابيا بصري جواب ڏنو تہ دل ۾ نفرت لاءِ جڳهہ ئي ڪونهي.
ءِ مان شيطان ڏانهن ڇو نهاريان!

وردان ڏيڻ تا چاهيو تہ ’هي ديوا منهنجي جاڻ لاءِ اهو ٻڌايو تہ هڪ رواجي ماڻهوءَ لاءِ ضروري ڪرم ۽ شڀ ڪرم ڪهڙا آهن؟

سوريہ ديوتا ڪيس هي اُپديش ڏنو تہ عام رواجي منش جي ڪامياب جيون گهارڻ چاهي تہ هيٺيان شڀ گڻ پاڻ ۾ ڌارڻ ڪري تہ اوس سڦل ٿيندو.

(۱) ماءُ پيءُ جي شيوا ڪري ڇو جو ماءُ پيءُ جو درجو ڀڳوان کان بہ وڏو آهي.

(۲) ڪو ڏوهہ ٿي وڃيس تہ پراشچت ڪري. پڇتاءُ ڪري پنهنجو اوگڻ ظاهر ڪري.

(۳) ديا جو گڻ ڌارڻ ڪري.

’ديا ڌرم ڪا مول هئہ.‘

(۴) ڪروڌ کان پاڻ کي بچائي ڪروڌ جي باهہ نہ صرف ڪيس تي جلائي پر ٻڌڻ وارن کي بہ جلائي ٿي.

(۵) قرض آهي مرض!

(٦) نيڪنامي جهڙو ڪو گهٽو ڪونهي. بدناميءَ جهڙو ڪو پوت ڪونهي. نيڪنامي وڌائي ۽ بدنامي جهڙو ڪرم نہ ڪري.

(۷) مکہ سان رام جو نام جپي. اُن مني نام سان پريم رکي جو اُن جهڙو املهہ هيرو ٻيو ڪونهي.

(۱۹۸) پريم-پريم-پريم.

هڪ نوجوان لنڊن ۾ رهندو هو. هڪ ڏينهن اُتي جي گهٽين ۾ گهمي رهيو هو. هو پنهنجي خيالن ۾ هلندو پئي ويو. رستي تي ڪيترو گوڙ شور هو پر هنجو اُن پاسي ڌيان ڪونہ هو. اوچتو بادل گرجڻ لڳا. اچي ڌاڍي برسات پيئي. نوجوان هڪ وڻ جي هيٺان وڃي بيهي اجهو ورتو. اُن سا ڳئي وڻ هيٺان

جيئن جيئن پنھنجي ساراھ ٻڌي تيئن وڃي ڦونڊ ۾ پربو.
آخر ھن کي ھاٿي گڏجي ويو ۽ شينھن ھاٿيءَ کان بہ ساڳيو
سوال پڇيو. ھاٿيءَ تہ نڪا ھم ڪئي نڪا تم ڪٺي جو سونڊ
۾ شينھن کي ڦيرائي ڦيرائي ڪٺي پريان سٽيائين. شينھن
جون وايون بتال تي وييون. ھڏ گڏ ڀڃي پيس. شينھن اُٿي
ئي نہ سگھي. ڏاڍي تڪليف سان اُٿيو. پاڻ تان ڌوڙ ڇنڊي
۽ مٽي صاف ڪري ھاٿيءَ کي ڏڪہ ڀرئي آواز ۾ چيو 'ڀائي!
تون بہ ڪمال ٿو ڪرين. انھي ۾ ڪاوڙ ڪرڻ جي ڪھڙي
ڳالھ آھي ڀلا. جيڪڏھين تون مونکي راجا نٿو سمجھين ٺيڪ
جواب جي توکي خبر ڪونہ ھئي تہ چوين ھا تہ مونکي خبر
ڪونھي تہ مان ھلي وڃان ھا. ھيئن مونکي زور سان پري
ڦٽي ڪرڻ جي تہ ڪا ضرورت ئي نہ ھئي.
ائين چئي شينھن اُتان ڪسڪي ھليو ويو. ھاٿيءَ جي جواب
ءِ بہ ڪونہ رُڪيو.
اھنڪار ۽ ساراھ ٻڌڻ جي لالسا ۾ شينھن پنھنجا ھڏ گڏ
ڀڃايا.

٢٠٠) خوشيون غم سائين پيو سنڀالي!

راڻيءَ وٽ سڀ ڪجھ آھي. مال ملڪيت ڌن دولت جي
ڪمي ڪونہ آھي. پر سندس سڪيلڏي ھڪ ئي ڌيءَ آھي سا
ڏاڍي بيمار ھئي. ڪئين ڊاڪٽر حڪيم ھن جو علاج ڪرڻ
جي ڪوشش ڪيا ڪن پر ڦڪيون فرق نٿيون ڪن.
آخر سندس وزير کيس صلاح ڏني تہ پرارٿنا ڪر. ڀڳوان
کي عرض ڪر. ٻاڏاءِ ھن جا ھٿ وڏا آھن ھو سڀ ڪجھ
ڪري سگھي ٿو.
ھوءَ ڀڳوان جي در تي مٿو رکي ٻاڏائڻ لڳي. پڪارڻ لڳي
اي سائين! منھنجي ھڪ ئي ڌيءَ آھي اُنکي بيماريءَ کان
ٻاڏاءِ مان ھن کي پيڙا ڀوڳيندي سھي نٿي سگھان. منھنجي

(۱۹۹) ”شينهن جو اهنڪار“

هڪ جهنگل ۾ هڪ شينهن رهندو هو. پنهنجي ساراهه ٻڌ لاءِ هميشه اُتاولو رهندو هو. روز سڀ جانور سندس ساراهه ڪندا هئا. ڏاڍو خوش رهندو هو. ساراهه نه رڳو انسانن کي وڻندي آهي پر جانورن به اُن لاءِ واجهائيندا رهندا آهن.

هڪ ڏينهن صبح جو جيئن شينهن ننڊ مان اُٿيو ته کيس خيال آيو ته ڪيترن ڏينهن کان مونکي ڪنهن جهنگل جو راج ڪونه چيو آهي. وڃي ٿو سڀني جانورن جي خبر وٺان! آخر پاڻ کي سمجهن ڇا ٿا. سو پنهنجي غار مان نڪتو ۽ جهنگل ڏي هليو اڃا ٻاهر نڪتو مس ته کيس لومڙي گڏجي ويئي جهٽ ٽپو ڏيئي کيس ڳچيءَ کان پڪڙيائين ۽ زوردار آواز ۾ پڇيائين ’ٻڌاءِ هن جهنگل جو راجا ڪير آهي؟‘

لومڙي ته شينهن جو اچانڪ زوردار آواز ٻڌي ڊڄي ويئي يڪدم پاڻ کي سنڀالي چيائين ’توهين ئي ته آهيو هن جهنگل جا راجا! توهان کان سواءِ ٻيو ڪير ٿو اسانجو راجا ٿي سگهي؟

اهو جواب ٻڌي شينهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس ڇڏي ڏنائين

اڳيان هليو ته هرڻ گڏيس اُن کان به ساڳيو سوال پڇيائين

هرڻ به خوشامد ڪندي چيو ’توهان کي اهو خيال ڪيئن آيو آهي؟ ڇو توهانکي سنسو ٿيو آهي؟؟ ڇا اسان کان ڪا غلطي ٿي آهي ڇا؟؟؟ اسان ته هر وقت توهان کي ياد ڪندا رهند آهيون ۽ توهين ته اسان جي دلين تي به راڄ ڪري رهيا آهيو.‘

شينهن بود ۾ پرجي ويو. اهڙي طرح جيئن جيئن اڳيان وڌندو پئي ويو جانور گڏجندا پئي ويس، پڪڙيندو پئي و ۽ پڇندو پئي ويو ته هن جهنگل جو راجا ڪير آهي؟

سڀني نمرتا سان اهوئي جواب ڏنو ته سائين توهين ئي اسانجا راجا آهيو اسين سڀ توهانجو گڻ ڳان ڪندا رهند آهيون.

ٻڍي مائيءَ کان ٽانڊو وٺڻ ويو. ٻڍي مائي کيس چيو ’مان
ٽانڊو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان پر ٽانڊي جي قيمت ڏيڻ لاءِ تيار
آهين؟

فريد چيو ’جيڪو چوندا سو ڏيندس مرشد لاءِ ڪجھ به ڏيڻ
لاءِ تيار آهيان.‘

مائيءَ چيو ’پنهنجون اکيون ڪڍي ڏي اهائي ٽانڊي جي
قيمت آهي.‘

فريد سوچي ورتو نه ٽانڊو نه وٺڻو ئي آهي.

اکيون ڏيڻيون پيون نه ڇا ٿيو؟

اڳي مرشد (گروءَ) جي شيوا مريد (شش) ڏاڍي عزت ۽ عقيدت
سان ڪندا هئا. سوال جواب به ڪونه ڪندا هئا.

ٻڍي عورت کي فريد ڀڳت چيو ’ اما! مان اکيون ڏيڻ لاءِ
تيار آهيان. مونکي ٽانڊو ضرور ڪپي.‘

تڏهن اُن ٻڍي مائيءَ ڀڳت کي چيو ’ٻچا! مان ڪو تنهنجون
اکيون ڪڍان ڪونه ٿي پر اڄ کان وٺي ياد ڪجانءِ ته اهي
اکيون تنهنجون ڪونهن پر منهنجون آهن. تو مونکي ڏيئي
ڇڏيون آهن. هنن اکين سان ڪڏهن به بري نظر سان نه نهارج.
اکين دواران ئي گهڻيئي وڪار ڪٽجن ٿا جي اسان جي من
کي بگاڙين ٿا.

فريد ڀڳت کي سڄي عمر اهو ٻڍيءَ اما جو وچن ياد رهيو.
ڪڏهن به نظر ڪنهن بري پاسي کڄندي هئس ته پاڻ سنڀالي
وٺندو هو ۽ ائين ئي سوچيندو هو نه هي اکيون نه ٻڍيءَ اما
جون آهن. آخر پاڻ تي ظابطو رکي مهان ڀڳت بڻيو.

(٢٠٢) سچ جو پوڄاري!

هر سال هڪ ڀيرو اسڪول ۾ انسپيڪشن ٿيندي هئي.
انسپيڪٽر ايندو هو. اسڪول جي صفائيءَ جي، انتظام جي
ٻارن جي پڙهائيءَ جي انسپيڪشن ڪرڻ ماستر ٻاٽيون اُن

ٻچڙيءَ تي مهر ڪر پنهنجي ديا جو هٿ ڌر. ڪيئن به هي
منهنجي ڌيءَ مونکي نيڪ ڪري ڏي.

ڪنهن ستپرش هن کي ٻاڏائيندو ٻڌي چيو 'راڻي! هي
تنهنجي ڪيئن ٿي؟ هيءَ ته صرف ١٤ يا ١٥ سال تو وٽ
رهي آهي اُن کان اڳ ڪٿي هئي؟ تو وٽ ٥٠ يا ٦٠ سال
رهي پوءِ ڪيڏانهن ويندي؟ ڪجھ سوچ ويچار ڪر! هيءَ ته
امر آتما آهي. موت ته هن لاءِ آهيئي ڪونه. تون منهنجي
ڌيءَ منهنجي ڌيءَ ڇڏي هن کي سائينءَ جي حوالي ڪري
ڇڏ. جنهنجي آهي سو پاڻيهي ڪيس سنڀاليندو.' ستپرش ج
وچن ٻڌي راڻيءَ جي من ۾ ڦيرو اچي ٿو وڃي ۽ سچ پچ
پوري شرڌا ۽ پريم سان سائين کي پنهنجي ڌيءُ ارپڻ ڪري
ٿي ڇڏي. ۽ ڏسي ٿي ته راجڪماري ڏينهون ڏينهن بهتر
ٿيندي. ٿي وڃي. راڻي خوش ٿي چوي ٿي.

'جيڪي هجيئي ڪري ڇڏ سائينءَ جي حوالي،
تنهنجون مڙيئي خوشيون غم پل پاڻ پيو سنڀالي.'

(٢٠١) ﭘﮕت فريد!

ﭘﮕت فريد پنهنجي مرشد جي ڏاڍي سڪ ۽ شرڌا سان شي
ڪندو هو. چو جو کيس يقين هو ته ماءُ پيءُ جنم تا ڏني
پر سچ جي راھ ته مرشد تو ٻتائي.

هڪ دفعي جي ڳالھ آهي فريد صاحب پنهنجي مرشد و
رهندو هو. مرشد هن کي چيو ته جيڪر باھ ٻاري مونکي پاڻ
گرم ڪري ڏين ته مان سنان ڪريان!

ﭘﮕت فريد ننڍو ٻار هو سو هڪ ٻڍيءَ مائيءَ وٽ پاسي وار
جھوپڙيءَ ۾ ويو ۽ وڃي اُن کان ٽانڊو گھريائين. اڳي ماچيس
وغيره ڪونه هوندا هئا. ڪاٺي ڪاٺي سان گھي باھ ٻاربي هئ
۽ اُها ڍڪيل ئي رکبي هئي پلي ڪو اچي ٽانڊو ڪٽي وڃي
پنهنجي گھر باھ ٻاري. ان ڪري فريد ﭘﮕت ٻه اهوئي سوچ

ويهي اپياس ڪندو هو. تنهن ڪري شانتينڪيتن جي اسٽاپنا
ڪيائين جتي ٻار قدرت جي ڪرشمن جو رس بہ وٺندا آهن.
ڪلا ۽ تعليم بہ حاصل ڪندا آهن.

(٢٠٤) پريو هر حال ۾ سنڀال ڪندو.

هڪ ماءُ جنهن کي ڇهن مهنن جو ننڍڙو ٻار هو. سندس
هوت درگهٽنا ۾ اوچتو گذاري ويو. ماتا ڏاڍي دک ۾ پريوءَ
ي ڏوراپا پئي ڏنا تہ پريو ڪيترو ڪنور آهي. منهنجي ڇهن
هنن جي ٻار جو بہ خيال نہ ڪيائين. ڪنهن ستپرش جي
اضريءَ ۾ هوءَ روئي دکي ٿي رهي هئي. تڏهن اُن ستپرش
ن ماءُ کي چيو تہ مان توکي هزار روپيا ٿو ڏيان تون هن
ر کي ڪٽي ڦٽو ڪر. ماءُ ناڪار ڪئي. وري ستپرش چيو تہ
ن توکي لکہ روپيا ٿو ڏيان. تون ان ٻالڪ کي ڦٽو ڪر. ماءُ
ڪل ناڪار ڪئي تڏهن ستپرش چيس تہ مان توکي ڏهہ لکہ
پيا ٿو ڏيان. ماءُ ڪاوڙ ۾ چيو تہ ڪٽي سڄي دنيا ڏيو تہ
مان پنهنجو ٻار هرگز ڦٽو ڪونہ ڪنديس. تڏهن ستپرش
يس تہ تون چار مهنا جنهن ٻار سان رهي آهين نٿي ڇڏي
هين تہ پريو جيڪو اسانجو پتا آهي. اسان مان هر هڪ
ي پيار ٿو ڪري. سو اسان کي ڪيئن ڇڏيندو؟
ڪين ڇڏيندو هر حال ۾ پيو پنهنجي پيار جي ورکا ڪندو
سنڀال ڪندو. تنهنڪري جيڪي هو ڪري سو اسين قبول
ريون.
جو تڏ ڀاوي سائي ڀلي ڪار.

★ تيرا ڀاڻا مينا لاڳي!

ڀائي چندو، گرو ارجن ديو کي ايذا ڪشٽ ڏنا تنل تئي
وهارڻ ٺهڪندڙ ديگہ ۾ ڪين وڌائون. گرو ارجن ديو سمرٿ

ڏينهن لاءِ ڏاڍي محنت ڪندا هئا جيئن انسپيڪٽر سندن
سٺي رپورٽ لکي.

اسڪول ۾ انسپيڪٽر اچڻو هو. ماسٽر سڄو پنهنجو ڪلاس
صفا ڪرائي وديارٿين کي سمجهائي ڇڏيو ته جيڪو توهان
کان سوال پڇيو وڃي تنهن جو ٺيڪ ٺيڪ جواب ڏجو ۽ جي
ڪو حساب وغيره انسپيڪٽر ڏئي ته جلدي ڪري ڏيکارجو ۽
جي نه اچيوَ ته پاسي واري شاگرد تان ڪاپي ڪري حل ڪجو.
مهاتما گانڌي (ننڍو موهن ڪرمچند گانڌي) اُن ڪلاس ۾ وينو
هو. سندس حساب غلط هو. ماسٽر گهڻائي اِشارا ڪيس ۽ لنگهندي
حساب جو جوابَ به ٻڌائيندو ويس پر هو ماٺ ڪري ويٺو رهيو

جڏهن انسپيڪٽر ويو تڏهن ماسٽر مهاتما گانڌيءَ تي ڏاڍي
ڪاوڙ ڪئي. پر هن ڪجهه نه ڪڇيو.

ننڍي هوندي کان ئي سچ جو پوڄاري هو. اڄ به سچ
اهنسا جي ڪري سڄي دنيا ڪيس مڃي ٿي.

(٢٠٣) رويندر ناٿ ڪرءِ سکيا!

جي ڪو ٻار يا وڏو ٻولي سکڻ يا پڙهڻ چاهي ته گهر ۾
به سکي سگهي ٿو. رويندرناٿ ٺاگور لاءِ چوندا آهن ته هو اسڪول
۾ ويو ئي ڪونه. اسڪول جو نالو ٻڌندو هو ته سوين بهانا
مڪر ڪندو هو. هڪ ته اُنهن ڏينهن ۾ اسڪول به ننڍا ۽ جهڙي
تهڙي جڳهه ۾ هوندا هئا، ماسٽر به پيا هر وقت چڙندا هئا
لڪڻ هٿ ۾ هوندو هون ٻار ڪجهه ڳالهايو يا ڪا غلطي ڪئي
ته لڪڻ ٺڪاءُ ٿي ويندو هو.

ان ڪري رويندر ناٿ جڏهن ٻار هو ته اسڪول وڃڻ جي
نه ڪندو هو. سندس پيءُ ڪيس گهر ۾ ئي پڙهائڻ جو بندوبست
ڪيو. هو تمام جلدي انگريزي ۽ بينگالي ٻوليون سکي ويو
ڪي ئي ڪتاب بينگاليءَ ۾ لکيائين. هن کي قدرتي ڏا
هئي. هو قدرتي نظارن جو ڪانئي هو پاڻ به قدرت جي گ

ارپڻ ڪر ۽ کيس عرض ڪر تہ پنهنجي چرن ڪملن ۾
ول ڪر. قبول ڪر.

★ غريبن لاءِ ڇا ٿا ڏيو؟

هڪڙو سنت غريبن لاءِ پئسا ڪٺا ڪرڻ ويو. هڪ سيٺ وٽ
و اُن پئسن ڏيڻ جي بدران هن کي منهن ۾ ٿڪ هڻيئين.
ٽ رومال ڪڍيو ۽ ٿڪ اُگهيائين ۽ وري سيٺ کي چيائين
'سائين! مونکي تہ ٿُڪَ ڏِنوَ. پر غريبن لاءِ ڇا ٿا ڏيو؟'
ڏسو سنت جي سهنشڪتي. نہ ڪاوڙ، نہ رنج، نہ ڏڪر ۽
ڏوراپو. پنهنجي ڪم ۾ مگن.

(۲۰٦) سڀ ۾ چڱائي آهي.

شري آنند هنگوراڻي ڏاڍي شرڌا سان مهاتما گانڌيءَ جي
ار ۽ سوجھ بوجھ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو تہ هن جي پيار
اهڙو جادو هو جنهن منهنجي جيون جو رخ ئي بدلي ڇڏيو.
مان آءِ. سي. ايس پڙهڻ وارو هوس. آءِ. سي. ايس اُن زماني
تمام وڏي ڳالھ هئي. پر اڄ سوچيان ٿو تہ اُن مان ڇا
ي ها. سرڪاري نوڪري ملي ها پر مهاتما جو سنگ ۽ پيار
ئن ملي ها؟
'سڀ ڳالھ ۾ ڀلائي آهي
اِهو بہ مهاتما گانڌيءَ جو اُديش هو.
مان ننڍي هوندي ئي ڪنن کان ٻوڙو ٿيس، گهبرائجي
. ڪنهن چيو تہ ڪن ۾ مشين وجهي چڱي طرح سان
سگھبو آهي. مون باپوءَ سان ڳالھ ڪئي، مان هرڪا ڳالھ
۽ ڪان پڇندو هوس.
چيائين، 'متان اِئين ڪيو اٿئي. ائين چڱو آهين. ان ۾

هئا. پنهنجو دک لاهي سگهن ها، چندوءَ کي ڏنڊ ڏيئي سگه
ها پر گروجن ائين نہ ڪيو. صبر سان سڀ سهندا رهيا.

سڏني ڪاسائيءَ کي پيٽ ۾ چڙايو ويو تہ بہ اُف نہ ڪيائي
ميران بائيءَ کي راڻي زهر جو پيالو موڪليو نانگہ موڪ
تہ بہ نہ گهبرائي هن کي اُن ۾ بہ سالگرام جي صورت ن
آئي.

اهڙا پريوءَ جا ڀڳت دکن کان نہ گهبرائيندا آهن. هو پنهنج
ڀڳتيءَ ۾ لين رهندا آهن. ۽ اِهيئي وچن پيا دهرائيندا آه
تيرا ڀاڻا مينا لاڳي!

(٢٠٥) ارپڻ ڪر چرن ڪملن ۾

هڪ نوجوان کي پريو پائڻ جي سڪ هئي لگن هئي سن
سان ملندو رهندو هو.

آخر دادا جشن سان گڏيو ڪيس چيائين تہ ’ڳالهہ سچي
اِها آهي مونکان پاٺ پڙهڻ نٿا پڄن پدم آسڻ ۾ وهڻ
اڄيم. تپسيا ڪري پنهنجي تن کي تسيا ڏيڻ نٿو وڻيم. پ
۾ بہ منجهي ٿو پوان تہ ڪنهنجي پوڄا ڪريان. اُن ڪر
اهڙو ڪو سولو رستو ٻڌايو جو پريوءَ کي پايان. پنهنجو جي
جو مقصد حاصل ڪريان.‘

دادا جشن اُن نوجوان کي سمجهايو. پيارا! ان سڀ
ضرورت ڪونهي. تون صرف هڪڙو ڪم ڪر پنهنجا سڀ فر
پورا ڪر. پر جيڪي ڪرين سو پريوءَ جي پيار واسطي ڪ
جيڪي بہ ڪرين پريوءَ کي ارپڻ ڪر. اجوري لاءِ ڪم نہ ڪ
پر ڪر پيار واسطي.

جيئن گيتا ۾ شري ڪرشن ارجن کي ٻڌايو:

’جيڪي ڪائين، هوَنُ ڪرين، دان ڪرين، سمورو مونکي ا
ڪر.‘

پيارا! تون بہ جيڪي ڪرين سو پريوءَ جي چرنن ڪ

چهه روپيا واپس گهرايا اچ آهي اسانکي پئسي جو قدر؟
پاڻ کان پڇون. هزارين نه نه لکين روپيا اجاين ڏيکاءُ جي
ريتين رسمن تي تا خرچيون. اڳهر ئي مهانگائي گهٽي. مٿان
وري اڻنگا خرچ. هوٽلن جا ڪلبن جا.

(٢٠٨) دم تي قدم

گرونانڪ صاحب ڀالي مرداني سان روح رهاڻ پئي ڪئي.
اوچتو پڇي ويٺو ته 'انسان جي دمن تي ڪيترو ڀروسو رکي
تو سگهجي؟'
ڀالو منجهي پيو ڊجي ڊجي جواب ڏنائين. صبح جو سورج
جي ڪرڻن تائين.
وري مرداني کان پڇيائون ته اُن چيو ته شام تائين ته
دم تي ڀروسو رکي سگهجي ٿو.
تڏهن بابا صاحب مشڪي ڏنو ۽ کين چيو ته توهان کي
صبح ۽ شام تائين دم تي آسرو آهي.
مان ته چوندو آهيان 'آدمي اِڪ دمي'
انسان کي هڪ دم تي به ڀروسو نه رکڻ گهرجي. انسان هڪ
دم جو مهمان آهي. اُن کان وڌيڪ ته هو سوچي ئي نه.
اُن دم تي قدم رکي.
دم دم ۾ اونڪار جو جاپ ڪري.

(٢٠٩) گنگا سنان!

هڪڙي ڏينهن هڪڙو ماڻهو سوامي رام ڪرشن پرمهنس
جي آشرم ۾ آيو ۽ اچي عرض ڪيائين ته مان گنگا سنان
ڪرڻ لاءِ ڪاشيءَ وڃي رهيو آهيان. ٻڌو اٿم ته گنگا ۾ سنان
ڪرڻ سان پاپ مٽجي ويندا آهن. هي سوامي! مونکي اوهانجي

بہ چڱائي آهي. هڪڙو تہ اجايون سجايون ڳالهيون ٻڌڻ

چٽي پئين. ٻيو تہ ساراهہ ٻڌي ها تہ اهنڪار جو انديشو رهي

ها ٿيون تہ گلا ٻڌين ها تہ من ۾ ڏکہ ٿئيئي ها ڏس هڪ

ٻوڙاڻ مان ڪيترا فائدا ٿيا، هاڻي ٻڌاءِ آهي نہ چڱائي.

ائين آٿت ڏيئي ٻوڙاڻ تان ڌيان ئي هٽائي ڇڏيائون، هئي باپوءَ جي ڪرامت!

(٢٠٧) ڪفايت سڪو

شري آنند هنگوراڻي مهاتما گانڌيءَ جي ڪفايت جي با
۾ ٻڌائيندي چيو:-

هڪ ڏينهن باپو ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويل هو. مون ڏانه
آيل خط ويني سهيڙيم. سڀ الڳ ڪيم. جن ۾ باپوءَ جي سا
لکيل هئي. ٻيا خط اُهي هئا جن ۾ ساراهہ سان گڏ ڪي سج
بہ ڏنل هئا ۽ ٽيان اُهي هئا جن ۾ مهاتما گانڌيءَ کي
ماڻهو گهٽ وڌ ڳالهيون لکندا هئا.

مون هڪ آشرم جي ماڻهوءَ کي موڪلي ٽي فائيل گه
۽ سڀ خط اُنهن ۾ فائيل ڪري ميز تي رکي ڇڏيا.

جيئن ئي باپو آشرم ۾ گهڙيو. نوان فائيل ڏسي مون
پڇيائين ’هي ڇا جا فائيل آهن؟‘

مون چيو ’توهان وٽ آيل سڀ خط انهن ۾ فائيل ڪيا ا

پڇيائين ’فائيل ڪٿان آيا؟‘

مون چيو ’ڇهين روپئي جا گهرايم‘

چيائين ’اجايو خرچ ڪيو اٿيئي. ڇهين روپئي جا فائ
ايترو پئسي جو زيان ۽ فائيل تہ پراڻين اخبارن مان بہ
ٺا سگهن. ڪٽي اچ پراڻيون اخبارون. مان تو ٺاهيان ۽ اُ
۾ خط رکہ ۽ اهي واپس موڪلي ڇهہ روپيا بچاءِ. مان ا
غريب ملڪ جي روپين جو نقصان سهي نہ سگهندس.‘

اخبارن مان فائيل ٺهيا! خط فائيل ٿيا ۽ فائيل واپس موڪ

ڏس تون ڏيان ڏري
پاڻ سچائي جو جن سوئي
ٿيئي لوڪ تري.'

(٢١٠) موتي جواهر!

ڪبير مهان ڀڳت تي گذريو آهي هن جي ٻاڻي اڄ به ڏاڍي شردا ۽ ڀڳتيءَ سان ڳائي ويندي آهي. ڪبير جو ننڍي هوندي ئي لاڙو سنتن فقيرن ڏانهن هوندو هو ۽ وتندو هو اُنهن سان رڻن ڪندو ۽ جيڪو وقت گهر ۾ رهندو هو ته صبح جو سويل اُٿي مساڻ ۾ وڃي وهندو هو. ويٺو جاچيندو هو ته مُردا اچن ٿا. سڙن ٿا ۽ وري اُهي ڪٺي اچڻ وارا لوڪ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا دنيا جو حال احوال ڏيندا رمندا ٿا رهن.

هڪ ڏينهن ڪبير جي ماءُ روئي پٽ کي ڏوراپو ڏيندي چيو ته توکي ڪو گهر جو خيال آهي ۽ ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن ته گهر ۾ ڪاڏي لاءِ اَن جو داڻو ڪونهي. اسين ٻئي ماءُ پيءُ پيا بک مرون. تون ته صبح جو اُٿي الائي ڪيڏانهن ٿو هليو وڃين؟ تون به الائي ڇا ٿو ڪائين اسان کي ته خبر ئي نٿي پوي.

ڪبير ماءُ جي ڳالهه ٻڌي چيو ته مان ته روز صبح جو موتين جواهرن جو سؤدو ڪرڻ ويندو آهيان. ماڻس چيس هڪڙو ته موتي آڻي ڏي ته اُهو وڪڻي اسان به پنهنجو گذران ڪريون. ڪبير ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن ماڻس سندس پنيان ويئي ڇا ٿي ڏسي ته هو ته وڃي ٿو مساڻ ۾ وهي. اکيون بند ڪري پيو ڪولي پيو وري شانت ٿيو وڃي. سمجهي ڪونه سگهي. گهر موٽي آئي.

ڪبير کان پڇيائين مساڻ ۾ ويندو آهين.

موتين جو سؤدو ڪرڻ؟

ڪبير چيو 'هائو اما!'

ڏسندو رهندو آهيان ته ڪيئن اسين پنهنجا سواسن روپي

آشيرواد جي ضرورت آهي. توهانجي ڪرپا سان منهنجو گنگا
سنان سڦل ٿيندو.

سوامي رام ڪرشن هو سرل سادي سڀاءَ جو مهاپرش تنهن
اُن ماڻهوءَ کي چيو ته ادا! اهو ته ڏاڍو سٺو خيال آهي. ضرور
وڃ. گنگا سنان ته ڀاڳه وارن کي نصيب ٿيندو آهي. پر هڪڙي
راز جي ڳالھ ڪاشيءَ سنان جي توکي ٻڌائي ڇڏيان منهنجي
ويجهو اچ ته توکي اُها راز جي ڳالھ ٻڌايان.

تڏهن اُهو ماڻهو سواميءَ جي ويجهو آيو ته 'توکي خبر آهي
ته گنگا جي ڪناري تي ڊگها ڊگها وڻ هوندا آهن. اُهي اُتي
ڇو آهن؟'

ماڻهوءَ اڀوجهائيءَ مان چيو ته سوامي جي! مونکي خبر ڪونهي.

تڏهن سوامي رام ڪرشن چيس ته مان تو توکي ٻڌايان،
'تون جڏهن گنگا مئيا ۾ ٽٻي ڏيندين تنهنجا سڀ پاپ پوتن
جي روپ مان تنهنجي سرير مان نڪري وڃي اُنهن وڻن تي
وهندا. ۽ پوءِ جيئن ئي تون ٻاهر نڪرندين گنگا مئيا ۾ ٽٻيون
ڏيئي ته اُهي تنهنجا پاپ جيڪي وڻن تي تنهنجي انتظار
۾ ويٺل هوندا سي وري اچي تنهنجي سرير ۾ واسو ڪندا.
ان ڪري مان توکي جيڪر صلاح ڏيان ته تون جيئن گنگا ۾
ٽٻي ڏيڻ لاءِ گهڙين ته ٻاهر ئي نه نڪرجانءِ.'

اُهو ماڻهو وائڙن وانگر سوامي جن جي منهن ڏانهن نهاري
چوڻ لڳو ته هي پريو! توهان ته ٽٻي جي بدران مونکي آتم
هتيا ڪرڻ جي صلاح ٿا ڏيو ڇا؟

سوامي جن چيو ته بابا! جيئن سمجهين.

تنهن کان پوءِ ته اُن ماڻهو ڪاشي وڃڻ جو خيال ئي لاهي
ڇڏيو.

تاتپرج اهو آهي ته گنگا ۾ سنان ڪري پاپن لاهڻ جو وهم
اسين پاليندا آهيون. سوامي رام ڪرشن اِهو سنسو دور ڪرڻ
لاءِ ماڻهوءَ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

'پائي ڙي تيرٿ ڪير ڪري!
تو ۾ گنگا- تو ۾ ڪاشي

تڏهن ريڊار جو راجا تي راج ڪري رهيو هو تنهن چيو
ہ ڪلان تہ اُن مالڪ جي رحمت تي تو جو ريڊار مان راجا
ڪري ڇڏيائين ۽ سندر راجڪماريءَ سان شادي بہ ڪرايائين.
ان ان جي لائق بہ ڪونہ هوس وري روئان ان ڪري تو جو
وين گليلا اجايا سجايا پکي ماريندي وڃائي ڇڏيم. هڪ گليلو
صحيح لڳو آهي تہ راجائي پيو ماڻيان. ڏاڍو ارمان تو ٿئيم
جايل گليلن جو.

اهو تہ آهي درشٽانت! سڏانت اهو آهي تہ پريوءَ پنهنجي
هر ڪري اسانکي هرهڪ ڏينهن لاءِ ٢١٦٠٠ سواسن روپي گليلا
تا آهن. اسين قدر نٿا ڪريون ڪجھ اجايا ڪجھ ڪاٿڻ پيئڻ.
الهائڻ ٻولهائڻ سمهڻ گهمڻ ۾ وڃائي ٿا ڇڏيون. هڪ سواس
ي سائينءَ جي راھ ۾ ٿا لڳايون اسانکي راجائي ڏيئي تو
ڏي ٻيا بہ انيڪ دنيوي سک ڏيئي تو ڇڏي.

(٢١٢) تون بہ واڪُ تہ ڏي!

پيغمبر محمد جا پٽ حسن ۽ حسين بازار ۾ وڪامڻ لاءِ
ا. وڏا وڏا سيٺيون، وڏيرا، نواب زميندار نيلام ۾ واڪ ڏيڻ
ا. پريان ڏسن تہ هڪڙي ٻڍي غريب مائي سٽ جي ڍيري
ي حسن ۽ حسين کي وٺڻ لاءِ بيٺي آهي.
سڀ وائڙا تي ويا. سوچين پيا جتي اسان کي ئي پڪ ڪونهي
اسين ڪو ڪين خريد ڪري سگهنداسين ۽ هيءَ وري سٽ
ي پوڙهي ڪٿي آئي آهي حسن ۽ حسين کي خريد ڪرڻ. سڀ
ا ڪلن ۽ هڪ ٻئي ڏي اشارا ڪن. تڏهن ٻڍي مائيءَ سندن
ش ڏسي چيو تہ ابا! ڪلو ڇو ٿا مون غريب تي. مونکي خبر
ي تہ هن سٽ جي ڍيريءَ جو ڪو ملھ ڪونهي ۽ مونکي
غمبر جا پٽ ملندا بہ ڪونہ. پر مون وٽ جيڪي هو سو
ي اچي توهان سان بيٺي آهيان. پنهنجي من کي تسلي
ڻ لاءِ تہ مون بہ واڪ تہ ڏنو. ملي يا نہ ملي پر مان اُن

موتي جواهر سنسار جي ڌنڌن ۾ خرچ ڪري انت ۾ اڇي
تا مسڻ ۾ پئون ۽ سڙون ۽ جن جي لاءِ ڪريون تا اُهي اسان
کي اُتي ڇڏي وري وڃي دنيوي ڌنڌن ۾ لڳن. دمن روپي
موتي جواهر سنڀالڻ گهرجن. اُهي سائينءَ جي نام بلي خرچ
ڪجن تہ اُهي سجايا آهن. باقي سڀ اجايا آهن.

’هاءِ هاءِ سائين بنا ڪو دم نہ وڃاءِ.
سواس سواس ۾ سائينءَ کي ڌياءِ.‘

اَما! اهي موتي سنڀال. وري الائي ملن نہ ملن.

(٢١١) ريڊار ۽ گليلا!

ريڊار جهنگل ۾ گليلا ڪٽي ويندو هو. وينو گليلن سان کيليندو
هو. رڍون بہ پيو چاريندو هو تہ گليلا بہ پيو هلائيندو هو. هڪ
ڏينهن اُن بن ۾ جيئن ئي هن گليلي جو نشانو پئي چٽيو
تہ راجا بہ پنهنجي بندوق ڪٽي نشانو لڳائڻ لڳو. راجا چيس
تہ جي تنهنجو نشانو لڳو تہ توکي ڌيءَ پرڻائي ڏيندس ۽ جي
منهنجو نشانو لڳو تہ توکي پاڻ وٽ باندي ڪري رکندس.

ريڊار روز روز گليلن سان کيليندي ڏاڍو هوشيار ٿي وي
هو. هوڏانهن راجا بہ گهڻائي شڪار ڪندي نشاني چٽ
۾ پربيڻ ٿي ويو هو. پر ’پاڳہ ڏئي پيرو تہ ٿئي دال مار
سيرو‘ واري ڪار ٿي. اُن وقت نشانو ريڊار جو لڳي ويو. راج
پنهنجي واعدي انوسار کيس پنهنجي ڌيءَ پرڻائي ڏني
کيس پنهنجو راڄ پاڳہ ڏيئي پاڻ رشين جي آشرم ۾ وڃي
نام جپڻ لڳو. هن کي ڏک وارو ويراڳہ اڇي ويو تہ ريڊا
کان هارائي وينس.

ـ ماسو ٿي رهندين ته سڀ کان مٿي هوندين پر جي سير
ـڻ جي ڪوشش ڪندين ته هيٺ تري ۾ رهڻو پوندءِ.'
منهنجا ڪپاٽ کلي ويا ۽ ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي. زندگيءَ

(٢٦٤) پاڻ کان پڇ

ليکڪا ميران يٽ هڪ پيري سنت ونويا کان سوال پڇ
’هيءَ ڳانءِ ۽ ٻڪري تہ ٺيڪ آهي تہ انسان ذات لاءِ کير وغير
ميسر ڪن ٿا پر هن نانگ ۽ وڇونءَ جو ڪهڙو ڪم آهي. هتي
باباجيءَ تمام سٺو جواب ڏيئي کيس لاجواب ڪري ڇڏي
باباجيءَ چيو ’تنهنجو سوال تہ ٺيڪ آهي ليکن ڇا توک
خبر آهي تہ اڄ جهنگل ۾ پکين ۽ جانورن جي ڳڻجاڻي ٿي
هئي. جنهن جو اُديش هو تہ هن ميران ليکڪا جي اسان ک
ڪهڙي ضرورت آهي؟ اها هن سنسار ۾ ڇا ٿي ڪري؟؟
باباجيءَ جي جواب منهنجون اکيون کولي ڇڏيون. هميش
پاڻ کان پڇجي تہ منهنجي هتي ڪهڙي گهرج آهي. ما
جنهن مقصد سان آيو آهيان يا آئي آهيان مان اُن کي پور
ڪرڻ ۾ سڦل آهيان؟ اهڙو خود غرض نہ ٿجي جو پاڻ کانسو
ٻين کي بيڪار سمجهجي.

(٢٦٥) سماجواد

آسام ۾ جڏهن ونويا ياوي پد ياترا پئي ڪئي تہ اُن
ياترا ۾ هڪڙو وديشي جوان بہ اچي شامل ٿيو. ڳوٺ ۾ گهڙند
ئي ونويا ياوي جو سواگت ڪيو ويو. تلڪ ۽ هارن پائڻ ڪان
ڳوٺاڻن ڇانورن جو مٺيون پري مٿي اُڇلايون. وديشي جوان ڏسن
رهيو تہ هيءَ ڪن ڇا ٿا؟ اجايو ان پيا زيان ڪن. جڏه
پنهنجي رهڻ واري آسٿان تي پهتا تہ اُن جوان باباجيءَ ک
پڇيو ’بابا! توهان جو ديش ڏاڍو غريب آهي. لوڪن کي کا
لاءِ پورو اناج ڪونہ ٿو ملي اهڙي حالت ۾ هيئن اُن جو نقص
جو ٿو ڪيو وڃي؟ اناج اُڇلائڻ سان ڪنهنجو پيٽ پربو؟ ا
اناج تہ اجايو ويو نہ؟

هو ڏاڍو دکي ٿيو ۽ سوچڻ لڳو ته ڏن جي ٻل ڪانسواءِ جيئڻ
اجايو آهي. ان ڪري آتم هتيا ڪرڻ جو سوچيو هن جو اهو
ارادو ڏسي ديوتا اندر کي ڏاڍو دک ٿيو ۽ سيال جو روپ ڌاري
برهمڻ وٽ آيو کيس چيائين 'ڏس مونکي هٿ به ڪونهن منهنجي
سڄي بدن جا ڪنڌا چپ چپ پيا ڪن. مان ڪيترو دکي
آهيان ته به مان آتم هتيا نٿو ڪريان ڇو جو اُن ڪان پوءِ
گهٽ جوڻين ۾ جنم ملندو.

برهمڻ ڪوشڪ سڄاڳ ته ٿي ويو ۽ سوچڻ لڳو ته آخر هيءَ
آهي ڪير؟

اڙي ڏن ناهي ته ڇا ٿيو؟

تو وٽ من جو ٻل آهي.

ٻڌيءَ جو ٻل آهي پرماتم ٻل آهي. ڪيتريون جوڻيون آهن
جي دکي آهن.

ڪتو ڏس مڇي ڏس پر ته به اُنهن آتم هتيا ڪرڻ جو
ڪونه سوچيو آهي.

سيال جي واتان اهو گيان ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ته هي
ڪن روپ ۾ ڪير آهي جو گيان ڏيئي رهيو آهي. ضرور ڪو
ديوتا آهي. سڃاتائين اندر ديوتا آهي. ڪيس سڃاتائين ۽ هنجا
شڪرانا مڃيائين ته هي ديوَ! تو مونکي وڏي مهاپاپ کان بچائي
ڇڏيو گيان جي مهما اپرم اپار آهي.

(٢٦٩) نشڪام ڪرم

سنت ايڪنات مهاراشٽر جو مهان سنت آهي. جنهن کي
سچ تائين ماڻهو پوڄيندا رهندا آهن. هڪ ڏينهن نديءَ جي
ڪناري تي گهمي رهيو هو ته ڏٺائين ته هڪڙو ٻار نديءَ ۾
گوطا کائي رهيو آهي ۽ ڪناري تي سنياسي اکيون ٻوري پرماتما
جو ڌيان ڪري رهيو آهي. سوچيائين پهرين ٻار کي ته ٻڏڻ
کان بچايان سو يڪدم نديءَ ۾ ٽپو ڏيئي ٻار کي پڪڙيائين
۽ کيس ڪڍي ٻاهر آيو. پيٽ مان پاڻي ڪڍي اُن کي هوش

۾ سکي تيڻ جو راز اهوئي آهي تہ پاڻ کي وڏو ڪري نہ سمجھ
'برا سڏاوڻ ٻڙا دکہ پاوڻ، ڇوٽي ڪان دکہ دور.'

(٢٦٧) جيون سارٿڪ ڪريون

ھڪ چڪرورتي راجا وٽ ھڪ ڪنگال بکاري آيو. راجا و
ھو موڊ ۾ سو اُن غريب کي چيائين 'توکي جيڪو گھرج
گھري وٺ. اڄ تون جيڪي گھرندين سو مان توکي ڏيندس
توکي ڏئي ڇڏيندس.'

بکاريءَ خبر آتو ڇا گھريو؟

بکاري ڏڪندي ڏڪندي راجا کان گھريو 'منهنجي ٻي
پنڻ جي ڇبي ڀڄي پيئي آهي. اھا نئين وٺي ڏياريو.'

راجا کي اھو ٻڌي ڏاڍو ڏکہ ٿيو. بکاريءَ کي گھرڻ بہ ڪ
آيو. ايترو گھري سگھي ھا جو نہ رڳو پاڻ کائي ھا پر پني
سندس پيڙھيون بہ کائين ھا. ھن گھري بہ بيکہ پنڻ لاءِ ڇب
جيئن سڄي عمر پنندو رھي.

اسين بہ ائين آھيون. اڪثر ڀڳوان کان گھرندا آھيون دنيو
پدارٿ. پئسا، ماڙيون، بنگلا، موٽرون، پُٽُ، سندر زال، اھ
بہ بکاريءَ جي ڇبيءَ جھڙيون آھن جي اسانجي ترشنائن
ويندبون وڌائيندبون ۽ سڄي عمر گھرندا ئي رھندا آھيو
ڀاپندا ئي ڪين آھيون. پرماتما اسانکي مانش جنم ڏنو آ
جيڪو مڪتيءَ جو در آھي. اُنکي ڪيئن ڪم آڻيون؟ پنھن
من انھن آشائن ترشنائن کان ڪيئن آجو ڪريون؟

شل پرماتما کان اھڙو ڪجھ گھرون
جو پنھنجو جيون سارٿڪ ڪريون.

(٢٦٨) آتم ھتيا مھاپاپ!

ڀيشم پتامھ يڌشٽر کي ٻڌائي ٿو.

ھڪ ڪوشڪ نالي برھمڻ ھو. ھن جو ڪنھن اپمان ڪ

آهيان جڏهن ٻه توکي ڪو ڪم پوي ته منهنجي راڄڌانيءَ
ُ اچج.

گهڻن ئي سالن کانپوءِ ٻڪرار جون ٻڪريون بيمار ٿي پيئيون
هڪ هڪ ڪري مرڻ لڳيون. ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ هو. اوچتو کيس
راجا جي ڏنل منڊي ياد آئي ۽ خيال ڪيائين ته ڇو نه راجا
ٽ وڃي اُن کان مدد وٺان. اهو سوچي راڄ دربار جي دروازي
ي آيو پر دربان کيس اندر اچڻ ئي نه ڏئي. ٻڪرار چيو راجا
نهنجو متر آهي اُن مونکي هيءَ راجائي منڊي ڏني آهي. پر
ه به دربان کيس ڌڪا ڏيئي رهيو هو ۽ ٻڪرار وڏي واڪي چئي
هيو هو. مونکي اندر وڃڻ ڏيو. وزير آواز ٻڌي ٻاهر آيو ڏٺائين
رابر ٻڪرار وٽ راجائي منڊي آهي. اها ڳالهه وزير راجا کي
ڌائي ۽ راجا يڪدم دروازي تائين آيو ۽ کيس ڏاڍي آدر سان
ندر وٺي آيو. کيس سنان پاڻي ڪرائي شاهي ڪپڙا پائي تخت
ي پاڻ سان گڏ وهاريو ۽ کيس اُتي محل ۾ رهائي ڇڏيو. راجا
ي پنهنجو ٦-٧ سالن جو هڪڙو پٽ هو. ٻڪرار کي محل ۾
هڻ ۾ مزو ڪونه آيو. هن کي کپندا هئا ڪجهه پئسا جيئن ٻڪريون
ي وڃي جهنگل ۾ رهي. سو ننڍڙي شهزادي کي کڻي جهنگل
انهن روانو ٿيو.

شهزادي جا زيور لاهي جواهريءَ جي دڪان تي ويو. راجائي
يور ٻڪرار وٽ ڏسي کيس پڪڙائي راجا جي دربار ۾ حاضر
يو. راجا ته اڳيئي راجڪمار جي لاءِ پريشان هو. چوڌاري
يس راجا جا ماڻهو ڳولهڻ نڪتا هئا. ٻڪرار کي ڏسي پيار
ان کيس تخت تي وهاريائين ۽ ٻڪرار کان شهزادي لاءِ پڇڻ
و. هن چيو 'شهزادو مون وٽ آهي، اُن جا زيور کڻي وڪڻڻ
ويس. انهن مان جيڪي پئسا ملن ها مان ٻڪريون وٺي
هنگل ۾ وڃي چاريان ها.'

ايترو ٻڌي راجا پنهنجي ڀل محسوس ڪئي، راجا چيو ته
تري هوندي به مان پاڻيءَ جو گلاس ڪونه پليو آهيان.

پوءِ ته سڄي راڄ ۾ واهه واهه ٿي ويئي. شهزادو سلامت!
ڪرار کي ٻڪرين جو ڌڻ ڏيئي روانو ڪيائين. ائين احسان

۾ آنڊائين ۽ پوءِ آيو سنياسي وٽ ڪائنس توهان هتي ڪنهن
ڌيان ڪري رهيا آهيو؟ سنياسي ڏاڍي اطمينان سان چيو
ڀڳوان جو ڌيان ڪري رهيو هوس.'!توهان هن بار ڪي ٻڏڻ کا
چو نہ بچايو؟' سنت ايڪناٿ پڇيو.

سنياسيءَ چيو 'ان ۾ منهنجو ڇا؟ هن جا ڪرم هي جا
منهنجا ڪرم مون سان آهن. منهنجو ان ۾ ڇا؟'

ايڪناٿ کي عجب لڳو تہ هي چوي ڇا ٿو؟ ڪرتار تہ ڪ
ڪڻ ۾ آهي. نہ صرف ماڻهو مرون ۾ پر وڻن ٽڻن ۾ جي
جنتن ۾ هرڪو انسان اُنهن سان جڙيل آهي. اسانجا ڪر
پنهنجي ڪرتويہ فرض سان ڳنڍيل آهن. اسين ائين ڪنهنک
ٻڏندو ڏسي چپ ڪري ڌيان ڪيئن ٿا لڳائي سگهون؟

سنياسيءَ کان پڇيائين 'توهانجو ڌيان لڳو؟'

هن چيو 'اصل نہ'

'ڌيان لڳائڻ کان تہ نشڪام ڪرم ڪرين ها تہ توکي مکت
ملي ها.' نشڪام ڪرم بہ اسانکي مکتي ڏيئي ٿا سگهن
اهڙو گيان گيتا ۾ شري ڪرشن ارجن کي ڏنو آهي.

(٢٧٠) ٻڪرار ۽ راجا!

راجائون اڪثر شڪار ڪرڻ ويندا آهن. هڪ راجا شڪار ڪندي
هرڻ جي پٺيان گهوڙو ڊوڙائيندي جهنگل ۾ پري نڪري وي
پنهنجي ساٿين کان وڇڙي ويو. اڃ بہ ڏاڍي لڳي هئس. ا
۾ وياڪل ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي بيهوش ٿي وي
پريان ٻڪرار پئي ٻڪريون چاريون. هن وٽ نڪر جي نن
دلي ۾ تورو پاڻي هو. ڏٺائين راجا تہ اڃ کان وياڪل ٿي ڪر
پيو آهي سو پاڻيءَ جو ٻڪ پري راجا جي مکہ ۾ وڌائين
پاڻي ملڻ سان راجا سرجيت ٿيو ۽ ٻڪرار بہ کيس سپ پاڻ
پيئاري ٺيڪ ڪيو. راجا ٻڪرار جي مهرباني مڃي ۽ ڏا
خوش ٿيو. يڪدم ٻڪرار کي ياڪر پائي انعام ۾ راجائي مند
پنهنجي آڱر مان لاهي ڏنار کي ڏني. کيس چيائين مان را

يس سندس مڙس جو نياپو ڏنائين. نياپو ٻڌي مائيءَ کي ٻه
کر ڪونه تيو پاڻ خوشيءَ مان چيائين ته چڱو مان هڪ
ڄٽي جي ئي ماني ڪٽي ويندس ۽ ائين رسوئي ڪٽي ٻنيءَ
ڏانهن رواني ٿي. اهو غريب ڇوڪرو پيو وائڙو ٿئي ۽ سوچي
يو ته ڇا هيءَ ٻئي پٽ مان ڪک هئا ڇا؟ اهڙا ويچار ڪندو
هو ڏرمي ديس ۾ آيو. شهر هو ننڍو پر ڏاڍو صاف سٿرو هو.
تي جا سڀ ماڻهو خوش هئا. شاهوڪار پنهنجي دڪان تي
سان سان وينا هئا. نوڪر پنهنجي ڪم کي لڳا پيا هئا. هڪڙي
سيٺ جي دڪان تي چڙهي ويو. هنن ڏاڍي عزت سان ڪيس
هاريو ۽ اچڻ جو ڪارڻ پڇيو ته غريب پنهنجي دل جي ڳالهه
ڏائي سيٺ هن کي ڏن ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويو. هن غريب
سرف هزار رپيا گهريا اجا مس سيٺ پئسا ڏنا، ڪابه لکپڙهه
ڪانه ڪيائين چيائين جڏهن موٽائي سگهين تڏهن ڏجانءِ.
سين بندي ڪاغذ رکندائي نه آهيون. ايتري ۾ هڪ پراٽيءَ
جي ڪائي ڪٽندا ماڻهو ڳائيندا وڄائيندا پيا وڃن. اُتي ئي
ن کي هاريءَ جي پٽ جي ٻه ڳالهه ياد اچي ويئي. هتي
جا ماڻهو موت تي ماتم ڪرڻ بدران خوش ٿا ٿين.
هن سيٺ کان ان باري ۾ پڇيو ته توهين موت تي خوش
و ٿا ٿيو؟ اسان وٽ ته بارهن ڏينهن ماتم تي ويندو آهي.
سيٺ نڪا ڪئي هم نه تم
يڪدم روپين جي ڳوٿڙي واپس وٺي رکيائين. چيائين توهين
ا موٽائيندا پئسا؟ جنهن سائينءَ هي سرير ڏنو آهي. اُن کي
پس موٽائڻ تي بارهان ڏينهن ماتم ٿا ڪريو ته اسانجي
مانت ڇا موٽائيندين؟ هو ويچارو منهن پيلو ڪري واپس پنهنجي
ٽ موٽي آيو.
گياني چوندا آهن امانت ۾ خيانت نه ڪجي ۽ رضا تي
ضي رهجي.

مڇيائين ۽ سيني لاءِ مثال ٿيو.

ڪنهنجو ننڍڙو احسان جو وقت تي اسانجي جان بچائي
اهو ڀلائڻ نہ گهرجي!

(٢٧١) ڌرمي ديش!

هڪ غريب ڇوڪرو غريبيءَ جي ڪري ڏاڍو ڏکي گذاريند
هو. هو مزوري ڪندو هو ۽ مزوريءَ مان گهر جي اُن ڀاتي
جو خرچ پورو ڪونہ ٿيندو هو. ڪنهن ڏس ڏنس تہ ڌرمي ديش
جا ماڻهو ۽ اُتي جا شاهوڪار ڏاڍا دياوان آهن ۽ اُهي توکي
ضرور مدد ڪندا ۽ توکي قرض بہ ڏيئي سگهن ٿا پوءِ تو
پنهنجو ڌنڌو شروع ڪري پاڻ کي سکي ڪري سگهين ٿو.

ان شخص جي صلاح مڃي هو ڌرمي ديس ڏانهن روا
ٿيو. هو پنڌ ئي پنڌ پئي ويو. ڌرمي ديس سندس ڳوٺ کا
٢٤، ٢٥ ڪلو ميٽر پري هو ٻن ڏينهن کان پوءِ جهنگل ۽ ٻني
جو پنڌ جهاڳي اچي پهتو جيئن ئي ٻنيءَ وٽان لنگهيو
پيءُ پٽ ويٺي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪيو. اوچتو اهڙو اچي اتفا
ٻڌيو جو پٽ کي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندي هڪڙي نانگ ڏنگ
۽ هن تڙڦي تڙڦي ساهہ ڏنو. هاري بہ اهو ڏٺو ۽ اُن غريب
ڇوڪري بہ پئي ڏٺو. ٿوري وقت ڪانپوءِ هاري تہ ڪم ک
لڳي ويو. جڏهن ڪم پورو ٿيس تہ پٽ جي لاش کي ڪ
پاسيرو ڪري ليٽائي ڇڏيائين ۽ ڳچيءَ مان پنهنجو بوچ
لاهي وجهي ڇڏيائين ۽ اُن غريب ڇوڪري کي چيائين تہ تو
ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هو هاريءَ چيس تہ ويندي ويندي منهنج
گهر واريءَ کي وڃي ٻڌائج تہ تنهنجي پٽ کي ٻنيءَ ۾ نان
ڏنگيو ۽ هو گذاري ويو ۽ هاڻي تون ماني رڳو هڪ ڄڻي ج
ڪڻي اچجانءِ ۽ هاريءَ جي منهن تي ڪو پٽ جي موت ج
ڏکہ جو ڪو نشان ڪونہ هو. روز وانگر پنهنجي هر ڪيڙڻ ک
لڳو رهيو هو غريب هاريءَ جو گهر ڳولهيندي وڃي پهتو

(٢٧٣) احسان!

هيءَ سچي گهٽنا آهي. ڪلڪتي اسٽيشن تي هڪ پناڻ
ڪي بنا ٽڪيٽ هئڻ جي ڪري جهلي بيهاريو هو. پناڻ وٽ
پئسا ڪونہ هئا. هو ٽڪيٽ ڪليڪٽر کي گهڻيون ئي آزيون
نيزاريون ڪرڻ لڳو. پر ٽي سي هڪ نہ مڃي ڪيس چيائين
بنا ٽڪيٽ سفر ڪرڻ ڏوهہ آهي ان ڪري جي پئسا نہ ڏيندين
نہ توکي جيل ۾ وڃڻو پوندو. ايتري ۾ گيٽ سان هڪ سنڌي
جوڙو پئي لنگهيو جن ٽي سي ۽ پناڻ جي گفتگو ٻڌي ۽ اُن
سنڌي استريءَ کي ڏاڍو قياس اچي ويو ۽ پرس مان پئسا ڪڍي
ٽي.سي کي ڏيئي پناڻ جي نالي رسيد ڪڍائي ڪيس ڏني.
پناڻ اُن سنڌي امڙ جا شڪرانا مڃيا ۽ ڪيس دعائون ڪندو
هليو ويو.

تي مهنا گهمي ڦري اُهو سنڌي جوڙو حيدرآباد سنڌ پهتو.
ان ڳالهہ کي ڪجهہ سال گذري ويا. هڪ ڏينهن اُهو ساڳيو
جوڙو ڪنهن ڪم سانگي گهوٽڪي پني عاقل هڪ ٽانگي ۾
چي رهيا هئا تہ ڏينهن ڏني جو چئن ڌاڙيلن اُن ٽانگي کي
گهيريو ۽ هو نوجوان اُن سنڌي استريءَ کي ڪٽي ڪوهاٽ بنوءَ
انهن ڪٽي هلي ويا ۽ وڃي هڪ غفا ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽
هي چار ئي ڌاڙيل سنڌي ماتا کي چوڻ لڳا تہ تون پنهنجي
شتيدارن لاءِ ڏهن هزارن جي چٺي لکي ڏي. اُهي جڏهن
سانگي ملندا تہ توکي ڇڏي ڏينداسين.

اهي ڌاڙيل ڏنڊو ئي اهو ڪندا هئا. ماڻهو پڄائي اچي
ند رکن ۽ پئسا وٺي پوءِ ڇڏي ڏين. تيستائين اُن جي مهمان
نگر سنڀال ڪن. اُن کي ڪابہ تڪليف نہ ڏين ۽ واري واري
ي پهرو ڏين. ائين ڪندي ٽي ڏينهن گذري ويا. چوٿين
ينهن رات جو هڪ پناڻ پهرو ڏيندي پنهنجي پٽڪي مان
ڪ ڪاغذ چوڙي اڪين تي رکي وري پٽڪي ۾ ٻڌي ڇڏيو

(٢٧٢) فقير ۽ ٽڪو!

هڪ فقير جيئن رستي تان پئي ويو ته پريان ٽڪو ڏٺائين
سوچڻ لڳو کڻان يا نه کڻان. چاڪاڻ مونکي ته ٽڪي جي گهر
ڪونهي ڇو جو مونکي ته ڪا اڃائي ڪونهي. وري ويچار ڪيائين
ته کڻان ته سهين جيڪو گهرجائو هوندو تنهن کي ڏيئي ڇڏيندس
اڃا ٿورو اڳيان وڌيو ته ڏٺائين ته سڪندر بادشاهه پنهنج
لشڪر سان ٻئي ملڪ کي فتح ڪرڻ پئي ويو. فقير خيال ڪ
ته هن کان وڌيڪ گهرجائو ڪير هوندو! جنهن کي پنهنجي
هيڏي وڏي ملڪ جو راڄ آهي تڏهن به ٻين ملڪن کي حاص
ڪرڻ لاءِ وتي ٿو ڪاهه ڪندو ان کي ئي ٽڪو ڏيئي ڇڏيا
سو ڊوڙي وڃي اُن هاٿيءَ جو ڏڳهه جهليو جنهن تي سڪند
بادشاهه شان سان ويٺو هو. ٽڪو زور سان بادشاهه ڏانهن اُڇلايائي
۽ چيائينس او بکاري! هان هي ٽڪو وٺ ۽ وڃي پنهنج
خزاني ۾ وجهه ۽ پنهنجو خزانو ڀر.

سڪندر بادشاهه هڪدم هاٿي ٻهاريو ۽ فقير کي چوڻ ل
ته فقير تون ڪين مان؟ پنهنجا ڪپڙا ڏس! پنهنجي ره
جي جڳهه ڏس!

فقير جواب ڏنو ته مان ته شهنشاهه آهيان.

مونکي ڪا گهرج ئي ڪونهي. ڪا اڃائي ڪونهي. پوءِ ما
ڪپڙا خزانو ۽ گهر ڇا ڪندس؟

’سدا بي پرواهه، ساڌو جن سنسار ۾،
ڪاڻ نه ڪڍن ڪنهنجي، سدا سکالا،
رتا رهن رنگ ۾، مگن متوالا،
ٻڌا ۽ ٻالا، سامي ٿين ڪين ڪي.‘

ت نئو جتاءُ ڪري؟

قاصد اهو خط کڻي جوڌپور اچي راجا جي دربار ۾ پيش
يو. ۽ سلام ڪري جيڪي سوکڙيون آنديون هئائين سي پيش
يائين، راجا يڪدم خط کولي پڙهيو خط پڙهي ڪلي وينو
يڪدم حڪم ڪيائين تہ سنڌ مان آيل قاصد کي ٻاهر نم
ي وڻ سان ٻڌي ڇڏيو. بس حڪم جي پوئواري ٿي. قاصد
نم جي وڻ سان ٻڌي ڇڏيائون. قاصد گهڻيئي رڙيون واڪا
يا تہ راجا صاحب! مون ڪو ڏوهہ ڪونہ ڪيو آهي. مونکي
ٻڌو ويو آهي. راجا ڪيس چيو تہ جڏهن هيءَ سائي نم
ڪندي تڏهن توکي ڇڏيو ويندو. تنهنجي چلائڻ مان ڪو
ئدو ڪونهي. هو چپ ٿي ويو. سوچڻ لڳو هن زوراور راجا
ي اڳيان منهنجو ڪو وس ڪونهي چو نہ اُن پرماتما کي
ڏايان جو ئي مجبور ۽ دکي انسان جو عرض ٻڌي ٿو.

پرماتما کي وينتي ڪري ۽ ٻاڏائي رهيو هو تہ هي ديو!
ءُ نم جلدي سڪاءِ تہ منهنجا بند خلاص ٿين. ڏينهن رات
يون وڏيون آهون پري نم کي پٽڻ لڳو. ايشور جي رچنا عجيب
ي هن جي مهر سان نم سڪي ويئي. قاصد ڏاڍو خوش ٿيو
چڻ لڳو اجهو ٿو هتان آزاد ٿي پنهنجي ملڪ وڃان پر
ي راجا جو حڪم ٻڌي هاڻي جڏهن وري هيءَ نم سائي
ندي تڏهن توکي ڇڏيو ويندو. قاصد روئي وينو. راجا اڳيان
وس هو وري لڳو پرماتما کي پڪارڻ تہ هي پريو! تنهنجا
ل نرالا آهن چو ۽ ڪيئن ٿو ڪرين؟ تنهنجي گت مت تون
تو چاڻين اڳ ۾ جنهن نم کي مون هيل تائين پٽيو پئي
ي وري اُن لاءِ دعا ٿو گهران تہ جلد سائي ٿئي تہ منهنجي
ان جند ڇٽي. تنهنجا وڙ وڏا آهن. تون منهنجو اهو عرض
ور اگهائيندي.

وري بہ اسرار ٿي ويو. ڪجهہ ئي مهنن ۾ نم سائي ٿي
ي سرسبز ٿي ويئي. راجا جڏهن ٻڌو تہ نم سائي ٿي ويئي
ي تہ قاصد کي پنهنجي دربار ۾ گهرائي ڏاڍي خاطر داري
ائين ۽ هن کي انعام اقرار ڏيئي خوش ڪيائين ۽ ڪيس
شاهہ بادشاهہ لاءِ پروانو لکي ڏنائين تہ هي سياڻا بادشاهہ!

۽ يڪدم ڦٽڻيءَ سان اُتي ڪڙو ٿيو. اندر غفا ۾ گهڙيو مائ
ڏٺي ويئي جو اُن کي ڊپ ۾ ننڊ ئي ڪانہ ايندي هئي. مائ
ڊپ ۾ ڇلانگ ٿي هئي تہ پناڻ ميڻ ٻتي ٻاري. اُن روشني
۾ مائيءَ کي چپ ڪرڻ جو اشارو ڪيو. مان توکي گهر
پهچايان. پيرن تي ڪري پيو چيائين تہ امڙ! تون منهنج
ماءُ آهين، هتان چپ چاپ مونسان نڪري هل. هنجي چو
تي مائيءَ کي اعتبار ٿيو ۽ هن جي پنيان هلڻ لڳي. سڄ
رات پنڌ ڪندا اچي گهوٽڪيءَ پهتا. سندس مڙس ۽ ٻيا
سندس مٽ اچي گهوٽڪي پهتا هئا مائيءَ کي ڇڏائڻ. مائ
۽ پناڻ ٻہ صبح ٿيندي اچي شهر ۾ پهتا ۽ شهر جي مکي
وٽ آيا. جتي سندس گهوٽ ۽ ٻيا مٽ مائٽ لٿل هئا. اچ
سان اُهو پناڻ اُن مائيءَ جي مڙس جي پيرن تي ڪري معافي
وٺڻ لڳو. سڀ حيران ٿي ويا تہ آخر ماجرا ڇاهي؟ بنا پئ
ڏني هيءُ هن مائيءَ کي ڪيئن وٺي آيو؟

آخر گهڻيءَ پڇا ڪرڻ بعد پناڻ پٽڪي مان ڪاغذ جو ٽڪ
ڪڍي اُن ماتا جي هٿ ۾ ڏنو ۽ پيرين پئي روانو ٿي وي

ڪاغذ ڏٺائون تہ اُها هئي ريلوي ڀاڙي جي رسيد هئي
هن مائيءَ ڪلڪتي اسٽيشن تي ٽي سي کي پئسا ڏيئي رسي
وٺي ڏني هئي ۽ ڪنڊ ۾ لکيل هو تہ توهانجو احسان جيئر
چڪايم.

(۲۷۴) پرجا خوش تہ بادشاهہ خوش!

سنڌ جي حاڪم غلام شاهہ ڪلهوڙي کي اهائي چنتا لڳ
رهندي هئي تہ هيءَ حڪومت ٻہ ٽي سال مس ٿي هلي
پوءِ ڏهي ڏانواڏول ٿيو وڃي جيسين ٻيو ڪو حاڪم مقرر ٿئ
خيال ڪيائين ڇو نہ ڪنهن راجا کان صلاح وٺان سو هڪ قاص
هٿ جوڌپور جي راجا کي چٺي لکي موڪليائين تہ مهرباني
ڪري ٻڌائيندا تہ کهڙي ڪارڻ سنڌ ۾ ڪوبہ بادشاهہ گه

وڏوا ماءُ پنهنجي پٽ جي بيماريءَ جو سارو ورتانت بابا
احب کي ٻڌايو. بابي صاحب منٿ ڪن ڏيان لڳائي پائي
ي کي سڏ ڪري چيو تہ جپ صاحب جي ١٦ پؤڙي جو.
پنج پروان پرڌان، پنچي پاوهہ درگهہ مانُ پنچي سو ههِ
راجان پنچا ڪا گُرُ ايڪ ڌيان اڪنڌ پاٺ جل جي لوٽي
ي ڪندو رهہ اُن وقت تائين جيسين اسين پنهنجي اڪال
ڪہ جي ڌيان ۾ مگن رهون جڏهن اسين اکيون کوليون تڏهن
ا جل جي لوٽي هن ماتا کي ڏجانءَ تہ وچي پنهنجي پٽ
پياري تہ اهو سندس جوان ٻچو جلد نيڪ ٿي دکي ماءُ
آگيا ۽ شيوا ۾ رهي.
جل وٺي ماتا ڊوڙندي پنهنجي گهر آئي ۽ اچي اُهو جل
هنجي پٽ کي پياريو. اڪال پرکہ جي اپار ڪرپا سان هن
ڪري جو لا علاج مرض دور ٿي ويو.
'تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب! منهنجي جيءَ ۾ آزر جا انوا،
صاحب! ڏي شفا، ميان مريضن کي.'

(٢٧٦) پيرن جو پير گرونانڪ

گرونانڪ صاحب جو جنم عيسوي سنہ ١٤٦٩ ڪارتڪ پورنماسي
هن پائي ڪالوءَ جي گهر ٿيو. ماتا ترپتا کي تہ جمندي
ڪؤتڪ ڏيکاري چڪا هئا. جڏهن ٿورا وڏا ٿيا تہ ڪين
ي وٽ پڙهڻ موڪليو ويو تہ الف اکر پڙهي وڌيڪ پڙهڻ
تيار نہ ٿيا چيائون جنهن ايڪي جو ڌيان ڪيو سو 'ب'
ڪيئن پڙهندو. وري ڪيس پنڊت هر ديال وٽ گرمکي اکر
لاءِ موڪليو تہ 'سسو' اکر پڙهندي ئي سندن سرت نام
ڳي ويئي. 'س' سچي سرشٽيءَ جو اُپائيندڙ تنهن سان لِنوَ
وين.
روجن جي ماتا ترپتا ۽ سڀ ڪائي پي سمهيا تہ اڌ رات

مونکي خوشي آهي جو توکي اون لڳل آهي تہ حکومت ڪي
جتاءُ ڪري جڏهن هڪ ڄڻي جي پٽ سائي نم ڪي سڪا
سگهي ٿي ۽ هڪڙي جي دعا سڪل نم کي سائو ڪري سگه
ٿي تہ جتي لکين ماڻهو حکومت کي هٿ ڪٽي پِٽين تا
راجا ظلم ڪن تا تہ اُها حکومت ڪيئن بچندي؟ جيڪڏ
پنهنجي ملڪ جو شپ چنتڪ ٿي رهندين، خلق جي خدم
ڪندو رهندين تہ هيءُ حکومت ضرور قائم رکي سگهندي

پرجا جي شيوا ئي بندگي آهي.

۽

اهو بادشاهہ جو پهريون فرض آهي.

پرجا خوش-خلق خوش تہ بادشاهہ خوش!

(٢٧٥) گرباڻيءَ جو پرتاب!

گرونانڪ صاحب نام جپائڻ ۽ ماڻهن جي ڪلياڻ ڪرڻ
رتن ڪندا رهندا هئا ۽ ڪي ڏکي گهر ۽ پروار سکي ڪيائو
ٻالي ۽ مرداني کي وٺي نکرندا هئا. رتن ڪندا ڪندا اچ
سنڌ ديش جي سکر شهر ۾ نڪتا. اُتي بہ بابا نانڪ صاح
کي ٻڌڻ لاءِ ماڻهن جا ميڙ اچي مڙيا. اُنهن ۾ هڪ وڏوا استر
بہ اچي دعا وٺڻ لاءِ ويٺي. هوءَ پنهنجي پٽ لاءِ دعا پنڻ آ
هئي. جو ورهين کان بيمار هو ۽ بستري داخل هو. گهڻ
حڪيم، ڊاڪٽر ۽ وئد علاج لاءِ آيا پر ڦڪين فرق نہ ڪ
هوءَ ڏاڍي وياڪل رهندي هئي جيئن بابا نانڪ جي اچڻ
ٻڌائين تہ ڊوڙندي آئي. سڀ ماڻهو تہ ڪيرتن ٻڌي وي
رهيا پر هوءَ وڏوا اُتي ئي ويٺي رهي. تڏهن هيٺن جي هم
ڪلجڳہ جي ڪرتار پڻ مائيءَ جي ويجهو وڃي چيو 'هي م
مان ڏسان پيو تہ گهڻي وقت کان تون هتي ويٺي آهين.
اهڙي ڳالهہ هجي تہ ٻڌاءِ تہ اسين تنهنجي ڏڪہ لاهڻ لاءِ ا
پرڪہ کي عرض ڪريون تہ هو تنهنجي مٿان آيل ڪهڙو
ڪشٽ دور ڪري ڇڏيندو.

هو ماڻهو ان کي خصيص ڳالهه سمجهي گوريون وٺي گهر
آيو. گوري وٺي ڏيان ڪرڻ وٺو جيئن پيو چاهي ته ڳاڙهو
باندر من ۾ نه اچي ته وري وري ڳاڙهو باندر پيو اڳيان اچيس.
باندر سيني رنگن وارا پيا اکين اڳيان ڦرنس. ڏيان لڳيس
ئي نه من ٽڪي ئي نه تڏهن موٽي ساڌو وٽ آيو ۽ کيس
چيائين 'مونکي معاف ڪر. مون ڄاتيو ته جڏهن چاهبو تڏهن
من کي ڪنٽرول ۾ رکي سگهبو. پر من کي ٽڪاءُ ڪونهي.
ور ور پيو اُن ڳالهه جو ڌيان ڪري جنهنجو اسين ڌيان ڪرڻ
نٿا چاهيون. واقعي ئي هيءَ محنت وارو ڪم آهي من کي
ڪنٽرول ۾ آڻڻ.

(٢٧٨) مرداني جو ٻاڏائڻ!

گرونانڪ صاحب ٻالي مرداني سان رٽن ڪندي اچي ڪامرو
ڏيش ۾ پهتا. مرداني کي اڄ بکه گهڻو ستائيندي هئي. هو
ترسي به نه سگهندو هو. مرداني گرو صاحبن کان پڇيو 'بابا!
مونکي ڏاڍي بکه لڳي آهي. اجازت ڏيو ته وڃي شهر مان گهمي
ڦري ڪجهه کائي اچان.'
صاحبن منع ڪيس ته به هن ڪونه مڃيو ۽ هليو ويو شهر
۾ کاڌي جي تلاش ۾. شهر ۾ گهڻيئي سهڻيون استريون هيون.
هن مرداني کي ڇڪڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. آخر هڪڙي
جادو پڙهي هن جي ڳچي ۾ وجهي گهيتو ٻڻائي هن کي
ڇڪڻ لڳي. پوءِ کيس ڪنهن ڪليءَ سان ٻڌي ڇڏيائين. ڏاڍو
ڀاڪل ٿيو. پڇتائي پيو ناحق صاحبن جي ڳالهه نه مڃيم.
ڄاڻي صاحبن کان سواءِ ڪير ڇڏائيندو سو وٺي پڪار ڪيائين.
گرو نانڪ صاحب ته جاڻي جاڻڻهار هئا. سو پڪار ٻڌي ڄاڻي
ويا ته مردانو تڪليف ۾ آهي. گرو نانڪ صاحب ٻالي
کي گڏ وٺي اچي اُتي پهتا جتي مردانو ٻڌو پيو هو. اُنهن
استرين جنهجو ڪم ئي هو مردن کي موهڻ ۽ ڦاسائڻ صاحبن

جو ماتا کي سپنو آيو. ڇا ٿي ڏسي تہ سندس پٽ نانڪ
هيرن موتين سان جڙيل تخت تي براجمان آهي ۽ سڀ ديوتا
کيس ڏنڊوت نمسڪار ڪري آرتي پيا ڪن ۽ هن جي م
ڪندي منگلا چار پيا ڪن. جئہ جئہ جون ڏنيون هٽندا س
ديوتائون موڪلائي هليا ويا ۽ سنگهاسن بہ غائب ٿي ويو.
چمتڪار ننڊ ۾ ڏسي ماتا جي اک کلي ۽ صاحبن جي س
تي هٿ پيئي گهمائي. ڇا ٿي ڏسي تہ هنجي سرير کي چن
لڳل آهي.

ڏاڍي حيران ٿي صاحبن جي ايڏي مهانتا ڏسي خوشي ڏا
ٿيس پر ڊپ بہ ڏاڍو ٿيس تہ مون اهڙي مهان آتما کي پنهن
پٽ سمجهي پئي ڇڙبون ڏنيون آهن. اهو بہ مون پاپ ڪ
آهي. هي پرماتما! مونکي معاف ڪجانءِ جو مون هنکي پ
سمجهي هنجي مهما نہ ڄاتي هو تہ نانڪ نرنڪاري آه

(٢٧٧) من تي ڪنٽرول

هڪ ساڌو ڌيان ۾ وينو هو. هو ماڻهو اُتان لنگهيو. چيائ
ڇا پيو ڪرين؟ اجايو وقت پيو وڃائين. تنهن کان وچي
ڪم ڪار ڪر. توهان ساڌن کي تہ ڀيو ڪو ڪم ئي نٿو سجهي

ساڌو هن جي آواز تي اکيون کوليون چيائين ابا! مان
کي ڪنٽرول ۾ آڻڻ لاءِ يتن پيو ڪريان.'

اُن شخص چيو 'من کي ڪنٽرول ۾ آڻڻ ڪهڙي وڏي ڳ
آهي. ان لاءِ ڌيان جي ڪهڙي ضرورت آهي؟'

ساڌو آهستگيءَ سان چيو 'تون ويهہ ڌيان ۾ مان توکي
گوريون ٿو ڏيان. اٺ ڏينهن وڻج پر ڳاڙهي باندر جو ڌ
اصل نہ ڪجان.'

(٢٨٠) پرشارت !

گرو راج چندر جو هڪ شش هو. اُن کان ساڌنا ڪرايائين.
تپسيا ڪرايائين. سامهون هڪ ٻُڪيش ڪيڍي ڏنائين ۽ وچم
هڪ بندي لڳائي ڏنائين. بس اُن بنديءَ تي ڌيان ٽڪاءِ. پهرين
پنج منٽ. پوءِ ڏھ منٽ. پوءِ اڌ ڪلاڪ. ڪلاڪ. چار ڪلاڪ.
وچ وڌائيندو. جيئن جيئن ڌيان ۾ ايڪاگرتا ايندي. تو ۾ بل
اچي ويندو. پوءِ اُهو بل ڪپيئي تہ دنيوي ڳالهين ۾ لڳاءِ پر
جي چاهين تہ پاڻ کي سڃاڻان. پاڻ ۾ پاڻ کي پايان تہ اُها
شڪتي اُتي لڳاءِ.

هر اِنسان وٽ اٿاھ شڪتي آهي. پرشارت ڪرڻ جي ضرورت
آهي. جنهن سان منش آتم پد کي پائي سگهي ٿو. پرشارت
ئي ديو آهي.

(٢٨١) گروءَ جي مهما!

گرو امرداس جڏهن اجا گرو ڪونہ کيو هو ۽ گرو ٿيو بہ
ڪونہ هو. هن ۾ شپ گڻ هئا. هو تيرٿن تي بہ ويندو هو.
غريب غربي کي مدد بہ ڪندو هو. ڪوڙ بہ ڪڏهن نہ ڳالهائيندو
تو پر کيس اها خبر ڪونہ هئي تہ گرو ڪري گيان وٺي پنهنجو
جنم سڦلو ڪبو آهي.
گرو امرداس ٢٣ دفعا گنگا سنان ڪيو هو. ٢٤ پيري جڏهن
هردوار ۾ گنگا سنان ڪرڻ ويو تہ برهم گياني گڏيس. ٻنهي
جي دوستي ٿي ويئي. ٻئي گڏ هلندا رهيا.
گرو امرداس جو گهر پهرين آيو. هن چيس تہ منهنجي
گهر هلو. وچي وينا گهر ۾. ڳالهين ڳالهين ۾ برهم گياني
چي وينو تہ هي پائي! تون تہ شپ گڻن ۾ پرپور آهين.
پنهنجو گرو ڪهڙو آهي؟ جنهن توکي اهڙي سندر رهڻي سيکاري

کي موهڻ لڳيون. ناز نخرا ڪرڻ لڳيون پر صاحبن تي هڪ
به نه هلين. مردانو رڍ جي روپ ۾ واڪا ڪرڻ لڳو. بابا بچايو
تڏهن گروجن هنجي مٿان پاڻي پڙهي جل ڇٽڪايو ته مردانو
ماڻهو بڻجي پيو ۽ صاحبن کي پيرين پئي معافي گهري.

صاحبن به مهر ڪري کين معاف ڪيو!

(۲۷۹) بهانا نه ڪر!

سيٺ منيب کي ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ چيو. منيب چيو ته هر
وقت مونکي ڏاڍا گهڻا ڪم آهن. تورن ڏينهن کانپوءِ ڪندس
توهانکي ۳۰ فبروريءَ تائين ضرور ڪري ڏيندس. سيٺ به خيال
ڪونه ڏنو ته فبروريءَ ۾ ته ۲۸ يا ۲۹ ڏينهن تيندا آهن
هيءَ ۳۰ فبروري ڪيئن تو چوي. ڏينهن گذرندا ويا مارچ جو
مهنو اچي ويو تڏهن به ڪم ڪونه ٿيو. وري سيٺ ورجايس
چيائين ته ۳۱ جون تائين پڪ ڪري ڏيندوسانوَ. سيٺ کي
هن ڀيري ڌيان آيو ته جون مهني ۾ ته ۳۰ ڏينهن تيندا
آهن هيءُ ۳۱ تاريخ ڪيئن تو چوي. سمجهي ويو ته بهانا
بازي لڳائي وينو آهي. هن کي ڪم ڪرڻو ئي ڪونهي.

نيڪ اهڙي پرڪار اسين پرماتما سان بهانا پيا ڪندا آهيون
اڄ ڪان ضرور تنهنجو سمرن ڪيرتن ڪندس. سويل اُٿندس
هڪ ڏينهن به ڏينهن مهنو سال ائين عمر گذاري ڇڏيندا
آهيون. مانش جنم هٿ مان نڪري ويندو آهي.

’الاجي ڪهڙو تنهنجو ياڳ ڪليو اتيئي،
جانب جانب چولو مليو اتيئي.‘
وشين ۾ وڃائي وينين ڪيئه نه قدر،
وڃي پئه ڙي قدمين ڪرِي تون ته داتا جي در.‘

٨ سالن ۾ گرو گاديءَ جا مالڪ بڻيا.
’مرشد نظر مهر ڪي ڪيتي،
پريم پيالا پيتا آ گئي مستي،
صاف هو گيا دل ڪالا!‘

(٢٨٢) من جي ايڪاگرتا

آئنسٽن وڏو سائنسدان ٿي گذريو آهي. سڄي دنيا هن کي
ڄيندي آهي. هن سائنس جا ڪي ئي تجربا ڪيا آهن. جي
ج به دنيا جي ماڻهن ۾ قبول پيل آهن.
شري جمناداس بجاج جو ناٺي جڏهن آئنسٽن سان گڏيو.
ڇيائين ته توهان ايتري ريسرچ ڪيئن ٿا ڪريو؟
سائنسدان چيو ته ڀارت يوگ ذريعي مان ڀارتين کان يوگ
ڪي آيو آهيان. برهمچريه ورت پالن ڪيو اٿم اُن ڪري من
ڪاگر ٿي ويو آهي. ايڪاگر من سان ڪهڙو به تجربو ڪري
ندو آهيان.
اسانجي ڀارت جي يوگ ودِيا جو ٻين ملڪن جا ماڻهو پريوگ
ري شڪتي حاصل ڪن ٿا.
ڪاش! اسين به قدر ڪريون!

(٢٨٣)پڪار ڪر!

مردانو گرو صاحب سان ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تي ضد ڪري
حبن کي پنهنجي ڳالهه مڃائيندو ۽ وري جڏهن مصيبت
ڦاسندو ته گروجن کي پڪاريندو سهايتا لاءِ. نماڻن جو ماڻ
وري وجي پنهنجي شش کي آفت کان ڇڏائيندو هو.
هڪ ڀيري مرداني پنهنجي گهر وڃڻ جي اِڇا گروجن اڳيان

آهي.

’گرو؟ منهنجو تہ گرو ئي ڪونهي.‘ هن جواب ڏنو. برهـ
گياني ايترو ٻڌو تہ اُٺي ڪڙو ٿيو ۽ چيائين مان هتي رهي
نہ سگهندس، نہ گُري جو مان اَنُ ورتائي نہ سگهندس مان مر
قبول ڪندس پر هتي نہ رهندس.‘

گرو امرداس کي چوٽ لڳي ويئي ۽ سوچڻ لڳو تہ گروءَ جي
ايتري مهما آهي. ڪهڙو گرو ڪجي؟ ڪيڏانهن وڃجي؟؟ اهي
خيال ڪندي. سمهي پيو. پهرين تہ ننڊ نہ ٿي آيس. پر پو
آخر رات جي پوئين پهر جهوٽو اچي ويس وري پرڀات جـ
مٺي سريلي آواز تي جاڳي پيو. اهو آواز سندس ڀاءُ جي ننهر
امروءَ جو هو. يڪدم اُٿي وينو ۽ ڌيان سان گرٻاڻي ٻڌندو رهيو
صبح جو نونهن کي گهرايائين ۽ سمورو حال احوال ورتائين
جنهن ٻڌايس تہ هيءَ مٺي ٻاڻي گرو نانڪ صاحب جي آهي
جنهنجو مان روز ڪيرتن ڪندي آهيان. هن وقت اُن گر
گديءَ تي گرو انگد ديو براجمان آهي. جو منهنجو پتا آهي
اُن ئي اسانکي اهي ڪيرتن جا سنسڪار وڌا آهن.

امروءَ کي چيائين تہ مونکي پنهنجي پيءُ وٽ وٺي هل تڏهـ
امروءَ ادب سان چيو تہ بابا! توهانکي تہ خبر آهي اسين ڌيئ
پيءُ جي گهر ري ڪونيو نہ ويندا آهيون. جڏهن هو موڪ
گهرندا ۽ توهين مونکي وڃڻ جي اجازت ڏيندا تڏهن ئ
پيڪي گهر وڃي سگهندي آهيان. (اڳي ڌيئرون بنا ڪوٺ جـ
پيڪي نہ ويندیون هيون) گرو امرداس چيو تہ مان اهو سـ
بندوبست ڪريان ٿو. تون مونکي پنهنجي پيءُ وٽ ضرور وٺ
هل. آيُ آهن کنڊور ۾ جتي اُنهنجي دربار آهي. لنگر ڪائ
گرو انگد ديو جي چرنن ۾ اچي ويٺا ۽ گرو امرداس ڪائ
گرو ديڪشا ورتي. ۽ اتي ئي رهي پيا. ٧٢ سالن جي عمر
ڪنن شيوا پاڻ تي رکيائون. صبح جو ٣ بجي. ٿڌ هجي
گرمي هجي برسات هجي. گرو انگد ديو لاءِ پاڻي پري اين
هئا. ١٢ سال ڪنن تپسيا ڪري شيوا ڪري نام ڪيرتن ڪر

وهان کي ڪنهن قسم جي سور ۽ پيڙا جي شڪايت ڪونهي؟
دوست چيو ’اصل نه. جي توکي جاچڻو آهي ته ڪڍي منهنجي
بض جاچ. توکي ته سڀ خبر پئجي ويندي.‘
جيئن ئي دوست جي نبض تپاسيائين ته هن کي لڳو ته
نجو پت، گئس ۽ بلغم سڀ وڌيل آهن. هي ايتري تڪليف
سان هلي ڪيئن تو؟ عجب لڳس. سمجهي ويو ته هيءُ سچو
ينهن پاڻ کي ڪنهن نه ڪنهن سماجڪ ڪم ۾ مشغول رکي
ينو آهي باقي جيڪو وقت مليس ٿو سو سنتن جي سنگ ۾
جايو ٿو ڪري ان ڪري هن کي سرير جو ڪو ڪشٽ لڪائي
ي ڪونه ٿو. پوءِ ته پنهنجي مريضن کي به اهڙي صلاح ڏيندو
و ته سرير جي بيماريءَ جو دل ۽ دماغ تي تناءُ نه رکو ته
وهين جلد تندرست ٿي پوندا.
گهڻو ڪري تن کي ڊلو ٿو ڪري من جو تناءُ.
من جو تناءُ ڪيترين بيمارين جو ڪارڻ ٿو بڻجي.
شل سنتن جو سنگ ڪري پنهنجو من شانت ڪريون.

(٢٨٥) گيان جي موجري!

هڪ راجڪماريءَ کي ڪندو لڳو. سندس پيءُ جو ملڪ جو
جا هو. ڏاڍو دکي ٿيو ۽ سوچيائين ان جو ڪو تدارڪ ڪرڻ
عرجي. سو سيني رستن تي گهر ۾ جتي جتي راجڪماري
ڏ ڪندي هئي چمڙي جا پرچ وڇارائي ڇڏيائين جيئن هن
ي وري ڪندو نه لڳي. آئي برسات- چمڙي جي حالت خراب
ي ويئي. سڄا رستا خراب ٿي ويا. راجا جي ملڪ ۾ ڏاڍي
ٿي. خرچ به ڪيائين پر سک به نه مليو.
راجا ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ وينو هو. مهاپرش آيو راجا سان ڳڏجڻ،
ل احوال ورتائين ۽ سندس چنتا جو ڪارڻ پڇيائين. راجا
س سربستو احوال ٻڌايو.

ظاهر ڪئي. گروجن گھڻو ئي روڪيس. آخر ضد ڪري اجاز
وٺي پنھنجي گھر ڏانھن ھليو.

رستي تي ٻيلا ھئا. اُنھن مان جيئن ھو پنھنجي گھر ڏانھ
ھلندو پئي ويو تہ اُتي ٻيلن جي راجا ڪوڏوءَ کيس پڪڙ
۽ کيس گھر وٺي آيو. تيل جي تئي گرم ڪرڻ لڳو تہ اِج
تہ مرداني کي اُن ۾ تري کائي پنھنجي بکہ مٽايان. مرد
تتل تئي ڏسي ۽ راجا ڪوڏوءَ کي سندس کائڻ جو ارادو سمجھ
ڏاڍو ڏڄي ويو ۽ لڳو پڪار ڪرڻ 'ھي گرو غريبنواز! منھنج
مدد ڪريو. مون توھانجي ڳالھہ نہ ٻڌي دوکو کاڌو آھي. ھ
پيري معاف ڪيو. وري نہ ائين ڪندس!'

گرو صاحبن ٻالي کي ٻڌايو تہ مردانو ڦاٿو آھي. آدمخ
ظالم راجا جي چنگل ۾، ھل تہ ھلي کيس ڇڏايون.

آيا ٻيلي ۾ ڇا تہ ڏسن تہ مرداني جا ھٿ پير ٻڌا پيا آھ
تيل جي ڪڙاھي تمام گرم تي ويئي ھئي. صاحبن وچن مڪارو
مان ڪڍيو 'تپت ڪڙاھ ٺنڍا پيا گر شيتل نام ديو' انھي وچ
ڪڍڻ سان تيل جي گرم تئي ٺڏي تي ويئي. تيل ٺڏو تي و
صاحبن جو اھو ڪوتڪ ڏسي راجا ڪوڏو حيران تي ويو. ھنج
عجب جي حد نہ رھي ۽ سمجھي ويو تہ پيرن جو پير آيو آھ
مرداني کي ڇڏائڻ ۽ منھنجو اُڌار ڪرڻ سو بابا صاحب جي چر
۾ سيس جھڪايو. ۽ مردانو بہ معافي وٺڻ لڳو تہ ھاڻي گروج
جيئن چوندا تيئن ڪندس پنھنجي مرضي نہ ھلندس!

'دين ديال ديناناٿ، ميري لاج رکو
ميري لاج رکو، ميري پئج رکو.'

(٢٨٣) من خوش تہ تن خوش!

وئد جو دوست ٨٣ سالن جو بلڪل ٺيڪ ٺاڪ پيو ھلندو
ڪڏھن مٿي جي سور جي شڪايت نہ ڪيائين. وئد کي ڏ
عجب لڳو کانئس پڇيائين 'توھانجي طبيعت بلڪل ٺيڪ آھ

هرڪو ڪم من لڳائي ڪرڻ گهرجي. دل سان ڪيل ڪم
پوڄا آهي. ساڌنا آهي.

(٢٨٧) اسين بڇي وياسين!

گرو تيغ بهادر صاحب جن چانڊوڪي رات ۾ ڪڏ تي ويهي انب
چوسي رهيا هئا. تہ ايتري ۾ ڇا ٿا ڏسن تہ هڪڙي قيديءَ کي هٿڪڙيون
وجهي وٺي پيا وڃن . پڇڻ تي معلوم ٿين تہ هن خون ڪيو آهي.
هن کي راجا جي حڪم سان سپاٽي ڦاسي ملٽي آهي.
گرو تيغ بهادر صاحبن يڪدم بہ ئي هٿ مٿي ڪٽي. پريوءَ جا
شڪرانا مڃيا تہ هي پريو! تون اسان تي راضي آهين. اسين ڪيترا
ٿا برا ڪم ڪيون. اسان کي سزا نٿو ڏين. هن هڪ خون ڪيو آهي
تہ هن کي ڦاسي تي ملي.'
پاسي ۾ راجا بيٺو هو جنهن اهو حڪم ڪديو هو ٻڌي گروجن
کان پڇيائين 'ڇا پيا چئو؟'
گروجن چيو 'ڏوهہ تہ سڀ ٿا ڪريون. اسان تي پريوءَ جي
اپار ڪرپا آهي جو اسين بڇي ويا آهيون نہ تہ اسانجو بہ
اهڙو حال ٿئي ها.'
راجا جاڳي پيو. سوچڻ لڳو تہ گرو صاحبن مونکي سجاڳہ ڪري
ڇڏيو. ڪهڙو اهڙو اِنسان آهي جو ڏوهن کان ڇٽل آهي. هرڪو ڏوهن
ڪناهن سان پريو پيو آهي. جيڪو پڪڙجي ٿو سو سزا ٿو پائي. توبهہ.
تنهنجا سائين توبهہ. بڇائي ورتہ پاپ ڪرم کان ۽ ڏوهيءَ کي صلاح
ڏنائين تہ 'اڳتي پاڻ کي ڏوهن کان بچائجانءِ.' معافي ڏيئي ڇڏيائينس.

(٢٨٨) ڇا تي ٿو پڏين؟

هڪڙو زميندار گهڻي مال ملڪيت وارو هو. ميلن ۾ سندس
زميون پکڙيل هيون. ڪيس بنگلا ماڙيون ڏن اڪيچار هو. نوڪر
چاڪر سندس حاضريءَ ۾ بيٺا هوندا هئا. هو سيني کي ڏاڍي

مهاپرش چيو تہ ڳالھ بہ ايتري ٻن روپين ۾ تو مان تنهنجي
ڳٽتي لاهيان. ٢ روپئي جي موجري وٺي راجا کي ڏنائين
چيائين تہ ڏيءُ راجڪماريءَ کي ڏي تہ پائي گهمي تہ کيس
ڪڏهن ڪندو ڪونہ لڳندو. راجا ڏاڍو خوش ٿيو.

نيڪ اهڙي پرڪار دنيا ڪونہ بدلجندي. اُها آهي دکن جو
درياھ. سکہ بہ ٿي پل باقي دکہئي دکہ. هي جيو!تون بہ گيا
جي موجري پائي هل دنيا ۾ تہ توکي دکہ ۽ ڪليش نہ ستائيند
اها موجري آهي مهاپرشن وٽ توکي نپي ٿاهي ڇڏيندا.

'سَربِ روڳہ ڪو اؤکد نام.'

(٢٨٦) هرڪو ڪم من لڳائي ڪر!

هڪ سيٺ مهاتما کي وٺي آيو پنهنجي گهر رسوئي ڪارائ
ايندي شرط پنهنجي نوڪر کي چيائين رسوئي ٺاهي وٺ اسي
بہ ئي چٽا کائينداسين. جهٽ رسوئي تيار ٿي ويئي. مهات
۽ سيٺ وينا کائڻ. جيئن ئي سيٺ پهريون گرھ کاڌو کيس
لڳو تہ ڀاڄي تہ کاري آهي. وٺي رڙيون ڪيائين. کهڙو کا
ٺاهيو اٿيئي؟ باقي پگهار ڇا جو تو وٺين؟ تون تہ هڪ ڏينه
بہ رکڻ جي لائق ڪونہ آهين. مهاتما تہ ڪجھ ڪونہ ڪڇي
پر سيٺ پيو مهاتما کان معافي گهري ۽ کيس عرض ڪر
تہ اڄ تہ مان توهانکي سٺو ڀوڄن ڪارائي نہ سگهيو آهيان مهرباني
ڪري سڀاڻي بہ اچجو تہ گڏجي ڀوڄن کائينداسين. مان نوڪ
کي اڄ تارٽا ڪئي آهي سڀاڻي ضرور سٺو ڀوڄن ٺاهيندو. مهات
مشڪي وينو ۽ چيائين تہ آبا! سڀاڻي بہ ايندس. جنهن ۾ ت
راضي.

ٻئي ڏينهن مهاتما آيو. سيٺ ۽ مهاتما گڏجي ڀوڄن ورتا
اڄ کاڌو تمام سٺو ٺهيو هو. سيٺ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ نوڪر ک
چيائين 'سٺو کاڌو ٺاهي تو سگهين پوءِ ڪلھ ڇونہ اهڙو ٺاهيئ

نوڪر ڪنڌ هيٺ ڪري ٻڌندو رهيو.

يمر هو. جيئن صاحبن جا چرن ڪعبي طرف ڏنائين ڏاڍو غصو
يس ۽ بابي کي ڌونڌاڙي چيائين ’تون نہ ڪو ڪافر آهين
جو ڪعبي طرف پير ڪري سمهيو پيو آهين. خبر ڪونہ اٿيئي
ہ هيءُ خدا جو گهر آهي. اتان پير پاسي ڪر.‘
صاحبن نيزاريءَ سان چيس ’بچا جيڏانهن خدا جو گهر
ہ هجي اوڏانهن ڪٽي منهنجا پير ڪريو.‘
مُلي ڪاوڙ ۾ آڳہ ببولا ٿي وٺي صاحبن جي ٽنگن کي زور
ان ڦيرائي ٻئي پاسي ڪيو تہ سندس عجب جي حد نہ رهي
سي تہ ڪعبو ٻئي طرف ڦري آيو آهي. جيڏانهن پيو صاحبن
ا پير ڦيرائي تيڏانهن ڪعبو ڦرندو وڃي. اهڙو ڪؤتڪ ڏسي
لو گهبرائجي ويو ۽ ڏاڍو شرمندو ٿيو صاحبن کي ڪرامت
و ڏٺي سمجهي اچي هن جي پيرن تي ڪريو ۽ معافي وٺڻ
و. توبهہ توبهہ ڪري چوڻ لڳو. ’مان پليس مون پاتيو منهنجو
دا رڳو ڪعبي ۾ آهي پر هو تہ هرهنڌ آهي. اندر ٻاهر
يٺ مٿي هتي هُتي مونکي معافي ڏيو. مون تي رحم جي
ظر ڪريو؟

(٢٩٠) ڪسان خودي رام!

خودي رام ڪسان هو. پنهنجو ڪم ايمانداري ۽ سچائيءَ
ن ڪندو هو. محنت ۽ پورهيو ڪري سچ جي ڪمائيءَ تي
ندو هو. ان ڳوٺ جو نيتا ڪڏا ڪم ڪري ماڻهن کي ٺڳي
سو ۽ نالو ڪمائيندو هو. پڪڙجي پيو ڪنهن اهڙي سچي
لهوءَ جي گواهي کپندي هئي جيڪو هن کي بي قصور ثابت
ري. خودي رام جي باري ۾ سيني کي خبر هئي تہ ڪوڙ
ڏهن ڪونہ ڳالهائيندو. هن کي ڪوڙي گواهي ڏيڻ لاءِ ڪوٺيو
. هن صاف انڪار ڪيو هنجي انڪار ڪرڻ تي ڪيس ڏاڍيون
ليفون ڏنيون وييون ايتري قدر جو ڪيس ديس نيڪالي ڏني
ي. سندس ٻني ۽ گهر ڦري ڪيس ڳوٺ مان ڪڍيو ويو. هن

فخر سان سڀ پنهنجي پونجي ڏيکاريندو ۽ هو ته ٻڌائيند
ٻه هو.

هڪڙي ڏينهن سقراط وٽ وڃي پنهنجي ملڪيت ۽ ما
جي نمائش ڪرڻ لڳو. ڏاڍيون لباڙون هڻي پيو ٻڌائي. سقرا
ويچارو چپ چاپ سندس ڳالهيون ٻڌندو رهيو. جڏهن ڳالهائي
پورو ڪيائين تڏهن سقراط دنيا جو نقشو ڪنيو. زميندار کا
پڇيائين 'ٻڌاءِ نقشي ۾ ته اسانجو پارت ڪهڙي هنڌ آهي

اِشارو ڪري ڏيکاريائين 'هي ڏسو اسانجو پارت.'

'پلا اسانجو شهر؟ سقراط پڇيو.

زميندار گهڻو ئي ڳولهيو. پر کيس تمام هڪ ننڍو ٽبڪ
پنهنجي شهر جو ڏسڻ ۾ آيو.

۽ تنهنجو بنگلو ۽ ميلن ۾ پکڙيل تنهنجي زمين ڪٿي آهي؟
سقراط وري سوال ڪيو.

زميندار چيو ته اُها هن ۾ ڪيئن ڏيکاري سگهبي. تڏهر
سقراط سمجهايس ته تنهنجي زمين ۽ محل ماڙين جن جي
لاءِ هڪ ٽبڪو به نٿو ڏيکاري سگهجي ۽ تون پيو اُن ننڍڙي
ڳالهه تي ايڏو ايمان ۽ وڏائي ڪرين. تون خيال ته ڪري ڏس
ته هيڏي وڏي دنيا ۾ تنهنجي ڪهڙي هستي آهي ۽ تو
ڇا تي پيو پڏين؟

پيارا اسان جي هستي نه جهڙي ۽ مال ملڪيت بنگلا ماڙيو
هتيئي رهندا. سڀ ان پريوءَ جو سمجهي سک وٺجي.

(٢٨٩) خدا هرهنڌ آهي

گرونانڪ صاحب بالي مرداني سان گڏ مڪي مديني اچي
پهتا. ٿيئي جڻا هئا ٿڪل ٽنهي کي ننڊ اچي ويئي. گرونانڪ
صاحب جا چرن ڪعبي شريف پاسي هئا. صبح جو سوير اس
جو جيوڻ نالي مُلو اُتي بهاري پائڻ آيو اهو سندس روزا

گورکہ ناٿ کي اچرج تہ ڏاڍو ٿيو پر سچ کي ڪھڙو پردو. 'برابر تو مونکي ڳولي لڌو چيائين ھاڻي تون لڪ تہ مان توکي ڳولھيان.'

ڪبير پڳت وڃي جل ۾ لڪو. جل سان جل ٿي ويو. جوڳي گورکہ ناٿ گھڻوئي ڌيان لڳايو پر ڪبير صاحب کي ڳولي نہ سگھيو. ڪبير پڳت کي سڏ ڪري پڪارڻ لڳو. جل جي ڌارا وھي اُن ۾ ڪيس ڪبير پڳت ڏسڻ ۾ آيو. جوڳي گورکہ ناٿ قبول ڪيو ۽ چيو 'ڪبير تو ڪتيو مون ھارايو.' جيڪا شڪتي جوڳہ ڪمائڻ ۾ آھي اُن کان وڌيڪ شڪتي پڳتيءَ جي آھي. ايڪاگرتا پڳتي ۾ گھڻي آھي.'

(۲۹۲) پريزيڊنٽ ابراھم لنڪن!

ابراھم لنڪن امريڪا جو اڳيون پريزيڊنٽ اصل تمام غريب ھو. پڙھڻ جو شونق گھڻو ھوس پر اسڪول ۾ بہ وڃي نہ سگھيو. ماءُ پٽ ھئا. ماءُ جي حيثيت ايتري ڪونہ ھئي جو ڪيس اسڪول موڪلي سگھي. ھو ٻين کان منٿون ڪري ڪتاب وٺي پڙھندو ھو. پڙھي وري ڏاڍي سنڀال سان رکندو ھو ۽ ٻئي ڏينھن موٽائي ڏيندو ھو ۽ ٻيو ڪتاب پڙھڻ لاءِ وٺي ايندو ھو.

ھڪڙي ڏينھن جارج 'واشنگٽن جي جيوني' ڪتاب ڪنھن کان وٺي آيو. رات جو پڙھيائين ۽ پاسيرو ڪري رکي ڇڏيائين. صبح جو اُٿي ڏسي تہ ڪتاب آلو ٿيو پيو آھي. الائي ڪٿان پاڻي ڪريو ھو جو ڪتاب آلو ٿي ويو ھو. گھڻوئي ڪپڙي سان سڪائي. اُس ۾ سڪايائين پر ڪتاب مالڪ کي ڏيڻ جھڙو نٿي لڳو. ھن جي ماءُ پٽ کي صلاح ڏني تہ وڃي سچي حقيقت ڪتاب جي مالڪ کي ٻڌاءِ ۽ ڪيس اھو بہ ذھين نشين ڪراءِ تہ مون وٽ ايترا پئسا بہ ڪونھن جو مان توھان کي ڏيئي سگھان. مالڪ اھو ٻڌو تہ ڪاوڙجي ويو چيائين 'تون مونکي پئسا پري ڏيندين؟ ڇا تو چوين ۽ مان وٺندس.'

ديشن نيڪالي قبولي پر سچائي نہ ڇڏيائين ماڻهن کي
اِئين لڳو تہ ڪوڙي گواهي ڏئي ها تہ پاڻ بہ سکيو رهي ها
نيتا جو بہ مٿس راضپو ٿئي ها. نيتا تہ ڇتي ويندو پر خود
رام پاڻ کي دکي ڪيو آهي. پر حقيقت ۾ خودي رام پنهنج
سچ مان سنتشٽ هو ۽ اُتان لڏي وڃي ٻئي ڳوٺ ۾ رهيو
ڪجھ سالن کانپوءِ شري رام ڪرشن پرمهنس جو جنم ه
خودي رام ڪسان جي گهر ۾ ٿيو. جو هن صدي جو مها
سنت ليکيو وڃي ٿو. هن جا مٺ نہ رڳو ڀارت پر دنيا ج
ڪيترن ملڪن ۾ آهن. هن جو شش وويڪانند ٿيو جنهن ڀار
جي آتم گيان جو پرچار امريڪا تائين ڪيو. اُتي جا ماڻ
هن جي مکہ مان ڀارت جو آتم گيان ۽ اُن جي وياکيا ٻڌ
حيران ٿي ويا. آتم گيان معنيٰ پنهنجو گيان تہ مان ڪ
آهيان؟ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ وارو گيان.

(٢٩١) لڪ ڇپ راند!

گورک نات ۽ سنت ڪبير گڏيا. پاڻ ۾ گيان گوشتي ڪيائو
گورک نات کي پڪ هئي تہ مان هن کان گيان ۾ وڌيڪ آهيا
سو ڪبير ڀڳت کي چيائين تہ اچ تہ لڪ ڇپ راند ڪريو
مان لڪان تون ڳول ۽ تون لڪين تہ مان ڳوليان.

ڪبير ڀڳت پهرين تہ آنا ڪاني ڪئي پر آخر مڃيائي
سمجهيائين متان گورکہ نات سمجهي تہ مان هارائڻ ک
ڊڄان ٿو.

پهرين گورکہ نات لڪو جوڳہ ڪمايل هوس. جوڳي گورکہ نا
پنهنجي يوڳہ ايپاس سان ڏيڏر ٿي ويو. ڏيڏر وانگر ٽان ٽ
ڪرڻ لڳو. ٻين ڏيڏرن سان گڏجي برسات جي پاڻيءَ ۾
ڏيڻ لڳو. سمجهيائين ڀڳت ڪبير مونکي ڳولهي نہ سگهند

ڪبير اکيون پوري ڌيان لڳايو. کيس آڀاس ٿيو تہ جوڳ
گورک نات ڏيڏر بڻيو آهي. يڪدم ڪٽي کيس هٿ ۾ ڪن

بہ شيوا ۽ ڀڳتيءَ جو رنگ چڙهيو.

(٢٩٤) نرسي ڀڳت!

جن بہ ڀڳوان جي ڀڳتي ڪئي آهي. اُنهن سان سڀني حسد
ڪري اُنهن کي تڪليفون ڏنيون آهن پر تڏهن بہ هو پنهنجي
ڀڳتيءَ تي اٽل رهيا آهن.

نرسي ڀڳت کي بہ سڀ پيا ڪجائيندا هئا.

ڪجائي ڪجائي هڪ ڏينهن حاسدن چيس تہ هن ماڻهوءَ
کي نانگ ڏنگيو آهي. هن کي بچاءِ تہ پوءِ تنهنجي ڀڳوان
کي مڃيون.

نرسي ڀڳت ويچارو پيو چوي ’هي پريو! مان ڇا ڄاڻان هنن
جي ترڪتالن مان. هاڻي جيئن توکي وڻي تيئن ڪر. وڻيئي
مار. وڻيئي جيئار.‘

ڀڳتن تي مهربان ڀڳوان اُن ماڻهوءَ کي پنهنجي ٻل سان
جيئاريو. چندو نرسي ڀڳت کان وجهارائي ڀڳت جو مانُ رکيو.
تہ وري ستائڻ وارا چون تون جادوگر آهين. ايتري قدر جو
نرسي ڀڳت جو مامو بہ هنن سان شامل هو.

نرسي ڀڳت پيو مشڪي!

(٢٩٥) سوامي وويڪانند

سوامي وويڪانند جو جنم غريب گهر ۾ ٿيو هو. هنجو اصل
نالو نريندر هو. هو غريبيءَ جي ڪري ڏاڍو پريشان رهندو هو.
سوامي رام ڪرشن پرمهنس سان جڏهن سندس پهرين گڏجاڻي
ٿي تڏهن بہ هو سنسي ۾ هو. هن جي من ۾ شنڪا هئي
تہ هيءَ ۽ هن جي ماتا منهنجي لاءِ ڇا ڪري سگهندا.

ٻالڪ ابراهيم ڪيس چيو تہ مان توهان جي ٻنيءَ تي ڪم
تو ڪريان. اهو تہ نيڪ آهي نہ؟ هن ماڻهوءَ کي ٻہ فصل ڪپڻ
لاءِ ماڻهوءَ جي گهرج هئي سو ڪيس ٻنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي
اجازت ڏنائين. ٻار خوشيءَ سان ڪم ڪيو ۽ ڏاڍي فخر سان
ڪتاب واپس گهر کڻي آيو.

قسمت جا کيل ۽ ٻار جو پختي ارادي ڪيس ڪيڏي وڏي
پد تي پهچايو. هو اميريڪا جو پريزيڊنٽ بڻيو هو. اهو پد
ماڻيندي بہ هو ڏاڍو سياڻو ۽ ڏاهو ليکيو ويندو هو.

(٢٩٣) واسودتا ۽ اُپگپت!

واسودتا جو حسن ۽ جوڀن ختم ٿي ويو. دربل ٿي ويئي
ٻل ئي جيون آهي. دربلتا موت آهي. دربلتا جو فائدو وٺي
سڀ ماڻهو سندس سمپتي لٽيندا رهيا. بيماريءَ کان پيڙت
واسودتا کي کڻي مترا ۾ جمنا جي ڪناري تي ڇڏي آيا
هن کي ڪوڙه ٿي پيو هو. ايتري ۾ منو آواز آيو 'مان اچي
ويو آهيان. مان اُپگپت آهيان.'

واسودتا سوچڻ لڳي مان اُپگپت تي موهت هئس. هن کي
وقت بہ وقت پاڻ وٽ اچڻ لاءِ زور ڀريندي هئس. پر هو ڪڏهن
ڪونہ آيو ۽ اڄ جڏهن نہ سمپتي رهي آهي نہ سونهن رهي
آهي ۽ نہ سرير ۾ ست رهيو آهي تڏهن آيو آهي. چوڻ لڳي
'هاڻي آيو آهين جڏهن سڀ لٽجي ويو آهي هيئنئر جڏهن
مون وٽ ڪجھ نہ رهيو آهي تڏهن آيو آهين.'

اپگپت چيو 'ماتا! هن وقت ئي توکي منهنجي ضرورت آهي.
يڪدم ڌوتيءَ مان ٽڪرو ڦاڙي هن جا ڦٽ اُگهڻ لڳو ۽ ڪيترائي
ڏينهن خوب دل وجان سان هن جي شيوا ڪيائين. واسودتا
جي جيون ئي بدلجي ويئي. هن ۾ ايترو ڦيرو آيو جو هو
پاڻ کي اِنسان ئي ٻيو سمجهڻ لڳي.

اهوئي اپگپت راجا اشوڪ جو گرو ٿيو ۽ هنجي من تي

لوپ موھ ايمانا
ھرڪ سوڳ تي رهي نثارءُ،
ناھِ مان اپمانا'

(گروائي)

(۲۹۷) چار چوبا!

متُرا جا چار چوبا جمنا جي ڪناري تي ويھي ڀنگ پي
ھيا هئا. ڀنگ پي اُتيا. سوچيائون ٻيڙيءَ ۾ چڙهي هن پاسي
لون سير ڪري اچون. چار ئي ٻيڙيءَ ۾ ويھي ٻيڙيءَ جا
پا واري واري سان هلائڻ لڳا. موج مستيءَ ۾ ڳائين پيا نچن
ا. سڄي رات ٻيڙي هلائيندا رهيا. صبح اچي ٿيو. ڏسن
ٻيڙي اجا اُنهي ڪناري تي ئي بيٺي آهي جتان چڙهيا
ئاسين. هي ڇا؟ اسان سڄي رات ٻيڙي هلائي آهي. اسان
ي تہ ٻئي تَڙ تي پهچڻو هو. وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن
ا نهارين تہ هي ٿيو ڇا؟ تڏهن ملاح جو اُتي ڪناري تي
مهيو پيو هو. هننجي آواز تي جاڳي پيو. ڪانئن پڇيائين
الھ ڪهڙي آهي؟ ڇا ۾ منجهيا آهيو؟ چيائون اسان رات
ڙيءَ ۾ چڙهيا آهيون ۽ ٻيڙي هلائي بہ سڄي رات اٿئون
آهيون اُتي ئي. تڏهن ملاح چيو تہ ڏسي تہ هنن ڪناري
ن ٻڌل ڪنڊي ڪولي ئي ڪونهي. پوءِ ٻيڙي اڳيان ڪيئن
لندي. اُنهن ڀنگ پياڪن کي ڏيکاريائين تہ ڪنڊي ٻڌي پيئي
ي ڪناري سان تہ ٻيڙي اڳيان ڪيئن هلندي؟

اسانجي حالت بہ اُنهن نشئي مسافرن جهڙي آهي. سڄي
اتي مايا ۽ وشين جي لاءِ ڊڪ ڊوڙ ۽ جاکوڙ ڪندا ٿا وتون.
هن عمر پوري ٿي ٿئي تڏهن ٿا سوچيون تہ هي ڇا ٿيو؟
تہ اُنيئي آهيان جيڪي ڪنو ڪيو اتم سو تہ هتي ئي
ي وڃڻو آهي. جنهن ڪٽنب پروار لاءِ پاڻ پتوڙيو اتم اُهي
مونکي ڇڏي ويا مان اُنيئي آهيان. پوءِ ملاح (ستگرو) ڳڏجي

پر جڏهن سوامي رام ڪرشن پرمهنس کيس چيو تہ تون
ماتا سان ائين ڳالهائي تو سگهين جيئن تون مونسان پيو ڳالهائين.
کيس ماتا جي سامهون ڪري پاڻ اُتان کسڪي ويو. ۽ سوامي
وويڪانند اچرج جهڙو ڪرشمو ڏٺو سندس سڀ شنڪائون مٽجي
ويون ۽ پاڻ ماتا کي عرض ڪيائين تہ مونکي پنهنجو داس
بڻاءِ ماتا! مونکي پنهنجو داس بڻاءِ. پاڻ ڀڳتيءَ جي رنگ ۾
رنگجي ويو. پرچار ڪرڻ لاءِ چڪاگو تائين ويو. عام ماڻهو ڪٿي
ٿا سهن. ڏاڍي نقطچيني ڪيائون. ننڍين وڏين اخبارن ۾
ليکہ لکي کيس بدنام ڪيائون پر هو پنهنجي ارادن تي درڍ
رهيو. ويو ڏينهون ڏينهن ڀڳتيءَ ۾ واڌارو ڪندو.

ڪيترا انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيائين 'ڪرم يوگہ' راجيہ يوگہ'
وغيره.

اڄ سوامي وويڪانند جو نالو جڳان جڳان مشهور آهي نقطچيني
ڪندڙ ڪٿي آهن؟

(٢٩٦) سينٽ مارٽن!

سينٽ مارٽن لاءِ چوندا آهن. وڏو گياني ۽ مهان پرش هو.
سندس هزارين شش هئا.

پڇاڙيءَ جو صرف ٩ شش اچي بچيا. ٻيا سڀ سندس برخلاف
ڳالهائيندا هئا. سندس هڪ شش پڇيو 'توهان کي خراب نٿو
لڳي تہ هيترن ششن مان صرف اسين ٩ اچي بچيا آهيون؟'

سينٽ مارٽن جواب ڏنو 'اصل نہ.' مان پنهنجي مقصد تي
قائم آهيان. اُن کي ڪير مڃي يا نہ مڃي مونکي ڪهڙو تو
فرق پوي.'

'جو نر دکہ ۾ دکہ نهين ماني،
سکہ سنيھ پئہ نهين جانڪيءَ
ڪنچن ماٽي مانيءَ
نہ نندا، نہ اُستت جاڪيءَ

پيڙو اڇي منهنجو تار ستگر،
آنءُ نماڻي شرن اوهانجي،
جهڙي تهڙي آهيان شرن اوهانجي،
ڏاڍي پليل آهيان شرن اوهانجي.

(٢٩٩) اٽل ارادو!

گورانگہ چيتنيہ مهاپرڀوءَ جي ڪيرتن ۾ هڪ مسلمان روز
يندو هو. هڪ ڏينهن ڪيرتن ۾ مگن ٿي ويو. نواب کي خبر
پئي تہ هن کيس سزا ڏني. ٢٢ ملڪن ۾ پيرين پنڌ هلايو.
هبوڪ هڻايا تہ بہ هن مها پرڀو جو ڪيرتن نہ ڇڏيو. آتم
ڪتيءَ جو تياڳہ نہ ڪيو.
’همين روڪ سڪي زماني ۾ دم نهين،
هم سي زمانا هئہ هم زماني سي نهين.
نواب جا چاڙتا اوستائين کيس ماريندا رهيا، جيسين هو
ڻو نہ ٿيو. سزا ڏنائون پر هو نہ مڙيو کيس هلايائون. جڄ
سزا ڏنس پر هو پنهنجي ارادي تي اٽل رهيو.
ارادو اٽل آهي. پرڀو جي مهر آهي تہ ڪو وار بہ ونگو ڪري
و سگهي.
’جسڪو راکي سائينيان، مار سڪي نہ ڪوءِ.‘

(٣٠٠) وندي وراهي کاءُ!

ڪنهن راجا کي پنج پٽ هئا. حساب سان راجا جو راڄ
ي پٽ کي ملڻ کپي پر راجا وڏي پٽ کي راڄ بدران
ڪ ٽلوان پٽ کي راڄ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. اُنهن کي جاچڻ
اُنهن جو امتحان وٺڻ لاءِ راجا هڪ ڏينهن سيني کي
ن ڪرڻ لاءِ چيو. پنجن راجڪمارن لاءِ پوڄن ٽيبل تي لڳايو

تو تہ تو سنسار جي ڪنڌي ڪولي ئي ڪونهي تہ سائينءَ سا
ڪيئن ملندين؟ اُٿ! جاڳ. ويئي سا ويئي. باقي ويل تہ
وڃاءِ.

’ڪرڙو هٽو سو نا ڪيئو پڙيو لوڀ ڪي ڦند.
نانڪ سميو رم گيو اب ڪيون رووت انڌ.‘
(نائين محلي جا سلوڪ

(۲۹۸) شرناگت!

ٻڪرين جو ڌڻ پئي ويو جهنگل مان ٻيون تہ ٻڪريون نڪري ويئون هڪڙي ٻڪري رهجي ويئي. ڏاڍو گهبرائجي ويئي. ا فڪر ۾ هئي تہ ڪٿي لڪان نہ تہ تہ ڪو جانور جي جهنگ ۾ اچي ويو تہ ڪائي پورو ڪري ڇڏيندو. مان پنهنجي و ڪان وڇڙي ويئي آهيان. هن اٽانگي جهنگل ۾ منهنجي ڪ مدد ڪندو. ايتري ۾ سندس نظر هڪ شير جي چنبي ج نشان تي پيئي. ڪروندڙي تي وڃي اُن ۾ ويهي رهي. اهڙ اٽڪل سان ويني هئي جو ڪنهن بہ جانور هٿ ڪونہ لڳايس ايتري ۾ شينهن اچي پهتو. جيئن ئي ٻڪري شينهن ڪ ڏٺو تہ وڌندو تو اچي. ڪيس نيزاري ڪري چيائين مان تنهنج شرناگت آهيان. تون منهنجي رڪشا ڪر. شينهن جهڙي جان کي بہ شرناگت جي رڪشا ڪرڻ پنهنجو فرض لڳو. ٻڪري کي ڪاڏائين تہ ڪونہ پر ٻين جانورن کان بہ سندس بچاءُ ڪيائين هاٿيءَ کي حڪم ڪيائين تہ هنکي پنهنجي پٺيءَ تي چاڙه گاه ڪارائي اچ.

تلسي سنگت ٻڙوسي، دن دن ٻڙهتي جاءِ،
(ٻڪري) اجيا گجَ مستڪ چڙهي، من انچت ڦل کاءِ!

هي منش! تون بہ جيڪر پريوءَ جي شرن وٺين. پنهن بار ٻوجا سڀ هن جي حوالي ڪرين تہو تنهنجي رڪشا ضر ڪندو.

پن ڏينهن تائين هو باغ ۾ وينا رهيا پر ڳوٺ جو ڪو به ماڻهو سندن سار سنڀال لاءِ ڪونه آيو. گوتم ۽ سندس ساٿي بکيا وينا رهيا پر ٽئين ڏينهن هڪڙي ڏهن ٻارهن سالن جي ڇوڪري هنن جي لاءِ کيرڻي کڻي آئي. ڏاڍي شرڌا سان گوتم ٻڌ ۽ سندن ساٿين کي کائڻ لاءِ عرض ڪيائين هنن به سندس شرڌا ۽ پريم ڏسي کائڻ قبول ڪئي. سڀيئي ڏاڍي شونق سان کائي به رهيا هئا ۽ ڇوڪريءَ جا شڪرانا به مڃي رهيا هئا.

اوچتو سندن نظر وڃي ڇوڪريءَ جي مٿي تي پيئي. ڇا ٿا ڏسن ته ڇوڪري بلڪل نوڙهي آهي ۽ لڳو پئي ته هينئر ئي مٿو ڪوڙائي آئي آهي.

گوتم ٻڌ ۽ سندس ساٿين هن کان وارن لاءِ پڇيو. ڇوڪري شرمائجي ويئي ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري نماڻائيءَ سان ٻڌايو ته مان هڪ غريب گهر جي ڇوڪري آهيان. مون وٽ ته پئسا هئا ئي ڪين ۽ مونکي توهانجي بک جي خيال کان منهنجي من ۾ ڏاڍي چنتا پئي ٿي ۽ ڳوٺ جي ماڻهن تي به ڪاوڙ پئي آيم پر مان ڇا ٿي ڪري سگهيس. مان هڪ غريب ٻار ڪنهنکي ڇا ٿي چئي سگهيس. نيٺ توهانجي بک جو سوچي مون فيصلو ڪيو ته پنهنجي مٿي جا وار وڪڻي اُنهن پئسن مان کيرڻي ٺاهي کڻي آيس. مونکي ڏاڍو سنتوش آهي. مونکي ڏاڍي خوشي آهي جو مان توهانجي بک لاهڻ لاءِ ڪجهه ڪري سگهيس.

اهو ٻڌي گوتم ٻڌ ڇوڪريءَ کي آسيس ڪندي چيو 'هي ڌيءَ! تون ڌن آهين. تنهنجا ماءُ پيءُ به ڌن آهن. جو تو اسانجي بک مٽائڻ لاءِ پنهنجي مٿي جا وار وڪڻي ڇڏيا. اهو تنهنجو مهان تياڳ آهي.'

(۳۰۲) ديوار جي پينٽنگ

هڪڙي شاهوڪار وڏو بنگلو ٺهرايو. پنهنجي دوستن ۽ مٽن مائٽن کي نينڊ ڏيئي گهرايائين پنهنجو بنگلو ڏيکارڻ لاءِ اُنهن جي لاءِ ڊنر جو بندوبست به ڪيائين. سڀ پوري وقت تي

ويو. اجا هنن هڪڙي گراهي مس ڪنئي تہ تي چار شڪاري
ڪتا اُنهن جي پنيان ڪاهي پيا. چار راجڪمار تہ ڏاڍو ڏجي
ويا. ڪاڏو ڇڏي اُتي ڀڳا. پنجون راجڪمار جيڪو سيني ڪار
ننڍو هو سو پنهنجي جاءِ تي ويٺو رهيو. ڇئني ڇتن ڪتن
کي چپ ڪرائڻ لاءِ ڇئن ٻچي ويل راجڪمارن جو ڪاڏو تور
تورو ڪري ڪتن اڳيان رکندو ٿي ويو. ڪتا بہ ڪائيندارهي
۽ هو بہ پنهنجو ڀوڄڻ مزي سان ڪائيندو رهيو.

راجا پريان ويني سڀ ڪجهہ ڏٺو. اُتان اُتي ننڍي راجڪما
وٽ آيو اچي سندس ڪان حال پڇيائين. راجڪمار مشڪي آت
وشواس سان چيو تہ پتاجي! ڪتا اُنهن کي چڪ پائيندا آه
جيڪي اڪيلو ويهي ڪائيندا آهن. جيڪي ونڊي وراهي ڪائيند
آهن اُنهنکي ڪير بہ نقصان نہ پهچائيندو آهي. راجا ه
جو سياڻپ وارو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي را
لاءِ لائق سمجهي پنهنجو وارث ڪري چونڊيو.

جيون جو سڏانت اهوئي آهي تہ صرف پنهنجو پيٽ
ڀرجي پر ونڊي وراهي ڪائجي. راجڪمار تہ ڪتن سان ونڊ
ويهي ڪاڌو. اڄ انسان اهڙو ٿي پيو آهي جو انسانن سان
ونڊي وراهي نٿو ڪائي.

(٣٠١) مهان تياڳہ!

ڀڳوان گوتم ٻڌ راڄ پاٽ ڇڏي ۽ سيني راجائي سکن
تياڳہ ڪري وڃي سنياسي بڻيو. ديش ديش ۾ گهمندي گيا
ياترا ڪندي ڏاڍا ڪشٽ سهڻا پيس تڏهن بہ هو پنهنج
مارگہ تي اٽل رهيو.

هڪ ڀيري ڀڳوان ٻڌ پنهنجي ساٿين سان گڏ راڄ مح
ڏانهن وڃي رهيا هئا. لنبي ياترا ڪندي ڏاڍا ٿڪجي
۽ واٽ تي ڪنهن ڳوٺ جي پرسان انبن جي باغ ۾ آرا
ڪرڻ لاءِ ترسيا.

واسطو آهي؟
گروءَ چيو ’تہ سئي ڏاڍي جو ڪم آهي ڳنڍڻ! اسان ڪي اُن مان اهو سڪڻو آهي تہ اسين بہ ڳنڍڻ سڪون. ڇنڻ نہ سکون. جيڪي ڦٽل هجن اُنهن کي ڳنڍيون. وير وروڌ ڇڏيون. هر وقت هڪ ٻئي کي ڳنڍڻ جي پاونا رکون. اهوئي آهي جيئڻ جو راز!

(٣٠٤) سکي ڪير؟

گوتم ٻڌ کي جڏهن ٻوڌ پراپت ٿيو تہ اهو گيان ٻين سان ونڊڻ لاءِ هن ڪي ئي مٺ برپا ڪيا. گوتم ٻڌ هڪ مٺ ۾ پنج مهنا رهيل هو. اُتي شام جو روز ستسنگ ٿيندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو ستسنگ ٻڌڻ ايندا هئا ۽ جڏهن ستسنگ پورو ٿيندو هو تہ ڪي ئي ماڻهو گوتم ٻڌ وٽ اچي پنهنجا ڏکہ سور ٻڌائيندا هئا. هرڪنهن کي ڪنهن نہ ڪنهن مشڪلي جو حل کپندو هو. ڪنهن کي پٽ کپندو هو تہ ڪنهن ڌنڌو تہ ڪنهن بيمار کي پنهنجي روڳہ جو علاج تہ ڪنهن کي ڪورٽ جي ڪيس جي فيصلي جي تڪڙ هئي.
بکشو آنند سڀني کي ڏسندو رهندو هو. سوچيندو هو تہ سڀ ڪي آهن تہ باقي سکي ڪير آهي؟
هڪ ڀيري گوتم ٻڌ کان آنند بکشوءَ پڇيو:
ڀڳون! هتي ڪيترا شاهوڪار بہ اچن ٿا. غريب بہ اچن، ري پني وارا بہ اچن ٿا. مان تہ ڏسان ٿو تہ هي تہ سڀ کي آهن باقي سکي ڪير آهي؟
گوتم ٻڌ چيو ’هڪ ماڻهو سکي آهي.‘
آنند چيو ’اهو ڪير آهي؟‘
گوتم ٻڌ چيو اُهو روز ستسنگ ٻڌڻ ايندو آهي ۽ چپ چاپ سنگہ ٻڌي هليو ويندو آهي.
آنند چيو ’مونکي تہ خيال ۾ نٿو اچي.‘

آيا اُنهن جي ڏاڍي خاطرداري ڪيائين. سڀ ماڻهو ڏاڍو خوشيءَ سان پارٽي ۾ هڪ ٻئي سان چرچا ڪري رهيا هئا.

اوچتو ڪائيندي ڪنهن مهمان کان سندس پليٽ ڪِري ۽ هڪڙي ديوار بُري طرح خراب ٿي ويئي. شاهوڪار کي اهو ڏسي ڏاڍو دک ٿيو ۽ پارٽيءَ ۾ سندس من نه پيو لڳي. وري وري پيو ديوار ڏانهن نهاري. اها حالت ڏسي هڪ هڪ ٿي سڀ مهمان ويندا رهيا پر هڪڙو مهمان ويٺو رهيو. جڏهن سڀ ويندا رهيا ته اُن مهمان جو سٺو چترڪار هو تنهن اُنهن داغن مٿان جيڪي ديوار تي ٿيا هئا. چتر ڪڍڻ شروع ڪيائين. رنگ به اهڙي نموني هڻندو ويو جو جتي ناسي چٽا هئا اُتي ننڍا ننڍا پهاڙ ٺاهيندو ويو ۽ جتي وڏو ناسي داغ هئو اُتي وڏو پهاڙ ٺاهيائين. اهڙي نموني تمام سهڻو چتر ٺاهيائين. داغن ۽ چٽن جو ڪو نالو نشان نه رهيو. اهڙي پينٽنگ ڏسي شاهوڪار جو دک به لهي ويو. ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اُن مهمان جا شڪرانا مڃيائين. پنهنجي سڄي پروار کي ڏيکاري ڏاڍو فخر وٺي رهيو هو ۽ پوءِ اها پينٽنگ اهڙي مشهور ٿي جو اڄ تائين ماڻهو ڏسڻ اچن ٿا.

صبر، سوچ، سمجهه ۽ محنت سان بگڙيل ڪم کي به سنواري سگهجي ٿو.

(٣٠٣) ڳنڍڻ سکون!

شش آيو گرو وٽ. چوي ٿو ’سائين! مونکي ڪو اُپديش ڏيو ٻن اکرن ۾.

گرو چپ چاپ ۾ شش کي به ننڍيون دبليون ڏئي ٿو. شش ڪجهه ڪونه سمجهيو.

گروءَ کولي ڏيکاريون. هڪ دبليءَ ۾ سئي آهي ۽ ٻئي ۾ ڌاڳو.

وري شش پڇيو ’سائين! اُپديش سان سئي ڌاڳي جو ڪهڙو

آهي هينئر اج نہ سپاٽي کو سيٺ ايندو اُن کان وٺي ڏيندس. تنهنجو ڪم ٿي ويندو. الائي چو ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن نہ ڪو سيٺ بہ ڪونہ آيو آهي.

غريب ڏاڍو مايوس ٿيو ۽ ڏڪہ مان چيائين تہ غريب جي قسمت بہ غريب! جيڪي توهان وٽ هجي مونکي ڏيو. مان پهرين توهان وٽ ئي آيو آهيان. توهان وٽان نراس وڃڻ نٿو چاهيان.

نظام الدين چيو تہ ڀائي! مون فقير وٽ هن جُتيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ ڪونهي. پلي اِها جُتي کڻي وڃ. غريب اُها جُتي کنئي ۽ پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن هلڻ لڳو. جيئن ئي ٿورو اڳيان هليو تہ امير خسرو وزرات تان استيعفا ڏيئي پنهنجي مرشد جي شرن ۾ پئي آيو. سندس مرشد نظام الدين صاحب هو. غريب کي ويندو ڏسي هن کي لڳو تہ هن وٽ منهنجي مرشد جي ڪا انمول شيءِ آهي. کانئس پڇيائين. تنهنجي هٿ ۾ اهو ڇا آهي؟

غريب چيو تہ ٻيو تہ ڪجھ ڪونهي هيءَ جُتي آهي. جيئن ئي امير خسرو ڏٺي چيائين هيءَ تہ منهنجي مرشد جي جُتي آهي. غريب کي عرض ڪيائين تہ اها مونکي ڏي تون جيڪي چوين سو مان توکي ڏيان. هيءُ ڏس! چاليھ اُٺ سامان سان ڀرائي پيو اچان!

غريب تہ ڪجھ ڪونہ ڪڇيو پر امير خسرو چاليهن مان وٺيتاليھ اُٺ غريب کي ڏيئي اُها مرشد جي جُتي ورتائين. مرشد وٽ اچي اها ڪيس پيٽ ڪيائين.

’مرشد اپني کو، مئن کيا پيٽ کرون.‘

جو ڪڇہ هئہ ميري پاس، اُن کي چرنون ۾ ڌرون.‘

(٣٠٦) اکر پڙهہ الف جو!

چوندا آهن جيئن ئي شاهہ صاحب پنجن ورهين جو ٿيو سندس پيءُ کيس پڙهڻ لاءِ موڪليو. ماستر صاحب چيس

اهو ڪٿي وهندو آهي.‘
گوتم ٻڌ چيو ’سپاٽي جڏهن ايندو ته مان اشارو ڪري توکي
ٻڌائيندس.‘
ٻئي ڏينهن گوتم ٻڌ اشارو ڪري آنند بکشوءَ کي ڏيکاريو.
آنند وائڙو ٿي چيو ’هيءُ ته ٻنتي آهي. هيءُ ته مزور آهي.
هيءُ ته جهوپڙيءَ ۾ رهندو آهي. هن جي نه ڪاڏي جو نڪاڻو
نه ڪپڙن جو پتو. هيءُ سکي ڪيئن ٿيو؟‘
گوتم ٻڌ چيو ’تو پاڻ ڏٺو هرڪو اچي ٿو ته ڪجھ نه ڪجھ
گهرندو رهي ٿو. ڪنهن کي ڌن کپي. ڪنهن کي سونهن.
جن وٽ ڌن آهي اُنهن کي من جي شانتي کپي. هاڻي مزور
کي گهرائي ٿا پڇيون ته کيس ڇا کپي.
مزور کي گهرائي اُن کان پڇيائون توکي ڇا کپي؟
توکي ڇا ٻڌجڻو آهي؟؟
مزور هٿ جوڙي نماڻائيءَ سان چيو
’سائين! مونکي نه ڪجھ کپي ۽ نه ڪجھ ٻڌجڻو آهي. ڌن
ڪپڙن ۽ زيورن ۾ سک ڪونه آهي. سک آهي رام ۾ جيڪ
رام ۾ آرام پائي ٿو، اُن کي دنيا جي ٻئي ڪنهن سک جي
ضرورت ئي ڪونهي! هي مها پريو! اهو سچ توهان جي ڪرپ
سان مون ڄاتو آهي. مونتي اها ڪرپا جي درشٽي هميشه رهي
اها منهنجي وينتي آهي.‘

(٣٠٥) مرشد جي جُتي!

نظام الدين دهليءَ ۾ رهندو هو. هن درويش ۾ گهڻن جي
ئي شرڌا هوندي هئي. ڪنهن شرڌالوءَ سان ملڻ لاءِ هو رتلا
وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو. جيئن ئي گهر مان نڪر
لڳو ته اُن وقت هن وٽ هڪ غريب آيو ۽ ٻاڌائڻ لڳو، ته منهنج
نياڻيءَ جي شاديءَ جو ڪارج آهي سو مهرباني ڪري مونک
ڪجھ ڏيو. نظام الدين چيو ’ٻچا! مون وٽ ته ڪجھ ڪو

(٣٠٨) ذات نہ آهي ذات تي!

هڪ ڪسان کي هڪڙو پٽ هو. جنهن جو نالو رامانجم هو. جيڪو هن سان ٻنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. هن کي پڙهڻ جو شوق هو. هو اسڪول وڃڻ لڳو. جڏهن ستون درجو پاس ڪيائين. پٽس چيو تہ هاڻي گھڻوئي پڙهئين. ست درجا پڙهيو آهين وڌيڪ پڙهي ڇا ڪندين؟ وڃي ڪا نوڪري ڪر. وڃي ڪنهن آفيس ۾ چپراسي ٿيو پر هن کي حسابن جو ڏاڍو چاهہ هو. ٻهاري بہ پيو پائيندو. ڪي نہ ڪي انگ بہ پيو ڳڻيندو هو.

ان آفيس جو حساب ڪتاب منيب رکندو هو. جڏهن منجهندو هو تہ رامانجم چوندو هوس تہ سائين مونکي ڏيو مان سلجهائي ٿو ڏيان توهان کي. منيب هڪل ڪري چوندو هوس تہ وڃي ڇوڪرا پنهنجو ڪم ڪر ٻهاري پاءِ آفيس جي صفائي ڪر. تنهنجو جيڪو ڪم آهي اُهو وڃي ڪر. هو روز پيو ليلائيندو هوس آخر هڪڙي ڏينهن منيب چيس تہ روز ٿو مٿو کائين. وٺ هيءُ حساب ڪري ڏيکار ٽوٽل ملائي ڏيکار. رامانجم ڏاڍو خوش ٿيو ۽ يڪدم ڪم کي لڳي ويو. ڪم پورو ڪري منيب کي ڏنائين ڏسي تہ هن بلڪل صحيح ڪيو آهي. پوءِ تہ جيڪو منجهي سو هن کان حساب ڪرائي. هن جي هوشياري ۽ قابليت ڏسي هنن يورپ جي مسٽر هارڊي جيڪو حسابن ۽ انگن ۾ نپڻ هو تنهنکي لکي موڪليو ۽ اُن هن کي گهرايو. هن جا ڳڻت جا نمونا ۽ اُنهنکي قابليت سان سلجهائڻ ڏسي هو حيران ٿي ويو. هن کي اُتي ئي رهائي ڇڏيائين ۽ جدا جدا هنڌن تي ڳڻت جا ڪلاس شروع ڪيائين.

هڪ ڏينهن رامانجم جيئن رستو پئي ڪراس ڪيو تہ اُچتو ڪار کيس ٽوڪر هڻي ڪيرائي ويئي. رستي جي ماڻهن

تہ چئہ الف ’شاھ صاحب چيو ’الف‘ وري ماستر صاحب چيس تہ چئو ’ب‘ شاھ صاحب جواب ڏنو تہ ’ب‘ وري ڇا جي؟ مونکي الف ئي بس آهي ۽ يڪدم چيائين.

’اکر پڙھ الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، پنا پڙھندي ڪيترا.‘

ماستر صاحب عجب ۾ پئجي ويو ۽ سوچيائين مان تہ هن کي وڏيڪ پاڙهي نہ سگهندس سو ڪيس سندس پيءُ شاھ حبيب وٽ وٺي آيو ۽ اچي سموري حقيقت بيان ڪيائين. شاھ حبيب پورو حال ٻڌي سمجهي ويو هيءُ شاھ صاحب تہ ذات جو ڏٽي آهي. پر تڏهن بہ کيس سمجهائيندي چيائين ’آبا! تون حق تي آهين پر اللهي علم سان گڏ دنيوي علم هئڻ بہ ضروري آهي تنهنڪري ’ب‘ بہ ڇڏڻ نہ گهرجي.

(٣٠٧) مالڪ جو شڪر

منجهند جو وقت هو. گرميءَ جا ڏينهن هئا. بادشاھ شاهجهان کي اڃ اُڃ ستايو. گهٽوئي هيڏانهن هوڏانهن واجهايائين تہ ڪو نوڪر نظر ڪونہ آيس. پاڻيءَ جي گهگهي جا پاسي ۾ رکي هئس سا بہ خالي هئي. اُڃ کان وياڪل بادشاھ کوھ تي پهتو ۽ پاڻي ڪڍڻ لڳو. سڄي عمر بادشاهي ڪيائين ڪڏهن کوھ مان پاڻي تہ ڪڍيو ڪونہ هئائين. جيئن ئي اڳيان تي کوھ ۾ نهاريائين تہ کوھ ۾ لڳل چرخي مٿي تي زور سان لڳس. ڏاڍي پيڙا تيس ۽ مٿي مان خون پئي وهيس. تڏهن بہ سندس مکہ مان اهوئي اکر نڪتو شڪر منهنجا مالڪ. شڪر آهي مون جهڙو جڏو جنهنکي کوھ مان پاڻي ڪڍڻ بہ نٿو اچي تنهنکي تو بادشاھ بڻايو آهي. اهو تنهنجو ڪرم ناهي تہ ٻيو ڇا هي؟ شڪر شڪر منهنجا سائين. لکين ڀيرا شڪر!

’شڪر منهنجا سائين! جيئن تون هلائين!
جيئن تون هلائين سائين وس وارو آهين.‘

گهون. مونکي اجازت ڏيو تہ مان ٿو هن سان شاستر ارٿ
ڪريان.'
گرو رامداس کيس چيو 'تون پل ڪر پر مان نہ ڪندس.
سروديپ سان آنند شاستر ارٿ ڪيو ۽ سروديپ هارايو.
سامي صاحب چون ٿا!
'پڙهيو ٿا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٿان ڏوھ چڙهن، جئن ورق ورائين وِترا.'

(٣١٠) ڪيرتن!

ڊاڪٽر ڊائمنڊ چوي ٿو تہ ڊسڪو ڪرڻ سان شرير نبل
ٿي ٿو پر ڪيرتن ڪرڻ سان من جي شڪتي وڌي ٿي.
پنج سؤ سال اڳہ جيڪا ڳالھ گرونانڪ چئي آهي تہ ڪلجگہ
ڪيرتن اُتم آهي سا هاڻي اميريڪا جا ڊاڪٽر ٿا چون.
رواٽيءَ ۾ بہ ڪيرتن جي لاءِ ڪيترا شبد اچن ٿا.
(۱) تها بَئِڪُنٹُ جھ ڪيرتن تيرا،
تون آپي سرڌا لائِھُ
(راڳہ سوهي محلا پنجوان)
(٢) ڪيرَتِ پرڀ ڪي گاءُ ميري رسنا،
انڪَ بارِ ڪَرَ بندَنَ سَنتَنَ
اونها چَرنَ گوبِند جي ڪي بسِنا.
(راڳہ ڪانڙا محلا پنجوان)

(٣١١) چور ۽ جاج!

هڪ مجرم جيڪو چوري ڪري ڦاٿو هو، هن تمام گهڻيون

ڪيس اسپتال پهچايو. هڏو پڇي پيو هوس اُن لاءِ ڪيس اسپتال
۾ رهڻو پيو.

هارڊيءَ کي جڏهن خبر پيئي تڏهن رامانجم کي ڏسڻ
لاءِ اسپتال ۾ پنهنجي ڪار ڊرائيور ڪندو پئي آيو. رامانجم
دريءَ مان سندس ڪار جو نمبر ڏسي چئن نمبرن جا ڳڻت
جا چار نمونا ناهي ڏيکاريائين. ٽي نمونا هارڊيءَ کي سمجھ
۾ آيا پر چوٿون ڪيس سمجھ ۾ نہ آيو ۽ اُن لاءِ وِل (will)
ڪري ويو تہ اُن جو حل رامانجم ٻڌائيندو. تڏهن تہ شاهہ
صاحب چيو آهي.

’ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون ابوجهن جون ٿو سپڙُ چام سهي،
جو راهُ وٽ رهي، تنهن جوڪو جان نہ ٿئي.‘

(٣٠٩) رامداس سمرٿ!

هڪ ماڻهو ڏينهن جو بہ ڏيئو ڪڻي هلندو هو. هو پاڻ کي
سروديپ چوائيندو هو. پاڻ کي گياني ۽ مهان سمجھندو هو
ڪنهن چيس پنهنجي گيان تي ايڏو ايمان نہ ڪر. رامداس
سمرٿ کي جيتي ڏيکارين تہ توکي مڃيان.

هو بہ ڏاڍي غرور سان آيو سوامي رامداس وٽ ۽ کين چيائين
اچو تہ شاستر ارٿ ڪريون. سوامي رامداس کلي ڏنو ۽ چيائين
اسين تہ پنهنجي پڳتيءَ ۽ ڪيرتن ۾ مست آهيون. شاستر
ارٿ ڇا جو؟

ماڻهو چيس تہ لکي ڏيو تہ توهين مون سان شاستر ارٿ
نٿا ڪري سگھو. سوامي جن چيو تہ تون لک تہ مان صحي
ڪريان، هن لکيو اينتري ۾ سوامي رامداس جو شش آنند
آيو ۽ چيائين ’متان صحي ڪئي اٿو. توهان کي نندا اُستتي
جي پرواهہ ڪونهي. پر اسين توهانجي گهٽتائي نٿا سهي

(۳۱۲) ديپڪ راڳ

هڪڙو ڀيرو تانسين گهمندي گهمندي اچي جهنگل ۾ پهتو.
سي تہ آگ ٻري پيئي ٻجهي پيئي. منجهي پيو. پنهنجي گرو
ريداس وٽ آيو ۽ کيس پنهنجي شنڪا ٻڌايائين تہ جهنگل ۾
گ ٻري پيئي وري وسامي پيئي. ڪرپا ڪري انهي شنڪا جو
ماڌان ڪريو.

گرو هريداس کي راڳ راڳڻين جي تمام سني ڄاڻ هئي. تانسين
ي ڳائڻ جو گيان هن وٽان ئي مليو هو. هريداس چيو 'اُن وڻ
ي ضرور پکي ويٺا هوندا ۽ اُهي سر ۾ ڳائيندا هوندا ۽ اُهي
يپڪ راڳ جا سُر هوندا ان ڪري آگ ٻري پئي ٻجهي پئي.'

ائين تانسين کي ديپڪ راڳ جو گيان ٿيو.

گيان جي ڪا سيمائي ڪونهي.

جان جيءُ تان گيان لاءِ پيو واجهاءِ.

★ دُرجن کان رڪشا!

ڪوُئو سيءَ ۾ ڪنبي رهيو هو. هنس پکيءَ ڏٺو سو کيس
ا آئي سو سندس مٿان پنهنجا پنکہ پساري ڇڏيائين. ڪوئي
ي گرمي ملي. آرام اچي ويس. صبح ٿيو. ڪوئو اُٿيو. اُٿندي
ي پنهنجي ڪم کي لڳي ويو. ڪوئي جو ڪم آهي ڪُترڻ.
س جا پنکہ ئي ڪتري ڇڏيائين.

ڀڳت ٽيڻ سنو آهي. ديا ڪرڻ بہ سني آهي. پر دُرجن کان
شا ڪرڻ ضروري آهي.

(۳۱۳) اڀياس ضروري آهي

هڪ شهر ۾ هڪڙو پهلوان رهندو هو. اُن کي سڀ شهر

چوريون ڪيون هيون ۽ چورين جي ڪري هن ڪان خون
بہ ٿي ويو هو. ججَ هن کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني ۽ سندس
ڪان آخرين خواهش پڇي تہ چور چيو منهنجي ماءُ کي
گهرايو. جڏهن هن جي ماءُ آئي چور يڪدم پنهنجي
ماءُ جو نڪ ڪٽي ڇڏيو. ججَ وائڙو ٿي ويو ۽ پڇيائينس
'ائين ڇو ڪيئہ؟'

چور چيو 'منهنجي هن حالت لاءِ منهنجي ماءُ جوابدار
آهي. جڏهن ننڍي هوندي مان ننڍيون ننڍيون چوريون ڪري
ايندو هوس ۽ مان ڪيس اُهي شيون ڏيکاريندو هوس تہ مونتي
ڪاوڙ ڪرڻ، بدران سمجهائڻ بدران، خوش ٿيندي هئي
جي تڏهن ئي مونکي سمجهائي ها ۽ سٺا سنسڪار وجهي
ها تہ منهنجي چوري ڪرڻ جي عادت پڪي نہ ٿئي ها
۽ مان هن ڪڙيءَ تي تہ نہ پهچان ها. ماءُ پيءُ جا سنسڪار
۽ رهڻي کهڻي ٻار تي گهڻو اثر ڪري ٿي. خاص ڪري
ماءُ جا سٺا سنسڪار انسان کي ديوتا بہ بڻائي ٿا سگهن
بهادر بہ بڻائي ٿا سگهن. مهراج شيواجيءَ کي سندس ماءُ
جيجان ٻائي ويرن جون وارتائون ٻڌائي وير بڻايو. ڀڳت
دروءَ کي ماڻس پنجن سالن جي عمر ۾ وشنو ڀڳوان جو
ڌيان ڪرڻ جي صلاح ڏني. اُهي اڄ تائين پيا پوڄجن
مونکي بہ منهنجي ماءُ سٺا شڀ سنسڪار وجهي ها تہ مان
بہ پوڄجان ها.'

ججَ اهو ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويو. ٿوري وقت ڪانپوءِ چيائين
'مان توکي هيءُ آخري وجهہ ٿو ڏيان سڌرڻ جو. مون تنهنجي
سزا معاف ڪئي. جڏهن توکي احساس آهي تہ چوري
خون برا ڪرم آهن. تون ڇڏي سگهين ٿو. مونکي پڪ
آهي. تہ هاڻي تون پنهنجو جيون سڌاريندين.'

'نظر بدلي تو نظاري بدلي،
ڪشتي رخ بدلتي هئہ تو ڪناري بدل جاتي هئن.'

ڏيئي وڃيم.'
واڍي گهر ٺاهڻ شروع ڪيو. جهڙو ٺهڙو ڪم ڪندو رهيو مڙيئي راجا کي خوش ڪرڻ لاءِ. ڪيس ناڪار ته نٿي ڪري سگهيو. هيترن سالن جي نوڪري هئي. ڪجهه مهنن کان پوءِ گهر تيار ٿيو ۽ واڍو راجا کان موڪلائڻ ويو چيائين 'مهاراج! ڪم پورو ٿي ويو آهي. هاڻي ته موڪل ڏيو.'
راجا چيس 'وڃين ڪيڏانهن ٿو؟ مون ته هيءُ گهر تنهنجي لاءِ ٺهرايو آهي. تو سڄي عمر منهنجي ۽ منهنجي پروار جي شيوا ڪئي آهي. سوچيم هڪڙو گهر توکي ڏيان ته وڃي پڇاڙيءَ جا ڏينهن سک سان گذارين.'
اهو ٻڌي واڍو وائڙو ٿي ويو ۽ پڇتائڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو ته مون اجايو جهڙو ٺهڙو ڪم ڪيو. مونکي خبر هجي ها ته هيءُ گهر مونکي ملڻو آهي ته جيڪر چڱيءَ طرح ٺاهيان ها.
اِهو ته آهي درشٽانت!
سڏانت اهو آهي ته ڪم ننڍو هجي يا وڏو هر ڪم کي پوري ايمانداريءَ سان پنهنجو سمجهي ڪرڻ گهرجي. ڪم پوڄا آهي. ڪم بندگي آهي.

(٣١٥) آلوچنا نہ ڪر!

مهرشي ويد وياس جو پٽ سکديو جنم کان ويراڳي، جوڳي تپسوي هئو. چوڏهن ڪلائن ۾ سمپورڻ هئو. پر ته به هن ي پيءُ کي چنتا هئي ته جيستائين هن گرو نہ ڪيو آهي ستائين هن جي ڪابہ ساڌنا سڦل ڪانہ ٿيندي. پٽ کي مجهايائين تہ پٽ! گروءَ بنا گت ناهي تنهنڪري توکي بہ و ڪرڻ گهرجي ۽ هن وقت راجا جنڪ ئي پورن برهم گياني ي ۽ گرو ٿيڻ جي لائق آهي. سکديو شنڪا ظاهر ڪئي تہ ناجي! هو تہ راجا آهي. گرهستي آهي سڄو ڏينهن راج جي م ڪار ۽ عيش عشرت ۾ ٿو گذاري اُهو ڪيئن گرو ٿيندو؟'

جا ماڻهو مڃيندا هئا. اُن وٽ هڪڙو پاڏو هو اُن کي ڪٽ
ڪثرت ڪندو هو.

شهر جي ماڻهن پڇيس ’تون ڪيئن تو ائين ڪري سگهين
اسين نہ پاڏي جي ويجهو بہ وڃي نٿا سگهون. ڍپ تو تئ
نہ هتان ٽونو نہ هٽي.

پهلوان چيو ’مان ڪسان جو پٽ آهيان. منهنجي گهر
هر جوٽڻ لاءِ ڏڳا آهن. مان ڏڳي جي ٻچن، ڏڳي جي ٻچ
کي پاڏو چئبو آهي. اُنهن کي روز ڪلهن تي کڻندو آهيا
ائين آهستي آهستي کڻڻ جي شڪتي ڏاري سگهيو آهيا
هڪ ڏينهن ۾ ائين ڪونہ ٿيو آهي.‘

ساڳيءَ طرح پرماتما کي پائڻ لاءِ آهستي آهستي يتن ڪر
آهي. مهانتا انسان ۾ لڪل آهي. اُها ڌيري ڌيري ابياس ڪر
سان ظاهر ٿئي ٿي.

’سچا سڪٽا ڪوئي نهين. سب ڪي اندر لال،
مورکہ ڳنڍ کولي نهين، ڪرمي پئيا ڪنگال.‘

(٣١٤) راجا ۽ واڍو!

هڪڙي راجا وٽ هڪڙو واڍو هميشہ ڪم ڪندو رهندو ه
راجا جون ڪيتريون جڳهيون ۽ محلات پنهنجي ٺهيل فرنيچ
سان سينگاريا هئائين. ڪوبہ ڪم ستار جو هوندو هو تہ را
کيس ئي ڪوٺيندو هو ۽ هو بہ سدائين دل سان ڪم ڪر
راجا کي خوش ڪندو هو. انسان آخر گهڻا سال ڪم ڪر
تو سگهي؟ ڪم ڪندي ڪندي هو بہ اچي ٻڍو ٿيو. راجا ک
ڪم تان فارغ ٿيڻ جي مهلت گهريائين. کيس چيائين
’سائين هاڻي منهنجي عمر اچي چڙهي آهي. وڌيڪ ڪم ڪ
نہ سگهندس.‘

راجا چيو ’بلاشڪ وڃ پر ويندي ويندي هڪڙو گهر ٺا

۾ وينو آهي؟ سندس ماڻهن چيو ته اُتي وينو آهي ۽ سندس ڇهري تي ڪو ڏکه سکه جو پاو ڪونهي. ڪرمچارين ڪي چئي راجا ڪيس پاڻ وٽ گهرايو. اُن وقت به راجا پنهنجي رنگه محل ۾ رمڻين سان وينو هو. اچي چرنن ۾ وينو راجا هن کان حال احوال ورتو. اجا جيئن ئي هن سان ڳالهايو پئي ته ايتري ۾ نياپو آيو ته محل کي باه لڳي آهي ۽ چوڌاري پکڙجي وئي آهي. توهان کي به محل مان يڪدم ٻاهر نڪرڻ گهرجي. راجا ٻڌو پر اُتيئي وينو رهيو پر سکديو جي پنهنجو جهولو ۽ ڪرمنڊل کڻي اُٿي بيٺو ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. تڏهن راجا سمجهايس ته مان گرهستي هوندي به اتي ئي وينو آهيان. محل سڙي رهيو آهي. اُن کي بچائڻ جو يا پنهنجي سلامتيءَ جو اونو نٿو ڪريان ۽ تو وٽ آهي ڇا؟ جهولو ۽ ڪرمنڊل اُنجي بچائڻ ۽ پنهنجي سلامتيءَ جو توکي ايترو اونو ٿيو آهي جو ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ تيار ٿيو آهين. ٻچا! اهي حالتون ته سنسار ۾ ٿينديون رهنديون پر اسين ڇو پنهنجي من کي اوڏانهن موڪليون؟ اسانجو من ته پنهنجي نج سروپ ۾ هئڻ گهرجي. جيڪو نه سڙي ٿو نه ٻري ٿو. اسان کي ته ساڪشي ٿي ڏسڻو آهي.

’راجن جو راجا، ستگر ڪيو ٻنڌن ڪٽي،
لائي ڏنائين ڪوٽ جا دريون دروازا،
وڄائي واڄا، ’سامي‘ ڏنو سهج پڌُ.‘

پوءِ ته سکديو اها گيان جي وارتا ٻڌي پوري شرڌا سان راجا جنڪ کي پرنام ڪيو.

(۳۱٦) مان پليس!

جلال رومي جي ڳالهه ڪندا آهن ته هن پنهنجي مريدن کي چيو ته پنهنجو ڪلو جنهن تي مراقبي ۾ وهندا آهيو، ڏيان ويهي ڪندا آهيو. ان کي شراب ٻوڙي پوءِ وهو. سڀ مريد اهو حڪم مڃي ائين ڪرڻ لڳا پر هڪ مريد

تڏهن ٻه مهرشي ويد وياس سمجهايس ته برهم گيانيءَ جي
ٻاهرين ورتڻ ڏسڻ سان هنجي اندرين ورتيءَ جي خبر نه پئجي
سگهندي آهي. برهم گيانيءَ جي ٻاهرين ورتي ڏسي ڪڏهن
به پنهنجو رايو نه ڏجي. ڪيس راجا جنڪ وٽ وڃڻ جي آگيا
ڪئي. شري سڪديو پنهنجي پتا جي آگيا جو اُلنگهن نه ڪري
سگهيو ۽ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. پر رستي تي ئي ڪيس شنڪا ۽
اوشواس گهيري وڃي، هو اڳيان وڌي نه سگهي ۽ موٽي اچي.
اهڙي طرح سڪديو جي ٻارهن ڀيرا واپس آيو اهو سوچي ته
مان ويراڳي، جوڳي ۽ تپسوي منهنجي ساڌنا ڪٿي؟ ۽ هيءُ
گرهستي راجا ڪٿي؟ جيئن جيئن پيو راجا جنڪ ۾ شنڪا
آڻي آلوچنا ڪري تيئن سندس ڪلائون وڃن لپت ٿينديون،
گم ٿينديون. اهڙي طرح پنهنجون ٻارهن ڪلائون وڃائي وينو
نارد جو اهو ڏٺو ته هن کي ڏاڍي گهٽتي وني ويئي ته هن
کي ته مهاگياني ٿيڻو آهي ۽ هنجون ڪلائون وئرٿ وڃي رهيون
آهن. هنکي ڪا رمز ڪري راجا جنڪ وٽ موڪلڻ گهرجي
سو هڪ ڏينهن نديءَ جي ڪناري تي وڃي مٽيءَ جا ڏول
ڀري نديءَ ۾ وجهندو ٿي ويو. جيئن ئي سڪديو ڏٺو تيئن
ناردمنيءَ کان پڇيائين ته هي مني! هيءُ ڇا پيا ڪريو؟ ناردجي
چيو ته ندي ٿو سڪايان. ائين ڪيئن ندي سڪندي؟ سڪدي
پڇيو ناردمنيءَ کي وجهه ملي ويو ۽ کيس چيائين ته توکي
به راجا جنڪ جو صرف ٻاهريون وهنوار ڏسي گيان ڪيئن ملندو
تون به پنهنجي ويراڳه ۽ تياڳه جو اهنڪار ڇڏي راجا جي
چرنن ۾ وڃي شرڌا رکي گيان حاصل ڪر. تون راجا تي آلوچ
ڪري پنهنجون ڪلائون نشٽ ڪري رهيو آهين. تو ائين پنهنجو
ٻارهن ڪلائون ته وڃائي ڇڏيون آهن باقي رهيل به ڪلائو
راجا جنڪ وٽان گيان پائي بچائي وٺ.

ناردجيءَ جي صلاح تي ويو پر شنڪا من ۾ ڪٽي ويو. اُت
پهتو. دربان کيس ڏسي راجا کي وڃي ٻڌايو. راجا دربان ک
چيو ته کيس گهوڙن جي ڪڙهه ۾ وڃي رهايو. ٿن ڏينهن کانپ
راجا پنهنجي ماڻهن کان پڇيو ته سڪديو اجا گهوڙن جي ڪڙ

چارڻ لاءِ وٺي ويندا هئا. ۽ شام جو موٽائي وٺي ايندا هئا.
هڪڙي ڏينهن اُهو ٻڪرار شاهه صاحب وٽ آيو ۽ ڪتن جي
وفاداريءَ جي ڏاڍي ساراهه ڪرڻ لڳو ۽ کيس ٻڌايائين ته منهنجا
ڪتا روز جهنگ ۾ ٻڪريون چارڻ لاءِ وٺي ويندا آهن ۽ شام
جو ڪاهي وٺي ايندا آهن.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ساڳيو ئي ٻڪرار شاهه صاحب وٽ آيو
چوڻ لڳو ته دعا ڪريو ته ٻڪريون بچي وڃن. هر روز ٻه ٽي
ٻڪريون گهٽبيون تيون وڃن.

شاهه صاحب چيو 'ادا! تنهنجو ويساهه هو اُهن ڪتن ۾
اُهن ئي ٻڪرين کي گهٽايو آهي ۽ تون ئي ته چوندو هئين
ته منهنجا ڪتا ٻڪرين جا رکپال آهن. مگر الله سائين ۾
تنهنجو اعتقاد ڪونه هو تنهنڪري ائين ٿيو آهي. رب ڪانسواءِ
ٻيو ڪير آهي جو ٻڪريون ته ڇا پر تنهنجي به رکيا ڪري
رهيو آهي ساري جهان جي خبر رکي ٿو.

ڀروسو رب تي رکجي.

(٣١٨) ڪڏهن به دل شڪستو نه ٿيءُ؟

گوتم ٻڌ کي گهٽيئي شش هئا. سڀ ايڪانت ۾ ويهي اُن
تم جوت جو ديدار ڪرڻ جو جتن ڪندا هئا. هڪڙو شش
ادو مايوس ٿيو. جيئن ئي ايڪانت ۾ وهندو هو جڻ ته آگ
ٿئي برندي هئس. تاندا پيا لڳندا هئس. هو جڻ حيران ٿي
يو. ديوانن جهڙي هلت پيو ڪندو هو. گوتم ٻڌ سان ڪيل
نجام به وسري ويس ته جيستائين جوت جو ديدار نه ٿيو آهي
ان ايندس ئي ڪونه جڏهن ٻين ٻڪشن کيس ڏٺو ته پڇيائونس.
و ايتري ۾ جوت جو درشن ڪيو ڇا؟'
چيائين ته مان سڀ ڪجهه ڇڏي هلي آيو آهيان مونکي
ڪجهه نه ڪپي.
ٻين ششن وڃي گوتم ٻڌ کي ٻڌايو. گوتم ٻڌ اُن شش کي

ائين نہ ڪيو. جلال رومي چيس تہ اُت تون بہ پنهنجي ڪرت ڪي لڳ چيائين!
قبلا اهو تہ گناهہ آهي. مان نہ ڪري سگهندس.

تورن ڏينهن ڪانپوءِ جلال رومي پنهنجي مريدن سان حج تي
وڃڻ لاءِ تيار ٿيو پر جنهن مريد ساڻس سوال جواب ڪيو اُن ڪي
حج تي هلڻ لاءِ نہ چيائون. مريد پڇندو آيو چيائين؟ سائين!
مونکي حج تي هلڻ لاءِ نہ چيو اٿو؟'

جلال رومي چيو 'اسان تہ گناهہ ڪيا آهن. تون وٽ هي روپيو
وڃي گناهہ ڪري اچ. تہ توکي وٺي هلون.'

هو ويو ناچڻيءَ جي ڪوٺي تي. ٻاهران ئي موٽي اچي اهو
سوچي تہ مونکان گناهہ نہ ٿيندو واپس آيو وري مرشد جو حڪم
مڃي وڃڻ جي ڪيائين پر وري بہ اندر گهڙي نہ سگهيو. آخر
تئين پيري جلال روميءَ چيس وڃين ٿو يا اسان توکي زوري ڪيون.
تڏهن ٻانهون ٻڌي قبلا! قبلا ڪري اندر ويو. اُها ناچڻي، پروردگار
کي پڪارڻ لڳي تہ 'هي مالڪ! مونکي تہ ماسيءَ ڪٺي هتي ڦاساي
آهي نہ تہ مان چڱي گهر جي آهيان. پنهنجي خانود لاءِ اچ ب
ويٺي آهيان. منهنجو بچاءُ ڪج. جيئن هيل تائين سنڀاليندو آي
آهين. اچ بہ لڄ پت رکجانءِ. ننگي ننگہ رکجانءِ.'

مريد اُن ناچڻيءَ جو آواز ٻڌي چرڪ پريو، هيءَ تہ منهنجي
گهر واريءَ جو آواز آهي. هاڻي مرشد جي راز کي ٿو پروڙيا
تہ اسانکي ملائڻ لاءِ ئي سڄڻ هي رنگہ رچايو آهي. پوءِ تہ وڃي
پنهنجي گهر واريءَ سان مليو ۽ رب جا شڪرانا مڃيائين. مرش
کي من ۾ سجدو ڪري ڪنڌ جهڪايائين. 'هي منهنجا مرشد
تو اها رمز رکي هئي. مون نہ ڄاتو مان پليس. مان پليس...

(٣١٧) ٻڪرار

هڪڙو ٻڪرار هوندو هو. هو روز ٻڪريون چارڻ ويندو ه
ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ٻڪرار بہ ڪتا پاليا. پوءِ تہ ڪتن ت
ٻڪرين چارڻ جو ڪم رکيائين. ڪتا روز ٻڪريون جهنگہ

شروع ڪيون. سياڻي تي نہ رکون. آلس ڇڏيون ۽ پنهنجي مقصد کي پايون.

(٣١٩) شرڌا ۽ پڳتي!

گورانگہ چيتنيہ مهاپرڀو ڏٺو تہ هڪ اڻ پڙهيل ڪسان اُبتي گيتا جهلي پڙهي رهيو آهي. ڏاڍو خوش ٿيو ٿئي. آخر هيڏانهن هوڏانهن اُٿلائي پٿلائي سڄي پوري ڪيائين. پوءِ گيتا شاستر بند ڪري هٿ جوڙي نمسڪار ڪيائين. گورانگہ پيو ڏسي ۽ پڇيائينس تہ تو ڇا پڙهيو گيتا ۾ ڪسان جواب ڏنو تہ مان اڻ پڙهيل جاهل آهيان مان ڇا ڄاڻان گيتا پڙهڻ مان. مان تہ گيتا شاستر هٿ ۾ جهلي شري ڪرشن جو ڌيان پيو ڪريان. ارجن شش آهي شري ڪرشن جو اُپديش پئي ٻڌائين ۽ مان بہ شري ڪرشن جو شش آهيان. شيوڪ آهيان. سو اُنجو اُپديش ٻڌي مان بہ خوش پيو ٿيان.

گورانگہ چيو تہ ٻچا! سچ پچ گيتا تو پڙهي آهي. گيتا پڙهڻ لاءِ ڪهڙي شرڌا ۽ اننيہ ڀڳتي سا تو ۾ ڀرپور آهي. تنهنجو پڙهڻ سڦلو آهي.

★ سري ڪرشن کي ساکشي سمجهہ!

ليڪچرار آيو گهاٽ واري بابا وٽ ۽ ڪيس عرض ڪيائين تہ مهاراج! مونکي گيان ڏيو. چيائين تہ ٻچا! گيتا پڙهہ.

ليڪچرار چيو تہ مان تہ اُها روز پڙهندو آهيان. مان تہ گيتا تي ليڪچر بہ ڏيندو آهيان.

بابا چيو تہ ٻچا! اُها تو ليڪچر ڏيڻ لاءِ پڙهي آهي. ٻين کي اُپديش ڏيڻ لاءِ پڙهي آهي. هاڻي شري ڪرشن کي ساکشي سمجهي پڙهہ ۽ ائين سمجهہ تہ مونکي پيو سمجهائي تہ ڪرم

پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيائين ايتري ۾ بي همت ٿي پئين؟ اڳئين
جنم ۾ تو ۵۰۰ واپارين ۽ اُنهن جي ڪٽنب کي بچايو هو
چو ته تون همت سان لڳو بيٺو هئين.

شش چيو ته سائين! مونکي اڳئين جنم جي ڪابہ يادگيري
ڪونهي.

گوتم ٻڌايس ته تن ڏينهن ۾ مان ٻوڌي ٿي آيو هوس
ڪاشيءَ جو راجا هو برهم دت. تن ڏينهن ۾ ڏڳي گاڏين
۾ مال پهچائيندا هئا هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين. قافلا
۾ هلندا هئا. ٻڌايائين ته هڪ ڀيري ۵۰۰ گاڏيون بيابان مان
سٺن ڏينهن جي مسافريءَ لاءِ نڪتيون. پاڻ سان هفتي جو
گاڏو پاڻي ڪٽي. اُتي گرمي ڏاڍي ۽ واري اهڙي سنهڙي جو
آٿرين مان ڪسڪي وڃي ۽ واري ڏينهن جو اهڙي تپي وڃي
جو ٻير بہ رکي نہ سگهجي تنهنڪري ڏينهن جو تنبوءَ
۾ آرام ڪري رات جو مسافري ڪندا هئا. ڇهہ ڏينهن
مسافري ڪري آيا. ڪين پڪ هئي تہ سٺين ڏينهن ڳوٺ
پهچنداسين، نگر ۾ ديرو ڪنداسين. رات جو گاڏيون هليون
پهرئين گاڏيءَ واري جي پٺيان ٻيون گاڏيون هلنديون هيون
پهرئين گاڏيءَ واري کي جهوٽو اچي ويو تہ جنهن پاسي وڃڻ
هو اُن پاسي نہ هلي ٻئي پاسي هلڻ لڳو. اذ تائين اُبتو پنڌ
ڪندا رهيا. ڏٺائون تہ اُتيئي آهيون. جتان هليا هئاسين. بيابا
۾ گرمي ۽ واريءَ جي تپت ڪاڏي ڪانسواءِ تہ هلي وڃج
پر پاڻيءَ ڪانسواءِ مري ويندا سين. پريان هڪ جڳهہ تي ڏٺائو
تہ ٿورو گاهہ آهي. سڀ اچي ڪوٽڻ لڳا تہ اُتي ضرور پاڻ
هوندو تون بہ کوٽائيءَ کي لڳي وئين تو سيني کان وڌيڪ محن
ڪئي تنهنجي اندر ايڏي شڪتي اُتي جو تو پنج سؤ جڻ
کي بچايو. هن جنم ۾ اهڙو بي همت ٿي پيو آهين جو پ
کي نٿو بچائي سگهين. شش کي اها ڳالهہ ٻڌي شرم اچ
ويو. موٽي آيو ڇوي ٿو جيستائين جوت جو ديدار نہ ٿيو آه
تيستائين ڪونہ موٽندس. اهو آهي درشٽانت-سڌانت آهي
اهڙو درڍ نشچو ڪپي. اٿوٽ وشواس رکجي پاڻ ۾ اچ ئي ايپا

جي پيو ڪري. ويچار پيو ڪري اجا وڏيڪ آهي. اجا وڏيڪ آهي. اجا وڏيڪ آهي. جيترو خيال پئي ڪيائين. اوترو ئي وڏيڪ منجهندو تي ويو. سو ٽن سالن ڪانپوءِ خيال ڪيائين تہ ٿوري تازي هوا کائي اچان. ويو سمنڊ جي ڪناري تي. اُتي وري ڇا ٿو ڏسي تہ ننڍڙو ٻار ننڍڙو چمچو واريءَ جو ور ور ڀري سمنڊ ۾ پيو وجهي. عجب ۾ پئجي ويو. وڏي ويو ٻار ڏانهن ۽ پڇيائينس 'ٻچا! هي ڇا پيو ڪرين؟

ٻار ٽڪڙو جواب ڏنو 'سمنڊ پيو سڪايان.'

'سمنڊ پيو سڪائين؟' فيلسوف پڇيس ۽ سمجهائينديجيائينس تہ ننڍڙن چمچن واريءَ سان سمنڊ اصل نہ سڪندو.

تڏهن ٻار چيو تہ تنهنجو ننڍڙو دماغ پرپوءِ جو انت لهي سگهندو. باقي واريءَ جي چمچن سان سمنڊ نٿو سڪي سگهي.

تڏهن فيلسوف جون اکيون کلي ويون ۽ ڏاڍو شرمندو ٿيو.

ڪبير صاحب چيو آهي.

'سات سمنڊ مس ڪرون، ڌرتي سب ڪاغذ ڪرون.
ڊالي سب قلم ڪرون، هرِ ڪا جَس لِکَنِ نہ جاءِ.'

گياني، ڌياني، رشي مني ۽ ساڌو سنت

سڀ رشي مني جپ تپ ڪوجنائون ڪري بي انت بي انت چئي. اُن ۾ سمائجي ويا.

(٣٢٢) ڪڏهن ڪنڊ نہ ڦيرج

هڪ ڏينهن شاهہ صاحب هلندو پئي ويو تہ هڪڙي سهڻي عورت تي وجي نظر پيس. اُتي بيهي اُن ڏانهن نهاريندو رهيو. تڏهن اُن عورت پڇيس. 'ڇو پيو نهارين؟'

شاهہ صاحب جواب ڏنس تہ 'آءٌ تہ مالڪ جي قدرت پيو ڏسان. اُن جو جلوو پيو پسان' تڏهن عورت خيال ڪيو تہ ڏسان تہ سچ ٿو چوي يا لباڙون پيو هڻي. سو يڪدم شاهہ صاحب

چا آهي؟ پڳتي ڪيئن ڪجي؟؟ ڳيان جو انيو ڪيئن تئي
هڪڙو به سلوڪ سمجهي وٺين ته ڳيان اچي ويندءِ.
آهي به ائين! جڏهن پاڻ پڙهي اُن تي عمل ڪري اهڙ
رهڻي ڌارجي تي تڏهن ئي ڳيان پائجي ٿو.

(٣٢٠) شاهه صاحب ۽ سندس پيءُ

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ پيري 'شاهه صاحب' جهنگ ۾ وڃي
هڪ هنڌ وينو هو. گهڻي وقت گذرڻ جي ڪري شاهه صاحب
مٿان واري چڙهي ويئي هئي فقط ڪيس جيڪا چادر پيئي
هئي اُنجو پلوُ ٻاهر هوا ۾ پئي لٽڪيو.
شاهه صاحب جو پيءُ پٽ جو وڇوڙو سهي نه تي سگهيو
ڪيس ڳولڻ لاءِ نڪتو ۽ اچي اُن جهنگ ۾ پهتو ته ڏنائين
هڪ پلئه ڪانسواءِ ٻيو سڀ واريءَ ۾ ڍڪجي ويو هو. سو ڪيس
ائين لڳو ته شايد سندس پٽ سائينءَ کي پيارو ٿي ويو آهي
رڙ ڪري دکه مان چيائين ته:
'لڳي لڳي واءُ، ويا لنگڙا لٽجي'
شاهه صاحب پنهنجي پيءُ جو آواز سڃاتو ۽ جواب ڏنائين
ته:

'پيئي ڪٽي پساهه، پسڻ خاطر پرينءَ جي'
ائين چئي اچي پنهنجي پيءُ سان گڏيو.

(٣٢١) پرپوءَ جو انت ڪيئن لهان؟

هڪ وڏو فيلسوف ٿي گذريو آهي، اُن کي اچي خيال ٿ
ته مان پرپوءَ جو انت پايان. گهر ۾ پاڻ کي هڪ هفتي
بند ڪيائين. ائين مهنا گذري ويا. هڪ سال گذري ويو.
سال گذريا. ٽي سال گذريا. جيئن جيئن پرپوءَ جو انت پائ

شاھ صاحب چيو آھي:

’دوست ڪُھائي دادلا، تو محب مارائي،
پنھنجي پيارن کي تو سختيون سھائي،
انھيءَ ۾ آھي، ڪا عجب ڳالھ اسرار جي.‘

قاسي تي چاڙھڻ کان اڳ سڀ سندس شيون آڻي سندس سامھون
ئي ساڙڻ لڳا. ھڪ ھڪ وستو سڙندي ويئي پر ھن کي ڪو خيال
ڪونہ ٿيو. ھنن جو تہ اھوئي مطلب ھو تہ ڪنھن شيءِ يا چيز
تي منصور جو خيال اٽڪي ۽ اُنکي سڙندو ڏسي دکي ٿئي، وياڪل
ٿئي پر ھو شانت رھيو ڪجھ ڪونہ ڪڇيائين پر جڏھن سندس
گودڙي اونڌي ڪيائون تہ اُن مان جيئرو جاڳندو وڇون نڪري
آيو جنھن کي ھڪدم ماري ڇڏيائون. جڏھن وڇونءَ کي ماريندو
ڏٺائين تہ وٺي رڙيون ڪيائين. ڳوڙھا ڳاڙيندي چيائين تہ منھنجي
سڄڻ کي ڇو ٿا ماريو؟ ھن توھانجو ڇا بگاڙيو آھي.

پڇڻ لڳا تہ ھيءُ تنھنجو سڄڻ ڪيئن ٿيو؟

چيائين ’جڏھن اکيون ننڊ ۾ پرجي ايندييون ھيون تہ ھن
وڇونءَ کي گودڙيءَ مان ڪڍي پاڻ کي چڪ پارائيندو ھوس
تہ جيئن ننڊ ڦٽي ۽ منھنجي ننڊ ڦٽائڻ وارو آھي. ننڊ ڦٽندي
ھئي تہ سائينءَ جي خيال ۾ وھندو ھوس. تڏھن تہ چيم تہ
ھيءُ منھنجو سڄڻ آھي.‘

اھڙيون پريکشائون سائينءَ جي پيارن ڏنيون آھن تڏھن سائينءَ
جي درگاھ ۾ قبول پيا آھن.

(٣٢٤) شراب ۾ نشو ڪونھي

ھڪ ماڻھو شراب جي دڪان تي ويو. اُتي دڪاندار کي
چيائين تہ پئسي جو شراب ڏي.‘

دڪاندار چيس ’پئسي جو شراب ڪيئن ملندو گھٽ ۾ گھٽ
ٻي چئين آني جو تہ وٺ.‘

کي چيائين تہ ’هوڏانهن نهار. مونکان سهڻي عورت پيئي وڃي

جيئن شاھ صاحب پنيان نهاريو تہ اُن عورت کيس کياڙي

تي ٿڦڙ وهائي ڪڍي.

شاھ صاحب بيت چوندو هليو ويو.

’وٺيو وڃ وات، ڪنڌ مَ ڦيرج ڪڏهن،

متان پوءِ ڦير لپاٽ، لڳيئي نہ لطيف چوي.‘

(٣٢٣) منصور ۽ گودڙي!

جڏهن ڪو شش گروءَ وٽ نام جي بخشيش لاءِ عرض ڪرڻ

ويندو آهي تہ ستگرو ڪرپا ڪري کيس نام جو دان تہ ڏيند

آهن پر ڪي خاص سکيائون بہ ڏيندا آهن. پهرين سکيا اهائي

هوندي آهي تہ نام وٺڻ سولو پر اُن جي ڪمائي شش کي

ڪرڻي آهي. اها آهي پنهنجو پاڻ تي ڪرپا ڪرڻ. ڪو وقت

مقرر ڪري ضرور آسن لڳائي ويهي نام جو سمرن ڪجي. گيتا

جي ڇهين اڌياءَ ۾ بہ شري ڪرشن ارجن کي گيان جو اپديش

ڏيندي سمجهايو آهي تہ آسڻ تي ويهي صبح سوير اُٿي نام

جپڻ گهرجي. آسڻ نہ تمام مٿي هجي ۽ نہ تمام هيٺ. پوري

ميزان تي هجي. ڪاڏو بہ رات جو گهٽ کائجي جيئن ايڪانت

۾ وهڻ وقت آلس نہ ٿئي ۽ تين خاص ڳالھ جا شري ڪرشن

سمجهائي آهي تہ اوجاڳو ضروري آهي پر حد جي اندر.

درويش اوجاڳي جو خاص ڌيان رکندا آهن. جيئن اُتون ت

آلس بنا هٿ منهن ڌوئي نام جپڻ ۾ لڳي وڃون. ائين ڪرڻ

تمام ضروري آهي. پنهنجي ننڊ ڦٽائڻ لاءِ درويش ۽ فقير جد

جدا طريقا اختيار ڪندا آهن. منصور جي ڳالھ ڪندا آهن

تہ هو پنهنجي ستگروءَ جي شرن ۾ اچڻ سان اُن رنگ ۾ رنگجي

ويو هو. کيس ڦاسيءَ تي ٽي چاڙهيائون. سائينءَ جي پيار

کي دنيا جا لوڪ سزائون ڏيندا آهن.

(٣٢٦) بلي شاھ جو مرشد شاھ عنايت کي مڃائڻ

بلي شاھ جو مرشد شاھ عنايت ھو. بلي شاھ سعيد ھو ۽ سندس مرشد آراين جي ڪل مان ھو جو سعيدن کان گھٽ ھئو. بلي شاھ جي مٽن مائٽن ھن ڳالهه تي ڏاڍي ڇو پڇوءَ تي سعيد تي وجي پاڻ کان گھٽ ذات جو مرشد ڪيو اٿس پر بلي شاھ جو پنھنجي مرشد سان ڏاڍو قرب ھو. ھو رھندو ئي پنھنجي مرشد وٽ ھو. سندس دل وجان سان شيوا ڪندو ھو. ھر وقت سندس مستيءَ ۾ رھندو ھو.

'بلي شاھ نون شاھ عنايت شونق شراب ڏتوئي،

ميءِ جو پيوڻ مست جو تيوڻ، صافون صاف تيوئي.'

سندس پيءُ جيڪو شاھ سان ناراض ھو ھڪ ڏينھن سڏو شاھ عنايت جي گھر گھڙي آيو تہ اُن وقت چاتو ڏسي بلي شاھ کي سندس مرشد چوي تو تہ 'وڃي منھنجو باٿ روم صاف ڪر' 'بلي شاھ يڪدم اُٿيو پر سندس پيءُ اھڙو مرشد جو ورتاءُ ڏسي ڪاوڙجي ويو ۽ پٽ کي گھٽ وڌ ڳالھايائين چيائين 'تون سعيد تي ھن آراين جي باٿ روم صفا ڪندين. ھيئنر ھل گھر. مان توکي وٺڻ آيو آھيان.'

بلي شاھ کي بہ پنھنجي مرشد جو حڪم سندس پيءُ جي سامھون ڪونہ وڻيو ۽ بنا سوچ ويچار جي پيءُ سان گڏ ھليو ويو.

'پر جنھن کي لڳي يار سان، سا ڇا ڪندي گھر بار ۽ دنيا کي.'

گھر تہ آيو پر سندس من ئي نہ لڳي،

ھنجي پينرن ۽ ياجاين ھن کي گھڻو سمجھايو پر ھو پنھنجي مرشد کي ڇڏي ڏاڍو ويڳاڻو ٿيو ۽ تڙڦڻ لڳو. پنھنجي ستگروءَ کي پرچائڻ ۽ مڃائڻ لاءِ ڏاڍا حيلا ڪيائين. آخر ناچڻيءَ جو

ماڻهو چيو ’مونکي شراب پيئڻو ٿوروئي آهي. مان تہ مچڻ
کي لڳائي محفل ۾ ويندس تہ جيئن ٻيا سمجهن ۽ مونکي
بہ نشو چڙهيو آهي. ادا! نشو تہ اندر اسانجي ورتيءَ ۾ آهي
شراب مان نشو ٿوروئي ٿيندو آهي.‘

دک سک، خوشي غم سڀ اندر آهي.

ڪٿان ڪٿي ڪونہ ايندو آهي. اسانجي ورتيءَ ۾ آهي. دک
سک ۽ خوشي غم.

(٣٢٥) الف ئي بس آهي

چوندا آهن تہ شاهہ صاحب کي سندس پيءُ ماستر وٽ پڙهڻ
لاءِ ڇڏي آيو. ماستر صاحب چيس تہ ’چئہ الف‘ شاهہ صاحب
چيو ’الف‘ وري ماستر صاحب چيس ’ب‘ شاهہ صاحب چي
’ب‘ مان نہ پڙهندس. ’الف‘ ئي بس آهي.‘

گهڻوئي ماستر صاحب کيس سمجهايو پر شاهہ صاحب با
نہ آيو ’ب‘ نہ پڙهي نہ پڙهيائين. شاهہ صاحب کي وٺي سندس
پيءُ وٽ آيو. کيس اچي سچو حال ٻڌايائين.

سندس پيءُ چيو ’ٻچا! تون حق تي آهين. الف جو الاهي
علم سڀ کان وڏيڪ آهي پر اُن سان گڏ وهنواري علم ب
ضروري آهي: تنهنڪري ’ب‘ کي بہ ڇڏڻ نہ گهرجي، اڪث
فقير درويش ’الف‘ جي علم کان پوءِ اڳيان پڙهڻ لاءِ نابري
واريندا آهن. گرو نانڪ بہ ائين ڪيو سچل سائين بہ ائير
ئي چيو.

’ملان مارِ مَ مون، سڄڻ ڏسان ڪين سبق پڙهان
الف اسان نون يار پڙهيا، بي دي بانس نہ بون‘

ويئي ۽ اُنکي پنهنجو سڀ ڪجھ سمجھڻ لڳي.

اُن شهر جي راجا جي ڪن تي اها ڳالھ پيئي تہ هن سوچيو تہ هيءَ منهنجي لائق آهي. وزيرن کي حڪم ڏنائين تہ هن کي زبردستيءَ محل ۾ وٺي اچو. جيئن ئي وزير وٽس ويا. هن وٺل کي سهايتا لاءِ ٻاڏايو. غريبنواز دينن جو ديال سچي پڪار تي ڊوڙندو آيو ۽ اچي ڪناپاترا جي مدد ڪيائين.

وزيرن جيئن ئي ڪيس گهيليو پئي تہ ڪناپاترا چيو تہ وٺل بابا جو درشن ڪرڻ ڏيو. پوءِ مان توهان سان هلنديس. وزيرن جي اجازت سان وٺل جي مندر ۾ ويئي. پڪارڻ لڳي 'هي وٺل! تون منهنجو بابو آهين. پيو ڪو تہ منهنجو مددگار ڪونهي. تون ئي منهنجو آڌار آهين. سهارو آهين. وٺل جي مورتي ڏڏڻ لڳي. وزير ڊڄي ويا. اُها مورتي سندن پيڇو نہ ڇڏي. جڏهن ڪناپاترا کي ڇڏيائون تڏهن مورتي ساڳي جڳھ تي استاپت ٿي ويئي.

بي درد راجا کي ڪي ئي سيڪتون ڏنائين. راجا لاچار ٿي ڪناپاترا جي پچر ئي ڇڏي ڏني.

اهو تہ آهي درشتانت. سڌانت اهو آهي تہ پنهنجو ارادو پختو آهي. سنڪلپ شڀ آهي تہ پريو اُنهن جي پڪار ٻڌي رڪشا ڪري ٿو.

(٣٢٨) سوامي رام تيرٿ!

رام تيرٿ اڌ رات جو چرڪ ڀري اُٿندو هو ۽ پاڻ کي چوندو هو تہ مان ٢٢ سالن جو ٿي ويو آهيان. مونکي سائينءَ جو درشن نہ ٿيو آهي. ڀڳت پرهلاد اٺن سالن جي عمر ۾ نارائڻ جو درشن ڪيو. ڌرو ڀڳت پنجن سالن جو هو جو ڪيس وشنو ڀڳوان جو درشن مليو. مان پنهنجي املھ حياتي وڃائي رهيو آهيان.

'هي تيرٿرام! تون چيتن آهين. تون اجر امر ٿي هن فاني دنيا ۾ ڦاٿو پيو آهين. ڪڻ ڀنگر پدارٿن لاءِ پاڻ کي ختم ڪري

ويس ڪري وجي مرشد جي گهر نچڻ لڳو.
’تيا تيا ڪر يار تسا ڏي، مئن عشق نچايا
سر گجراتي گل پيشوا تي، ڪنگڻ ڪڙيان نلي پاتي،
من پيارل پاوين جهاتي، تيڏي سانگي يارهڻ مئن سانگہ بڻايان.‘
وجي مرشد کي ريجهائڻ لاءِ ناچڻي تي نچي ڳائڻ لڳو.
تڏهن شاهه عنايت پڇيو ’هيءُ ڪير آهي؟‘
جڏهن کيس ٻڌايو ويو تہ ’توهانکي ريجهائڻ ۽ پرچائڻ لاءِ بلي شاهه هيءُ ويس ڌاريو آهي. هن کي ڏاڍو پڇتاءُ ٿيو آهي ۽ هو توهان کان سواءِ رهي نٿو سگهي.‘
تڏهن ڇون ٿا شاهه عنايت جي دل پڃي پيئي کيس گلي سان لڳايائين ۽ کيس ٻڌايائين تہ مان بہ تو لاءِ تڙڦي رهيو هوس. ڇو جو تون منهنجو انگہ آهين ۽ مونکي پڪ هئي تہ تون ايندين. ضرور ايندين.

(٣٢٧) ڪناپاترا جو پڪو ارادو

شياما وئشيا هئي. کيس ڌيءُ هئي ڪناپترا. هن کي نرتيہ سيکاري تيار ڪيائين. کيس پاڻ واري ڌنڌي تي لڳائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيائين. پر ڪناپاترا جو اهو درڍ سنڪلپ هو تہ مان اهو ڌنڌو نہ ڪنديس. گراهڪ هن کي سمجهائڻ لڳا. وئشيا جون ساهيڙيون چوڻ لڳيون تہ توکي تہ اهو ڌنڌو ڪرڻو ئي پوندءِ پر هن پنهنجو ارادو نہ بدليو. هوءَ ٽس مان مس نہ ٿي. تڏهن سيني چيس تہ ڀلا هڪ سان شادي ڪري پنهنجو گهر وساءِ. ڪناپاترا جواب ڏنو تہ منهنجي لائق ڪو پتي ئي ڪونهي.
ڪنهن سان گڏ هوءَ ڀڳت تڪارام جي ڪيرتن ۾ ويئي. هن کي ڏاڍو آنند آيو. هوءَ وٺل ڀڳوان جي پريم ۾ لين ٿي

ھئا. ھڪڙي ڏينھن راڄ جي ڪم مان فارغ ٿي شام جو ٻاھر
سير لاءِ نڪتا. سير ڪندي اچي اُتي پھتا جتي ھڪ ٻُڍڙي
غريب وڏوا چيٽو ڳڏ ڪري ٽوڪريءَ ۾ پئي وڌو. ٽوڪري ڀرجي
ويئي. ڪٽي مٿي تي رکڻ ۾ دقت پئي ٿيس. ايتري ۾ ڏٺائين
ته ٻه جڻا پيا سامھون اچن سو ھن پڪار ڪئي ٻچا! ٻڍي
ھيان ٽوڪري ڪٽي نٿي سگھان. ھٿ ته وجھايو.' ھن ويچاريءَ
کي ته خبر ڪونه ھئي ته ھو راجا ۽ پرڌان منتري آھن.
راجا ۽ منتري ٻئي ھڪ ٻئي ڏانھن نھارڻ لڳا.
آخر راجا کي ٻڍڙيءَ جو خيال ٿيو ۽ وڃي ڪيس ٽوڪريءَ
۾ ھٿ وجھايائين ۽ ٽوڪري سندس مٿي تي رکيائين ۽ ڪيس
ھٿو سنتوش مليو. راجا سمجھيو ته منتري منھنجي ڪم جي
ڀاراھ ڪندو پر منتريءَ ته ڪجھ ڪونه ڪڇيو. راجا پاڻ ئي
منھنجي دوست منتريءَ کي چيو ته مون چڱو ڪم ڪيو نه
جو ويچاري ٻڍڙيءَ کي مدد ڪيم. ڏاڍي لاچار پئي لڳي.
منتريءَ چيو 'منھنجي استيعفا قبول ڪيو.'
راجا وائڙو ٿي ويو ته ھيءُ چوي ڇا پيو؟ وري پڇيائينس
ڇا اھو چڱو ڪم ڪونه ھو؟'
منتريءَ چيو 'برابر چڱو ڪم ھو. نيتيءَ وارو ھو. پر مان
منھنجو متر آھيان تنھنڪري سچ چوڻ کان رھي نٿو سگھان.
توھان کي ٻڍيءَ جو بوجو لاھڻ کپندو ھو. توھان ٿاھي ٽڪي
جو سندس مٿي تي رکيو. شھر جا راجا آھيو. سوچيو ته ھا
ن ٻه ويلا روٽيءَ ته ھن عمر ۾ راجا وٽان لھڻا. پرجا توھانجو
سنب آھي اُن جي پالنا ڪرڻ توھان جو پرم ڪرتويہ آھي.'
راجا چڪت ٿي ويو ۽ سڄي ڳالھ سمجھي ويو ۽ پنھنجي
جا شڪرانا مڃيائين.
متر اُھو جيڪو اسان کي صحيح صلاح ڏئي. ڪانئڻ پيئڻ
ھمڻ ڦرڻ کي دوستي نه چئبو آھي.

رهيو آهين. سکي تيڻ تو چاهين تہ اندر جهاتي پاءِ. اُن سکہ سروپ کي ڳولي لھ تنهنجو تو ۾ آهي. اُٺ! اُٺ جهاتي پاءِ.'

ائين پاڻ سڃاڻندي جهاتي پائيندي رام تيرٿ سنت بڻيو.

'سچا سکڻا ڪوئي نهين، سب کي اندر لال،
مورکہ ڳنڍ کولي نهين، ڪرمي پئيا ڪنگال.'

هي منش! تون بہ سچو سکڻو ڪونہ آهين. تون بہ آنند سان پرپور آهين. تون بہ اُن سکہ کي پائي تو سگهين. سڃاڻي ڏار. ڪر نام سان پيار!

(۳۲۹) اروندو گهوش جو سپنو

اروندو گهوش کي ديش جي شيوا ڪندي جيل ۾ وڃڻو پيو. اُتي کيس ڏاڍيون سختيون ڏنائون کيس ڪاڏو بہ پٽرن ڳاڏر دال ۽ مٽيءَ واري اٽي جي روٽي ملندي هئي. ۽ ڪانئس ڪڙي محنت ورتي ويندي هئي.

جيل ۾ کيس سپنو آيو. 'مونکي خبر آهي مان توکان ڇا تو ڪرائڻ چاهيان همٿ رکہ گهبراءِ نہ!'

پوءِ تہ سپني کي خبر آهي تہ سندس وڪيل ٻنڌو بڻيو. اُن اهڙا دليل ڏنا جو انگريز وڪيل کي قبول ڪرڻو پيو تہ اروندا گهوش نردوش آهي. اُن کي آزاد ڪيو وڃي.

'جو جانڪي شرني پڙي-تئسي تس کي لاج.'

دکہ سکہ ۾ سچي هرديہ سان ايشور جي شرن وٺڻ سان پرماتما انتر آتما جي پڪار سڻي ٿو. اونائي ٿو. دکہ دور ڪري ٿو.

(۳۳۰) راجا ۽ منتريءَ جي مترتا

راجا ۽ پرڌان منتري ٻئي هڪ ٻئي جا گهرا دوست هئا. گڏجي راڄ جو ڪم تہ ڪندا هئا پر ٻاهر بہ گڏجي نڪرندا

تڏهن تہ چوندا آهن تہ دوستي بہ ڄاڇي ڄاڇي ڪجي.
ڳي وڏا چوندا هئا بيوقوف دوست کان سياڻو دشمن چڱو آهي.

(٣٣٢) پيار جي شڪتي

هڪڙو ڳوناٺو پنهنجي ڳوٺ مان ٻئي ڳوٺ وڃي رهيو هو.
هو ڳوٺ ڇڱو پري هو. جيئن هو پنڌ ڪري اُن ڳوٺ ۾ گهڙيو
ہ ڪن ڳوٺ جي ماڻهن هن کي آگاهہ ڪيو تہ هي ادا! سنڀالي
ڄجو ڇو جو هن ڳوٺ جا ٻار ڏاڍا ڪيڇلا ۽ شيطان آهن ۽
ڪو نئون ماڻهو ڏسندا آهن اُن کي ستائيندا آهن. هو ايتري
در تہ سِرَ ڦريا آهن جو نئين واٽهڙوءَ کي نہ رڳو گاريون ڏين
ر پٿر بہ هڻن.
اهو سڀ ٻڌي بہ ڳوناٺو اڳيان وڌندو تي ويو ۽ اُن ڳوٺ
ي ماڻهن کي سمجهايائين مونکي تہ هن ڳوٺ مان لنگهڻو
ي پوندو پنهنجي ٺڪاڻي تي پهچڻ لاءِ. مان توهانجو ٿورائتو
يان جو توهان اڳواٽ ئي مونکي خبردار ڪري ڇڏيو. هو
هنجي راهہ وٺي اڳيان وڌي ويو.
شيطان ٻار ڳوٺ جي چؤنڪ وٽ ويٺا هئا.
جيئن ئي نئين ماڻهوءَ کي لنگهندو ڏٺائون سندس رستو
ڪي بيهي رهيا ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائي اڳيان وڌڻ ئي نہ
ن. پر هي ڳوناٺو دل جو صاف ۽ پيار وارو هو سو ٻارن جي
ڪت ڏسي ٿورو مشڪيائين. ڇوڪرا هن جو اهو وهنوار ڏسي
ران تي ويا ۽ سوچڻ لڳا تہ ٻيا جيڪي هتان لنگهندا آهن
ن اُنهن کي جي هيئن پريشان ڪندا آهيون تہ موٽ ۾
بہ اسانکي گاريون ڏيندا ۽ هٿ بہ کڻندا آهن. پر وري
ڪ ٻئي کي اشارا ڏيئي ستائڻ جو فيصلو ڪري اُن ڳوناٺي
ن پٿر اُڇلائڻ لڳا. تڏهن بہ هيءُ ڳوناٺو شانت رهيو. نہ
ڙيو ۽ نہ هنن کي ڪجهہ چيائين. پيار ۽ سنيهہ سان اُنهن

(٣٣١) راجا ۽ باندر

راجا جي باندر سان دوستي ٿي ويئي. سيني کيس ورج
تہ راجا جواب ڏنو تہ ماڻهن جي دوستي آزمائي ڏٺي اٿ
باندر جي دوستي ئي نيڪ آهي. چئيوان تہ آهي. جيڪي م
چوانس ٿو اُهو جهٽ ڪري ٿو وجي. ماڻهن بہ گهڻوئي سمجهاي
تہ ماڻهو نيٺ ماڻهو آهي. اُن ۾ سمجهہ آهي. باندر، بان
آهي، پر راجا نہ مڃيو.

باندر سڀ راجا جا ڪم سندس حڪم انوسار ڪندو ه
۽ جيڪي راجا چوندو هو تہ باندر ڪنڌ ڌوڻي اهوئي اظه
ڪندو هو. تہ سچ آهي. سچ آهي.

هڪڙي ڏينهن راجا شڪار تي ويو ۽ باندر کي بہ ساڻ و
ويو. شڪار ڪري راجا آرام ڪرڻ تي چاهيو. باندر کي حڪ
ڪيائين تہ هيءَ ننگي تلوار کڻي ويهي رهہ جيئن ڪو م
پاسي نہ اچي ۽ منهنجي آرام ۾ خلل نہ پوي. ٻيو تہ ڪ
ڪونہ آيو. پر هڪڙي مکہ گهڙيءَ گهڙيءَ هيڏانهن هوڏانه
ڦري گهري اچي راجا جي نڪ تي تي ويني. باندر ڏا
اُنکي اُڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر وري وري اچي نڪ
وهي. هونئن بہ مکين جي عادت آهي جتان اُڏايون اُتي و
اچي وهنديون. باندر مکہ کي ننگي تلوار سان اُڏائڻ لڳو.
وري ڏسي تہ نڪ تي ويني آهي.

باندر کي بہ لڳي ڪاوڙ پاڻ کي چيائين هاڻي نہ ڇڏيندوسان
سو جيئن ئي تلوار مکہ کي تي هنيائين تہ راجا جو نڪ ڪٽ
ويو. باندر جو اهو ڏنو سو تلوار اُتي ڦٽي ڪري اُتي ڀڳو. ر
اُهائي ننگي تلوار کڻي باندر پٺيان ڊوڙيو پر پڪڙي نہ سگه
نڪ ڪٽائي اچي پنهنجي راڄ ۾ پهتو. سيني ڏٺو پر ر
سان ڪير ڪڇي! دل ۾ چيائون جيڪو باندر سان دوستي ڪ
تنهنجو اهوئي حال ٿيندو.

مورکہ جي دوستيءَ مان ٻيو کهڙو تو نتيجو نڪري سگ

تي. دکيءَ کي سک ڏئي ٿي. منجهيل کي آٿت ڏئي ٿي. پيڙا وارن کي آٿت ڏئي ٿي.

(٣٣٣) پريم ئي پرماتما آهي

ڳالھ ڪندا آهن هڪڙي پيري سنسار مان نوان آيل روح اچي سرڳہ جي دروازي تي بيٺا پر در تي يمراج جا دربان بيٺا هئا ۽ کين اندر وڃڻ کان روڪي رهيا هئا. هرهڪ روح کي پنهنجي ساراھ ۾ ڪجھ نہ ڪجھ چوڻو هو.

هڪڙي روح چيو 'مون سڀ شاستر پڙهيا آهن. مون ڌرتيءَ تي پنهنجي سڄي جيون پڙهڻ ۾ گذاري آهي مهرباني ڪري مونکي اندر وڃڻ ڏي.'

يمراج جي دوتن سندس رڪارڊ ڏٺو ۽ چيائون 'برابر تو ويد پڙهيا آهن. توکي پستڪي گيان ٿيو آهي پر اُنهن توکي اهنڪاري ڪري ڇڏيو آهي. اهڙو گيان توکي اندر وڃڻ جي موڪل نٿو ڏئي.'

ورھ بيو روح آيو جنهن چيو 'مون سڄي حياتي تپسيا ۽ ورتن ۾ گذاري آهي. مون اُن لاءِ ڏاڍا ڪشٽ سٺا آهن مونکي اندر وڃڻ ڏي.

يمدوت چيو 'برابر مون تنهنجو رڪارڊ ڏٺو آهي. تو جپ تپ پوڄائون ڪيون آهن ۽ تو برابر تياڳہ ۽ ويراڳہ ڪيو آهي پر سڀ پنهنجي نالي ڪمائڻ لاءِ. اها مشهوريءَ جي اڇا تنهنجي لاءِ اندر وڃڻ لاءِ رڪاوٽ آهي.'

وري ٽيون روح آيو سماجڪ شيوا وارو جنهن پنهنجي باري ۾ ٻڌايو 'مون تہ هر وقت ڏين ڏکين جي شيوا ڪئي آهي. مان گهڻن ئي پر اُپڪاري سنسٿائن جو ميمبر ٿي ڪم ڪيو آهي. اناٿ آشرمن ۾ وڃي ٻارن کي سنڀاليو آهي. اسپتالن ۾ وڃي بيمارين جي سنڀال ڪئي آهي. مونکي تہ اندر وڃڻ

ڏانهن نهاري اُنهن جي اڳيان هٿ جوڙي جهڪي بيهي رهيو
ڇوڪرا سُن ٿي ويا. هي ڇا؟ اسان کي ڪجهه ڇوي نہ ن
پر پاڻ اسان کان دعا پيو گهري.

اهڙو ڳوڻاٽي جو نمونو ڏسي هو ڏاڍا پشيمان ٿيا. اُنهن ڇوڪر
جو جيڪو ليڊر هو تنهن سيٺي کي پٽر اُڇلائڻ کان روڪ
۽ چيائين تہ هي ڪو رواجي ماڻهو ڪونہ ٿو ڏسجي هي
ڪو سنت ٿو لڳي ۽ اڇو تہ سڀ گڏجي هنڪي پيرين پئ
معافي وٺون. پوءِ تہ هڪ هڪ ٿي پنهنجي ڪئي تي پڇتائ
اُن ڳوڻاٽي کان پنهنجي هلت لاءِ پنهنجي ڪڌي ڪرم ج
پل بخشائڻ لڳا ۽ اهو بہ چيائون تہ اسان کي توهان جه
پيارو ڏيو ئي ڪونهي. اسان حرڪتون ڪندا آهيون موٽ
اسانکي بي عزتي ۽ موچڙا ملندا آهن. توهان تہ عجيب شخ
آهيو نہ ڪجهه چئو ٿا، نہ غصو ٿا ڪريو ۽ نہ وري ڪا شڪاي
ٿا ڪريو.

اُن ڳوڻاٽي چيو 'مان سنت نہ آهيان. مان بہ توهان جه
عام رواجي انسان آهيان. پر مان پاڳن وارو آهيان. جو م
ڪنهن ڪامل پرش جي چرنن ۾ ويهي سياٽپ جا ٻول
آهن. ۽ سندس ور ور اهوئي وچن هوندو آهي. پيار ڏيو سي
سان پريم سان پيش اچو ڇو جو پريم ئي پرماتما آهي. جيڪ
مونکي گل هڻن ها تہ توهان کي پريم جي پيٽ ڪري ڏي
ها. هلو مونکي بازار ۾ وٺي هلو تہ مان توهانکي گل خر
ڪري پيٽ ڪريان.'

سڀ ڇوڪرا اجا بہ وڌيڪ حيران ٿيا. گل ۽ هار تہ اسان
ڏيڻ گهرجن. ڏاڍو دل کي آٿت آين ۽ سبق سکي ويا ۽ سند
ڪنور دليون پگهرجي پيئون ۽ وري وري آسيس گهرڻ لڳا
سائين! اسان کي آشيرواد ڏيو تہ اسين پنهنجو هيءُ شيطان
وارو سڀاءُ ڇڏي. پريم ۽ سنيهہ جو سڀاءُ ڌاريون ۽ پنهنجو ج
سڦلو ڪريون.

پيار ۾ ڏاڍي شڪتي آهي. اُها مايوس کي خوش ڪ

(٣٢٤) اشٽاوڪر جو گيان

اشٽاوڪر پنهنجي پيءُ کي راجا جنڪ جي راڄ پنڊت جي بند مان آزاد ڪرائي آيو. نہ صرف پنهنجي پيءُ کي ڇڏايو پر ٻين ودوانن کي بہ ڇڏايو.

گياني اشٽاوڪر رشي اُدالڪ جو پوٽو هو. رشي اُدالڪ ودوان ۽ برهم گياني هو.

رشي اُدالڪ جي آشرم ۾ برهمڻ، ديوتائون ۽ راڄ ڪمار ويدانت ۽ شاسترن سمرتين جا پروچن ٻڌڻ ايندا هئا. اُتي اشٽاوڪر جيتوڻيڪ ننڍي عمر جو هو تہ بہ اچي شونق سان ڏاڏي جي گيان جون وارتائون ٻڌندو هو ٻيا سڀ اشٽاوڪر کان وڏيءَ عمر جا شاگرد هئا پر اشٽاوڪر ذهين هو وديا جا سبق ويندو هو گرهڻ ڪندو. هڪ ڀيري ادويت سڌانت جي فيلسوفيءَ ۾ اهڙو سوال آيو جو خود اُدالڪ رشيءَ جو پٽ شويڪيتو اُن جو جواب ڏيئي نہ سگهيو پر اشٽاوڪر اُن ڏکئي سوال جو جواب ڏيئي ۽ سرل نموني ۾ سمجهايو. مثال ڏيئي اُن جي وضاحت سمجهائي ڏني. ڏاڏو اُدالڪ ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ پوٽي کي گود ۾ وهاري مٿي تي هٿ گهمائي آسيس ڪيائين.

پر شويتڪيتو حسد سبب اندر ئي اندر خار کائي رهيو هو سو ٺٺولي ڪندي چيائين او اشٽاوڪر! اها هوشياري وڃي پنهنجي پيءُ کي ڏيکار.... اشٽاوڪر تہ اُدالڪ رشيءَ کي ئي پنهنجو پيءُ سمجهندو هو ۽ شويڪيتوءَ کي پنهنجو پاءُ سمجهندو هو. اها ٺٺوليءَ ڀري طنز ٻڌي هو روئندو پنهنجي ماءُ وٽ آيو ۽ پڇيائينس، اُدالڪ رشي منهنجو پيءُ ناهي تہ منهنجو پيءُ ڪير آهي؟ ۽ ڪٿي آهي؟؟

سندس ماءُ جا ڳالھ ١٢ سالن کان پنهنجي دل ۾ سانڍي ويٺي هئي سا سچي کولي پنهنجي پٽ کي ٻڌايائين تہ پٽ! اُدالڪ رشي تنهنجو ڏاڏو آهي ۽ تنهنجو پتا ڪاهول رشي راجا جنڪ جي دربار ۾ راڄ پنڊت بنديءَ جي آڳيا ۾ ٻڌجي

ڏي.' بمدوت ڪيس چيو 'سماجڪ شيوڪ گهڻو ڪري سماج ۾ پنهنجي سڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ شيوا ڪندا آهن ۽ تو به ائين ڪيو آهي ۽ تو به شيوا ڪندي گهٽيئي لاڀ ورتا آهن تنهنڪري توکي به اندر وڃڻ ڪونه ملندو.'

پريان چوٿون روح ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺو هو. جنهن پنهنجي سڄي جيون ماڻهن کي پيار ڪندي گذاري هئي. اُنهن کي به پريم ڏنو جن هن سان نفرت تي ڪئي. هن نه صرف اُنهن کي پريم ڏنو جن کي سندس پريم جي پرواهه ڪونه هئي پر اُنهن کي به پنهنجو قرب ڏنو جن ڪيس ستايو تي.

دوتن ڏانهن نهاريندي اُن روح آکيو 'مان نه آهيان اڻ پڙهيل ۽ اڻ ڄاڻ. مون نه شاستر پڙهيا آهن ۽ نه ڪي ڪتاب. مان نه شاهوڪار آهيان ۽ نه ڪو مونکي وڏو عهدو آهي. نه مون جپ تپ ڪيو آهي. مون فقط ايترو ڪيو آهي جو سڀني کي پيار ڏنو آهي. ذات پات ۽ ڀيد ڀاوَ کان رهت رهي پيار ڪيو آهي. نه رڳو منشن کي پر جيو جنتوءَ، قدرت جي هر ڪرشمي کي، وڻ ٽڻ گل ڦل جبل ٽڪر ۽ جيتري به پريوءَ جي ڪائنات آهي مونکي سڀني لاءِ پريم آهي. مون وٽ اهوئي آهي. منهنجي لاءِ سرڳ يا نرڪ ڪا معنيٰ نٿا رکن. جيڏانهن موڪلڻ چاهيو مونکي موڪليو تڏهن به مان پريوءَ جي مهما جا گيت ڳائيندو رهندس. مان سڀني کي پريوءَ جي پريم ڏانهن ڇڪيندس مان سمجهان ٿو ته نرڪ منهنجي لاءِ وڌيڪ سٺو ٿيندو.'

دوت سندس ٻولي ٻڌي ڏاڍو پريم ۾ پرجي ويا ۽ خوشيءَ مان چوڻ لڳا 'توکي وار وار نمسڪار آهي تنهنجي لاءِ سرڳ نرڪ ٻئي دروازا کليل آهي. وڃ. وڃي سڀني کي پريوءَ جي پريم ۽ مهما جا وچن ٻڌاءِ.

سچ آهي ڌن آهي اُهو شخص جو سدائين پرماتما جي پريم ۾ لين رهي ۽ ٻين کي پريوءَ طرف ڇڪي ٿو.

پرڪاش آهي.

پوءِ تہ شاستر ارٿ لاءِ راج پنڊت ۽ اشٽاوڪر جي وچ ۾ واد وواد آرنڀ ٿي ويو.

راج پنڊت بنديءَ جي سوالن جا جواب اشٽاوڪر سهج طريقي ڏيئي ويو پر راج پنڊت اشٽاوڪر جي سوالن جا جواب نہ ڏيئي سگهيو. شاستر ارٿ جي مطابق بنديءَ جي هار ٿي ۽ اشٽاوڪر جي جيت ۽ بندي پشيمان ٿي هنجي اڳيان هٿ ٻڌي بيهي رهيو ۽ سندس ايمان تہ مان ئي سڀ ڄاڻان ٿو اُهو ڪافور ٿي ويو.

تڏهن اشٽاوڪر راجا جنڪ کي ٻڌايو تہ مان ڪاهول رشيءَ جو پٽ آهيان. منهنجو ڪو بنديءَ کي هيٺ ڪرڻ جو ارادو ڪونہ آهي. هو پلي پنهنجي عهدي تي لڳو رهي باقي جيڪي ودوان شاستر ارٿ ۾ هارايل آهن اُنهن کي آزاد ڪيو وڃي.‘

ائين ڪاهول رشي ۽ ٻين ودوانن کي ڇڏيو ويو.

(٣٣٥) بابا هريهر ۽ چور!

بابا هريهر ڏاڍو مشهور هو. سڀ ماڻهو ڪيس مڃيندا هئا. پالنپور جي اسٽيشن ماسٽر هڪ چور کي چوري ڪندي پڪڙيو. اسٽيشن ماسٽر اهو چور مهراج هريهر کي سنڀالڻ لاءِ ڏنو. ڪجهہ وقت چور ويٺو رهيو. پوءِ مهراج کي وينتي ڪيائين تہ مونکي موڪل ڏيو تہ مان پنهنجي ٻارن جي ڳاڏي پيٽي جو بندوبست ڪري اچان.

بابا چيو ’تون هيترو چوين ٿو تہ پلي وڃ پر ڳاڏي اچڻ کان ائين واپس اچجانءِ‘ چور هليو ويو. جڏهن اسٽيشن ماسٽر کي ان ڳالهہ جي خبر پيئي تہ هو ڪاوڙجي ويو. ۽ بابا کي چيائين تہ هاڻي چور جي بدران توهانکي جيل ۾ وڃڻو پوندو. توهان هنکي ڇاڻي واڻي ڇڏي ڏنو آهي.

ويو آهي.

اُن وقت ئي اشٽاوڪر پنهنجي ماءُ کان آشيرواد وٺي مٿلا
پوري راجڌانيءَ ڏانهن روانو ٿيو ۽ محل ۾ پهچي ٻاهر رکيل
نغاري تي ڏونڪو هڻي اعلان ڪيائين ته برهم وديا جي شاستر
ارٿ لاءِ تيار آهيان.

راجا جنڪ پنهنجي سنگهاسن تي براجمان هو.

ٻيا سڀ رشي مني، يوگي، تپسوي ۽ مهاتمائون پنهنجي
پنهنجي آسڻن تي ويٺل هئا. اشٽاوڪر، جنهنجي سرير ۾ اٺ
وڪڙ هئا ۽ هو پراڻا وسترن پهريل هو جيئن ئي پنهنجي ڇڇي
ڇيله ۽ تيڙي چال سان دربار اندر گهڙيو ته سڀ درٻاري سندس
سرير ۽ ٻي ڊولا پراڻا ڪپڙا ڏسي زور سان کلڻ لڳا. اهڙو وايو
منڊل ڏسي اشٽاوڪر به وٺي وڏا ٺهڪ ڏنا. پوءِ ٻي ڏڙڪ تي
سنسڪرت سلوڪ وڏي واڪي ٻڌائڻ لڳو، ’شو ڀڳوان جي مستڪ
تي چنڊ تيڙو آهي. گنگا جمنا نديون نانگ وانگر ور وڪڙن
۾ وهي رهيون آهن ۽ گڻيش ديوتا جو سرير ڏنگو آهي ۽ سندس
مٿو به هاٿيءَ جو آهي. پوءِ به انهن جي ڪيڏي مهما آهي
اُنهن جي سڀ پوڄا ڪن ٿا. سلوڪ ٻڌي درٻاري حيرت ۾
پئجي ويا ۽ چپ ٿي ويا. چوڌاري شانت ڇائنجي ويئي. پو
راجا جنڪ طرف منهن ڪري چيائين ’راجن! ڇا هيءَ چمارن
چنڊالن ۽ ڌوٻين جي سڀا آهي ڇا؟ هنن مان تون برهم گيان
جي ڪهڙي اُميد ٿو رکي سگهين؟ اهڙا ناشانائتا اکر ٻڌي
راجا دنگ رهجي ويو. راجا جو حال ڏسي اشٽاوڪر وڌيڪ سمجهاڻي
ڏيندي چيو ’چمڙي جي خبر چمارن کي پوندي آهي ته هي
ڪهڙي جانور جو چمڙو آهي. سنو آهي يا خراب ۽ هڏين جي
سڌ چنڊالن کي پوندي ته هيءُ هڏا ڪهڙي ڪم ايندا ۽ ڪپڙ
جي ڄاڻ ڌوٻين کي پوندي آهي ته هيءُ ڪپڙو سوٽي آهي
يا پٽ جو آهي يا گرم آهي. هنن درٻارين منهنجو وروڪ
سرير ڏسي ۽ ڪپڙا ڏسي ڪليو پر منهنجي آتما ته ڏنگي ناهي
آتما ته سرووياپڪ، جوت سروپ ۽ اکنڊ آهي، آتما ته سوي

ماءُ کي سنان ڪرڻ لاءِ سولائي ٿئي ۽ پوڄا به دل سان ڪري سگهي.

شنڪر آچاريہ روز صبح جو اُٿي پهرين اهائي پرارٿنا ڪندو هو. اوچتو هڪ ڏينهن جيئن هو پرارٿنا ڪري رهيو هو تہ ڏسي ته نديءَ جي ڌارا ڪناري جي ڌرتي اورانگهي رخ ڦيرڻ لڳي آهي. ۽ ٿورن ڏينهن ۾ اها شنڪر آچاريہ جي گهر جي پرسان ئي وهڻ لڳي. اهو ڪوتڪ ڏسي سڀ سندس شهر جا ماڻهو ڪيس مهان سمجهڻ لڳا ۽ سندس ماءُ به ڏاڍي خوش ٿي جو هاڻي ڪيس نديءَ تي وڃڻ لاءِ پنڌ ڪرڻو ڪونہ پوندو هو.

(٣٣٧) سنت تڪارام!

سنت تڪارام مهاراشٽر جو مهان سنت ٿي گذريو آهي. هن جي ٻاڻي اڄ به مهاراشٽر جي گهر گهر ۾ ڳائبي آهي. سندس جنم پونا جي پرسان هڪ ڳوٺ ديهو ۾ ٿيو آهي. سندس پتا ۽ ماتا ٻئي ڪرشن ڀڳت هئا. پنڌرپور ويندا هئا پنڌ ئي پنڌ پلي پندرهن ڏينهن لڳن. هو وٺوبا (ڪرشن جو نالو آهي) مڃيندا هئا.

سنت تڪارا جا ماتا ۽ پتا جڏهن عمر ۾ وڌيا تہ ڪين اچي خيال ٿيو تہ هاڻي پنهنجي پٽن کي ڏنڌو ۽ گهر ٻار ڏيئي وڃي پريوءَ جو ڀڄن ڪريون. وڏو پٽ ويراڳي هو. اُن سندن ڳالهہ ڪونہ مڃي. سنت تڪارام ٻيو نمبر پٽ هو. هن پيءُ ماءُ جو چيو مڃي دڪان سنڀاليو. سچائي سان هي ۽ شيءِ توري ڏئي ۽ پيسي جي ايمانداري رکي ڏنڌو سنڀاليو. جڏهن سندس ماءُ پيءُ هن سنسار مان لڏي ويا تہ هن کي ۾ ويراڳہ اچي ويو. ڏنڌي ۾ بہ هن جو من ڪونہ پيو لڳي. هن جو من ۾ پريوءَ ۾ لڳڻ لاءِ آتو هو. ڪيرتن ڪندو رهندو هو. ڳهٽيئي ڳوٺ جا ماڻهو هن جو ڪيرتن ٻڌڻ ايندا هئا.

بابا چيو ’فڪر نہ ڪر. ڳاڏي اچڻ کان اڳہو موٽي ايندو.‘ جيتوڻيڪ چور جي نيت صاف نہ هئي. هو تہ بابا سان چالاڪي ڪري گهر وڃڻ جي موڪل وٺي ويو هو. هو تہ ڀڄي وڃڻ لاءِ ئي نڪتو پر جيئن جيئن اڳيان پيو وڌي تہ هن کي ائين پئي محسوس ٿيو تہ هربهر بابا لڪڻ کڻي سندس پنيان پيو اچي ۽ ان ڪري هو ڳاڏيءَ جي اچڻ کان اڳ موٽي آيو.

(٣٣٦) آدي شنڪر آچاريہ جي پرارٿنا!

آدي شنڪر آچاريہ ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي تپسيا ۾ مگن رهندو هو. ٥ سالن جي عمر ۾ هن کي سماڌيءَ جو انڀوءَ ٿيو هو.

شنڪر آچاريہ جي ماتاوششتا ديوي پنهنجي ڪُل ديوتا شري ڪيشوَ جي پوڄا ڪرڻ ويندي هئي. هو ٻهرين نديءَ ۾ سنان ڪري پوءِ مندر ۾ پوڄا ڪرڻ ويندي هئي.

هڪڙي ڏينهن هوءَ صبح جو ئي پوڄا جي سامگري کڻي مندر ڏانهن ويئي پر شام تائين واپس ڪونہ آئي.

اُن وقت شنڪر آچاريہ ٧-٨ سالن جو هو. هن جو ڀڳوان ۾ پورڻ وشواس هو ۽ ڀڳتي بہ گهڻي ڪندو هو. جڏهن شام تائين سندس ماءُ ڪونہ آئي تہ هن کي ڏاڍو اونو ٿيو ۽ ماءُ کي ڳولڻ لاءِ نڪتو. جيئن ئي مندر جي ويجهو پهتو تہ ڇا تو ڏسي تہ هن جي ماءُ بيهوش ٿي مندر جي پاسي ۾ پيئي آهي. هن ماءُ کي ڌونڌاريو پر ڪجھ نہ وريو. وئد کي وٺي اچي هن جو علاج ڪرايو تڏهن هوءَ هوش ۾ آئي.

ندي گهر کان پري هئي. هن جي ماءُ کي اوستائين پهچڻ ۾ دير بہ لڳندي هئي ۽ تڪليف بہ ٿيندي هئي. شنڪر آچاريہ من ئي من ۾ ڀڳوان کي ور ور ڪري پرارٿنا ڪئي تہ هي ڀڳوان! ڪيئن بہ ڪري نديءَ جو رخ موڙي ڇڏيو جيئن منهنجي

پئنچات کان قاعدو پاس ڪرائي آيو تہ هي گهٽ ذات جو
ڳوناٺو تي ڪري پنهنجي اُچاريل ٻاٽي وينو ڳارائي. پئنچات
اهو حڪم ڪڍيو تہ سندس لکيل اينگہ نديءَ جي پاڻيءَ ۾
ٻوڙيا وڃن. پئنچات جي حڪم اڳيان هن ڪي سر جهڪائڻو
پيو. هن جي سامهون هزارين اينگہ اندرياڻي ندي جيڪا ديهو
ڳوٺ مان لنگهندي آهي اُن ۾ ٻوڙايا ويا هن جي دل پرجي
آئي. تڪارام جيئن ڏنو تہ لڙهندا تا وڃن تہ پهريون پيرو
هن پريوءَ کي ڏوراپو ڏنو ۽ سن تي ويو. اُتيئي وينو رهيو چوي
تو ’مان نہ کائيندس، نہ پيئندس.‘ هڪ ڏينهن ٻہ ڏينهن ائين
تيرهن ڏينهن گذري ويا. ڪيرتن پيا تين نديءَ جي ڪناري
تي. هي وينو آهي. وٺوبا اچي اڳيان بيٺس چيائينس ’ٻچا!
تـ پنهنجي گروءَ کي بڌاءِ تہ تنهنجا هزارن ۾ اينگہ نديءَ
ڪنيا آهن سي وري توکي ندي واپس ڏئي.‘
عجب آهي! پنهنجي گروءَ کي اچي تو وٺوبا جي ڳالهہ ٻڌائي
اُن وقت ڏسن تہ اُهي ڪاغذ پاڻيءَ ۾ ترندا پيا اچن. موتي
يا اچن. تڪارام خوشيءَ وچان نچڻ لڳو پوءِ چوي پيو هاڻي
ائيندس پلي توهين خوشيون منايو. منهنجو وٺوبا ڇا نٿو ڪري
گهي! هو ڪجهہ بہ ڪري سگهي.
هونئن بہ پڳت جو دکہ پڳوان سهي نہ سگهندو آهي. اُن
ءِ پنهنجا قاعدا بہ ٽوڙي ڇڏيندو آهي. هوڏانهن راميشور پٽ
ي سرير ۾ جلن ٿيڻ لڳي. سڄو وقت چمڙي پيئي سڙي.
هران کو نشان نظر اچي ڪونہ ڪيترائي حڪيم طبيب اچن
. ڪيترا علاج ٿين تا. پر ڪو فائدو نہ ٿيو.
’ڦڪيون تڏهن فرق ڪن، جڏهن امر ڪيو اُن کي.‘
جڏهن راميشور ڏٺو تہ دوائن جو ڪو اثر نٿو ٿئي تڏهن
س خيال آيو تہ دعا وٺجي. سنت گيانيشور جي سماڌيءَ تي
ي پرارٿنا ڪيائين. آڪاش واڻي ٿي تہ تنهنجو مرض تڏهن
ندو جڏهن سنت تڪارام کان وڃي معافي وٺندين. ٻيو ڪوبہ
ي ڇٽائي نہ سگهندو. راميشور ٻڃي ويو. هر ڪنهن کي

سڀ مؤج مستيءَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ نام سمرڻ ڪندا
هئا.

ڪيرتن ڪندي نام جپيندي هنجو هردو شڌ ٿي ويو. هڪ
ڏينهن جيئن ئي ڌيان ۾ ويٺو هو ته اندر مان آواز آيس
ته وڃي ڳوٺ ڳوٺ ۾ نام جپاءِ.

'پاڻ جپ ٻين کي جپاءِ.'

اهو آواز ٻڌي ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي ڪيرتن ڪندو ۽ ڪرائيندو هو

هڪ ڏينهن سنت نامديو سپني ۾ آيس. چويس ٿو 'تڪا
هاڻي تنهنجو هردو پوتر ٿيو آهي ۽ ڪنٺ چڪر به ڪلي
آهي. تون هينئر ٻاڻي مکه سان ٻول.' هن هزارن ۾ اينگ
لکيا آهن تمام سولي مرهٽي ٻوليءَ ۾. هن ويدن اپنشدن
جي سکيا پنهنجي مرهٽي ڀاشا ۾ اُچاري.

جيئن سنڌي سنت ڪوي 'سامي' ويدن جي سچي واڻي
سنڌيءَ ۾ سڻائي آهي. 'ويدن جي واڻي سنڌيءَ ۾ سڻايان
تن ڏينهن ۾ سنسڪرت ٻولي هوندي هئي. جيڪا عا
ماڻهو ڪونه سمجهندا هئا. براهمڻ پڙهندا هئا. پاٺ ڪند
هئا.

پوءِ ته سڀئي مرهٽا، اڻ پڙهيل. پڙهيل. ويهي تڪار
جي ٻاڻي اُچاريندا هئا. اسين به هڪڙو تڪارام جو اين
ڳائيندا آهيون.

سنت تڪارام جو اثر ڏينهون ڏينهن ويو وڌندو. ڪو سن
پيدا ٿيندو آهي ته حاسد به نڪري ايندا آهن ڏاهڻ ل
تڪارام اسڦل دڪاندار ايڏو نالو ڪمائي ويو آهي پوڄ
پيو. راميشور ڀٽ حاسد هن کي ڏاڍي تڪليف ڏيڻ لڳو
سنت ڪجھ ڪڇيو ڪونه. سنت ته ديالو آهن اُنهن ج
دشمن چاهي دوست تي ساڳي مهر پيئي وسي.

راميشور ڀٽ تڪارام سان ڏاڍو وير رکيو. ايتري قدر

تلسيداس شري رام جو اننيه ڀڳت. هن پياري جي ڳالهه ڪندا آهن ته جڏهن بندرابن ۾ بانڪي ٻهاريءَ جو درشن ڪرڻ ويو ته ڪيس عرض ڪيائين ته جيڪر شري رامچندر ڌنش ڌاري جو روپ ڌاري درشن ڏينم ۽ سچ پچ اُن وقت ڪيس اهڙو روپ ڏيکاريائين. اهڙو هو سنت تلسيداس. سنت تلسيداس چيس ته رحمن! تون ڏين ٿو ۽ تنهنجون اکيون هيٺ ان جو ڪارڻ ڪهڙو؟ تڏهن رحمن هيئن چيو.

’دين هار ڪوئي اؤر هئه، پيجت دن اؤر رئن،
لوڪ هم پر پرم ڪري، تاسو نيچي نئن.‘

مان ڪونه ٿو ڏيان. پريو ڏئي پيو ڏينهن رات. لوڪ سمجهندا آهن مان ٿو ڏيان. ان ڪري منهنجون اکيون هيٺ هونديون آهن:

دان اهڙي پاءُ سان سڦلو آهي.
ڏيئي وينا ڏوراپا ڏيون يا ڳايون يا
نالو اخبار ۾ وجهايون. اهو ڪهڙو ڏيڻ؟
ڪي وري اڄڪلهه چون ٿا ته ٻين جا نالا ڏسي من ڪير ڏيڻ سگهي. ڪيئن به ڏئي. ڏيڻ سگهي.

(٣٣٩) سيري جي ديگه!

هڪ ڳوٺ مان ٽي ملان پنهنجي خدا ڪي ڳولڻ لاءِ پئي مسجد ڏانهن هلندا ويا اُن رستي تان مستانو پئي لنگهيو. ملان ڪي ڏسي سوچيائين چو نه مان به هنن سان وڃان ڪاڏو ملندو ۽ سير به ٿي ويندو. جتي هو ڪائيندا مان به هنن سان ويهي ڪائيندس. بکه به گهڻو ستايو هوس. سو هنن سان ملندو رهيو. رستي تي ملان جتي بکه لڳين ويهي رهن ڪائڻ. مستاني کي ڪائڻ لاءِ ڪجهه ڏين ته ڪونه پر ڪوڙي صلاح نه ڪن. هو بکه ۾ اچي چتو ٿيو پر ڪري ڇا؟ ڪنهن

پنهنجو پاپ اندر ڪائيندو آهي. چوي پيو تہ هو تہ مونکي
ماري ڇڏيندو. سيني سمجهايس نيٺ خط لکي موڪليائين جنهن
۾ ڪيس سنت گيانيشور جي آڪاشوائيءَ جو ذڪر ڪيائين.
سنت وير وروڌ مان ڇا چاڻن.
’سنت بڙي پرمارتي، سيتل جن کي انگہ،
تپت بجهاون سڀ ڪي، ديڪر اپنا رنگہ.‘
سنت تڪارام چوائي موڪليس. ’پيارا! هليو اچ. سڀ پريم
جي سنتان آهيون.‘ راميشور جي همٿ وڌي. هو آيو سنت تڪارام
وٽ. تڪارام ڀاڪر پائي گڏيس. ڪرشمو ٿي ويو. راميشور جي
سرير جي جلن بجهي ويئي سيتل ٿي پيو.
پوءِ تہ چون ٿا سنت تڪارام جو پڳت ٿي پيو. سندس اينگر
کي ترتيب ڏيئي سنواريو آهي ۽ هن جي جيون جي باري
۾ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي.
سنت تڪارام چار سکيائون اسان کي ڏين ٿا. (١) پنهنجي
سرير ۽ هردو شڌ رکو ۽ اندرين تي ضابطو رکو. (٢) نام جا
ڪيرتن اُتندي وهندي ڪريو. (٣) دکين بکين جي شيوا ڪريو.
(٤)ننڍڙن ٻارن جو سنگہ ڪريو. جن ۾ نہ ڇل ول نہ وير وروڌ

(٣٣٨) انوکو دان!

رحمن مسلمان هو. سندس پتا جو نالو بهرام خان هو. هو
بادشاهہ اڪبر جو صلاحڪار هو. رحمن کي هندو رشين لاءِ ڏاڍي
شرڌا هوندي هئي. اپنشد کيس وڻندا هئا ۽ هو اُنهن جو اڀياس
ڪندو رهندو هو. رحمن دياوان هو. هن جي دل ۾ ديا پريم
هئي. هو سمجهندو تہ هيءُ جيون مليو آهي ڏيڻ لاءِ. جيڪي
تي سگهي وچون ڏيندا. روز ٻاهر وڻ جي هيٺان ڪرسي وڇائي
وهندو هو. ڪنڌ هيٺ اکيون هيٺ، ويندو هو سڀني کي ڏيندو
ڏسندو ڪونہ هو تہ ڪير آهي. تن ڏينهن ۾ هوندو هو سنت

ٻه ويندو هو.

ڪوئل ۽ ڏيپچند گڏ پڙهندا هئا. نالو ڪوئل هوس پر هئي سهڻي ۽ سباجهي. ڏيپچند کي ڪوئل ڏاڍي وڻندي هئي. هو ڪلاس ۾ پڙهندي هن ڏانهن نهاريندو رهندو هو. ڪوئل به ترڇي نگاهه سان هن کي ڏسندي رهندي هئي. ملان ڏيپچند کي چوندو هو ته هوڏانهن ڇو پيو نهارين؟ پڙهين ڇو نه ٿو. ملان هن کي ماريندو هو. ڏيپچند دل ۾ چوندو هو ته ملان مونکي نه مار. سڄڻ ڏسان ڪين سبق پڙهان. توکي ڪهڙي خبر ته عشق ڇا ٿيندو آهي. ڪنهنجو ٿي ڏس ته سڌ پوئي. منهنجي ته ڪوئل سان دل لڳي ويئي آهي. مان ته ڪوئل جو ٿي چڪو آهيان.

ڪوئل ۽ ڏيپچند وڏا ٿيا. ڪوئل کي سندس پيءُ وزير اسڪول وڃڻ نٿو ڏئي ڇو جو اڳي ڇوڪريون ٻه ٽي درجا پڙهي گهر ۾ وهنديون هيون ۽ ننڍي عمر ۾ انهن جي شادي ڪرائي ويندي هئي.

ٻچاڙيءَ جي ڏينهن ڪوئل مڪتب ۾ وڃي ٿي ۽ اکين ۾ پاڻي آڻي ڏيپچند کان موڪلائي ٿي. ڏيپچند کيس چوي ٿو ته لڪي لڪي ملنداسين ۽ ڪو نه ڪو عشق جو ڪتاب پڙهنداسين. روز ملندا هئا. هڪ ڏينهن ڏيپچند ڪونه آيو ته ڪوئل زار زار روئي ٿي پنهنجي محلات ۾ پيئي ڪانوَ کي پنهنجي پريتم لاءِ نياپا ڏئي. هوڏانهن ڏيپچند به ملڻ لاءِ پريشان هو. کيس به کائڻ پيئڻ منو نٿي لڳو. سڄو وقت پيو چوندو هو ڪوئل! تو مونکي ڇا ڪيو آهي؟ ڪو طريقو ڳول! هڪ ڏينهن ڪوئل ڏيپچند کي چوائي ٿي موڪلي ته اڌ رات جو محلات جي پٺئين در کان اچجانءِ مان در کولي ڇڏيندس. گهڻا ڏينهن ٿيا آهن جو ڪو ڪتاب ڪونه پڙهيو اٿئون.

پوءِ ته ڏيپچند اڌ رات جو روز ايندو هو. ڪتاب پڙهندا هئا. اُن ڏينهن اهڙو پستڪ نڪتو جنهن ۾ گهنشام جو احوال ڪري آيو.

کان زور زبردستي تہ ڪجھ وٺي نٿو سگھجي. ھڪ ڏينھ
سيري جي ديگ سندن سامھون آئي. سرھاڻ بہ سٺي پئي آئي
مستاني خيال ڪيو تہ ھن مان ضرور مونکي ڪجھ کارائيند
پر ھو بہ ھئا مُلا چيائون ديگ اُھو کائيندو جنھن کي ڏٺي
جي بنسبت سٺو خواب ايندو. ٽيئي سمھي پيا. مستانو بہ مڪ
ڪري سمھي پيو. ھڪ ملان خواب ۾ ڏسي ٿو تہ محمود منھنجي
گھر کھي آيو آھي. مان سندس سان رب جي رھاڻ ڪري
رھيو آھيان. ٻئي ڏٺو تہ مان مڪي مديني ۾ زيارت ڪري
رھيو آھيان. ٽيون وري خدا جي در تي ويھي اُنجي درباني
ڪري رھيو آھي. ھو ٽيئي پنھنجي پنھنجي خوابن ۾ غلطا
ھئا. پر مستانو بک جي ڪري سمھي نہ سگھيو ۽ ڏٺائين
ھيءَ ٽيئي سمھيا پيا آھن سو ڪٽي سڄي ديگ ويھي رھ
کائڻ. ھو جڏھن ننڊ مان اُٿيا چا ڏسن تہ مستانو اڌ من
ديگ خالي ڪري چڪو آھي. ٽنھي وٺي رڙ ڪئي 'مستان
اھو چا پيو ڪرين؟ سڄي ديگ پوري ڪري ڇڏي اٿيئي. اسا
لاءِ تہ ڪجھ بچاءِ'

مستاني چيو 'توھين پنھنجي خوش خوابن ۾ محو ھئا. ھڪ
حضرت محمود سان وينو ھو. ٻيو مڪي مديني ۾ ھو ۽ ٽيون ور
خدا جي در جي درباني ڪري رھيو ھو. مون توھان کي جاڳائ
جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر توھين نہ اُٿيا ۽ مان بہ بک ۾ پريش
ٿيو ھوس. تنھنڪري مون ٺي ديگ کائڻ شروع ڪئي آھي. جھڙ
ڪرٽي تھڙي پرٽي. توھان مونکي مانيءَ جي ٽڪري لاءِ سڪائ
بک ماريو. پر خدا منھنجي مدد ڪئي.

(٣٤٠) عجيب عشق

ھيءَ آکاڻي ننڍي ھوندي ڪنھن پڳت ۾ ٻڌي ھيم.
ڪوئل مسلمان وزير جي ڌيءُ ھئي ۽ ڏيپچند ھندو
ھو چندي جواھريءَ جو پٽ ھو. جيڪو ٻيڙا پرائي پرديـ

بہ نهي ويو ۽ ضامن تيڻ نہ قبوليو.

ڏيپچند جو ياءُ بہ ويجهو رهندو هو. هن کي آواز ڏنائين. ’يلا ياءُ! مان اڙکي ۾ اڙجي ويو آهيان. منهنجي مدد ڪر.‘ ياءُ آواز ٻڌي اُتي تو پر سندس زال کيس روڪي تي چوي تي تہ ڪٿهڙي ۾ بيهي مون سڀ بيان ٻڌا آهن تنهنجو ياءُ چور آهي. پيءُ ضامن نہ پيو. جي تون ضامن پونديں تہ مان ڪناريءَ سان پاڻ کي ماري ڇڏيندس.

ڪٿهڙي ۾ ياجائي اچي تي مکر ڪري چوي تہ ياءُ توتي مصيبت نازل آهي پر تنهنجو ياءُ گهر ۾ ڪونهي تنهنجو ياءُ آهي درباري اُهو محمود بادشاھ سان شڪار تي ويو آهي. ڪوتوال جي ويس ۾ بادشاھ سوچي تو مان هتي وينو آهيان تہ ياڻس وري شڪار تي ڪيئن ويو؟ بادشاھ ڏيپچند کي قتڪا تو هٽي. ٻڌاءِ هاڻي چا ڪندين؟ پيءُ ضامن نہ پيو. ياءُ ضامن نہ پيو.

’هاڻي منهنجي دوست وٽ هل.‘ محلات هينان اچن تا. هي دوست! اج تنهنجي دوستيءَ جي آزمائش آهي. دوست جو نالو هو نورنگ، ڏيپچند جو آواز ٻڌي ٻاهر آيو تہ چا تو ڏسي تہ منهنجو دوست قتيو پيو آهي، يڪدم تلوار ڪٽي هيٺ آيو ۽ ڪوتوال کي چيائين تہ ڇڏ منهنجي يار کي نہ تہ ٽڪر ڪندوسانءِ چار.

ڪوتوال ڏيپچند ڏي نهاري چيو تہ ضامن وٽ وٺي آيو آهين يا مونکي مارائڻ آيو آهين.

ڏيپچند نيزاري ڪندي نورنگ کي چيو تہ دوست اها تلوار نہ ڏيکار تون هٿ ٻڌي نئڙت سان چئہ مان بار جو ضامن آهيان.

نورنگ چيو تہ مان صدقي وڃان پنهنجي دوست تان، هي ڪوتوال! مان هن جي وار وار جو ضامن آهيان.

نورنگ تو پڇيس ’تو چوري چو ڪئي؟ تون تہ جواهريءَ جو پٽ آهين. تو وٽ ڪهڙي ڪمي آهي. سچ ٻڌاءِ ڳالھ چا

هڪ پيري گهنشيام کي گوپيون چون تيون تہ اسانکي چڏي
نہ وڃ. ڪرشن چيو تہ هڪ وار ڪبڙيءَ وٽ ويندس. پريم وارن
کي وڃي درشن ڏيندس. گهنشيام کي ويندو ڏسي گوپيون تيون
چون.

’بانهن ڇڙائي جات هو، نبل جان کي موهہ،
من سي جب نکل چلو، پربل جانون تب توهہ.‘

پيو ڏينهن تيو. لعليٰ مجنوءَ جو ڪتاب نڪتو. سچو عشق
هو. ڀڳوان مجني تي راضي تيو. ڀڳوان پنهنجا فرشتا مجني
وٽ موڪلي تو.

’مجنا! چلو خدا بلاتا هئہ.‘

مجنو جواب تو ڏئي.

’خدا کي سامني يہ مجنو ڪيون جاوي،
اگر خواهش هئہ خداکو، تو لئلي بن کر آئي.‘

هڪ رات ڏيپچند جيئن لکي لکي ڪوئل سان ملڻ پئي
ويو تہ اُن رات اُن شهر جو بادشاهہ محمود چمڙا پوش ڪري
ڪوتوال جا وستر پهري شهر جو واءُ سواءُ لهڻ لاءِ نڪتو هو
جيئن ئي ڏيپچند کي وزير جي محلات ۾ گهڙندو ڏٺائين
وڃي کيس پڪڙيائين ۽ هڪل ڪري چيائين تہ چور! تون چوري
ڪرڻ تو وڃين وزير جي محلات ۾.‘ سو کيس هنٽر سان ماري
رتو رت ڪري ڇڏيائين. ڏيپچند گهٽوئي پيو ٻاڏائي چوي
’مان چور ڪونہ آهيان. مان جواهريءَ جو پٽ آهيان پر ڪوتوال
ڪونہ ڇڏيس. بدن تي پيل زيور بہ ڏيڻ لاءِ تيار تيو ڏيپچند
پر تڏهن بہ ڪوتوال پنهنجي ضد تي، چيائينس ضامن ڏ
تہ رات جا باقي بہ پهر بڇيل ڇڏيندوسانءِ.

ڏيپچند پيءُ وٽ وڃي کيس هينان پڪاري تو. بابا! منهنج
ضامن پئہ مان تنهنجو سڳو پٽ آهيان. مان رتو رت تيو پ
آهيان‘ ورلاپ ٻڌي پيءُ ٻاهر تو اچي تہ ڪوتوال ڏمڪائيس
تو تہ تنهنجو پٽ چور آهي. تون بہ چور آهين. توکي ۽ تنهنج
پٽ کي صبح جو ڦاسي ڏينداسين. ڦاسيءَ جي ڊپ کان پي

ٻڌي رهيو هو.

ڪوئل چيس تہ ڪتاب ۾ ڪڏان چوين ٿو تون صبح جو مرڻ وارو آهين پر منهنجي ڳالھ بہ ٻڌي ڇڏ تہ سچ اُيرندو ئي ڪونہ. جو صبح ٿئي ۽ منهنجو جاني مونکان جدا ٿئي. پاڻ ۾ روح رهاڻ ڪندي ڪوئل چيو تہ ڏيپا! اسانجو ناتو پوتر آهي. ڀلي تون هندو آهين. مان مسلمان آهيان. متان ڪا آس تنهنجي رهجي وڃي. هيءَ ڪوئل سربر سوڌي تنهنجي سامهون آهي. ڏيپي چيو تہ مونکي پاپ جا رستا ٿي ڏسين. ٿوري سک جي لاءِ مان پنهنجو دين ايمان وڃائيندس ڇا؟

ڪوئل چيو تہ مان بہ ويهي ڪين رهنديس. مان بہ ايندس اُتي جتي توکي ڦاسي ڏيندا؟

ڏيپچند چيو تہ تون ڪيئن ايندينءَ؟

ڪوئل چيو تہ مان جوڳياڻي ٿيندس. ڪاري گهوڙي تي چڙهي ڪاري پوشاڪ پهري هاديءَ جو ويس ڪري ايندس.

بادشاھ سڀ ٻڌي رهيو هو لڪي لڪي، دل ۾ چيائين هوئن تہ توهانجو پوتر پيار ڏسي توهانکي صبح جو شادي ڪرايان ها پر ڪوئل جو چيو آهي تہ مان ايندس جوڳيءَ جو ويس ڪري. مان بہ ڏسان تہ ڇاٿي ڪري.

ڏيپچند ڪوئل کان موڪلائي پنهنجي دوست جي گهر ٿو اچي. دوست ڪيس ٽڪل ڏسي سمهاري ٿو ڇڏي. ڪوتوال اچي ٿو ۽ چوي ٿو تہ پنهنجي يار کي پيدا ڪر. نورنگہ خيال ڪيو تہ منهنجي دوست کي ننڊ اچي ويئي آهي. ڪيس ننڊ مان اُٿاري چوان تہ ڦاسيءَ تي چڙھ. مونکي لعنت آهي. مان ڇو نہ هن جي بدران ڦاسيءَ تي چڙهان. زال کي چوي ٿو تہ توکي اعتراض تہ ڪونہ ٿيندو جي مان دوست جي بدران ڦاسيءَ تي چڙهان زال چوي ٿي.

’جيوين ساڏا رايا- سانول قبول سهڻا.‘

نورنگہ هيٺ لهي ٿو چوي ٿو تہ مان چور آهيان ڦاسيءَ جي تختي ڏانهن وني ٿا وڃنس. دهل جي ڌمال پيئي پوي.

آهي؟‘

تڏهن ڏيپچند پنهنجي دوست کي ٻڌائي ته ته مان چور
نه آهيان. منهنجو ڪوئل سان عشق آهي. محبت آهي. پوتر
پيار آهي.

دوست چيو ته عشق جي واٽ ڏاڍي اٽانگي آهي عاشق ٻڪري
معشوق ڪاسائي. متان ڪسجي نه وڃين. عشق مزاجي ترڪٽبازي.

ڏيپچند چيو ته يار هيءُ هدايت ڪرڻ جو وقت ناهي. مونکي
هدايت نه ڪر. منهنجي مدد ڪر.

نورنگ چيو ’ چا ڪريان؟‘

ڏيپي چيو ته صبح جو مونکي ڦاسي ملڻ واري آهي اُن
کان اڳ مونکي پنهنجي محبوب سان ملاءِ.

نورنگ چيو ’مان توکي محبوب سان ملائيندس جي ڪوتوال
کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرٽو پوي ته به نه جهلجانءِ. ڪوتوال سڀ
ٻڌي رهيو هو. ڏيپچند جا ڪپڙا رتورت هئا. اُنهن ئي ڪپڙن
۾ هو ڪوئل سان ملڻ لاءِ ويو ته چا ٿو ڏسي ڪوئل سمهي
پيئي آهي. ڪيس انتظار ڪندي ڪندي ننڊ اچي ويئي آهي.
ڏاڍو مايوس ٿيو ننڊ مان اُٿاري ڏيپچند شعر ٿو لکي.

’اچ پڇاڙيءَ جو منا! مان موڪلائيندو ٿو وڃان.

واپس وري ٿو وٽ اچڻ جي آس لاهيو ٿو وڃان.‘

اڃا شعر لکي بس ڪيائين قلم رکائين ته ڪوئل جاڳي پيئي
۽ ڏيپي کي ڏوراپو ڏيئي چيائين ’او ڏيپا! تو دير چو لڳائي؟‘

ڏيپي چيو! ڪوئل! سچ جي پڇين ته جيئن مان تو وٽ
پئي آيس ڪوتوال جهليو. مونکي چور سمجهي سٽڪن سان
سٽيائين. ضامن جي گهر ڪيائين. پيءُ ضامن نه پيو. ياءُ ب
نٽائي ويو پر شاباس هجي دوست نورنگ کي جو ضامن پي
۽ اُن جي همٿ سان ئي هتي پهتو آهيان. صبح جو مونکي
ڦاسي ملندي.

ڪوتوال به گهرجي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪي سندن ڳالهيو

ڪوتوال نہ پر بادشاھ پاڻ پڪڙيو آھي.

ڏيپچند فيصلو ٻڌي دنگ رھجي ويو. ڪوئل جي ھٿ ۾ فيصلو تڏھن بہ ڦري بيٺي آھي. ڪوئل وري سوال اُٿاريو تہ جي ھيءُ چور آھي تہ ڪوتوال ڪٿي آھي جنھن ھن کي پڪڙيو. بادشاھ چيو تہ منھنجي بہ ٿي بي عزتي ڪري، حڪم ڪيائين ٻئي چور آھن ٻنھي کي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪريو.

ڪوٺيءَ ۾ بند ٿيا. بادشاھ آيو.

چيائين تہ توھانجي عشق کٽيو-مون ھارايو.

ھاڻي توھانجي شادي ٿا ڪرايون.

ڪوئل جو پيءُ وزير بيٺو ۽ ڏيپچند جو پيءُ خود بادشاھ ھو چون پيا تہ اسين شادي نہ ڪنداسين. جوڳي ٿينداسين. درويش لنگھي ٿو چوي ٿو تہ جوڳي ٿيڻ جو ڪھڙو ضرور آھي. شادي ڪري گرھست ۾ رھي نام جپيو. اھائي سکيا آھي.

’گرھست ۾ جو رھي اُداس،

ڪھت ڪبير مئن تانڪو داس.‘

ائين ڏيپچند ۽ ڪوئل جي شادي ٿي.

ٻئي ملي ڏاڍو خوش ٿيا.

(۳۴۱) مرزا غالب!

مرزاغالب جا ننڍا ٽوٽڪا مشھور آھن:

مرزا غالب کي انب ڏاڍا وڻندا ھئا. سندس ھڪ گھرو دوست ھو جو انب کائڻ پسند نہ ڪندو ھو. جڏھن مرزا غالب کيس انب کائڻ لاءِ چوي تہ ھو نٽائي وڃي. ھڪ ڏينھن جيئن ئي مرزا غالب انب کائي اُنجي کور گڏھ جي اڳيان اڇلائي تہ گڏھ بہ اُنکي سنگھي پري ڀڄي ويو. مرزا غالب جي دوست کي وجھ ملي ويو ۽ کيس چيائين

اڏ ميل کن هليا هئا ته اينري ۾ ڏيپچند به جاڳيو. مٿي
کوٺي تي چڙهي ڏسي ٿو ته منهنجي دوست کي پيا وٺي
وڃن. اهو ته وٺل ٿيو. ڊوڙندو وڃي ٿو. چوي ٿو چور مان آهيان.
نورنگه چوي چور مان آهيان.

هوڏانهن ڪوئل به ڪارا ڪپڙا پائي. ڪاري گهوڙيءَ تي
چڙهي جوڳيءَ جو ويس ڌاري آئي. بادشاهه ته سڀ ٻڌو هو
سو حڪم جاري ڪري ڇڏيائين ته ٿي دروازا بند ڪيا وڃن.
چوٽين تي مست هاٿي بيهاري ڇڏيو. جيئن ڪير به اندر نه
اچي. ڪوئل اهو ڏسي به همت نه هاري گهوڙيءَ کي چيائين
ته تون ته آسمان تي به اُڏامي ٿي سگهين. ڪاري گهوڙي
ٽپو ڏيئي قلعي ۾ اندر آئي.

بادشاهه وائڙو ٿي ويو. سمجهي ويو ته هيءَ ڪوئل آهي وزير
جي ڌيءُ.

بادشاهه پڇيس 'پرديسي ٿا ڏسڻ ۾ اچو.'

ڪوئل: اسان پرديسي آهيون. اسان جوڳي آهيون. حاجي آهيون.
حج تان پيا موٽون. بادشاهه محمود جو نالو گهڻو ٻڌو هو. اُن
کي ڏسڻ آيو آهيان.

ڏيپچند به جوڳيءَ کي ڏسي. سمجهي ويو ڪوئل آهي. دل
ئي دل ۾ چوي ٿو.

'واهه واهه تو پاڙي زبان

جوڳي يار جوان، واهه پاڙيئه زبان.'

ڏيپچند چوي ٿو ته مان جوڳيءَ کي سلام ڪندس.

بادشاهه ته اڳه ئي هن کي سڃاتو هو ته هيءَ ڪوئل آهي.
بادشاهه چوي ٿو ته او جوڳي! مان فيصلو توٽي ٿو ڇڏيان. جيڪو
چور چوري ڪري تنهن کي ڇا ڪجي؟

ڪوئل چوي ٿي ته اُن کي ڦاسي ڏيڻ گهرجي. ور ور ڪري
بادشاهه پئي پڇيو. ڪوئل جوڳيءَ جي ويس ۾ ور ور اهوئي
جواب پئي ڏنو. ڪوئل سمجهي ويئي ته رات جو ڏيپچند کي

سمهي پوي.

اِئين گھڻيئي ڏينھن گذري ويا. ننڍو ياءُ ڏاڍو دکي پيو گذاري. سوچي پيو رات جو سيءُ ۾ پيو ڪنبان ۽ ڪير جو پاءُ بہ ڪڏھن مون نہ پيتو آهي. پر وڏي ياءُ اڳيان ڪجھ نہ سگھي. حال بہ ڪنھن سان ڪري. اِئين موڙھو سوڙھو وينو هو تہ سنت اچي نڪتو تنھن پڇيس ’ٻچا! ڏاڍو دکي پيو لڳين. ڪھڙو دک آهي توکي؟ مونکي ٻڌائي پنھنجو دک ھلڪو ڪر. ’ٻيا تہ ڏيندا ھٿ ۾، ڳالھ ڪندا سٿ ۾.‘

سنت دلداري ڏيندا آهن. سنت جا مٺا وچن ٻڌي ھن ڪي آتت آيو. سنت سان سچو حال ڪيائين. سنت چيس. ھاڻي منھنجو چوڻ مڃ تہ سکي ٿيندين. صبح جو مگہ ۽ مينھن تنھنجي قبضي ۾ آهي. صبح جو مگہ ڪٽي وڃي پاڻيءَ ۾ پسائڻ وجھ ۽ مينھن جھنگہ مان چارائي-ياءُ وٽ ڪٽي وڃين تہ جيڏي مھل ھو ڏھي ڪير ڪڍڻ جي ڪري تہ لٺ اولارج تہ مينھن کير چاڙھي ڇڏيندي.

ننڍي ياءُ صبح جو مگہ وڏي پاڻيءَ ۾ ۽ مينھن وٺي ويو. ڳاھ چارائي وٺي ويو ياءُ وٽ. جيئن ئي ھو ڏھڻ لڳو تہ ھن لٺ اولاري تہ مينھن کير چاڙھي ڇڏيو. وڏي چيس تہ ھي ڇا ٿو ڪرين؟ ھوئڻ تہ تون ائين نہ ڪندو آهي. چيائينس ڪجھ پڇ نہ ھيئر حڪومت منھنجي آهي. تو بہ گھڻوئي مونسان انياءُ ڪيو آهي.

وڏي ياءُ چيس تہ توکي اھڙي مت ڪنھن ڏني آهي؟

تو شايد سنتن جو سنگہ ڪيو آهي جنھن مان توکي ھيءَ آنند مليو آهي. سنت سچا سوپارا آهن.

’جي پائين جوڳي ٿيان، تہ سگہ سيئي ٿوڙ.
جي جاوا نہ جاپندا، جيءَ تنين سين جوڙ،
تہ تون پھچي وڃي توڙ، محبت جي ميدان ۾.‘

وڏي ياءُ چيو تہ ھاڻي مگہ ۽ مينھن ٻئي تون ڪٽي وڃ. مان توسان نيت ھليس. ھاڻي ٻئي تنھنجا ٿيا. وڃي اُنھن جو سکہ ماڻ.

تہ ڏسو ٿا ڳڌھن کي بہ انب نٿا وڻن. مرزا غالب حاضر
جواب ھو. ھن کيس چيو تہ ڳڌھن کي ئي تہ انب نہ
وڻندا آھن. دوست ڏاڍو شرمندو ٿيو.

★ مالڪ ۽ غالب!

مرزا غالب کي شراب پيئڻ جي گھڻي عادت ھئي. پر ھو
انگريزي شراب پيئندو ھو. جتي نوڪري ڪندو ھو اُتان کيس
جيترا پئسا ملندا ھئا اُھي پيئڻ ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو ھو.
ھڪ ڏينھن سندس مالڪ کنھن ڪم سانگي ٻاھر وڃڻ لاءِ
تيار ٿيو مرزا غالب کي چيائين 'خدا حافظ' مرزا غالب کلي
ڏنو. قبلا اسان کي خدا توھانجي حوالي ڪرڻو ھو تنھن ڪان
اڳ ۾ توھان مونکي خدا جي سنڀالڻ جو حڪم ڪيو آھي. مالڪ
مرڪي ڏنو ۽ کيس پئسا ڏيئي پوءِ روانو ٿيو.

(٣٤٢) مڱ ۽ مينھن!

مايا ڪايا رھڻي ڪونھي-رھندو نالو رام جو

ٻنھي ڀائرن کي مايا تہ گھڻي ھئي. قدرت جا کيل ھئا. وڃڻ
تي پوي تہ ويڳاڻو ڪري ڇڏي. ھنن ٻنھي وٽان بہ سڀ مايا ھلي
ويئي. باقي اچي بچين بہ شيون. ھڪڙي مڱ ۽ ٻي مينھن. سوچيائون
تہ وراھي ڪڻون. وڏو ڀاءُ سمجھو تہ ھو پر سوارٿي بہ ھو. ننڍي ڀا
کي چيائين تہ ڏينھن جو مڱ ڪڻ تون ۽ رات جو مان ۽ مينھن
جو منھن ڪڻ تون ۽ پڇ ڪڻان مان.

صبح ٿئي ننڍو ڀاءُ مڱ ڪڻي اچي گھر رکي ۽ مينھن کي
وٺي وڃي جھنگل ۾ گاھ چرائڻ.

شام ٿئي وڏو ڀاءُ مڱ بہ ڪڻي وڃي ۽ مينھن کي بہ وٺي
وڃي. مينھن وڃي ڏھي. کير پاڻ پيئي ۽ رات جو مڱ وڇھي

(٣٤٤) پريم تنهنجا پار!

ڪرشن جي ڀڳت سناتن جي ڳالهه ڪندا آهن تہ هو سدائين ڀڳتيءَ ۾ رتو رهندو هو. ڪيس ڪاڏي جي بہ اون يا پرواهہ نہ رهندي هئي. نہ ڪيڏانهن ويندو هو ۽ نہ پاڻ ئي ڪجهہ پنهنجي لاءِ ٺاهيندو هو. ڪي ماڻهو ديا ڪري مانيءَ ٽڪر ڪي ويندا هئس اهو بہ هنڪي هوش ڪونہ رهندو هو. ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ نظر پوندي هئس تہ ماني سڪي ويندي هئي. جمنا جل ۾ ٻوڙي نرم ڪري کائيندو هو.

هڪڙي ڏينهن ڪرشن ڀڳوان وٽس آيو ۽ ڪيس چيائين ڏاڍو ڀڪايل آهيان ڪجهہ کائڻ لاءِ ڏينم.

سناتن چيو 'مون وٽ تہ توهانکي کارائڻ لاءِ ڪجهہ آهي ڪونہ.'

شري ڪرشن اِشارو ڪري ڏيکاريس هيءَ ماني جو پيئي آهي.

چيائين 'سڪل آهي، توهين ڪيئن کائيندا؟'

ڪرشن پڇيو 'تون ڪيئن ٿو کائين؟'

'جمنا جل ۾ ٻوڙي کائيندو آهيان.'

'مان بہ اُها توسان گڏ کائيندس' ڪرشن وراڻيو پريم تنهنجا ار ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان!

ٻنهي گڏجي ويهي اُها سڪل ماني جمنا جل ۾ ٻوڙي کاڌي هي.

(٣٤٥) سڪندر جي ماءُ!

بادشاهہ سڪندر کي جڏهن قبر ۾ پوريو ويو تڏهن بہ هنجي ۽ کي وشواس نہ ٿيو تہ منهنجو پٽ سائينءَ کي پيارو ٿي . ماءُ جي دل کي ڪير سمجهائي! سڪندر ۾ هن جو ڏاڍو هہ هو. موهہ تہ هرڪنهن ماءُ جو ٻارن ۾ ٿيندو آهي. پر جو جان تان وڌيڪ هو. جو هڪڙو ئي سڪيلڌو ٻار هوس

ڏکن مان سک ملندا.
سکن کان شاباس، ڏهه ڏهه پيرا ڏکن کي،
ڏکه سکن جي سونهن، گهوريا سکه ڏکن ڙي.

(٣٤٣) ٻڌي آهي منهنجي ڌيءُ

ڀيشم پتا مهه جڏهن تيرن جي سيجا تي سمهيل هو. شري ڪرشن ڀڳوان هن سان ملڻ آيو.

ڀيشم پتامهه سري ڪرشن کي چيو ته منهنجو هڪڙو عرض آهي. ڪرپا ڪري مڃيو ته مان ڏاڍو سکي ٿيندس.

شري ڪرشن ڀڳوان چيو ته توهين حڪم ڪريو. توهانجي آگيا منهنجي اکين تي.

ڀيشم پتامهه چيو ته منهنجي ڌيءُ سان توهين مهرباني ڪري شادي ڪريو.

شري ڪرشن عجب مان پيو ڏانهنس نهاري. سڄي عمر پنهنجي ڀيشم پرتگيا سان ٻڌل رهيو آهي. هن جي وري ڪهڙي ڌيءُ آهي؟ ايترو سوچي چيائين ته توهانجي ڌيءُ ڪٿان آئي؟ چرچا تا ڪريو ڇا؟

'مڌسودن! مان چرچو نٿو ڪريان. منهنجي ڌيءُ آهي ٻڌي سا مان توهان کي ارپڻ ٿو ڪريان. توهين اُن کي سنڀاليو توهان سان جڙي رهندي ته سريشٽ رهندي. سريشٽ ٻڌي ئي تنهنجي اصل روپ جو انڀوُ ڪري سگهندي.' ڀيشم پتامهه جواب ڏنو.

اها ڳالهه آهي ته سچي-ٻڌيءَ جو سنگ شڀ خيالن سان هوندو ته سنئين راهه تي هلندي جي اُن جو سنگ اشڀ خيالن سان آهي ته اهنڪاري ۽ لوڀي ٿيو پوي.

ڏسي تہ ڳڙ جون گھٽيئي ڳوٽيون پريون پيون آتس. پر واٽيو
ہ ضد تي نہ ڏيٺو آهي. اُتان بابا سريچند، گرو نانڪ صاحب
جو پٽ پئي لنگھيو. واٽئي ۽ فقير جي ڏانڌل ٻڌي بيهي رهيو
۽ اُهو بہ فقير کي سمجھائڻ لڳو تہ جڏهن هو ڏيڻ جي نٿو
کري تہ زوريءَ تہ کنهن کان ڪجھ وٺي نٿو سگھجي. فقير
وري ڳڙ ڏانهن اشارو ڪري تہ ڏسو ڏسو ڪيترو پيو اٿس.
بابا سريچند جي مکہ مان بہ نڪري ويو تہ ڳڙ خراب ٿي
ويو اٿس. مٿي ٿي ويو آهي. ويچاري غريب ڪٽي ماٺ ڪئي.
واٽيو بہ دڪان تي نهي نڪي وينو. گراهڪ آيس. اڌ سير
ڳڙ ڏي. جيئن ڳوڻ مان ڪڍي تہ ڳڙ مٿي ٿيو پيو آهي. وائڙو
ٿي ويو سوچڻ لڳو هاٽي اڃا تازو گھرايو اٿم. مٿي ڪيئن
ٿي ويو؟ پڇندو ويو بابا سريچند وٽ وڃي اُن سان حال ڪيائين
۽ پڇيائين تہ توهان ڪيئن چيو تہ ڳُڙ خراب ٿي ويو آهي؟
بان تہ ڏاڍي نقصان ۾ اچي ويس. تڏهن بابا سريچند چيو
۽ مون تہ هن غريب کي تو وٽان وڃڻ جي لاءِ ڪٽي ائين
چيو مون تہ ڳڙ ڏنو بہ ڪونہ ۽ نہ منهنجو ڪو تنهنجي نقصان
ڪرڻ جو مقصد هو. هاٽي ڪٽي ٿا ارداس ڪريون تہ تنهنجو
ال صاف ٿي پوي. پر تون بہ اها ڳالھ ياد ڪري ڇڏ تہ
ائينءَ جو پيارو ڪو غريب اچي تہ اُن کي بہ خالي نہ موٽائجي.
يل پنڊار مان ڪجھ نہ ڪجھ ڏجي تہ اُنهنجي دعائن سان
ڊار پريل رهندا. ۽ مان پاڻ سان بہ انجام ٿو ڪريان تہ
ايو پنهنجي مکہ مان اهڙا اشپ وچن نہ ڪڍندس جو ٻئي
نقصان ٿئي.
اڪثر ائين ٿيندو آهي. اسين بہ پنهنجي وڏائي ڏيکارڻ
يا ڪنهن کان وير وٺڻ لاءِ اهڙا اکر چئي وجهندا آهيون
هن مان نہ اسانجو ڀلو ٿيندو آهي ۽ نہ ٻين جو. تڏهن
وڏا اڳي چوندا هئا. زبان مان اکر ڇڀي ڇٽي ڪڍو. سوچي
جھي ڪڍو.

۽ پيءُ به ننڍي هوندي چڙهي ويو هوس. روز قبر تي وڃ
سڪندر کي سڏ ڪندي هئي. سڪندر او سڪندر ايڏي ن
به ڪا چڱي آهي! هوئن ته منهنجي هڪڙي سڏ تي اُتي
هئين. روز وڃي ڪيس سڏيندي هئي ۽ جواب نه پائي مايو
من سان موٽي ايندي هئي. وري ٻئي ڏينهن ويندي هئ
ڪيترا مهنا لڳاتار ويندي رهي. مجاور روز هن کي ڏس
هو. ارمان به ڏاڍو ٿيندو هوس پر ڪڇندو ڪونه هو. هڪ
ڏينهن جيئن ئي هوءَ آئي. سڪندر-سڪندر ڪري پڪارڻ لڳ
روئي به پيئي. چوي پيئي اڄ ته اُٺ ڪيترا مهنا ٿيا اٿي
مونسان ڳالهايو ڪونه اٿيئي ٻچا! مون ٻڍيءَ تي قياس ڪ
ايترو نه ستاءِ. مجاور اڳيان وڌي آيو ۽ چيائين اما! ڪنهن
تي سڏين؟ هتي ته ڪي ئي سڪندر دفن ٿيا پيا آهن.
به سڏ ڪونه ڏيندءُ. روئي روئي مٿو ڦاڙي وجهندينءَ ۽ اک
جي نظر خراب ڪري ڇڏيندينءَ ته به جواب ڪونه مل
اما! وائڙن وانگر پيئي مجاور ڏانهن نهاري ۽ چوي سڏ ڪ
ڏيندو؟ منهنجو آواز ڪونه ٻڌندو؟؟

مجاور چيو. ڪئين سڪندر، ڪئين دارا هليا ويا ڪو ڪ
موٽيو آهي.

’ڪري وينو ڪار ڪنيارڪي، هڪڙا پڇي ٻيا ٿو ناهي.
ڏور ڏاهي جي هٿ ۾، ڪام وجهي پيو ٿو ڪاهي.
صادق جهڙا ڪيترا لک وڏءِ ليٽائي،
سائين ڏاڍو آ، متان ڪا سينو ساهي.‘

(٣٤٦) شپ شپ ٻولڃي!

صبح جو واڻئي اچا دڪان پٽي کوليو ته پنڻ وارو
مٿان بينس ته تورو ڳڙ ڏينم. ڏاڍو بڪايل آهيان. واڻئي ڪ
مان هڪالي ڪڍيس ائين چئي ته ڳڙ آهيئي ڪونه. فقير

پيو ڪبوتر پڪڙي پاليندو هو.

هڪ ڀيري ڪو سنت راڄ دربار ۾ آيو. بادشاهه ڪيس پنهنجي پٽ جون عادتون ٻڌايون ته سچو ڏينهن هن کي راند ڪپي ۽ ٻيو ڪبوتر پالڻ جي چنتا اٿس. باقي پڙهڻ جو ٿيو پلو. بادشاهه ايترو چئي ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو ۽ سنت کي عرض ڪيائين ته توهين ئي ڪيس اهڙي ڪا سکيا ڏيو ته پڙهي راڄ ڪرڻ جي لائق بڻجي.

سنت شهزادي کي گهرايو ۽ پاسي ڪان وهاري پڇيو 'ٻچا! تو وٽ گهڻا ڪبوتر آهن؟ شهزادي چيو ته ويهه. بس! اهي ته خاص ڪونهن. توکي ته ٻه سؤ رکڻ کپن. پوءِ گڏجي اُنهنجي اُڏامڻ جو مزو ڏسنداسين' سنت چيو. اهو ٻڌي بادشاهه جو شهزادو ڏاڍو خوش ٿيو. ڪبوترن جي وڌائڻ لاءِ بندوبست ڪيو ويو. سنت چيو 'هاڻي ته ڪبوتر گهڻا ٿي ويا آهن. نالن ڪانسواءِ اُنهن کي سڃاڻڻ ۾ تڪليف ٿيندي تنهنڪري اُنهن جا نالا رکجن ته سٺو ٿيندو.' سنت کي ٻه هن کي پاڙهڻ جو وجهه ملي ويو سو ڪبوترن جي نالي جي بهاني هن کي پڙهڻ سيکاريائين. پوءِ ڪبوتر جي پرن تي ا، ب، ٻ، پ، ڀ، وغيره نالا لکيا ويا. اهڙي طرح شهزادي کي پڙهڻ سيکاري ڇڏيائين.

ٻارن کي ڪوبه ڪم زوريءَ سيکاري نٿو سگهجي. پهرين اُنهن جي رُچي ڏسي اُن موجب سندن پڙهائيءَ جو پربنڌ ڪرڻ گهرجي. ٻار جي رُچي مطابق طريقو ڳولهي ڪڍڻ کپي.

(٣٤٩) نئڙت!

رومر کي سنتن جي اتهاس پڙهڻ ۽ اُنهنجو ايپاس ڪرڻ جو خفت لڳل هو. هو هميشه ڪنهن نه ڪنهن سنت جي جيون جو ايپاس ڪندو رهندو هو. اُنهن جا گڻ پڙهي اُهي ڌارڻ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو هو. پاڻ ٿو لکي ته مون سيني سنتن هڪ ڳالهه ساڳي ڏٺي اها آهي نئڙت!

(۳۴۷) راجا ۽ ڪوي!

راڄ دربار ۾ هڪڙو ڪوي آيو. راجا ڏاڍو شونقين هو. ڏاڍ
پيار سان ڪويتائون ٻڌندو هو. ۽ شاعرن کي انعام ڏيندو ه
اڄ هي ڪوي دربار ۾ آيو تہ ڪچهري لڳي ويئي. راڄ سنگهاس
تي راجا براجمان. چوڌاري وزير ۽ وچ ۾ ڪوي ويهي پنهنجو
رچنائون پڙهڻ لڳو. ويتر جو ترنم ۾ پئي پڙهيائين. سين
واهہ واهہ پئي ڪئي ۽ سمجهن پيا تہ اڄ هن کي وڏو انع
ملندو. سڀ ور ور ڪري راجا ڏانهن پيا نهارين تہ اجهو
پڌرائي ڪري. آخر راجا پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهي
پٽڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هڪڙو ئي وار سندس هٿ ۾ آ
ڪويءَ کي چيائين تہ تو رچنائون تہ سٺيون ٻڌايون پر تنهنج
قسمت ڦٽل آهي ڇو جو مان جڏهن انعام ڏيندو آهيان
پنهنجي ڏاڙهيءَ کي هٿ لڳائي وار ڪڍندو آهيان. جين
وار نڪرندا آهن اوتريون اشرفيون انعام ڏيندو آهيان. اڄ تنهنج
ڀاڳہ ۾ هڪ ئي اشرفي آهي جو وار ئي هڪ نڪتو آهي.

ڪوي مرڪي چوڻ لڳو 'راجا صاحب! ڏاڙهي بہ توهانج
هٿ بہ توهانجو. اسانکي هٿ وجهڻ ڏيو ها تہ بي ڳالهہ هئ
اشرفي تہ ڏيو هڪ يا نہ ڏيو پر اهو ٻڌائي ڇڏيانوَ تہ هره
منش پنهنجي ڀاڳہ جو پاڻ وڌاتا آهي. ٺاهيندڙ آهي. اسان
وشواس، اسانجي نريئتا ۽ اسانجون ڀاونائون اسانجي رهبر
ڪن ٿيون. 'نيت صاف مراد حاصل. جهڙي ڀاونا تهڙو ڀاڙ

راجا هن جا اهي اکر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس ان
ڏيئي-روانو ڪيائين.

(۳۴۸) شهزادو پڙهڻ سکي ويو

هڪ بادشاهہ جو پٽ پڙهڻ جي ڪونہ ڪندو هو. سڄو ڏين
راند روند ڪندو رهندو هو. هن کي ڪبوتر پالڻ جو چاهہ

ڪريو پر الپ مارڳ لاءِ تي ساڌن آهن. ننڍا شيوا جا ڪم ڪريون.

(۱) الپ ڳالهائڻ:- ٿورو ڳالهايون، ٻه اکر ڳالهائڻا هجن ته هڪ اکر ڳالهايون. انسان روز ٽيهه هزار اکر ڳالهائي ٿو. اکرن ۾ اسين ڪروڙپتي آهيون پر هڪ ڳالهه خيال ۾ رکجو ته اجايا اکر جيڪي ڳالهايون ٿا، اُنهن جو حساب ڏيڻو پوندو.

’جيپا روڪو، ديد لڳائو‘

Speech is Silver ,Silence is Gold

٢. الپ آهار: آهار، کاڌو کائڻ ضروري آهي پر ايترو جيترو ڪم ڪريون. گهٽ کاڌو کائجي. پاڻي وڌيڪ پيئجي. گيتا ۾ به سري ڪرشن ارجن کي ٻڌايو آهي ته نه گهڻو کائجي. نه بکه مرجي. ايترو کائجي جو سجاڳ رهي سگهجي گهٽي کائڻ سان سانت ۾ وهڻ وقت جهوٽا ايندا آهن.

٣. الپ ننڊرا: ٿوري ننڊ جو اهو مطلب نه آهي ته سمهجي ئي نه. سمهجي، نه گهڻو جاڳجي ۽ نه گهڻو سمهجي. هر وقت ڌيان پريوءَ ۾ لڳو رهي. جاڳ ٿئي ته اُٿي ڪڙو ٿجي. نام جپجي اهو نيم ڏينهن پڪو ڪندو وڃجي.

(۳۵۱) مجنو هڪ ئي آهي

مجنو ليليٰ جو عاشق هو. ڪيترو به ماڻهن کيس ستايو ۽ ماريو ته به هو ليليٰ جي عشق ۾ مگن رهندو هو. ڪيس ڪير چوندو هو ته تنهنجي ليليٰ ڪاري آهي. تو ڏٺو ڇاهي هن ۾. تڏهن جواب ڏيندو هو ته ’ايءَ تيري اک نهين ويکڻ والي.‘

ليليٰ جو پيءُ بادشاهه هو ۽ ليليٰ کي خوش رکڻ جي ويچار سان هن اهڙو حڪم جاري ڪيو ته مجنون ڪنهن به دڪان تان کڻي به شيءِ وٺي. مٺائي ڪپڙا وغيره ته پئسا نه ورتا وڃن. اُنهن کي پئسا شاهي خزاني مان ملندا. جڏهن ماڻهن

گرونانڪ جي ڳالھ ڪندا آھن گرو نانڪ ديو رستي تان پن
ڪندا پيا اچن. لھڻو گھوڙي تي چڙھيل لوڏ سان گھوڙو ڪاھيند
پئي آيو. بابا نانڪ کي ڏسي ھن کي ٻڍو ماڻھو سمجھي ھڪ
ڪري چوي ٿو 'اي ٻڍا! ھي رستو ڪيڏانھن ٿو وڃي؟ مونکي
ڳوٺ ۾ وڃڻو آھي.' جتي بابا نانڪ جو ڏيرو آھي.

گرو بابا نماڻائيءَ سان جواب ڏنو 'ھتان ٿوروئي پريان آھي
مان پاڻ اوڏانھن پيو وڃان. ھلو مان توھانکي وٺي ٿو ھلا
لھڻي کي نہ بابا جي نئڙت ۽ مھانتا جي خبر ڪونہ ھئي
جو وري ھڪل ڪري چيائين. 'وٺ ھيءَ لغام جھلي ھل: باب
نانڪ ڪجھ پڇڻ ڪڇڻ بنا ھٿ ۾ لغام وٺي ھلندو رھ
۽ لھڻو گھوڙي تي ويٺو رھيو. آستان تي اچي پھتا.

لھڻو آرام ڪري ٿوري وقت ڪانپوءِ اچي ٿو. اچي ٿو اُت
ڏيري تي وھي. ايتري ۾ ڏسي ٿو اُھوئي ٻڍو اُتي اچي
۽ پنھنجي آستان تي براجمان ٿئي ٿو ۽ ڪي ئي سندس چوگر
ڪيس پيري پئي وھندا پيا وڃن. لھڻو وائڙو ٿي ٿو وڃي. اچ
سندن چرنن ۾ وھي ٿو. معافي پيو وٺي زار زار روئي ٿو
تڏھن بہ گرو نانڪ کيس مٿي تي ھٿ ڦيري ڪرپا درشٽي
سان کيس نھال ڪري ٿو ڇڏي.

گرو نانڪ ديو جي نئڙت جو اھڙو نہ گھرو اثر لھڻي جي من
ٿيو جو سندن شش ٿي پيو. اھڙي شيوا ڪيائين جو گرونانڪ ديو ج
گاديءَ تي براجمان ٿيو ۽ بابا سائين سندس نالو رکيو گرو انگديو.

گرو انگد ديو ٻي پاتشاھي آھي.

(٣٥٠) الپ مارگ:

الپ معنيٰ ننڍو مارگ.

دادا واسواڻي سمجھائيندا ھئا تہ پرمارٿ جي راھ تي ھ
لاءِ وڏا رستا نہ اپنايو. جپ تپ ساڌنا سنا ڪم آھن. ي

سچل سائينءَ جي باري ۾ ٻڌائيندا آهن تہ ٽالپرن هڪ هندو آفيسر کي بنا ڪنهن ڏوهہ جي گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪيو. جڏهن سچل سائينءَ کي اها سڌ پيئي تہ هن شينهن مڙس آواز اُٿاريو ۽ قلعي اندر گهڙي ٽالپرن کي ڌمڪائي هندوءَ کي آزاد ڪرايائين.

هن ڪڏهن بہ حاڪمن ۽ ٽالپرن جي خوشامد ڪونہ ڪئي. اُن وقت جا نواب هن جي درشن لاءِ آتا هوندا هئا. هڪڙي ڀيري ٽريءَ جو حاڪم شمس سچل سان ملاقات ڪرڻ لاءِ آيو پر سچل هن سان ملڻ کان صاف انڪار ڪيو. جڏهن شمس گهڻو ليلايو ٻاڏايو تڏهن وڃي سچل راضي ٿيو. شمس پوءِ اُنجو مريد بڻيو ۽ نانڪ يوسف جيڪو نالو ڪيس پنهنجي مرشد سچل وٽان مليل آهي اُن سان مشهور ٿيو.

سنڌ جي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ تي سائينءَ جي ٻاجهہ آهي جو ڪنهنکي بہ فرقي پرست ٿيڻ ئي ڪين ڏيندي.

ڳالهہ ڪندا آهن. تہ هڪ ڏينهن درازن جي دربار ۾ هڪ مسلمان ڳابو آندو ۽ سائينءَ کي چيائين تہ منهنجي من جون مرادون پنيون آهن ۽ هيءُ ڳابو مون ٻل چاڙهڻ لاءِ آندو آهي.

سچل سائين ڪاوڙ ڪئي ۽ چيو تہ 'توکي خبر آهي تہ هيءُ سچل جي درگاهہ آهي. هتان ٻارهن ڪوهہ اُتر ٻارهن ڪوهہ ڏکڻ ٻارهن ڪوهہ اوير ۽ ٻارهن ڪوهہ اولهہ جي گهيري تائين وڏي گوشت (ڳانءِ ۽ ڳابي جو گوشت) ڪم آڻڻ جي منع آهي. هتان هليو وڃ ۽ وري هتي اهڙي ڪم لاءِ نہ اچجانءِ.'

سچل سائينءَ کي هندن جي ڌرمي جذبات جو قدر هو، عزت هئي اڄ پوري دنيا ۾ سندن مريد آهن هندو مسلمان ۽ ڪٿان ڪٿان سجدو ڪرڻ اچن ٿا.

درازن جي هوا ۾، سچل جي شعر ۾ ايتري سچائي ۽ هيڪڙائي سمايل آهي جو هڪ ڀيرو پوري ڌيان سان سچل سرمست جي شعر جي گهرائي کو سمجهي تہ اُهو ڪڏهن بہ فرقيپرست ٿي نٿو سگهي ۽ ڪڏهن ڪنهن ڌرم لاءِ ڪيس نفرت نٿي ٿي سگهي. شاهہ جي رسالي کي بہ پڙهي ڏسو. اُن ۾ اونهو وڃي ڏسو اُتي

کي اهڙي سڌ پيئي تہ مجنوءَ لاءِ هرڪا چيز مفت آهي تہ
سوين مجنون نڪري پيا. ڏينهون ڏينهن وڃن وڌندا. شهر جا
دڪان خالي ٿيڻ لڳا. بادشاهہ بہ پنهنجي خزاني مان رقم
ڏيئي ڏيئي ٿڪجي ويو. دڪاندار بہ پڇڻ لڳا تہ مجنون هڪ
آهي يا گهڻا؟ بادشاهہ چيو 'مونکي تہ پڪ آهي تہ مجنون هڪڙ
ئي آهي وري بہ ليليٰ کي گهرائي پڇان ٿو. جڏهن ليليٰ
کي گهرائي پڇيائين تہ ليليٰ چيو تہ مجنون صرف هڪڙ
ئي آهي. بادشاهہ ٻڌايس تہ هتي تہ گهڻيئي مجنون اچي پيدا
ٿيا آهن. هاڻي ڇا ڪجي؟

ليليٰ سوچي چيو تہ 'بادشاهہ صاحب! ڍنڍورو ڏياريو تہ ليليٰ
کي مجنوءَ جي جگر جو گوشت کپي. بادشاهہ جو ماڻهو ايند
گوشت کپي کڻي ويندو.' سڀ مجنون گم ٿي ويا. ڪو ڪيڏانهن
تہ ڪو ڪيڏانهن باقي اچي هڪڙو بچيو جنهن کي بادشاهہ
جي ماڻهوءَ چيو تہ پنهنجي جگر جو گوشت ڏي. مجنوءَ چو
لاهي چيو تہ جيترو کپيئي کڻي وڃ. ليليٰ چيو مجنون ا
ئي آهي.

کائڻ پيئڻ وارا عاشق گهڻا ڪُتي کائڻ وارا مجنون بہ گهڻيئ
پر سچو عاشق مجنون هڪ آهي.

عاشق سڏائيندا گهڻيئي آهن پر جڏهن امتحان جي گهڙ
ايندي آهي تڏهن فيل ٿي پوندا آهن.

(٣٥٢) سچل سرمست

سنڌ ۾ سچ جو پوئلڳ جنهنجو نعرو هو 'حق موجود سدا موج
حق جو مطلب آهي سچ جيڪو سدا آهي موجود آهي. جتي ڪ
آهي. 'سچل' خطاب بہ سنڌ جي رهاڪن ڪيس ڏنو.

جنهنجو صاف نعرو هو.

'هندو مومن ناهيان آنءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.'

جو چئي چڏيو هئائون تہ جي مان ائين چوان تہ منهنجو سر تلوار سان ڪٽي ڇڏجو. مريدن تلوار ڪڍي سندن سر وڍڻ جي ڪئي تہ تلوار آرپار هلي وڃي سر وڍجي ئي نہ. اهو اسرار ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. جڏهن سچل سائين سجاڳ ٿيا. کين اهو ٻڌايائون تہ اڄ بہ توهان چيو مان الله آهيان. مان ئي آهيان الله تہ اسان توهانجي سر وڍڻ جي ڪئي تہ تلوار آرپار نڪري آئي ۽ توهانجي سر کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو.

تڏهن سچل سائين مشڪي ڏنو ۽ چيو تہ ڳالهہ صاف ٿي ويئي. مان نٿو چوان الله پاڻ ٿو چوي هن خاڪي چولي ۾-اُهو تہ چئي سگهي ٿو. هو شهنشاهہ آهي هو سڀ ڪجهہ آهي مان ڪجهہ پي ناهيان. هو الله-هو الله.

(٣٥٣) سورداس جي ڀڳتي!

سورداس ۽ ڪرشن داس ۽ ٻيا بہ ڪيترا ولڀ آچاريہ جا شش هئا.

سورداس سوالکہ پد لکيا. ڪنهن رواجي ماڻهو لاءِ ممڪن ڪونهي. ڪا قدرتي ذات سورداس کان لکائيندي هئي.

ڪرشنداس عهدي ۾ سورداس کان وڏو هو پر سورداس ڀڳتيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ۽ اُن ڀڳتيءَ جي مستيءَ ۾ ويندو هو پد لکندو. ڪرشنداس روز ساڳيا پچن ڳائيندو هو. چيائونس ڪجهہ نئون ڳائي ٻڌاءِ ڪرشنداس.

ڪرشن مندر جي ٻاهران ويهي رهيو ۽ ڀڳوان کي وينتي ڪيائين ’پريو! نئون لکاءِ‘ ننڊ اچي ويس. ڏنيءَ تي اُٿيو. سورداس کي وڃي اُهو پنو ڏنائين هو ڪولي پڙهي ٿو. سورداس چوي ٿو. او دشٽ! پنهنجو ٿورو مان مونکان وڌائڻ لاءِ تو پريوءَ کي ڪشٽ ڏنو آهي. پنو غائب ٿي ويو. اهڙي هئي سورداس جي پريوءَ لاءِ ايڪاگرتا.

ﺑﻪ ﺗﻮﻫﺎﻥ ڪﻲ ڪﻮ ﭘﻴﺪ ﭘﺎﻭ ﻧﻈﺮ ﻧﻪ ﺍﻳﻨﺪﻭ. ﺳﺎﻣﻲﺀ ﺟﺎ ﺳﻠﻮڪ ﭘﮍﻫﻲ
ڏسو ھن ﺑﻪ ﻭﺣﺪﺕ ﻭﺍﺭﻱ ﻭﺍﺋﻲ ٻوﻟﻲ ﺁﻫﻲ ۽ ﺳﻤﺠﻬﺎﭨﻲ ڏﻧﻲ ﺁﻫﻲ

'ﺍﻳﮏ ﻗﺼﺮ، ﺩَﺭَ ﻟﮏ، ڪﻮڙﻳﻦ ڪٹﺲ ﮔﺮﮐﻴﻮﻥ،
ﺟﻴڏﺍﻧﻬﻦ ڪﺮﻳﺎﻥ ﭘﺮَڪﻪ، ﺗﻴڏﺍﻧﻬﻦ ﺻﺎﺣﺐ ﺳﺎﻣﻬﻮﻥ.'
(ﺷﺎﻫ

'ﺭﺍﻡ ﺭﺣﻴﻢ ﻫﻴڪڙﻭ، ﺗﻪ ﺭﺍﻭڻ ۾ ﻭﺭﻱ ڪﻴﺮُ،
ڪﺮﺷﻦ ﺗﻲ ﭼﻮ ڪﻨﺲ ڪﺎﻥ، ﻭﻧﻴﻦ ﻭﻳﻨﻮ ﻭﻳﺮُ،
ﭘﺎﺋﻲ ﭘﺮﻳﻢ ﭘﺮﻫﻼﺩ ﺳﺎﻥ، ﺗﻮﻥ ﻫﺮﻧﺎڪﺶ ڪﻲ ﻫﻴﺮ،
ﺳﭽﻞ ﻭﻳﺮ ﺍﻭﻳﺮ، ﭘﻨﻬﻨﺠﻮ ﺍﺗﻲ ﭘﺎڻ ۾.'
(ﺳﭽﻞ

ٻوﻟﻲ ٻڌﻱ ڪﻴﺮ، ﺳﺎﻣﻲ ﺳڀ ﮔﻬﭩﻦ ۾،
ﭼﻴﻮ ﻭﭼﻲ ﻧﻪ ﻣﻨﻬﻦ ﺳﺎﻥ، ﻧﺞ ﻧﺮﻣﻞ ﻧﺮﻭﻳﺮ،
ﺟﻨﻬﻨﺠﻮ ﺭﻭﭖ ﻧﻪ ﺭﻧﮓ ڪﻮ، ﻧڪﻮ ﺳِﺮُ ﻧﻪ ﭘﻴﺮ،
ﮔﻬڙﻱ ﻟﻬﻨﺪﻳﻦ ﮔﻬﻴﺮ، ﺗڏﻱ ﭘﺎڻ ﻧﻪ ﺭﻫﻨﺪﺀ ﭘﺎڻ ۾
(ﺳﺎﻣﻲ

- - - - - - - - - - - - -

ھڪڙي ٻي ﺑﻪ ﮔﺎﻟﻬ ٻڌﻝ ﺁﻫﻲ ﺳﭽﻞ ﺳﺎﺋﻴﻦﺀ ﺟﻲ ﻫﻮ ﺳﺪﺍﺋﻴ
ﻣﺎﻟڪ ﺟﻲ ﻣﺴﺘﻲﺀ ۾ ﺭﻫﻨﺪﺍ ﻫﺌﺎ. ﺗڏﻫﻦ ﺋﻲ ﺳﺮﻣﺴﺖ ﺳڏﺟ
۾ ﺍﻳﻨﺪﺍ ﻫﺌﺎ.

ھڪ ڏﻳﻨﻬﻦ ﺍﻫڙﻱ ﻧﺎﻡ ﺟﻲ ﻣﺴﺘﻲ ﺗﻴﻦ ﺟﻮ ﭼﻮﻥ 'ﻣﺎﻥ ﺍﻟ
ﺑﺲ ﻣﺎﻥ ﺍﻟﻠﻪ' ﻣﺮﻳﺪ ﭘﻴﺎ ٻڌﻥ- ﺟڏﻫﻦ ﻣﺴﺘﻲﺀ ﻣﺎﻥ ﺳﺠﺎﮔﻪ ﺗﻴﺎ-ﻣﺮﻳﺪ
ﻭﺭﺟﺎﻳﻦ ﺗﻪ ﺗﻮﻫﻴﻦ ﺧﻮﺩ ﺧﺪﺍ ﺁﻫﻴﻮ ڇﺎ ﺟﻮ ﻣﺴﺘﻲﺀ ۾ ﭼﺌﻮ ﺗﺎ
ﻣﺎﻥ ﺍﻟﻠﻪ-ﺑﺲ ﻣﺎﻥ ﺍﻟﻠﻪ. ﺳﭽﻞ ﺳﺎﺋﻴﻦ ﻭﺍﺋڙﻭ ﺗﻲ ﻭﻳﻮ. ﭼﻴﺎﺋﻴ
ﺗﻪ ﻣﺎﻥ ڪﻴﺌﻦ ﺍﺋﻴﻦ ﭼﻮﻧﺪﺱ؟ ﻣﺎﻥ ﺗﻪ ﺍﻟﻠﻪ ﺟﻮ ٻﺎﻧﻬﻮﻥ ﺁﻫﻴ
ﮔﻮﻟﻦ ﺟﻮ ﺑﻪ ﮔﻮﻟﻮ ﺁﻫﻴﺎﻥ. ﻣﺎﻥ ڪﻴﺌﻦ ﺍﻫﺎ ﻫﺎﻡ ﻫﭩﻨﺪﺱ؟ ٻﺌ
ﭘﻴﺮﻱ ﺟﻲ ﻣﺎﻥ ﺍﺋﻴﻦ ﭼﻮﺍﻥ ﺗﻪ ﺗﻠﻮﺍﺭ ﺳﺎﻥ ﻣﻨﻬﻨﺠﻮ ﺳﺮ ﻭڍﻱ ڇڏﺟ
ﺍﻫڙﻱ ﮔﺴﺘﺎﺧﻲ ﻧﻬﻲ ﺗﻲ ڇﺎ؟ ٻﺌﻲ ڏﻳﻨﻬﻦ ﺑﻪ ﺍﺋﻴﻦ ﺋﻲ ﺗ
ﻣﺴﺘﻲﺀ ۾ ﺍﭼﻲ ﻭﻳﺎ ۽ ﭼﻮڻ ﻟڳﺎ. ﻣﺎﻥ ﺍﻟﻠﻪ-ﻣﺎﻥ ﺍﻟﻠﻪ- ﻣﺮﻳﺪﻥ

عنايت وٽ ويو ته هن بلي شاهه کي انتر مکه اپياس جو طريقو ٻڌايو.

’چولي اندر جوئي ٻولي، يار ته ميڏا سوئي،
جنهين دي نال مئن نينهڙا لايا، مئن پي ذات اُهوئي.
’بلي شاهه‘ نون شاهه عنايت، شوق شراب ڏتوئي،
ميءِ جو پيوڻ، مست جو ٿيوڻ، صافون صاف ٿيوئي.‘

بلي شاهه کي پريم ۽ عشق ته اندر ۾ هو. اُڪير به ڏاڍي هئس سو جڏهن مرشد جي ٻاجهه سان ڪمائي ڪيائين ته اندر جو پردو کلي پيس. جڏهن هردي اندر سچو پريم اُتپن ٿئي ٿو ته مالڪ جي درشن ٿيڻ ۾ دير ئي نٿي لڳي. بلي شاهه جو جڏهن انيوءَ ڪليو ته هن روزا رکڻ ۽ نمازون پڙهڻ ڇڏي پنهنجو پاڻ ۾ جهاتي پائي پنهنجي اندر اُهي خاص خزانا لوچي لڌا جيڪي عام ماڻهن کي سمجهڻ ۾ ڪونه آيا. جڏهن شريعت (ڪرم ڪانڊ) وارن ٻڌو تڏهن چوڻ لڳا ته بلي شاهه ڪفر جو ڪم ڪيو آهي هن کي سزا ملڻ کپي. سڀ گڏجي هن وٽ ويا. هن کي گهڻو سمجهايائون ۽ پنهنجو اعتراض ظاهر ڪيائون.

تنهن تي بلي شاهه چيو ته پهرين منهنجي ڳالهه جو فيصلو ڪريو پوءِ جيئن توهانکي وڻي تيئن ڪجو. هنن چيس ته چؤ توکي ڇا چوڻو آهي؟ تڏهن بلي شاهه چيو ته ڪو ماڻهو چوي ته مان توکي فلاڻي شيءِ اڄ ڏيندس، سڀاڻي ڏيندس، ڪڏهن به توکي آڻي ڏيندس. پر ڏئي نه ۽ سچا سارا چاليهه سال ٻهانا ڏيئي ڀٽائيندو رهي، ٽاريندو رهي، ته ٻڌايو ته توهين اُن ماڻهوءَ کي ڪهڙي سزا ڏيندا؟ هنن چيو ته ان کي ته جيئري جلائي ڇڏڻ گهرجي اُنهيءَ تي بلي شاهه اهڙو جواب ڏنن جو سڀ چپ ٿي ويا. بلي شاهه چيو:

’علمو بس ڪرين او يار
اڪو الف تيري درڪار.‘
آهي به هڪ الف جي درڪار.
علم جو ڪهڙو ڪم آهي!

سورداس ڪرشن ڀڳوان جي ڌيان ۾ اهڙو مگن رهندو هو جو ڪيس کهڙي پيتامبري پيئي آهي اُها بہ ٻڌائي سگهندو هو. سيني کي حيرت وٺي ويندي هئي جڏهن ڪرشن روپ جو هوبهو ورنن ڪندو هو جيئن هن کي سينگاريو ويندو هو.

ٻئي ڏينهن سورداس جي پريکشا وٺڻ لاءِ ڪرشن داس ٻال ڪرشن کي ڪپڙا ئي ڪونہ پاتا. هاڻي ڏسان تہ سورداس ڇا ٿو لکي؟ ڇا ٿو چوي؟؟

ڪرشن داس جي عجب جي حد نہ رهي جڏهن سورداس نچندي هيءُ پد ڳايو.

’ديکيو ڙي هري ننگم ننگا
جل ست پوشڻ انگہ براجت، وستر هيڻ ڇوي اُٺت ترنگا.
کا کهوُن انگہ انگن کي ڇَوِي
نِرکت لجت ڪوٽي اننگا
کچہ دڌِ کڇو مکہ ماکن،
’سور‘ مست برج يکتن سنگا.‘

ڪرشنداس جڏهن اهو سورداس جو پد ٻڌو تہ ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ اچي سورداس جي چرنن ۾ پيو هن کان معافي ورتائين ۽ اُن ڏينهن کانپوءِ سورداس جي اننيہ ڀڳتي کي مڃڻ لڳو.

(٣٥٤) بلي شاهہ!

بلي شاهہ جو نالو هند سنڌ ۾ مشهور آهي. هن هزارين ڪلام لکيا آهن اُهي هند سنڌ ۾ ڳايا ويندا آهن. هنجو مرشد شاهہ عنايت هو.

بلي شاهہ وڏو عالم هو. چاليهہ سال ڀٽڪندو رهيو، کوجنا ڪند رهيو. ڪي ئي ڪتاب پڙهيائين. روزا رکيائين، نمازون پڙهيائين پ تڏهن بہ من کي تسڪين نہ مليس. آرام نہ مليس. آخر ڪنهر چيس اجايو ٿو ڀٽڪين شاهہ عنايت وٽ وڃ تہ آٿت ملندءِ. هو شا

وزير سڀ ڪم ڏيري ڏيري پيا ڪن. ائين ٻه ڪلاڪ پورا ٿي ويا. هو نه رڳو واس ۾ وڃي سگهيو ۽ نه تخت تي ئي ويهي سگهيو.

پوءِ وري ٻئي جو وارو آيو جو ڏاڍو سمجهو ۽ گياني هو. ڪيس جيئن ئي تخت تي وهاريائون ته حڪم ڪيائين ته چار تيلهيون ناٽي جون ڪٽي آڇو. هڪ گئوشالا ۾ ڏيو، هڪ ڪنيائن جي پاٺشالا کي ڏيو. هڪ ناري شالا ۾ ڏيو باقي هڪڙيءَ تيلهيءَ مان سنت پندارو ڪرايو ته غريب غربا ۽ سنت ۽ سنگت کائي. حڪم تي تعميل ٿي.

ستسنگ تي ويو سڄي پرجا ڏاڍي خوش هجي ۽ هن دوست ٻه پنهنجا چارئي ٻنا ساوا ڪيا. چوڌاري واهه واهه ٿي ويئي.

سڏانت اهو آهي ته اسانکي ٻه مانش جنم روپي تخت مليو آهي. جي هيءَ ديهه پائي ٻه ڪجهه نه ڪيوسين ته جنم ئي اجايو ويو. چوراسيءَ جي مٽي ڊوئي ڊوئي هن جيو کي هيءَ ديهي ملي آهي.

شڀ ڪرم جي لاءِ اُدم ڪجي نام سمرن لاءِ اُدم ڪجي.

(٣٥٦) ڏيڍر ۽ مٽرَ!

هڪ مهاتما وڻني ڪٿا ڪئي. ٻاهر اڇي ماڻهو ٻينو. ڏيڍر روپي رانديڪو وڃائڻ لڳو. هڪ شش چيو گروءَ کي ته ڏسو سائين! هيءُ هتي ڪٿا جي وچ ۾ وينو ڏيڍر وڃائي. مهاتما-ڪامل سنت سيني مان ڳڻ ڪڻندا آهن. شش کي سمجهايائين. هي ته ڏاڍو سٺو پيو ٻڌائي. 'ڏي پي ڏرُ پي، ڏي پي ڏر پي'

سائينءَ جي نالي تي ڏي ٻه ڏرُ ٻه جو اڳيان توريندڙ تکو آهي.

شش ماٺ ڪري ويهي رهيو. وري ٿوري وقت کانپوءِ اُن شخص مٽرن جي مٺ ڀري ڪٽي سيني جي مٿان اڇلائي. وري

دنيا ۾ دل جو مطلب پورو ٿيو تہ ڇا ٿيو؟
آخر مليو نہ جي رب ٻيو سڀ مليو تہ ڇا ٿيو؟

(٣٥٥) راجا جو پٽ ۽ دوست!

راجا جو پٽ هو. پر پڙهڻ ۾ ڪچو هو. ٻہ دوست سندس هوشيار هئا. غريب هئا پر هن کي پڙهڻ ۾ مدد ڪندا هئا. هڪ ڏينهن راجا جي پٽ هنن کان حساب پڇيو جيڪو ڪيس ڪون ٿي آيو. دوستن ٻہ سوچيو اسان هر وقت هن کي سهايتا ڪرڻ لاءِ تيار وينا آهيون پر هيءُ ٻہ تہ اسان لاءِ ڪجهہ ڪري نہ راجا جو پٽ آهي.

’دوستن راجا جي پٽ کي چيو تہ اسين توکي حساب سمجهائيندا سين ڪري ٻہ ڏيکاريندا سين پر اسان کي ٻہ تو وٽان هڪڙو انجام کپي. اڄ نہ سڀاڻي توکي راڄ گدي ملڻ واري آهي. جڏهن تون تخت تي ويهين تڏهن پهرين ٻہ ٻہ ڪلاڪ تخت تي اسان کي وهارجانءِ.‘

راجا جي پٽ قبول ڪيو. اُنهن کان پنهنجو حساب سلجهارائي پاس ٿيو.

ڪجهہ سالن کانپوءِ جڏهن ڪيس تخت تي وهاريو ويو تہ ڪيس دوستن جي ڳالهہ ياد آئي. اُنهن کي گهرايائين ۽ ڪين انجام موجب ٻہ ٻہ ڪلاڪ تخت تي وهاريائين. اُنهن ۾ هڪڙو سمجهو هو. سٺي سنسڪارن وارو هو. ٻيو بي سمجهہ ۽ اگياني. اگيانيءَ چيو تہ پهرين تخت تي مان وهندس. ڪيس وهاريائون تہ وزيرن کي حڪم هلائيندي چيائين مونکي رڻ واس (راڻين جي محلات) ۾ وٺي هلو. وزير وائڙا ٿي ويا ۽ سوچيائون هن ڳالهہ تہ خراب ڪئي آهي پر ٻہ ڪلاڪ حڪومت هن جي آهي سو مڃڻو پوندو. ڪا جڳتي ڪرڻي پوندي. سو ڪيس چيائون تون سنان پاڻي ڪر. توکي عطر عنبير سان سينگاريون تا پوءِ تون راڻين جي محل ۾ وڃي سگهندين.

مهاتما چوي ٿو تہ ويچاروان کي سک آهي.
بي ويچارو هميشه مايا ۾ غلطان رهي ٿو.
'بنا ويچاري جو ڪري، پيڇي سو پڇتاءِ،
ڪام بگاڙي آپڻا، جگہ ۾ هوت هساءِ،
جگہ ۾ هوت هساءِ، چت ۾ چئن نہ پاءِ،
کان پان وشرام راڳ، من ڪو مول نہ ڀاوي
کهي ڪوي گرڌر راءِ، جو ويچاري سو سک پاوي.'
مهاتما وڌيڪ ٻڌايو تہ اسٽيمر هلائڻ لاءِ پنج ڳالهيون ضروري آهن.
پهريون سمنڊ جو پاڻي اونهو هجي.
ٻيون اسٽيمر جا پرزا نيڪ هجن.
ٽيون هوا سٺائي هجي.
چوٿون هلائيندڙ هوشيار هجي.
پنجون روشنائي هجي تڏهن برابر اسٽيمر ڪنڌيءَ لڳندو.
سڏانت اِهوئي آهي تہ سرير بہ آهي اسٽيمر يا جهاز اُن لاءِ بہ پنج ڳالهيون ضروري آهن. ويچار روپي پاڻي هجي.
پرشارٿ روپي پرزا هجن
ستسنگہ روپي هوا هجي.
هلائڻ وارو پورن ستگرو هجي.
۽ شاسترن روپي روشنائي هجي
تہ منش هن ڀوءِ ساگر مان تري پار پوندو.

(٣٥٨) گرمکہ ۽ منمکہ

'رام رام سيڪو کهي، کهني ڪو ويچار،
ووهي رام ساڌو کهي، ووهي کهي سنسار.'
گرو اپديش ڏئي ٿو. شش ڌارڻ ڪري سک پائي ٿو.

شش خفي ٿيو ۽ مهاتما کي چيائين. ڏسو سائين! هن جا ڪم. وري مٿر پيو اُچلائي. توهين ڪجهه چئوس نٿا. مهاتما مشڪي ڏنو ۽ چيائين تہ ڇا چوانس؟ نيڪ تہ آهي 'مٿر' بہ اسان کي اهو سبق ٿا سيکارين تہ ستسنگہ کان مَ ٽرُ. شِپُ ڪمن کان مَ ٽرُ- مَ ٽرُ (مَ معنيٰ نہ)

سکيا پيئي ملي. پنهنجي درشٽي صحيح ڪريون تہ هر ڳالهہ مان سبق سکي سگهون ٿا.

(٣٥٧) سرير آهي جهاز

مهاتمائون هميشه پنهنجي شش کي اهي ئي سکيائون ڏيندا آهن تہ سڪہ آهي ويچار وان کي.

هڪڙي شش پڇيو 'ويچار معنيٰ ڇا؟ هرڪو منش ويچار تہ هر وقت ڪري ٿو. توهين ڪهڙي ويچار جي ڳالهہ ٿا ڪريو؟ ڪولي سمجهايو.'

مهاتما چيو 'ويچار معني آتم ويچار. مان ڪير آهيان؟' ڪٿان آيو آهيان؟؟ ڪيڏانهن ويندس؟؟؟ ڇا ڪرڻ آيو آهيان؟؟؟؟

جيڪو انهن چئني سوالن تي ويچار ڪري، سنتن جو سنگ ڪري، سمجهي ٿو، نشچو رکي ٿو اُهو گياني آهي. گياني ۽ اگيانيءَ جي ٻاهرين صورت ۾ ڪو فرق نٿو ٿئي.

اندرين ورتي ڦريل آهي.

'ساڌ، اساڌ، ٻئي صورت هڪڙي؛

هو ٻڌن ٻيائيءَ ۾، هي هن ٻيو سڀ ٻاڌ،

هو ٻوڙن ٿا وسُ ۾، هي ڪُل پسن ٿا ڪانڌ،

هو اندر آرامي ٿيا، هنن کي اندر ۾ اپراڌ،

مصري ۽ ڦٽڪيءَ جو، سمجهي ڏس سواد،

ڪٿو (ڪٿيو) سنت سماڌ، ڪو پرچي ڏسي پاڻ ۾.'

گرمکہ چڪور وانگر آهي. هو چندرما مان امرت پيئندو آهي. تيئن گرمکہ بہ امرت روپي نام پيئندو آهي. گرمکہ هنس وانگر آهي. هنس کي کير پاڻي گڏي ڏبو آهي تہ نونگا هٽي پاڻي ڇڏيندو ويندو آهي ۽ کير پيئندو آهي تيئن گرمکہ سنسار ۾ رهي خراب ڳالهين کان پاسو ڪري شپ گڻ کڻندو آهي.

منمکہ ۾ بہ ڇھ ڳالهيون آهن.

منمکہ آهي پاڏي مثل. پاڏو بيٺل پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيندو تہ اڇو پاڻي بہ ميرو ڪري ڇڏيندو آهي تيئن منمکہ بہ جتي وڃي نهيل ڪم بگاڙي ڇڏي.

منمکہ باندر مثل آهي. باندر پنهنجي چنچل سڀاءَ جي ڪري سڄا وڻ اُکوڙيندو آهي. سڄو باغ چٽ ڪري ڇڏيندو آهي تيئن منمکہ کي بہ ترپتي ڪونهي. ڪيتريون هن جون اڇائون پوريون ٿين ٿيون تہ بہ چوي اڃا کپي. منمکہ آهي چچڙ وانگر. چچڙ ڳانءِ جي ٿڻ تي وهي پاڻ بہ کير ڪونہ پئي. ڏٽيءَ کي بہ کير نہ ملندو آهي. تيئن منمکہ اهڙو ڪم ڪري ٿو جو کيس بہ فائدو ڪونہ ٿو ٿئي پر ٻئي کي ڪشٽ ۾ وجهي ٿو.

منمکہ آهي پرڻ وانگر. جيئن پرڻ ۾ اٿو ڇاڻبو آهي تہ توھ وڃي پرڻ ۾ رهندا آهن تيئن منمکہ سٺا خيال ڇاڻي ڪڍي ڇڏيندو باقي خراب خيال پنهنجي من ۾ رکندو آهي.

منمکہ آهي مکہ وانگر. مکہ کي جيئن چندن جي خوشبوءِ نہ وڻندي آهي. وشٽا ڏاڍي وڻندي آهي تيئن منمکہ کي ستسنگ جون ڳالهيون نہ وڻنديون آهن. جتي چار ڳالهيون هيڏانهن هوڏانهن جون تنهنجون منهنجون ٿينديون اُتي وڃي وهندو.

منمکہ آهي گهگهڙ وانگر. هيءُ جيت جيٽي ۾ رهندو آهي. وشٽا تي وهندو آهي تيئن منمکہ بہ اُتي وڃي رهندو جتي کيس خراب سنگہ ملندو. دارون، جوئا ملندي اُنهن سان وڃي سنگہ ڪندو.

ڇھ گڻ گياني ۾ بہ آهي ۽ اگيانيءَ ۾ بہ آهن. فائدي

گروءَ چيو تہ سنتن جي منزل سنتن سان آھي ڏسڻ ۾ جھڙي
مصري تھڙي ڦٽڪي پر ٻنھي جو سواد الڳہ آھي. ھيري جي
خبر جواھريءَ کي نہ پاجيءَ واري کي ويچار ۾ سڪہ آھي،
اٺ ويچار سان، ويھہ ويچار سان.

سنگہ سان رنگہ لڳي ٿو، سنتن جي سنگہ ۾ ٻڌايو ويچار
سان ماڻھو سچي معنيٰ ۾ ماڻھو ٿئي ٿو.

گروءَ ٻڌايو تہ سنسار ۾ گرمکہ بہ آھن جي گروءَ جي ٻڌايل
راھہ تي ھلن ٿا. شيءِ گڻ ڌارڻ ڪن ٿا.

گرمکہ سيني کي خوش ڏسي ٺري ٿو.
منمکہ ٻئي کي سکي ڏسي سڙي ٿو.
گرمکہ سيني مان گڻ ڪڍي ٿو.
منمکہ سيني جا اوگڻ ڏسي ٿو.
’چندن کا چُٽکا ڀلا، پاري ڀلا نہ کاٺ،
چَتر تو چار ڀلا، مورکہ ڀلا نہ ساٺ.‘
ٻنھي ۾ ڇھہ طاقتون آھن.

١. گرمک ماٽي وانگر آھي. ماٽي مٽڻ ڇھندي آھي پ
ڏڏ نہ پيئندي آھي. تيئن گرمکہ شيءِ گڻ کڻندو آھي ۽ اشي
گڻن کي ڇڏي ڏيندو آھي.

٢. گرمکہ چيليءَ وانگر آھي. ڏند پيڙي سرڪاٽي سان پاڻي
پيئندي آھي تيئن گرمکہ دنيا جي اندر رھي ڏند پيڙي رڳ
چپ چوري ٿو.

٣. گرمکہ ڳابيءَ جھڙو آھي. ڳابي ماءُ جو کير ڌائيندي
آھي نہ ڳانءِ بہ کير لاھيندي آھي. تيئن گرمکہ اھڙو ڳالھائي
جو سيني کي سکہ ملي. ۽ پاڻ بہ سکہ پائي ٿو.

گرمکہ ڇڄ وانگر آھي جيئن ڇڄ ۾ ان ڇنڊبو آھي تو
نکري وڃي پري پوندا آھن ۽ سنا چانور ڇڄ ۾ رھن ٿا تيئ
گرمکہ من روپي ڇڄ مان ڪن ڪچري جون ڳالھيون ڪڍ
نام روپي سنا چانور من ۾ رکي ٿو.

(٣٦٠) ساهس ۽ همت!

هيءَ وارتا تڏهن جي آهي جڏهن بادشاهه اورنگزيب دهليءَ تي راڄ ڪندو هو. ونڌياواسني ديويءَ جو ميلو مندر ۾ لڳل هو. ڪيترائي ڀڳت ديويءَ جي درشن لاءِ وڃي رهيا هئا. پنانگر جو راجا ڇترسال جيڪو اُن وقت ٻار هو ١٢-١٣ سالن جو هو. هو به ديوي ماتا جي درشن لاءِ وڃي رهيو هو پر من ۾ سوچيائين ته خالي هٿين ڪيئن مندر ۾ وڃبو. مان جهنگل مان گل پٽي ڪٽي ويندس ۽ سندس سان ٻيا به ٻار گڏ هئا.

جنهن وقت هو گل پٽي رهيا هئا. اُن وقت ڪي مسلمان سپاهي گهوڙن تي ٽاپ ٽاپ ڪندا آيا ۽ راجپوت ٻالڪن کي ڏسي هڪل ڪري پڇيائون. 'او ڇوڪرا! ونڌياواسنيءَ جو مندر ڪهڙي پاسي آهي؟'

ڇترسال پڇيو 'ڇا توهين ماتا جو درشن ڪرڻ ٿا وڃو؟ ماتا پنهنجي ڀڳتن کي پاڻ ئي درشن لاءِ پريرڻا ڏيندي آهي. تمام سنو هتان سڌو رستو آهي. سڌو هلندا ويندا ته هڪڙو مندر توهانکي ڏسڻ ۾ ايندو اُهوئي ونڌياواسني ديويءَ جو مندر آهي. اسين به اوڏانهن پيا وڃون.'

سپاهين هن جي ڳالهه ٻڌي ڪاوڙجي ڏاڍي آڪڙ مان چيو 'اسين درشن لاءِ ڪونه آيا آهيون. اسين ته اُهو ماتا جو مندر ڊاهڻ، ٽوڙڻ ڦوڙڻ آيا آهيون.

جيئن ئي ڇترسال ٻڌو ته مندر ٽوڙڻ آيا آهن ته ڪين ڳجگوڙ ڪندي چيائين 'ساوڌان! توهين جيسين مان جيئرو آهيان تسين مندر ڊاهي نٿا سگهو.'

سپاهين هنجو مذاق اُڏائيندي چيو 'تون! تون ننڍڙو پتڪڙو ون ڇا اسانکي روڪي سگهندين؟ اسين توکي انيئي ماري ڪتي مندر ڏانهن وڌنداسين.'

ڇترسال سپاهين جو دڙڪو ٻڌي سپاهين جي مٿان ائين ر ڪيو جيئن ڪو شينهن هاٿين جي جهنڊ تي وار ڪندو

وارا گياني‌ءَ جا آهن. اگياني‌ءَ جا ڪُ فائدي وارا آهن. هاڻي
منش تي ڇڏيل آهي گياني‌ءَ جا گڻ گياني ٿئي يا منمکہ جا
ڪٽي اگياني ٿئي. اسان تي ڇڏيل آهي.

(٣٥٩) تياڳ!

نادرشاهه جي زماني جي ڳالهه ڪندا آهن. نادرشاهه ٻئي ملڪ
تي حملو ڪرڻ کان اڳ پنهنجي سولجرن ۽ سيناپتيءَ لاءِ ڪاڏي
جو بندوبست ڪيو.

بادشاهه جي رڏڻ واري ڏاڍو سٺو سوادي ڪاڏو تيار ڪيو.
نادرشاهه پهرين پاڻ اهو ڏسڻ ۽ چکڻ آيو. سمجهي ويو تہ ڪاڏو
تہ تمام سٺو تهيل آهي. مصاليدار ٻور پلاءُ ۽ ٻيون بہ گهڻيئي
شيون هيون.

بادشاهه پنهنجي نوڪر کي ڪوٺيو ۽ کيس حڪم ڏنائين
تہ سڄي ڪاڏي ۾ پاڻي وجهہ. سڄو ڪاڏي مان سواد نڪري
ويو. پوءِ رڏڻ وارن کي سڏ ڪري چيائين تہ هھڙو سوادي ڪاڏو
ڪارائي اسان کي سست ڪرڻ ٿا چاهيو ڇا؟ سوادي ڪاڏو کائي
سينڪ سست ٿي پوندا. مونکي جنگہ کٽڻي آهي. مان هارائڻ
لاءِ جنگہ ڪونہ ٿو ڪريان. سپاهين کي هميشہ ساتوڪ ۽ طاقت
وارو ڪاڏو ڪارائي هنن جو وشواس وڌايو تہ هنن ۾ جنگہ جيتڻ
جي شڪتي وڌايو ۽ انهن کي سواد جو غلام نہ بڻايو.

ڪنهن ديش تي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ. ننڍڙي دنيوي مقصد
لاءِ نادرشاهه بادشاهه بہ سٺي ڪاڏي جو تياڳ تو ڪري.

اسان کي تہ پريوءَ کي پائڻو آهي. اُن سان لنو لڳائڻي آهي
اُنهي لاءِ جي اسان ننڍيون ننڍيون اڇائون نٺا قربان ڪري
سگهون اُنهن کي چنبڙي پريوءَ کان پري ٿيندا ٿا وڃون.

انعام ڏنو آهي؟ هو لوپي آهي. توهان وٽان هزار مهرون وٺي وري وڃي پٽ تان ڳني ڪنيائين ۽ پنهنجي ڪيسي ۾ وڌائين.'

بادشاهه کي اهو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. يڪدم نصرودين ڪيس دربار ۾ ڪوٺائي ملان کان پڇيو 'هيءُ ماڻهو جيڪي چوي ٿو سو سچ آهي؟

'تو زمين تان مهر ڪنئي؟؟'

نصرودين چيو 'برابر سچ آهي ۽ اُن لاءِ سمجهاڻي ڏنائين ته هن اِئين چو ڪيو. جهان پناهه! توهان ڌرتيءَ تي ڪري پئو ۽ توهانجي مٿان ڪنهنجو پير اچي اهو مان سهي سگهندس؟ اڄ به ائين ئي ٿيو. منهنجو پير توهان مٿان پوندي پوندي بچي ويو ۽ پنهنجي ڪيسي مان مهر ڪڍي بادشاهه کي ڏني. بادشاهه ڏٺو ته هڪ طرف سندس تصوير هئي ۽ ٻئي پاسي سال ۽ اکر لکيل آهن. 'هو سمجهي ويو ۽ خوش ٿي ڪري ملان کي ٻيو به انعام ڏنائين ۽ حاسد ڏسندا رهجي ويا.

'نه ڪڻ پرائي ڪڏ، ڪري پوندين پاڻ.'

(٣٦٢) پارت مٽي تي رهندو!

سوامي رام تيرٿ سنت نام جي پرچار ڪرڻ لاءِ ياترائون ڪندو رهندو هو. پهتل سنت هو. جيڪا ڌن دولت ملندي هئس ها دان ڪري ڇڏيندو. پاڻ وٽ به وڳا رکندو هو.

ادائي سال جي ياترا ڪري امريڪا کان موٽيو. جيڪو اٽو مليس اهو ته اُنهن ملڪن ۾ ئي ڏيئي آيو. باقي هڪڙي ربس امريڪا مان ماڻهن تي چوڻ تي ڪٺي آيو.

ڪيترائي ڏينهن ته اُهي ڪپڙا رکيا هئا. هڪڙي ڏينهن يس اُهي پائڻ جو خيال آيو. سوٽ ڪوٽ بوچڻ وانگر پاتائين آندل ٽوپلو نه پائي پنهنجو اڇو صافو جيڪو مٿي تي پائيندو و. اُهو پاتائين.

آهي. ڇترسال اهڙي بهادري ڏيکاري جو هڪڙو سپاهي اُڪ
مري ويو ۽ ٻيا ڪيترا بيهوش ٿي ويا. هن اڪيلي سپني سپاهي
کي ماري ڀڄائي ڇڏيو. مندر کي بچائڻ لاءِ پنهنجي جا
جي پرواهه نه ڪئي. اهوئي ساهسي ٻار وڏي هوندي نريش
ڇترسال ٿيو.

اهڙن ويرن ۽ ڌرم جو بچاءُ ڪندڙ ئي اسان ۾ ساهس
همت ڦوڪين ٿا.

جيڪڏهين اسين به ڌرم ۽ پنهنجي ديش جي بچاءُ
ڪمرڪشي بيهنداسين ته ايشور اسانجي سهايتا ڪندو ۽ دش
به اڳيان نه ايندا. هرهڪ جي اندر اهڙو ساهس ۽ همت آه
اُجاگر ڪرڻو آهي.

(٣٦١) انعام!

بادشاهه ڪنهن جي ڪم تي خوش ٿي انعام ڏيڻ کان ره
نه سگهندو آهي ۽ ڪنهن ڪم تي ناراض ٿيندو آهي ته ڦاس
جو حڪم جاري ڪندي ويرم نه ڪندو آهي. ڇو جو هو بادش
آهي. هو ڪجهه به ڪري سگهي ٿو. هن کي ڪير ڇئي سگهن

نصرودين ملان جي ڪنهن چڱي ڪم تي راضي ٿي بادش
کيس هزار اشرفيون ڏنيون. ٻيا ڪٿي ٿا سهي سگهن. انس
پاڻ ۾ ايترو پورو هوندو آهي جو پاڻ جهڙو لائق ڪنهن
سمجهندو ئي ڪونه آهي. ڪيترائي حاسد نکري آيا هن
وير رکڻ لاءِ. جيئن هو پنهنجي گهر ڏانهن پئي ويو. ح
پنيان ويس ڇا تا ڏسن هلندي هلندي ملان هيٺ جهڪي زم
تان ڪجهه کنيو پريان لڳو پئي ته مهر آهي. سوچيائون هيتر
اشرفيون مليون اٿس ته به لالچ نٿو ڇڏي. اجا پيو پٽ
ڪٺي ۽ پنهنجو کيسو پري. هنن کي ته وجهه ملي ويو.
سڌو ويا بادشاهه وٽ کيس چيائون 'توهان به ڪهڙي ملان

ائين ويچار ڪندي اڳيان وڌندو ويو تہ رشيءَ جو آشرم آيو. اُتي بہ پڃري ۾ هڪ طوطو بند هو طوطي جڏهن راجا کي ڏٺو تہ ڏاڍي منڙي آواز ۾ راجا جي آجيان ڪيائين پلي آيا. توهانکي ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. راجائن جا درشن درلڀ ٿيندا آهن. توهان پاڻ اچي درشن ڏيئي پرسن ڪيو آهي.'

راجا طوطي جي مني واڻي ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو لنگهي ويو اندر آشرم ۾ اُتي رشي ويٺو هو. راجا طوطي سان ڳالهايو ۽ کيس ٻڌايو تہ هڪڙو طوطو مونکي ڀيلن جي جهوپڙيءَ ۾ مليو اُهو مونکي گهٽ وڌ ڳالهائي گاريون پيو ڏئي ۽ تون وري منهنجو آدر ڪري رهيو آهين. مٺا وچن ٻولي مونکي موهي رهيو آهين. اهو ڀلا ائين ڇو ٿو ٿئي؟

طوطي چيو 'پوجيہ راجا جي! توهان کي ڇا ٻڌايان؟ اسين ٻيئي ڀائر آهيون. اسان ٻيئي هڪڙي ئي ماءُ پيءُ جا ٻار آهيون پر منهنجو هو ڀاءُ ڀيلن وٽ ٿو رهي ۽ سڄو ڏينهن ڀيلن جا در وچن ٻڌندو آهي تنهنڪري هن جا وچن بہ ڪؤڙا آهن ۽ واڻي بہ ڪؤڙي ٿي پيئي آهي ۽ مونکي ڀاڳن سان رشين منين جو سنگہ مليو آهي ۽ سڄو ڏينهن اُنهن جا شيپ وچن ۽ منتر پيو ٻڌان تنهنڪري مان بہ ڪوشش ڪري مٺا وچن ٻوليندو آهيان. هر مهمان جو آدر ڪندو آهيان اهو سڀ سنگہ جو پرڀاءُ آهي جهڙو سنگہ ملي ٿو تهڙوئي رنگہ چڙهي ٿو.

راجا طوطي جا وچن ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويو. اسين انسان ٿي بہ نٿا سوچيون تہ سٺي سنگہ مان سٺائي ويچار ملندا. سنگہ بہ خيال سان ڪرڻ گهرجي.

سامي صاحب چون ٿا:

ا. سوڏي سنگہ ڪري، سامي سچارن جو،
سدا جن جي من ۾، محبت مچ پري،
سته سڌ سروپ کون، پلڪ نہ ٿين پري،
ڏين پنڊار پري، سڀ ڪنهن کي سکہ جا.'

سندس شش سوامي رام تيرٿ جو اهو روپ ڏسي حيران
ٿي ويا تہ هيءُ ڪهڙو طريقو آهي پوشاڪ پائڻ جو سوٽ ڪوٽ
ڪلهي تي پيا لٽڪن. بوٽ پائي وري مٿي تي صافو ٻڌو اٿن
سنت کان پڇيائون. اميريڪن ٽوپي سٺي آهي. اُها توهان
ڇو نہ ٿا پايو؟ ڪپڙا بہ ڪلهي تي ڇو لٽڪايا اٿو؟ باقي بوٽ
ڇو پاتو اٿو؟؟؟؟

مست فقير تہ پنهنجي نام خماريءَ ۾ مگن رهندا آهن
جواب ڏنائون تہ رام تيرٿ جي مٿي تي سدائين پنهنجو ڀارت
رهندو.

مان ڇو هنن جي ٽوپي پايان؟ اميريڪا پلي تہ پيرن ۾
پيو رهي.'

ائين چئي يڪدم جهڪي پنهنجي ماتر ڀومي کي سلام
ڪيائون ۽ اُتان رج کڻي پنهنجي مستڪ تي لڳائي.

ماتر ڀومي ۽ ماتر ڀاشا پراڻن کان پياريون آهن. اُنهن تي
فخر ڪرڻ گهرجي.

'چاهي گهمون ڪٿي پرديس
سرڳہ کان وڌ آ پنهنجو ديس.'

(٣٦٣) سنگہ جو رنگہ!

راجا هو روز گهمڻ ڦرڻ ويندو هو. هڪڙي ڏينهن جهنگ
طرف گهمندي ڦرندي هو ڀيلن جي جهوپڙيءَ وٽان پئي لنگهيو
ڀيل جي جهوپڙيءَ ۾ پڃري ۾ هڪ طوطو هو. جيئن ئي راجا
کي ڏنائين تہ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. اهڙا برا اکر پئي ڳالهايائين
جو راجا وائڙو ٿي ويو. سوچڻ لڳو هيءُ ڪهڙي قسم جو طوطو
آهي؟ طوطا تہ هميشه مٺو ٻوليندا آهن. رام رام چوندا آهن
طوطي کي ڇا چئجي هن کي ڪو گيان تہ ڪونہ آهي
منهنجي ڳالهہ سمجهندو.

لوڪ حيران ٿي ويا ته هي ڪيئن ممڪن آهي؟

لوڪ حيران دک جو ڏسڻ تي پڇي هرڪو سک ڳوليندو آهي سک پائڻ لاءِ طريقا پڇندو آهي. ڪنهن پڇيس ائين ڇو؟ ڇيائين دک آهن ته پريو اسان وٽ آهي. وري وري ڪيس ياد تا ڪريون.'

دک ۾ سمرن سڀ ڪري، سک ۾ ڪري نه ڪو،
جو سک ۾ سمرن ڪري، تو دک ڪاهي ڪو هوءِ.

دکن کان پري نه ڀڄون ان مان اسانجو جيون نئون تو ٿئي. سک جو قدر تو ٿئي.

(٣٦٥) ست ماڙ بلڊنگ

راجا کي ڪو اولاد ڪونه هو گهڻيئي پير فقير پڇيائين گهڻيئي حيلا هلايائين مالڪ جو حڪم ناهي تيسين ڪجهه نٿو ٿئي. اڪيچار دولت سان سندس خزانو پريل هو. راجا هڪ ست ماڙ واري بلڊنگ نهرائڻ جو ويچار ڪيو. بلڊنگ نهي تيار ٿي ته جدا جدا ماڙين تي پنهنجي ملڪيت هن نموني ناهي رکائي. پهرين ماڙ تي ڪوڏيون ٻيءَ تي پئسا ٽينءَ تي روپيا چوٿينءَ تي گنيون ۽ سون پنجينءَ تي موتي. ڇهين تي هيرا ۽ جواهر پر ستين ماڙ تي پاڻ وچي رهيو. پوءِ حڪم ڪديائين ته هن ست ماڙ بلڊنگ مان جيڪي جنهنکي وٽي سو ڪٽي وچي پر هڪ ڀيري ئي جيڪي وٽيس سو ڪٽي ٻيو ڀيرو اُتي نٿو اچي سگهي.

ماڻهو حڪم ٻڌي ڊوڙندو آيا ۽ ڪين اهو شرط به منظور هو. ڪي ته پهرين ماڙ تان پهچي ڪوڏيون ڏسي هرڪجي وچن ۽ هڙون ڀري ڪٽي اچن. ڪي ٻيءَ ماڙ تي پيسا ڏسي خوش ٿي وچن ۽ اُهي ٿيلها ڀري ڪٽي آيا. جيڪي ٿورا سياڻا هئا سي اچا مٿي ٽئين ماڙي تي وچي روپيا ڪٽي آيا. ڪن وري خيال ڪيو اچا مٿي وچي ڏسون ته ڇا آهي ڏنائون

(٣٦٤) شراب جو نشو!

راجائن کي شراب پيئڻ جي عادت تہ هوندي آهي گهڻو ڪري پر هي راجا شراب ڏاڍو پيئندو هو. نشي ۾ ايترو ڪوهجي ويندو هو جو پنهنجي راجائي پلجي ويندو هو هڪ ڏينهن اهڙو نشي ۾ مست هو جو پاڻ کي ڀاربدار سمجهڻ لڳو ۽ اُتي ٻاهر آيو جمعدار کي پيو چوي تہ مونکي ڏيو ڀاري مان پايان جمعدار گهبرائجي ويا. وزير وٽ آيا وزير يڪدم سوچي ورتو تہ راجا کي سنڀالڻ گهرجي نہ تہ ماڻهن کي تہ تماشو ٿي پوندو ۽ چا جو چا چوندا. وزير يڪدم راجا کي ڪڻاڻ ڪارائي. راجا نشي مان سجاڳ ٿيو.

اسان تي ڪي ئي نشا چڙهيا پيا آهن ڪنهن کي شراب جو ڪنهنکي ڌن جو ڪنهنکي نالي جو ڪنهنکي مانَ جو ڪنهنکي شان جو.

نشي مان سجاڳ ٿيون. پاڻ کي آجو ڪريون. پريوءَ جي پيارن سان سنگ ڪريون تہ نام جو نشو چڙهي.

★ نينهن جو نشو

هڪ ڏينهن ڪرشن پڇيو گوپين کان توهان کي چا کپي؟ جيڪي توهانکي کپي سو ڪاڳر تي لکي ڏيو. سيني چٽڪيون لکي ڏنيون.

راڌا چاٽي لکي چٽڪيءَ ۾

اي ڪرشن! تڪا نير پلي هٿج پر چوري نہ ڇڏج.

هڪ درويشياڻي سيني کان پڇي ٿي ٻڌايو تہ دڪہ کهڙي دڪان تان ملندو آهي. مونکي ڏس ڏيو. مهرباني ڪري ٻڌايو ڏاها ٿيو.

’جو تم هو وو مئن هون
جو مئن هون، وو تم هو.
يه بات سچ ڪري ڏکا ڏينا
هاڻي اسان کي پاڻ سوچي پرمارٿ جي راھ تي هلڻو آهي
تہ ڪهڙيءَ ماڙ تي وڃون.

تہ گنيون ۽ مهرون تہ اُهي ڪٽي آيا. ڪي ٿورا ماڻهو اچا بہ مٽي ويا ۽ قيمتي هيرا ۽ جواهر ڪٽي آيا. هڪڙو ماڻهو سيني ڪان وڌيڪ سياڻو نڪتو سو ستين ماڙي تي پهتو ڏسي تہ هتي راجا پاڻ وينو آهي. اچي راجا سان مليو ڪيس پرڻام ڪيائين. راجا پنهنجو تاج لاهي ڪٽي هن جي مٿي تي رکيو ڪيس راجا بڻائي ڇڏيائين.

پارس اوڙ ستگر ۾ بڙو انتر جان،

پارس تو لوها ڪنچن ڪري، ستگر ڪري آپ سمان.'

جيڪي پنهنجي سنبنڌين جو گهيرو ٺاهي اُن جي موه ۾ 'مان منهنجو جي پڪڙ ۾ پنهنجو جيون ويتيت ڪن ٿا اُهي ڪوڏيون ڪنيون ڪري ويا. اٺين ناهي تہ اُنهن جا فرض نہ پورا ڪجن ڇڱيءَ طرح اُنهن جي شيوا ڪجي پر موه ۾ اٽڪڻ ڪانسواءِ.

اک اٽڪي پر دل جو اٽڪي

پنور مثل من جا لاءِ پٽڪي'

(پرسرام ضيا)


پيا وري ڪجھ مٽي چڙهي ڌرمي ويچار رکن ٿا. اُهي چڻ پيسا ڪنا ڪري ويا.

ٽيان وري ڪرم ڪانڊي تي پوڄا پاٺ روزا نمازون ڪن ٿا. اُهي چڻ روپيا ڪمائي ويا.

'روزا ۽ نمازون اِيءَ پڻ چڱو ڪم

اوُ بيو فهم جنهن سان پسڻ پرينءَ جو.'

جيڪي محنت ۽ اپياس ڪري مٿي چڙهيا ۽ چاتائون ... جو پنڊي سو برهمنڊي. اُهي مهرون ڪمائي ويا ۽ جيڪي ... اُن ۾ ڪجھ وقت اسٿت رهيا سي هيرا جواهر ڪمائي و... ۽ جو راجا وٽ پهتو. اُهو آتم تت سان ملي هڪ ٿي وي...



Madan Jumani's Sindh Rang Manch
Presents
صوفي سنت ۽ ويدانت جو ڦهلاءُ
سنڌي لوڪ سنگيت جو خزانو
جنهن سان توهان روح راحت ماڻي سگهندا
هن سنڌيت جي سرتاج
سان ڀرپور سنڌي
آڊيو ڪئسيٽس ۽ سي ڊيز
SAMI JA SALOK
Madan Jumani
Thakur Chawla
Sindhishaan

Call: Chennai

Goa 91-0832-2226390 Bangalore 91-080-22286181 Hyderabad 91-040-27667492

Visit us at www.tn.gov.in

experience

Chennai - 32. Ph: 22317280/82.



take over.

Visit Ooty, the gateway to the heart of nature. Dip your soul into the cool caress of its emerald waters. Walk through verdant and lush forests. Make your way to the secret heart of its jungles and experience its wildlife and wild beauty that goes on forever.

Ooty is 98 kms from Coimbatore.